
ميان جان جي ڪُڪِڙ

رتنڪمار سانپريا

سنڌيڪار : ڪيمن يوُ. مولاڻي



ميان جان جي ڪُڪِڙَ

(هندي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو)

ميان جان جي ڪُڪِڙ

(هندي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو)

مؤل ليکڪ :

رتنڪمار سانڀريا

سنڌيڪار :

ڪيمن يؤ. مولاڻي

پرڪاشڪ :

وانگميہ پرڪاشن، جئپور

فهرست

1.	علحدو ھڳاءُ	1
2.	ڪجهہ سنڌيڪار پاران	2
3.	منهنجي ڳالهہ	4
4.	ڦلوا	15
5.	ٻڪريءَ جا ٻہ ڦر	30
6.	ٻڍي	45
7.	اِتفاق	56
8.	شرط	71
9.	مِيان جان جي ڪُڪِڙ	78
10.	مينهنِ	87
11.	ڏُڪَرُ	100
12.	لَٺِ	109
13.	ڳالهہ	119
14.	ڇمَروا	135
15.	چَپراسِڻ	152
16.	مُڪتي	171
17.	ٻَني	182
18.	براهمڻ شوُدر هڪ ڪيا	193

Miyan Jaan Ji Kukid

Hindi Stories translation in Sindhi

Writer :
Ratan Kumar Sambharia

Translator :
Khiman U. Mulani

Edition First, December 2012

Copies - 500

Price : ₹ 250/-

Publisher :
Vangmaya Prakashan
E-776/7, Lal Kothi Yojna
JAIPUR-302015 (Raj.)
M. 09414041911, 0141-2741219
ISBN-81-88755-64-8

Computer Setting :
Bhagwan Raichandani
Alfa Computers & Prints
Hathi Bhata, Ajmer
Mob. 9460479037

Printers :
TECHNOCRAT PRINTERS PVT. LTD.
F-24, Kartapura Industrial Area,
Baisgodam, Jaipur-302006

ميان جان جي ڪُڪِڙ

هندي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو

مؤل ليکڪ :
رتنڪمار سانڀريا

سنڌي ترجمو :
کيمن يوُ. مولاڻي

ڇاپو پهريون، ڊسمبر ٢٠١٢

ڪاپيون - ٥٠٠

قيمت : -/٢٥٠ ₹

پرڪاشڪ :
وانگميه پرڪاشن
ئي-٧٧٦/٧، لعل ڪوٺي يوجنا،
جئپور -٣٠٢٠١٥ (راجستان)
موبائيل ٠٩٤١٤٠٤١٩١١، ٢٧٤١٢١٩
آء.ايس.بي.اين- ٨١-٨٨٧٥٥-٦٤-٨

ڪمپيوٽر سيٽنگ :
ڀڳوان رائچنداڻي
الفا ڪمپيوٽرس آئنڊ پرنٽس،
هاٿي ڀاٽا، اجمير
موبائيل ٩٤٦٠٤٧٩٠٣٧

ڇپيندڙ :
ٽيڪنوڪرافٽ پرنٽرس پرائيويٽ لميٽيڊ
ايف-٢٤، ڪرتارپورا انڊسٽريل ايريا،
بائيس گودام، جئپور-٣٠٢٠٠٦

ماتا

سرڳواسي شريمتي جُگري ديوي

۽

پتا

سرڳواسي شري سِنگهہ رام

جي

سچ ٿيندڙ خواب کي

ڀومڪا

علحدو ھڳاءُ

رتن ڪمار سانيريا هنديءَ جو چاتل سڃاتل، پختو ۽ مقبول ڪهاڻي نويس آهي. سندس ڪهاڻيون ملڪ جي سڀني ناميارين هندي مخزنن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. پاٺڪ، آلوچڪ ۽ ودوان سانيريا جي هندي ڪهاڻين کي بيحد پسند ڪن ٿا. هن وقت الڳ الڳ يونيورسٽين جا ٻارهن کان وڌيڪ شاگرد اِسڪالر سندس ساهتيه ۾ ايم. فل. ۽ پي ايڇ.ڊي. لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

سانيريا جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ڀارتيه ڀاشائن ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چڪيون آهن. ڪيمن مولاڻي سنڌيءَ جو مشهور شاعر ۽ ترجما ڪرڻ ۾ ماهر ساهتيڪار آهي. سانيريا جون هندي ڪهاڻيون ترجمو ڪري سنڌيءَ جي پاٺڪن اڳيان پيش ڪرڻ سولو ڪم ڪونه هو. سانيريا جي ڪهاڻين ۾ گهڻو تڻو اِستعمال ٿيل راجسٿان ۽ هرياڻا جا ڳوناٽا لفظ ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آڻڻ ڪنهن ڪيمن مولاڻيءَ جهڙي تجربيڪار رچناڪار لاءِ ئي ممڪن هو. هن ڏکئي ڪم کي مولاڻيءَ ڪاميابيءَ سان انجام ڏنو آهي. هي سڀ ڪهاڻيون سنڌيءَ جي معياري ۽ مشهور مخزنن ۾ اڳ ۾ ئي ڇپجي چڪيون آهن.

’ميان جان جي ڪُکڙِ‘ ۾ شامل رتن ڪمار سانيريا جون ڪهاڻيون سنڌيءَ جي پاٺڪن کي هندي ڪهاڻيءَ جي ڏترلين جي پيڙا، سندن حقن ۽ سماج جي سروڪارن واري پکش سان روبرو ڪرائينديون.

ڀڳوان اٽلاڻي

ڊي-183، مالوينگر،

جئپور-302017

موبائيل -9828400325

کي روزگار خاطر ڀارت جي شهرن ۾ وسڻو پيو. اِها سندن مجبوري هئي. ڪين ڪنهن اهڙي علائقي ۾ ڪونہ وسايو ويو، جتي هو ڪٺا رهي سگهن ۽ پنهنجي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائي سگهن.

اڄ اسان سنڌين وٽ سنڌ ڪونهي. اسان وٽ ڳوٺ ڪونهن. ڳوٺاڻو ماحول ڪونهي. اِنڪري ڀارت جي سنڌي ادب ۾ انهن جو ڪو ذڪر ڪونهي. ڀارت جي ٻين ٻولين ۾ اِها ڳالھ ڪونهي. انهن کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ پنهنجا ڳوٺ آهن، جتي اڃا بہ ڪي قدر ذات پات جو مرض ڦهليل آهي، اِنڪري ٻين ٻولين جي ادب ۾ ذات پات، ظلم زبردستي، اوچ نيچ جو ذڪر شد مد سان ٿئي ٿو. شايد سنڌي پاٺڪ ان کان بيخبرآهي.

ان ڳالھ کي ڌيان ۾ رکي مون شري رتن ڪمار سانڀريا جي هندي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو ڪري اوهان آڏو رکيو آهي. اُميد اٿم تہ پورهيو ٿاب پوندو.

ٻئراڳڙھ، ڀوپال — ڪيمن يو. مولاڻي
5جولاءِ 2012ع

ڪجھ سنڌيڪار پاران

سنہ 1947ع ۾ ڀارت جي ورھاڱي جيڪي ڦھر ڪيا، انھن مان سڀ کان وڏو ڦھر سنڌ ۽ سنڌي قوم سَٺو ۽ اڃا بہ سَھي رھي آھي. ڌرم ۽ مذھب جي نالي تي سنڌي قوم ٻن حصن ۾ ورھائجي ويئي، اھو واقعو ھاڻي تواريخ جو باب بڻجي چڪو آھي، پر اھو ثابت ٿي چڪو آھي تہ ڌرم ۽ سنسڪرتي ٻہ الڳ ڳالھيون آھن ۽ ڪنھن قوم جي سنسڪرتيءَ کي ڌرم جي نالي تي ٻن حصن ۾ورھائي الڳ نٿو ڪري سگھجي. سنڌ ۾ رھندڙن جي ھڪ ئي سنسڪرتي ھئي ۽ آھي. انڪري ٻنھي پاسي رھندڙ ھندو خواھ مسلمان ھڪ ٻئي لاءِ روئن ٿا.

سنڌ جي سنسڪرتي اِنسان پرست آھي، سنڌي ڀلي ڪھڙي بہ ڌرم کي مڃيندڙ ھجي. اِھو ادائي گھرن جو خير گھرندڙ ھوندو. اِھو دنيا جي ڪنھن بہ ڪنڊ ۾ ھوندو تہ بہ اِھائي ڪامنا ڪندو. ھر سنڌي، اِنسان تہ ڇا ڀڳوان جي اُپايل ھر پراڻيءَ جو خير گھرندڙ آھي. ونس ذات پات جو مرض ڪونھي.

سنڌ، جنھن ڀارت کي ھند نالو ڏنو، ان جي سنسڪرتي اڄ سڄي ڀارت جي مول سنسڪرتي آھي، اِھو مان ڪونہ ٿو چوان، سڄو سنسار ٿو مڃي. سنڌ جي علائقي ئي ڌرتيءَ تي سڀ کان پھرين گيان جي روشني ڦھلائي. موئن جو دڙو ان جو جيئرو جاڳندو مثال آھي. ڀارت جي پنجاب ۽ گجرات ۾ کيل کوٽاين ۾ بہ ساڳيا اھڃاڻ مليا آھن، جيڪي ان سنسڪرتيءَ جي وشال کيتر ۾ ڦھليل ھئڻ جو پنھنجو پاڻ ۾ ثبوت آھن.

ڌرم جي آڌار تي کيل ڀارت جي ورھاڱي سنڌ ڌرتيءَ کي وڏو نقصان رسايو اتان جي مول رھواسين سنڌي ھندن کي پنھنجي جنم ڀوميءَ کي ڇڏي پنھنجي ئي ملڪ ڀارت ۾ اچڻو پيو. ھتي اچي اھي ٽڪل مالھا جي ڪڻن وانگر سڄي ديش جي ھر پرانت ۾ داٿو داٿو ٿي پکڙجي ويا. ڀارت ڀولن ۾ وسي ٿو. سنڌ بہ ڀولن ۾ وسندي ھئي، پر ھتي اچي سنڌين

دلت ڪهاڻي لکڻ وقت اهڙي پلاٽ کي چونڊيو وڃي، جو اُڀرندڙ سج جي لالاڻ جهڙي تازگي ۽ چيتنا سان ڀريل هجي، ٻڏندڙ سج جهڙن ٿڪل ٽٽل پلاٽن تي سهڻي دلت ڪهاڻيءَ جو اوسر نٿي ٿي سگهي. ڪهاڻيڪار جي ڀرين سقلتا جو ليکو اِنهيءَ ۾ ئي سمايل آهي تہ هن ڪهڙي خبرداريءَ سان پنهنجي پلاٽ جي چونڊ ڪئي آهي، جنهن تي هوُ دلت ڪهاڻيءَ روپي عمارت اَڏڻ ٿو چاهي.

دلت ڪهاڻيءَ جو مطلب هڪ اهڙي بي جوڙ رچنا سان آهي، جيڪا دلت يعنيٰ پٺتي پيل شخص جي زندگيءَ ۾ نئين زندگيءَ جو سنچار ڪندي هجي. ڪهاڻيڪار دلت هجي يا اوچ ذات وارو هجي، دلت ڪهاڻيءَ جي ٿيم هٽ ۾ ڪڻڻ مهل ڪيس ڪوجنيڪ وانگر تمام خبردار رهڻو آهي.

چئن ورڻن واري اِنتظام جي رنڊڪن جي برعڪس شودرن جو سماجي درجو ۽ پڙهڻ ڳڙهڻ جو واڌارو رڪيو رهيو. مالي اوسر چؤپٽ ٿي ويئي. سماجي درجو نفرت ۽ ڦاڪن جو هم معنيٰ لفظ بڻجي ويو. سڪيا جو هڪ لفظ بہ شودر ٻڌي ولي تہ ان جي ڪنن ۾ ڀريل شيهو وجهڻ جو رواج صدين تائين رهيو. اُهي سڀ پيشا، ڌنڌا جيڪي ڏن ڏيندڙ ۽ مان شان وارا هئا، اُهي شودرن کان کسيا ويا ۽ شيوا جي ڪم سان جڙيل صفائيءَ ۽ چمڙي جا نفرت ڀريا پيشا ڏنا ويا.

هڪ طرف اڻ هوند ۾ جيئڻ، ٻئي طرف ڏهاوَن ۾ رهڻ، پاڻ کي جيئرو رکڻ لاءِ، ”روٽي“ ۽ فقط انجو مقصد رهجي ويئي. جهڙيءَ طرح نوڙيءَ جي لڳاتار اچ وڃ سان پٿر بہ گسي گسي ڪمزور ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ورڻ ويوسٿا جي لڳاتار ڌنل پيڙائن شودرن جي زندگين کي مرٽيننگ بڻائي ڇڏيو. ان جو خراب نتيجو اِهو نڪتو جو شودر يا دلت جي سياہ، رهڻي ڪهڻي ۽ ماحول ۾ مسڪيني اچي ويئي. دلت ساهتيڪار هجي يا غير دلت ساهتيڪار، دلتن جي زندگيءَ کي لکڻ وقت اُنجي پلاٽن جي سرائي (ڏُري) اِهائي مسڪيني رهي آهي. ڪهاڻيڪارن ان مسڪينيءَ کي اِئين چٽيو آهي جڻ دلت اِنسان نہ پر ان مسڪينيءَ جو هم معنيٰ لفظ هجي. حالانڪ ان طرح جو پس منظر دلتن جي زندگيءَ جي سچاين کي

منهنجي ڳالھ

مشهور اَرٿ شاستري، سر ٿامس گريشم (1579-1519) جو مڃڻ آهي تہ کوٽا سڪا کرن سڪن کي بازار مان هڪالي ڇڏيندا آهن. (Bad money drives good money out of circulation) هندي دلت ڪهاڻيءَ جي لاءِ اِها ڳالھ ڪٿي نہ ڪٿي واجبي ٿي لڳي. اڻ رَسيل لکڻين دلت ڪهاڻيءَ کي وڏو ڇيھو رسايو آهي.

دلت ڪهاڻي (دلت يا پٺتي پيل سماج جي ڪهاڻي) جنهن کي اَمبيڊڪر وادي ڪهاڻي بہ چوڻ لڳا آهن، کي سرمائيداري طاقتن، جاگيرداري غرور ۽ برهمڻ وادي پرورتين سان قدم قدم تي وڙهندي اڳيان نڪرڻو آهي. چوڻ جو مطلب اِهو آهي تہ جنهن ڪهاڻيءَ جي پرورتيءَ ۽ روپ رنگ ۾ سڄاڳي پيدا ڪرڻ جي سمرٿي هوندي، اُها ئي ڪهاڻي، دلت ڪهاڻي هئڻ جو شرف حاصل ڪري سگهندي.

اڪثر اِهو ڀرم ڦهليل آهي تہ دلت سماج جو فرد ئي دلت ڪهاڻي لکي سگهي ٿو. نہ، اِئين ڪونهي. درحقيقت ائين مڃڻ رزرويشن سان هڏل ماڻهن کي ذهني طور سسائڻ ئي چئي سگهجي ٿو. جهڙيءَ طرح دلت سماج ۾ جنم ورتل ليکڪ ساڌارڻ ڪهاڻي لکي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اوچ سماج ۾ ڄاوَل ليکڪ بہ دلت ڪهاڻي لکي سگهي ٿو. بشرطيڪ ان ڪهاڻيءَ ۾ گهري درد جو احساس، دلت لاءِ دل ۾ درد ۽ جاڳرتيءَ جو ويچار هجي.

ڪهاڻيءَ ۾ توڙي دلت جي زندگيءَ جو پس منظر هجي يا عام رواجي واقعو هجي، پر پلاٽ ان جو اهميت ڀريو جزو آهي. ڪٿيہ، ڪٿا وستوءَ ۽ وشيہ وَستوءُ ٿيم يا پلاٽ (ڪٿانڪ) جا هم معنيٰ لفظ آهن. ڪٿانڪ جو مطلب ان وشيہ وستوءَ سان آهي، جنهن کي ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ لاءِ چونڊيو آهي. پلاٽ هڪ اهڙو سانچو هوندو آهي، جنهن ۾ واقعن ۽ سڄي ڪم ڏنڌي کي گهڙي ”ڪهاڻيءَ“ جهڙي مُهر تيار ڪئي ويندي آهي.

دلت ڪهاڻيءَ جا ڪردار ذات ڪان پلي ڪيترا بہ ننڍا هجن، مگر سندن پرورتي پير جي پڄ وانگر هئڻ گهرجي. پير جو هڪ ننڍڙو پڄ پڻ کي ڦاڙي بہ اُسري ايندو آهي ۽ پنهنجو آڪار وڌندو ويندو آهي.

دلت ڪهاڻيءَ جا گهڻي ۾ گهڻا ڪردار طلسم ۽ فريب ڪان پري ڳوٺن ۾ رهندي پنهنجي زندگي گذاريندا آهن. اُنهن ڪردارن جي تصوير ڪشي اُن هنر منديءَ ۽ سنجيدگيءَ سان هئڻ گهرجي جو آزاد ۽ اُدار، محنت ۽ وشواس سبب سندن اخلاق جو اوجل پاسو نظر اچي ۽ سندن وڏپڻ قائم ٿئي. اُهو ايماندار هجي. پاڻ کي قائم ڪرڻ جي اهلاڪا اُن ۾ ٽپا ڏيندي نظر اچي. ان جي غير حاضريءَ ۾ ڪهاڻيءَ جو اثر جهيڻو ٿي ويندو ۽ اُها دلت ڪهاڻي هجڻ جي پنهنجي معنيٰ وڃائي وهندي. دلت ڪهاڻيءَ جا ڪردار جيڪڏهن سماجي تحرڪن سان جڙن ٿا تہ دلت ڪهاڻيءَ جو قد وڏو ٿي ويندو.

جنهن ڪهاڻيءَ جا ڪردار روئڻا، ليلائيندڙ، ڏاهہ پرست، ياچوڪڙ، هار ڪائي مات ڪري وهڻ وارا ۽ پنهنجي حالت کي پرالبڌ مڃڻ وارا هجن، اُنهن سان دلت ڪهاڻي اوُچ نئي حاصل ڪري. اهڙي ڪهاڻي دلت ڪهاڻي نہ ٿي ڪري براهمڻ پرست، زميدار پرست يا پونجي پرست ٿيندي.

دلت، دلت آهي. دلت عورت دلتن ۾ بہ دلت آهي. دلت ڪردارن جو چٽ چِٽڻ اُن جي سؤمان جي حفاظت آهي. ڪنهن لوڀ جي چونڊ نہ ڪري سگهڻ يا مجبوريءَ سبب دلت عورت جا قدم گمراهہ ٿين ٿا تہ دلت ڪهاڻيءَ جي ”دِگنٽي“ ڪِري ٿي. دلت ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جو چرتر اوچو ۽ آدرش هجي، جن مان ڪا پريرڻا ملندي هجي. حالانڪ اُنهن ۾ دلت زندگيءَ جون شروعاتي برايون ٿي سگهن ٿيون. تنهن هوندي بہ اُهي اُنهن مان ڇوٽڪارو پائي ڪنهن نموني پاڻ ورسائڻ ڏانهن مائل ٿيندا آهن، اِها همت دلت ڪهاڻيءَ جي ڪرادارن ۾ هئڻ گهرجي. گڏوگڏ سماج جي نئين ”رهبريءَ“ کي قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي ثابت ڪرڻ لاءِ منجهن هر پل جدوجهد ڪرڻ جي تمنا هئڻ گهرجي.

ماحول ۾ موجوده وقت هڪ ٿي اِسم جو اِظهار ڪندڙ آهن. ڪهاڻيءَ ۾ تواريخي، سماجي، ڌرمي، سياسي، تهذيبي، جاگرافيائي ڪوبہ ماحول ٿي

ظاهر ڪرڻ ۾ مدد تہ ڪري، تنهن هوندي بہ ان طرح جو ڇٽ واقعي ۾ ورڻ ويوسٽا کي ئي سهارو تہ ڏئي. اِنڪري دلت ساهتيڪار کي اهڙو پلاٽ پيش ڪرڻو آهي، جو بي عزتيءَ جي روايت کي خارج ڪندي دلت ۾ همٿ، آڌار ۽ سومان پيدا ڪري ڇاڪاڻ تہ شخص جي 'خودداري' ئي هن کي سنسار ۾ بچائي رکندي آهي. دلت ڪهاڻيءَ ۾ ''دلت جي خودداريءَ'' جي لاءِ جدوجهد کي اُجاگر ڪرڻ کپي.

دلت ڪهاڻين جا پلاٽ پُراڻن، جن شُرتين، ايشوري روايت، پاپ پڳوان، پوٽ پريت، مورتي مندر، اگيانتا، انڌوشواس تي آڌارت نہ ٿي ڪري زميني سچاين سان جڙيل، اُتساهہ ۽ جيوَ جي چاهہ ڏيڻ وارا، واڌاري ۽ وري ورسائڻ جي ڪلپناٽڪي مان پيدا ٿيل هجن. موجودهہ سنسار جي ويوسٽا ۾ هن هڪجهڙائيءَ واري دور ۾ دلت ڪهڙي نموني پنهنجي وجود کي اُجرو رکي سگهي ٿو، اُن تي ويچار ٿيل هجي.

ڪردارن کيڪهاڻِيءَ جا سواس بہ چئي سگهجي ٿو. جهڙي طرح بنا سواسن جي زندگيءَ جي ڪلپنا نٿي ڪري سگهجي، تهڙيءَ طرح ڪردارن کان سواءِ ڪهاڻي بي جان ٿيندي. ڪردار اُهي هجن، جيڪي پنهنجي زندگيءَ سان گڏوگڏ سماج جي زندگيءَ جي بہ سونهپ ڪرائيندا هجن.

دلت جي چرتر جي سڃاڻپ جا بہ پاسا آهن. پهريون ذات هيو پئسو. ذات کان دلت، پئسي کان دلت. جيڪي ذات جي ڪري دلت آهن، ليڪن ڌن دولت ۾ پريا پاڳيا آهن ۽ مشهور ٿي ويا آهن. اُهي دلت ڪهاڻيءَ جا ڪردار ڪونہ ٿيندا. جيڪي ذات جي ڪري دلت آهن، جن جي نہ ذات جي ڪري عزت آهي ۽ نہ ئي سماجي ماحول ۾ ڪين هڪجهڙائي يا برابريءَ جو حق آهي، يعنيٰ انوسُوچت جاتي، انوسُوچت جن جاتيءَ جا غريب هاري، مزور، ٻنڌن ۾ ٻڌل مزور، آباڻو ڏنڊو ڪندڙ صفائي مزور، چمارڪو ڪم ڪرڻ وارا ڪٽنب ۽ گهومو خانابدوش ماڻهو، جن لاءِ ڌرتي گاديلو ۽ اُڀ چادر آهي، اُهي ئي دلت ڪهاڻيءَ جا ڪردار ٿيڻ جا حقدار آهن. دلت ڪهاڻيءَ جو مکيہ مقصد ان نظرانداز ڪيل طبقي کي ڪريل حالتن مان ڪڍي سگهيا ۽ وري ورسڻ لاءِ اُتساهہ ڏيارڻ آهي.

هاوي نه ٿئي، ان ماضيءَ جي پس منظر ۾ دلت ڪهڙي نموني جدوجهدڪري نئين سماجي ماحول سان جڙي ٿو. هن وقت جي اها ضرورت دلت ڪهاڻيڪار لاءِ پوري ڪرڻ ضروري آهي.

موجوده وقت جي اهڙي چند ڇاڻ ضروري آهي جيڪا ان جي سماجڪ ماحول جي نئين روپ کي چمڪائي، چلڪا ڏياري.

ڳالهه ٻولهه، گفتگوءَ جي هم معنيٰ آهي. ڳالهه ٻولهه جتي ناٽڪ جو مکيه جزو مڃيو ويو آهي. اُتي ڪهاڻيءَ جي واڌاري ۽ ڪردارن جي من جي ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه هڪ پُل جو ڪم ڪندي آهي. ڳالهه ٻولهه جي ذريعي ئي ليکڪ ڪردارن ۾ داخل ٿي پنهنجي من جي حالت ۽ ويچارن کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ان سان ڪهاڻيءَ ۾ موجوده وقت يا ماحول جي خبر پوي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ جتي ڪردار ڳالهائين ٿا، اُتي ڪهاڻيڪار جي ويچارن جو اِظهار ٿئي ٿو. حقيقت ۾ ڪردار جي من جي حالت جي باري ۾ ليکڪ جي ڪهڙي سوچ آهي اُهائي ڪردار معرفت ظاهر ٿيندي آهي.

ڳالهه ٻولهه سان نه فقط ڪردارن جو چريتر چٽبو آهي پر ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ به مدد ملندي آهي. ڪردارن جي ڪرت ڪار، رهڻي ڪهڻي، ٻولي، علائقائي ماحول جي خوشبوءِ ڪان پاٺڪ روبرو ٿيندو آهي. ها، ڳالهه ٻولهه حد اندر هجي. تمام ڊگهي ڳالهه ٻولهه بوريت پيدا ڪندي آهي. پاٺڪ کي لڳي ته هوُ ڪهاڻي پڙهي رهيو آهي، نه ڪنهن ناٽڪ جو رس وٺي رهيو آهي. ڳالهه ٻولهه جيتري مزيدار، ننڍي ۽ ٺُر هوندي، ڪهاڻي اوتري ئي ڪسيل هوندي.

دلت اڄ به پاڻ کي قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، دلت ڪردار اڻ هوند ۾ جي رهيو آهي. ان ماحول ۾ ساهه کڻي رهيو آهي، جنهن ۾ مانسڪ پيڙائون، گهٽ ٻوسات، ڪروڌ ۽ ناراضپو منهن ڪولي بيٺا آهن. دلت ڪهاڻيءَ جون چريتر سنبنڌي خاصيتون عام رواجي ڪهاڻيءَ ڪان الڳ ٿينديون آهن. اِنڪري دلت ڪردارن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ وقت ڪهاڻيڪار جو قلم ايتري قدر سنجم ۾ هجي جو ڪردارن جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ۾ ڪنهن به قسم جو فاحشپڻو، گار گند يا ڪروڌ جو پاڇو نه هجي. عبارت ۾ ايترو ته ميٺاج ۽

سگهي ٿو. پلاٽ ۾ آيل وقت جي وقتائتي ۽ سماجڪ حالتن جي ان انداز ۾ وياڪيا ڪرڻ گهرجي جو ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي پيدا ٿئي ۽ حقيقتون وشواس جوڳيون نظر اچڻ لڳن.

دلت ڪهاڻيءَ جو ماحول الڳ آهي. ورڻ ويوسٿا دلتن جي تواريخي باب کي ڏنڊلو ڪري ڇڏيو آهي. ان جو سياسي پائدان ايترو مضبوط نه رهيو آهي جو اُهو وقت کي بدلڻ جي چاهنا ڪري. سانسڪرتڪ امانت جي ناتي هوُ هين جا گڻ ڳائي پنهنجو گذران ڪندو رهيو. يعنيٰ پاپ- ڀڳوان، ديوي ديوتا، پترن جو هو ڳائڻو يا پرچارڪ رهيو آهي. پنڊا، پوڄاري، ڏرم هن جي ڪري وڏا بڻيا ۽ هيڏانهن هيءُ آهي جو ان جي مندر ۾ گهڙڻ تي به خبر ٿي تيار ٿئي ۽ مندر ۾ گهڙڻ تي روڪ وجهڻ تي به. باوجود اُن جي رائشماري ڪرائجي ته ڏرم ۾ سڀ کان وڏو عدد ان جو ئي آهي.

جيڪڏهن دلت جي جاگرافيائي پس منظر تي هڪ نظر وجهون ته ڪيس ڳوٺ کان پري ڏکڻ طرف رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. هوُ بي زمين ته رهيو ئي اُن جا گهر به ننڍا ننڍا مرغي خاني جهڙا رهيا آهن، جتي جانوَر به رهڻ کان عار ڪن.

ڀٽي ماڻهو دلتن جي اُنهن گهرن جي اڳيان نڪ تي هٿ رکي نڪرندا هئا. ان بدبودار ماحول ۾ دلتن جي هر پيڙهي ساهه کڻندي رهي آهي.

وقت جي نالي تي دلت جو سماجڪ پسمنظر باقي ٿو رهي اُتي به جاتيءَ جي فرق ۽ ڇوت ڇات جو بول بالو رهيو. هيٺين ذات جو سمجهڻ سبب ڪيس سکيا، گيان کان وانجهيو ويو. انڌوشواس ۽ روايت پسنديءَ ڪيس وڪوڙي رکيو؟ بک ۽ اڻ هوند سندس سنگي ساٿي رهيا.

ماحول خلقي، دلتن جي انهن پيڙائن جو جبل ڪڙو ڪرڻ ”دلت ڪهاڻي“ ڪانهي. ڪهاڻيءَ ۾ سماجڪ ماحول جي اُلٽ ڪجهه اهڙي صفت سان هجي جو اُها قائم ٿيندي نظر اچي. پاپ- ڀڳوان، ديوي ديوتا، جادو ٽوڻا، تنتر منتر، ڀوت پريت وغيره کان ان جي جند آجي ٿئي ۽ منجهس واڌاري واري سوچ پيدا ٿئي. اباڻو پيشو سندس مجبوري رهي. هن جو ماضي فقط پسمنظر جي روپ ۾ جهلڪ وانگر لڳي، ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ مٿان

دلت ڪهاڻيءَ ۾ ڏوهه گناهه بدران وشواس اچي. دلت ڪهاڻيڪار جي اِها ذميواري آهي ته هو ڪنهن خاص ذات جي مٽي تان ان ڪلنڪ کي ڌوئي، جيڪو ورڻ ويوسٿا اُن جي مٽي تي چنبڙائي ڇڏيو آهي.

ٻوليءَ ۾ علامتون به ٿينديون آهن ۽ عڪس به. نهيل لکيل ۽ زهريلن نامڪلين، ماس ڪائيندڙ پکين سان دلت ڪردارن جون علامتون اُڀارڻ يا عڪس خلقڻ دلت ڪهاڻيءَ جو مرم ڪونهي. اهڙي ٻوليءَ جي اِستعمال سان ليکڪ جي ذهنيت جي خبر ٿي پوي ته هو دلتن جي باري ۾ ڇا ٿو سوچي.

دلت ڪهاڻي لکندي، وڏيڪ ٻڌيءَ، ماهريت، هنرمنديءَ جي ئي نه پر سپاويڪتا، سنجيدگيءَ ۽ ٻئي تائين ڳالهه پهچائڻ جي ڪلا کپي. جيڪڏهن دلت ڪهاڻي لکڻ جو اِرادو ڪيو ويو آهي ته ان سان نباهه به اُنهيءَ وشواس ايمانداريءَ ۽ جذبات سان هجي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته دلت کي صدين کان ستايو، دٻايو ويو آهي، اِنڪري اِن ۾ ڪروڌ ۽ ناراضپو ماحول جي ڪري آهي پر ليکڪ کي ان ڪروڌ ۽ ناراضپي جي ٻيڙيءَ کي پنهنجي قلم جي سنجم سان هاڪارڻو آهي.

عبارت کي اِسٽائيل يا ٽيڪنڪ يا سرجڻ جو ڍنگ به چيو ويندو آهي. عبارت ڪهاڻيءَ جي آتما ٿيندي آهي. عبارت ليکڪ جو شخصي هٿيار آهي، جنهن جي آڌار تي هو ساهتيه جڳت ۾ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪندو آهي. سندس لکڻي لازوال ٿيندي آهي ۽ امرتا حاصل ڪندي آهي. ليکڪ جو هڪ هڪ لفظ، جملو ۽ پئرا عبارت جو اِظهار ڪندي آهي. شروعات کان آخر تائين عبارت ڪهاڻيءَ جي هرتا ڪرتا هوندي آهي.

روايتي ڪهاڻي سرجڻ جي ورنن واري، چنبڇاڻ واري، خطن واري، ڊائريءَ واري، يادگيرين واري، ڳالهه ٻولهه واري، علامت واري، عبارت ٿيندي آهي. دلت ڪهاڻي جنهن سان اُتم بڻجندي آهي. اُهي عبارتون هن ريت آهن.

روايتي عبارت کي تفصيلن يا وياکيا واري عبارت به چوندا آهن. اِن عبارت جو اِستعمال ڪندي ڪهاڻيڪار سهني واقعن، جڳهين ۽ ماحول جو ذڪر پنهنجي ڪهاڻيءَ جي يوجنا مطابق ڪندو آهي. دلت ڪهاڻيءَ لاءِ عبارت جي پنهنجي خاص اهميت آهي. اِهائي اُها عبارت آهي جنهن جي ڳڻجڻ

سنجم هجي جو پاڻ دلت ڪهاڻيءَ جو چاهڪ بڻجي وڃي. ڪردارن جي زڪي ڳالھ ٻولھ پاڻ کي جوڙڻ جو نہ پر ٽوڙڻ جو ڪم ڪندي آهي. دلت پلاٽن وانگر دلت ڪردارن جي گفتگوءَ ۾ وڏي گنڀيرتا ۽ سنجيدگي ظاهر ٿئي، جيئن هو سماج جي مکيہ ڌارا کان الڳ نہ لڳي.

ٻولي ويچارن کي ظاهر ڪرڻ جو هڪ طاقتورُ ذريعو آهي. ٻولي جيتري سپڪ، سولي، پهاڪن، مهاورن - چوڻين سان ڀريل ۽ عام ماڻهن جي ڳالهائڻ واري هوندي. ڪهاڻي اوتري من کي ڇهندڙ بڻجندي.

دلت ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ کي پنهنجي زمين آهي، پنهنجي خاصيت ۽ پنهنجون حدون آهن. ٻولي ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري هجي، وهنوار ۾ سنجيدگي هجي ۽ علائقائي ماحول جو تہ لڳل هجي. دلت ڪهاڻي ۾ علائقائي اکرن جي اِستعمال جي گهٽائيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

دلت ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ ۾ لفظن جو اِنتظام ۽ جملن جي گهڙت تي خاص زور ڏيڻ جي ضرورت آهي. جنهن ٻوليءَ ۾ فاحش، بي معنيٰ ٻن مطلبن وارا ۽ نوڪدار لفظ هوندا ۽ جملن مان اڳ ئي سوچيل ڳالھ لڪيل لڳندي. اُها دلت ڪهاڻيءَ جي ٻولي نٿي ٿي سگهي.

چٿر، ٺٺولي، طنز يعنيٰ ”وينگيہ“ بہ ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ جو هڪ روپ آهي. دلت ڪهاڻي لکڻ وقت چٿر يا ٺٺولي ڪندڙ جملن جو اِستعمال گهٽ ۾ گهٽ هجي، ڇاڪاڻ تہ ان سان دلت ڪردارن جي مذاق اُڏائڻ جو خطرو رهندو آهي.

ڏوھ، گناھ ڪرڻ ڪنهن خاص جاتيءَ جو نہ بلڪ اِنسان جي پرورتيءَ سان جڙيل جذبو آهي. ڏوهي شودر بہ ٿي سگهي ٿو ۽ براهمڻ، ويشہ ۽ کتري بہ. ڪهاڻيءَ ۾ ڏوھ يا گناھ جو ذڪر ايندي ئي ان کي فلاڻي جاتيءَ سان جوڙي ٻوليءَ جا ڇهبوڪ وسايا ويندا آهن. ائين لڳڻ لڳندو آهي تہ ليکڪ جي هٿ ۾ قلم نہ پر ڇهبوڪ آهي ۽ هوُ ڪنهن پراڻي رنجش جو بدلو وٺڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺو آهي. اتي اچي ڪهاڻي ۽ ڪهاڻيڪار ٻئي بي رحم بڻجي ٿا وڃن. جڏهن تہ ليکڪ جي ٻولي مرم ۽ همدرديءَ واري هئڻ جڳائي.

چندچاڻ ايتري به نه هجي جو ڪهاڻي يادگيرين (سنسمرڻن) وانگر لڳڻ لڳي. ان عبارت ۾ لکجندڙ ڪهاڻيءَ جي اُلٽ لاءِ ڪوريءَ جهڙي سوڪيم نظر ڪپي. دلت ڪردارن جي چريتر جي چندچاڻ اهڙي هوشياريءَ سان هجي جو ان ۾ وشواس جو ڀاوُ ظاهر ٿي بيهي. ان جي تصوير ڪشي اهڙي نموني ڪرڻ گهرجي جيئن دلت يعنيٰ لتاڙيل ۽ چوسيل ماڻهو لتاريندڙن ۽ چوسيندڙن کي للڪاريندا هجن. اِهو به ته روايت پسند سوچ نيست نابود ٿئي ۽ ترقي پسند سوچ سامهون اچي. ورڻ پرست ليکڪن کي دلت ڪهاڻي لکڻ وقت وڏيڪ سنجيدو ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سندن جاتيءَ جي ايمان واري سوچ ڪين ڪهاڻيءَ سان پوريءَ طرح نيائڻ ڪانه ڏيندي. اُنهنجي قلم سان ڪردارن جي چرتر ۾ گراوٽ ايندي ۽ ڪهاڻي دلت ڪهاڻي ڪانه بڻجي سگهندي.

آتم ڪٿا لکندڙ ليکڪ پنهنجي زندگيءَ سان جڙيل واقعن جو ذڪر وڏي ايمانداريءَ سان ڪندو آهي. ان ۾ بناوٽ هوڏ موجود رهندو آهي. ڪلپنا جي گنجائش گهٽ رهندي آهي. نقلي پڻو ظاهر ڪونه ٿيندو آهي.

آتم ڪٿا جي عبارت ۾ لکيل ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار، پنهنجو ورنن، پنهنجي چندچاڻ ۽ پنهنجو چٽ چٽڻ سان گڏوگڏ پلاٽ ۾ آيل واقعن کي اڳتي وڌائيندو ويندو آهي. اندر جي ڪشمڪش کي ولوڙڻ مان آنند پيدا ٿيندو آهي ۽ ڪلپنائن ۾ اصلي پڻو نظر ايندو آهي، جڻ اُهو واقعو خود ليکڪ سان ٿيو هجي.

ها، دلت ڪهاڻي جيڪڏهن آتم ڪٿا واري عبارت ۾ لکي ٿي وڃي، ته ان جي آتم ڪٿا جي ٽڪري هئڻ جو خطرو بڻيو رهندو آهي. اِهو خطرو اُن وقت ڳاڙهي نيشان ڏانهن وڌي ويندو آهي، جڏهن دلت سماج جو ڪوئي ليکڪ اُن عبارت جو اِستعمال ڪندو آهي. سندس آزمودا ڪهاڻيءَ کي پنهنجو اِظهار بڻائي سگهن ٿا.

”مان“ کي نايڪ (هيرو) جو درجو ڏيڻ دلت ڪهاڻيءَ جو مقصد رهيو آهي. اڄ گهڻي ڀاڱي دلت ڪهاڻيون آتم ڪٿا واري عبارت ۾ ئي لکيون پيون وڃن. جيڪڏهن آتم ڪٿا واري عبارت ۾ دلت ڪهاڻين جو سرجڻ

سان ڪهاڻيءَ ۾ عڪس اُڀرندا آهن. مشابهتون ڏينديون آهن. وياڪيا سان گڏ ڪهاڻي وڌندي ويندي آهي. ها، ڪهاڻيءَ ۾ وياڪيا جو تهه ايترو وڏيڪ نه هجي جو اُهو ڪهاڻيءَ بجاءِ مضمون يا رپورتاج جو احساس ڪرائڻ لڳي.

دلت، سماج جي ڪنار جو پوئون شخص به رهيو آهي. ان کي آخري شخص جي قياس جوڳي حالت کان ٻاهر نه ڪڍڻ لاءِ شاسترن کان ساهتيه تائين لڳاتار ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. شاستر ڪيس دلت ناهڻ وارا بڻيا. ساهتيه شاسترن جي پيروي ڪندي دلت جي مجبوريءَ ۾ نفرت ۽ ميراڻ جو ٻج ڇٽيو.

پارت جو سنوڌان ماضيءَ جي انڌڪار کي چيري دلتن لاءِ نئين سج جي روپ ۾ اُڀريو آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي ته دلت ڪهاڻي لکندڙ ليکڪ جي دل دماغ ۾ دلت جي اُهائي مسڪيني، اُهائي ڪمزوري ۽ اُهي ئي ليڙون ليڙون ڪپڙا ڦرن ٿا. دلت سماج جا شهري ليکڪ ته ماضيءَ کي اڄ سان جوڙي ڪهاڻيون لکي رهيا آهن. ان سان دلت ڪهاڻيءَ جي موجوده تصوير ڪانه ٿي اُڀري.

اهڙين لکڻين سان ورڻ ويوستا جو مقصد پورو ٿو ٿئي. چيتنا ڪانه ٿي ڦٽي. هتي اچي دلت ڪهاڻيڪارن جي ذميواري ٻيڻي ٿي ٿي وڃي. واقعن يا ماحول جي چندچاڻ اهڙي فضيلت سان ٿئي جو دلت جي آبروءَ کي ضرب نه رسي ۽ تفصيل ڏيندڙ ليکڪ جي قلم مان اِئين لڳڻ کپي ته هوءُ پنهنجي ڪهاڻيءَ ذريعي دلتن کي پيڙائن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.

چندچاڻ واري عبارت ۽ تفصيلن واري عبارت ۾ وڏو فرق اهو ٿيو ته چندچاڻ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي ٿيندي آهي، جڏهن ته تفصيل ڪهاڻيءَ ۾ آيل جڳهين، واقعن ۽ ماحول جا ٿيندا آهن. خاص ڪري اهي ٻه ئي عبارتون ٿينديون آهن جيڪي ليکڪ جو وجود قائم ڪنديون آهن. بنا چندچاڻ جي نه ته ڪهاڻيءَ ۾ مزو ايندو آهي ۽ نه وري اُها سپاويڪ نموني سان پنهنجي مقام تي پهچي سگهندي آهي. چندچاڻ واري ڪهاڻيءَ کي چريتر پرڌان ڪهاڻي به چوندا آهن. اِنڪري دلت ڪردارن جو چريتر جيترو اُجل هوندو، دلت ڪهاڻي اوتري ئي اعليٰ ٿيندي.

ڦلوا

سانوڻي هوا بند ٿي ويئي هئي. آسمان ۾ ڳڙڪندڙ بادل ڪٺا ٿي هڪ ٿي ويا هئا. ڌرتيءَ جي مٽي تي ڪاري چٽي اچي ويئي هئي. مينهن وسندو. جوانيءَ جو شباب ساوڻ وسندي ڏسڻ جهڙو هوندو آهي.

ڳوٺاڻو راميشور شهر ۾ اچي هڪ سوال بڻجي ويو هو. بادل ايندي ئي ڳوٺ جا پکي ڇهڪندي آکيرا ڳولهيندا آهن. ڪويل ڪوُ ڪوُ ڪندي آهي. مور پيهوُ پيهوُ ڪرڻ لڳندا آهن. جهرڪيون ريت ۾ سنان ڪرڻ لڳنديون آهن. ڏيڏر ٽان ٽان ڪندا آهن. ڪانوَ گهبرائجي ڪان ڪان ڪندا آهن. ماڻهو ڦرڻي بڻجي ويندا آهن. چيٽا ڪاٺيون، ڪپڙا لٽا، ڪٽون صندل اندر اُڇليو. ٻاهر پيل اڌ گهر اندر هليو ايندو آهي. پير رکڻ جي جڳهه ڪانه بچندي آهي، گهر ۾.

شهر ! شهر ڪيئن بند آهي جڳهين ۾. ماڻهو باغ اندر ويٺا آهن يا پنهنجي ڇت تي هليا ويا آهن ، ڪڪر ڏسڻ .هڪ ٻه نوان پرڻيل جوڙا هٿ ۾ هٿ وجهي ڇتين تي ٽهلي رهيا هئا. راميشور جون اکيون ڦاٽي ويون. ڳوٺ ۾ اهڙيءَ طرح چنڊ ٻه ڪنهن کي ڪونه ڏسي سگهندو آهي. راميشور کي هڪ ڇوڪري ياد اچي ويئي، شهر وڏا ٿي به ننڍا آهن. ڳوٺ ننڍا ٿي به وڏا آهن.

آسمان کي ڏسي راميشور جو چنتا ۾ ورتل من وياڪل ٿيڻ لڳو. هوُ مٿو ڪٽي لڪائيندو. اهڙو ڪو وڻ ٽڻ به ڪونهي جيڪو ڇايا ڌار هجي، ڪنهن جو ويڪرو ورانڊو به ڪونهي، جتي بيهي سگهجي.هتي ته سڀ ڪجهه دروازي جي اندر ئي آهي. گيٽ تي هٿ رکندي ئي ڀهرين ڪتا ڀونڪي ٿا ڊوڙن . ان کان پوءِ ئي ڪو ماڻهو ٿو اچي.

ڳوٺ ۾ راميشور جي ڦوڪ سان گاهه سڙڻ لڳندو هو. شهر ۾ اچي ڪوڏيءَ برابر ٿي ويو آهي راميشور! شهر تعجب ڀريل نظرن سان ڏسي ٿو کيس. جڻ هوُ راميشور نه پر ڪو عجيب جيو هجي .

راميشور جي هٿ ۾ ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو آهي. هو ڪالونيءَ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رلي رهيو آهي، منجهند کان . کيس پنڊت ماتا پرساد

گهٽ ٿئي ته واجب ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ”مان“ جي وڏيڪ اِستعمال ڪرڻ سان ڪهاڻي آتم ڪٿا ڏانهن وڌي ويندي.

يادگيرين (سنسمرڻن) ۾ ليکڪ هين ڪردارن يا واقعن يا جڳهين کي پاڻ ۾ جذب ڪري ماضيءَ جي ڪڙن کي ڇونڊيندو آهي. يادگيرين ۽ ياد گيرين واري عبارت ۾ لکيل ڪهاڻي ۾ اڪثر هڪجهڙائيءَ جهڙو ڪجهه نظر ايندو آهي. آتم ڪٿا جي عبارت ۾ لکيل ڪهاڻيءَ وانگر هتي به ”مان“ جو گهڻو اِستعمال ڪيل هوندو آهي. مرم جو ڄاڻو ڪهاڻيڪار ئي يادگيرين واري عبارت ۾ لکيل ڪهاڻيءَ کي يادگيرين کان بچائي سگهندو آهي.

دلت ڪهاڻيءَ کي ته يادگيرين واري عبارت مان تمام وڏو اِهو خطرو رهندو آهي ته دلت ليکڪن وٽ پنهنجن انيوَن جون ايترين يادگيريون ٿي ويندين آهن. جو ان عبارت واري ڪهاڻيءَ کي يادگيرين کان ٻاهر ئي ڪونه نڪرڻ ڏيندا آهن. هتي عبارت ئي دلت ڪهاڻي ۽ يادگيريءَ کي الڳ ڪري سگهندي. جملن جي گهڙت ان فرق کي وڏو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. دلت ڪهاڻيءَ ۾ اهڙيون يادگيريون نه اچن جيڪي نفرت لاءِ هجن. مزاق اُڏائيندڙ هجن يا جذبي کي جذب ڪنديون هجن. ڪئين ليکڪ يادگيرين واري عبارت ۾ لکيل ڪهاڻين ۾ اَپمان، نراشا وجهندا ويندا آهن، جيڪا دلت ڪهاڻيءَ جي خامي آهي.

هاڻي.

دلت ڪهاڻي، عام ڪهاڻيءَ کان اِنڪري الڳ آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هڪ طرف دلت زندگيءَ جي جدوجهد جي ڪهاڻي هوندي آهي، ته ٻئي طرف دلت پڙهي مان مڪتي جي چاهنا. دلت ساهتيه جي هين شاخن وانگر ڪهاڻيءَ ۾ دلت زندگيءَ کي وڏي ڊانچي ۾ پيش ڪرڻ جي نظر هئڻ گهرجي. ڪهاڻيڪار دلت کي سماج جي مکيه ڌارا سان جوڙڻ جي سارٿڪ ڪوشش ڪندو هجي. دلت ڪهاڻي چيتنا جو نالو آهي.

--- رتن ڪمار سانڀريا

هن ڏوتل اڃي ساڙهي پاتي هئي. هن ساڙهيءَ جو پلوسان مٿو ڍڪيندي گيٽ کولي. قلوا هئي اُها. نہ قلوا راميشور کي سڃاتو ۽ نہ راميشور قلوا کي. ٻئي هڪ ٻئي کي اڻ ڄاڻائيءَ وچان ڏسندا رهيا . قلوا نڪ جي سِري تائين چشمو آڻي ڏٺو پر ڪيس سمجهہ ۾ ڪونہ آيو.

راميشور اکيون ڇنڀيون - ”قلوا !“

”ڪير، راميشور؟“

”ها، پاپي.“

قلوا مٿي تي ٺپڪي هڻي چيو تہ ”هاءِ ڀڳوان! جڏهن مان ڳوٺ مان آئي هيس تڏهن تہ ٿلهو متارو هئين. پوڙهو ٿي ويو آهين پندرهن سالن ۾ ئي، اندر اچ نہ.“ قلوا ڪپڙن ۾ ئي ڪانہ ٿي ماپي. هن جي ڳوٺ جي زميدار جو پٽ آيو آهي.

اُهو خراب ڏينهن هو. قلوا جو مڙس ، زميدار جي هڪ بگڙيل ڏاند کي سڌو ڪري رهيو هو. ناڪيل ڍلي ڏسندي ئي ان ڪاوڙيل ڏاند سندس پيٽ ۾ سڱ وجهي ڇڏيو . هو تڙڦڻ لڳو. قلواجو سهاڳ هليو ويو هو. قلواجو پٽ راڌا موهن ان وقت اٽڪل ڏهن سالن جو هو. بجگيري قلوا کي وراثت ۾ ملي ويئي هئي، جنهن شاهوڪارکي شاهوڪاري ۽ زميدار کي زميداري. ٻہ پيٽ هئا. هوءَ زميدار جي گهر ۾ گاهہ ڪٽيندي، پاڻي ڀريندي ۽ جانورن کي چارو پاڻي ڏيندي هئي.

ٻاهر بانس جاڪرسيون ٽيبل پيا هئا. قلوا بانس جي ڪرسيءَ تي ويهي رهي هئي . هن ٻي ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪيو - ”ويهہ نہ راميشور.“

راميشور ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هو. اڃي رنگ جا ٻہ ٻچر ڪتا اندران آيا. انهن راميشور کي سنگهيو ۽ ان جي منهن ڏي نهاري سوُن سوُن ڪرڻ لڳا. راميشور پير مٿي کڻي ڇڏيا ۽ ڊپ کان سسي ويو. قلوا ڪتن کي دڙڪو ڏنو- ”پمپي، مينو اندر وڃو. هيءُ تہ راميشور آهي، پنهنجي ڳوٺ جو زميدار . مهمان آهي اسانجو.“

ٻئي ڪتا ڪنهن سمجهو ٻار وانگر اتان هليا ويا هئا. راميشور جو وهم سچائيءَ ۾ تبديل ٿي ويو هو. قلوا ڪرائيدار ڪانهي ، مالڪڻ آهي،

جو گهر ڪونہ مليو آهي. سڄو ڳوٺ پنڊت جيءَ جي عزت ڪندو هو. شهر ۾ اچي هوبندرو ٿي ويو آهي. اهڙو بندرو جو ڪوئي ڪيس سڃاڻي ڪونہ ٿو. جنهن ڪان پڇ اهو ئي پلاٽ نمبرپڇي ٿو هن جو. پلاٽ نمبر ڏيو ڪين پنڊت جيءَ جي چئي ٿي. ان ڪانسواءِ ڪم ئي ڪونہ ٿو ٿئي.

راميشور جنهن ڳالهہ ڪان ڪنارو ڪرڻ ٿي چاهيو، اُهائي ڳالهہ سندس سر تي چڙهي ويهي رهي هئي. شهر ۾ اچي شهري ٿي وڃڻ کپي. رات گذرڻ ۾ وقت لڳندو آهي. ڦلوا بہ هن ڪالونيءَ ۾ رهندي آهي. ان جي پٽ جي ائڊريس آهي، راميشور جي کيسي ۾. هن کيسي مان هيو پني ٽڪر ڪڍيو. هڪ نؤجوان گيٽ جي سامهون پنهنجو اسڪوٽر بيهاري رهيو هو. راميشور ٻہ قدم اڳتي وڌيو. پنو پڙهي نؤجوان راميشور کي ننهن ڪان چوٽيءَ تائين گهوري ڏٺو. شخصيت جي نالي تي ٻائيتاليهہ- ٽيئيتالهہ سالن جي عمر. وچولو قد. ڪڻڪ رنگو. گهري اچي ڪاري ڏاڙهي مڇ، ڪنن ۾ سون جون وزني واليون. ٻن لانگن واري ڌوتيءَ ڪڙتو. مٿي تي چيٽ جو گنبذنما پٽڪو. پٽڪي جي لانگ پٺيءَ کي ڇهي رهي هئي. راميشور جو منهن لٽل ڏسي نوجوان پڇيو - ”راڌا موهن صاحب جي گهر وڃڻو آهي توکي؟“

”ها سائين!“ راميشور جي آواز ۾ چنتا، اداسيءَ عاجزي هئي. هن ڪڇ ۾ دٻايل بئگ هٿ ۾ ڪٽي ورتي.

”ڇا ان جو ڪجهہ لڳين؟“

”لڳان تہ ڪونہ، ان جي ڳوٺ جو آهيان.“ راميشور سنهڙي آواز ۾ جواب ڏنو.

نوجوان اسڪوٽر چالو ڪندي چيو. ”هو چوٿين گهٽيءَ ۾ رهندو آهي. ڪڪر اچي ويندا. اسڪوٽر تي وهو. مان ڇڏي ٿو اچان اوهانکي.“

راميشور جو مٿو ڦرڻ لڳو. پنڊت جيءَ کي ڪوئي ڪونہ سڃاڻي، ڦلوا جي ڇوري کي گهٽي گهٽي ٿي سڃاڻي. اسڪوٽر وارو ڪيس هڪ ڪنگوري دار عاليشان مڪان جي سامهون ڇڏي هليو ويو. راميشور کي تعجب ڌونڌاڙيو. ڦلوا جو شاهي گهر آهي هيءُ؟ هن ڏيري ڏيري گيٽ کڙڪائي. ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺل هڪ ٻڍي آئي. ٽلهو سرير. گوري ڇهري تي پيل گهنجن مان سونهن ٽم ٽم ڪري رهي هئي. سندس اکين تي عينڪ هئي.

ڦلوا راميشور کي رنڌڻي ۾ وٺي آئي. سنگمرمر سان ٺهيل رنڌڻو قيمتي برتنن سان ڍڪيو پيو هو. رنڌڻو ڏسي راميشور جون اکيون اُتي ئي بيهي رهيون. گئس هو. ڦلوا لائيٽر ڪنيو ۽ ان سان چلهي کي ٻاريو - راميشور جو وات جهرڪيءَ وانگر ڦاٽي ويو هو. چلهہ کي ڦوڪون ڏيندي سندس زال جون اکيون وهڻ لڳيون آهن، ڦلوا جي چلهي اک ڇنڀ ۾ ٻري ويئي. ڦلوا گئس بند ڪري ڇڏيو هو. اتي نل لڳل هو. هن نل کوليو ۽ زوردار پاڻي نڪرڻ لڳو. ڦلوا کيس ٻڌايو- ”چوويهہ ڪلاڪ پاڻي ايندو آهي هن نلڪي ۾.“

سورهن سترهن سال پُراڻي ڳالهہ راميشور جي ذهن تي تري آئي هئي. ڦلوا جي ذات وارن کي زميدارن جي کوهہ تي چڙهڻ جي منع ڪيل هئي. هوءَ جنهن کوهہ تان پاڻي ڪڍي ايندي هئي، اهو اڌ کوهہ پري هو، هن جي گهر کان. راميشور ان کوهہ تي سنان ڪري رهيو هو. ڦلوا کوهہ جي گهير کان هيٺ مٽڪي سميت بيٺي هئي. هوءَ هر هر راميشور کي هٿ جوڙي رهي هئي- ”اڄ مونکي ٻئي ٻوٽ ۾ وڃڻو آهي، راميشور. ٻہ بالٽيون مٽڪي ۾ وجهي ڏي.“

ڦلوا جو هر هر ”راميشور“ چوڻ راميشور کي چڀي ويو هو. هن ڪاوڙ وچان مٽڪي مٿان ٺڪ ڦٽي ڪئي هئي. ڦلوا مٽڪو اتي ئي ڀڃي ڇڏيو هو ۽ هوءَ ٻوڙها ڳاڙيندي گهر هلي ويئي هئي. اوچتو ڦلوا جون اکيون بہ آليون ٿي ويئيون ڇڻ ان کي بہ اُها ڳالهہ ياد اچي ويئي هئي. ائين لڳو ڇڻ هڪ ئي وقت ٻہ هٿ پنڌاريءَ ۾ پيا هئا. وقت سوداگر آهي. راميشور اڄ بہ ان کوهہ تان پاڻي ڀريندو آهي.

راميشور کي گڏ وٺي ڦلوا هڪ ڪمري ۾ وئي. اتي سندس پوٽي پڙهي رهي هئي. باب اسٽائيل ۾ ڪٽيل وار. اسڪرٽ ۽ شرٽ ۾ مبلوس اُها ڇوڪري راميشور جي اک جو ڪڪ بڻجي ويئي. ڦلوا جي پوٽيءَ جهڙي هڪ بہ ڇوڪري ڪانهي سندس ڳوٺ ۾. وڏندڙ قد جي هيءَ ڇوڪري ڪيڏي نہ سهڻي آهي. ڇوڪريءَ پڙهائي ڇڏي راميشور کي نمسڪار ڪندي دستور نڀايو ۽ وري پنهنجي پڙهائيءَ ۾ لڳي ويئي. راميشور کي ڪاوڙ لڳي ويئي. کيس ڏسي ڦلوا جي پوٽي اٿي ڪانہ بيٺي . ٻئي ڪمري ۾ ڦلوا جو پوٽو پڙهائي ڪري رهيو هو. پنهنجي ڏاڏيءَ سان گڏ آيل مهمان کي ڏسي هن راميشور کي نمسڪار ڪيو ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو هو.

ڪوٺيءَ (وڏي شاهي گهر) جي. ذات تي فخرڪندڙ راميشور جي من ۾ ساڙجي باهه دکڻ لڳي هئي.

ڦلوا راميشور ڏانهن نهاري اُٿي کڙي ٿي هئي. هن سامهون واري ڪمري جو جاريءَ وارو دروازو کوليو ۽ راميشور کي اندر وٺي ويئي. ڪوٺيءَ ۾ ڏهه ٻارهن ڪمرا آهن . ڀتين تي ڊسٽمپر آهي، فرش سنگمرمر جو آهي . فرش ڏسي راميشور جون اکيون ڦاٽي ويون . سندس زال کُٽجي ڏالهي به صاف ڪانه ڪندي آهي اهڙي. ڦلوا جي ڪٽنب ۾ پنج ڀاتي آهن. ڦلوا، ان پٽ راڌا موهن، ننهن، هڪ پوٽو ۽ هڪ پوٽي.

ڦلوا جي خوشيءَ جا پرڦهليل هئا. هوا ۾ ترڻ لڳي هئي هوءَ ڪوٺيءَ جي هڪ هڪ شئه راميشور کي ڏيکاريندي، اهڙيون شيون ڳوٺ جي زميدارن واڻين ۽ ٻانيڻن جي گهرن ۾ به شايد هجن. هوءَ راميشور کي رنڌڻي ۾ وٺي ويئي. اتي ڊائننگ سيٽ پيو هو. اڇي سنمائڪاجي ٽيبل تي راميشور جهڪي ڏٺو . ٽيبل جي اندر به راميشور هو، جيئن ڪاچ ۾ ڏسندو آهي . ڦلوا جو سونهري فريم وارو چشمو ڍلو هو. اُهو نڪ تائين سرڪي آيو هو. چشمي کي ٺيڪ ڪري ڦلوا کيس ٻڌايو. ”راميشور، رات جو اسان سڀ هتي ويهي رسوئي کائيندا آهيون . مهمان به اِتي رسوئي کائيندا آهن. اڄ رات جو تون به اتي ئي ويهي رسوئي کائيندين.“

راميشور کي جڻ سئي چڀي ويئي. هن وٽ ته مهمان لاءِ تڏو وڇايو ويندو آهي.

ڦلوا جي من ۾ اهڙي اڇل هئي ، جيڪا وير وانگر وڌي به رهي هئي ۽ پکڙجي به رهي هئي. هن اُتي رکيل فرج کي کوليو، فرج ۾ ٿڌي پاڻيءَ جون بوتلون ، ڪولڊ ڊرنڪس، انب، صوف، نارنگيون وغيره رکيون هيون . آئيس باڪس ۾ برف هئي. ڦلوا هڪڙو باڪس ڪڍي راميشور کي چيو- ”هن ۾ پاڻي ڀري چڙهيندا آهيون. پاڻي برف بڻجي ويندو آهي. اسان ته کير جي ڪلفي به فرج ۾ جمائيندا آهيون ! “

پرسان ئي مڪسي رکي هئي. راميشور جون جگياسو اکيون جڏهن اُن تي کپيون ته ڦلوا کيس ٻڌايو- ”اها مڪسي آهي، راميشور. ان مان انب نارنگيءَ، انگور، گجر، ۽ ٽماٽي جو رس ڪڍندا آهيون . سڪل مصالحا به اک جي سرمي وانگر مٺدي جهڙا پيسجي ويندا آهن. “

ڦلوا راميشور کي ساڻ وٺي هاڻي ڊرائينگ روم ۾ اچي ويئي هئي. ڪيس ڊرائينگ روم ڇوڻ ڪونہ ايندو هو. هوءِ ان کي بئنڪ چوندي هئي. جيئن ڳوٺ ۾ چوندا آهن . ڳوٺ ۾ مهمانن ۽ آئي وئي لاءِ ٺيندي آهي بيٺڪ. ڊرائينگ روم ۾ صوفا سيٽ پيو هو. وچ ۾ گرينائيٽ پٿر جو ٺهيل سينٽرل ٽيبل پيو هو. اسٽول تي فون رکيل هئي. ڀتين تي ڪاٺ جون ٺهيل مورتون ٽنگيل هيون. ٽنهي پاسي وارين ڀتين ۾ ٺي الماڙيون هيون. اُنهن تي ڪاچ جا فريم لڳل هئا ۽ اُنهن ۾ طرح طرح جون ڪشش ڪندڙ مورتون رکيل هيون . آمهون سامهون پينٽنگ جا پوسٽر چنبڙيل هئا. فرش تي قيمتي مخملي غاليچو وڇايل هو. ڦلوا چيو- ”راميشور، هيءُ پنهنجي بئنڪ آهي.“ هن صوفا ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس چيو- ”ويهہ راميشور.“

راميشور جڏهن صوفا تي ويٺو هو تہ ڇهہ انچ هيٺ هليو ويو هو. دکن کان لهسايل ڦلوا جي بدن تي ڦوڦيندا پئجي ويا هئا. اڄ هوءَ هيڏي وڏي گهر ۾ سکن سان ٻنل ويٺي هئي. ڪيس ماضي ياد اچي ويو هو. ڦلوا جي ڪکائين جهوپڙيءَ جي ڇپر ۾ گاهہ ٿورو هوندو هو. سڄ سڄو ڏينهن هن جي گهر ۾ رهندو هو. برسات ٻاهر بہ وسندي هئي تہ گهر ۾ بہ وسندي هئي.ٻاڻي ڪڍندي ڪڍندي هن جا هٿ سور ڪرڻ لڳندا هئا. بي درد ٽڏ ڏينهن رات گهر ۾ گهڙي ويٺي هوندي هئي. ڦلوا عينڪ سرڪائي ڊرائنگ روم تي نظر اڇلي. هن جو من ڀرجي آيو هو. هن آگرين سان اکيون اگ هي راميشور کان پڇيو- ”راميشور، گهڻا ٻار آهن توکي؟“

راميشور ٻڌايو - ”مونکي ٽي ڇوڪريون ۽ ٻہ ڇوڪرا آهن. هاڻي تہ وڏي ڇوڪري کي بہ پٽ ڄائو آهي، ڦلوا.“

ڦلوا سوچڻ لڳي تہ ڏينهن ٻن ۾ جڏهن راميشور ڳوٺ ويندو تہ هوءَ سندس ڳوٺڙيءَ ۾ رانديڪا رکائي ڇڏيندي. اهڙا رانديڪا پيا آهن جو ڇاٻي ڀرينديءَ ئي ڊکڻ لڳندا آهن، ڳالهائيندا آهن . ڳوٺ وارا انهن کي ڊڪندو ڏسندا تہ چوندا ڦلوا موڪليا آهن . ٻارن جي هڪ بگي بہ پئي آهي، ڪباڙي ۾. اُها بہ راميشور کي ڏيندي .پوٽو راند ڪندس .

صوفي تي ويٺل راميشور هر هر ڀڙڪي رهيو هو. ڇڻ هن جي هيٺان ڪجهہ ڏُکي رهيو هو. هن سڪل چپن تي زبان ڦيري هئيءَ ڪيسي مان

قلوا راميشور کي جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي. ان وڏي ڪمري ۾ ٻه پنکا هئا. ڪولر هو. ٻه پلنگ پيا هئا. ڪولر کولي هن راميشور کي چيو- ”مان ته ڪڏهن ڪڏهن ئي هلائيندي آهيان، هن کي. سرير لڳ لڳ ٿي ويندو آهي.“ ڪولر بند ڪري ڇڏيو هو قلوا.

قلوا جي ڳالهه ٻڌي راميشور ٽپي باهه ٿي ويو. سندس وس هلي ها ته هن جو منهن پٽي ها. کھڙيون سيون ٿي چيائي قلوا جي سگهي. ٻنيءَ ۾ ته گاهه مٿان ليٽي ننڊ ڪري وٺندي هئي، اڄ ڪولر سان بدن ۾ لڳ لڳ ٿي ٿئيس. قلوا جڏهن راميشور کي ڏکو ڏنو ته هن چرڪ ڀريو. هوءَ کيس مهمانن واري ڪمري ۾ وٺي ويئي.ڪمري جي شان شوڪت ڏسي راميشور جي رڳ رڳ سڙي ويئي. اهو ڪمرو ڇا هو، وڏو هال هو. ان ۾ ٻه ڊبل بيڊ پلنگ هئا. جن تي من موهيندڙ چادرون ۽ گاديلا وڇايل هئا. اهڙا من موهيندڙ جو آگر لڳي ته ميرا ٿي وڃن. هڪ پاسي ڪلر ٽي وي رکي هئي. اسٽڊي ٽيبل هو. ٻه ٽي ڪرسيون پيون هيون. اندر باٿ روم هو. قلوا چيو، ”راميشور، رات جو تون هتي سمهندين. هيءَ ڪلر ٽي. وي. آهي. وٺيئي ته هلائجانءِ.“

قلوا جي گهر ۾ بيشمار شيون هيون، جيڪي قيمتي به هيون ۽ نراليون به. هوءَ اهي سڀ شيون اڄ ئي ڪونه ٻڌائيندي راميشور کي. هوءَ کيس هڪ ٻه ڏينهن هتي ئي ٽڪائيندي . شهر به ڏيکاري ايندي ، ڪار ۾ وهاري. هوءَ ڇت جي ڏاڪڻ وٽ اچي ويئي هئي. هن راميشور کي چيو- ”راميشور، اڄ ڇت تي ٿا هلون.“

هوءَ ڏاکو ڏاکو چڙهندي ڇت تي پهچي ويئي هئي. قلوا وساري ويٺي هئي ته سندس ٻڍو سرير آهي ۽ گهڻو هلڻ چلڻ سان پنين ۾ سور ٿو ٿئيس. چار سؤ چورس والن جي گهر جي ڇت هئي. راميشور اکيون ڇنڀڻ لڳو. هيءَ ڇت ته ڪانهي، ميدان آهي. هن جي حويليءَ جو جيترو اڱڻ، قلوا جي گهر جي اوتري ڇت. راميشور مٿو پٽيو. وقت وقت جي ٻلهاري آهي. برسات جي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن واڇوڙ لڳو هو. قلوا جو ڪکائون ڇپر اُڏامي پکڙجي ويو هو. تڏهن هن پاڻ گاهه جا پنجاهه پولا ڳڻي کيس ڏنا هئا ته ڇپر ٺاهي ڇڏي.

ڪُنور پاڻيءَ جا ٻه گلاس ڀرين رکي ويئي. هوءَ ڪافي، برفي، نمڪين ۽ ڪنئر جا لڏون کڻي آئي هئي. ٿوري دير ويهي هن قلوا جي ٻئي ڪنهن حڪم جو انتظار ڪيو ۽ پوءِ موٽي ويئي. ڪنور کي ڏسي راميشور قلوا سان مخاطب ٿيو- ”ننهن آهي تنهنجي؟“

قلوا ٻڌايو- ”نه راميشور ، ننهن ڪانهي. نوڪرياڻي آهي اسانجي. ڪُنور نالو آهي سندس.“ اسان ته اڄ تائين ويچاريءَ کان پڇيو ڪونهي، ڪهڙي ذات جي آهي. پاڻ ئي چوندي آهي راجپوت آهيان. ڳوٺ ۾ ڇليهه ڦاڪون آهن. شهر ۾ به ئي ذاتيون ٿين امير ۽ غريب. هڪ ڏينهن ڪنور اڪين ۾ ڳوڙها ڀري گيٽ جي سامهون سڏڪي رهي هئي. جڏهن مان اتي ويس ته هوءَ منهنجي پيرن تي ڪري پيئي. هن جا سڏڪا بندئي ڪونه ٿي ٿيا. چوڻ لڳي ”امان، دکايل آهيان، بيک ڪانه ڀننديس. مونکي نوڪرياڻي ڪري رک.“

قلوا اکين تان چشمو لاهي هٿ ۾ رکيو . چوڻ لڳي- ”راميشور، ديا اچي ويئي مونکي ۽ مون هن کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو پنجن ڇهن سالن جو ڇوڪرو به آهي هن سان گڏ اڄ ان جي تبيعت ٺيڪ ڪونهي. اندرسمهيو پيو آهي.“

قلوا دک ڀريئي گلي سان ڪنگهڪار ڪندي چيو- ”ماڻهو ڪيڏا بي درد ٿيندا آهن، راميشور. ڪُنور اڻ پڙهيل آهي. هن جو پڙهيل ڳڙهيل مڙس آفيسر ٿيو ته ڪُنورهن جي دل تان لهي ويئي. هن ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ سان ٻي شادي ڪري ڇڏي. ويچاري ڪُنور نه ڪورٽ جاڻي ۽ نه ٻي ڳالهه. “

قلوا اکين تي چشمو پائي ڇڏيو ۽ هڪ آهه ڀري- ”عورت جو وشواس ڏس- ڪُنور روز سينڌ ۾ سنڌر وجهندي آهي ۽ روز روئندي آهي. هاڻي ته ڪُنور منهنجي ڌيءَ جهڙي آهي راميشور.“

راميشور شرم ۽ شرمساريءَ سبب اندر دهڪندو ويو هو. ”هيڏي وڏي ذات جي عورت، قلوا جهڙي ذات واريءَ جي گهر نوڪرياڻي ۽ اهو به ان قلوا جي گهر ۾ جيڪا خود بي سواد زندگي جيئندي هئي. ٻئي ئي پل هن پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيل ڇپ پاڻ سرڪائي ڇڏي. ڏڪئي وقت ۾ ماڻهو

بيڙي ماچيس ڪڍيو هو. بيڙي ٻاري هن تيلي غاليچي مٿان اڇلي ڇڏي. ۽ ان مٿان پنهنجو جوتو رکي ڇڏيو هو. هن بيڙي ڇڪي اڌ اُتي ئي اڇلي ڇڏيو هو. ڪيس خبر هئي تہ ڇڪيل بيڙي، بيڙي سگريٽ تيلي ٽيبل تي رکيل ائش ٽري ۾ وجهبي آهي، ليڪن هن ساڻ ڪان ائين ڪيو هو. قلوا ڪان ڇرڪ نڪري ويو- ”راميشور، بيڙي دکي پئي. ڪٿي غاليچو نہ سڙي ويو هجي.“

راميشور ڪنڌ لوڏيو- ”نہ قلوا ٻاپي، جوتي سان رڳڙيو آهي مون ان کي .“

قلوا اُٿي اُهو اڌ ڪٿي ائش ٽري ۾ وجهي ڇڏيو هو. چوڻ لڳي- ”سٺو نٿو لڳي.“

قلوا سڏ ڪيو- ”ڪُنور.“

پنجويهن ڇويهن سالن جي هڪ عورت اتي اچي بيهي رهي هئي. سندس بدن پريل هو. رنگ سانورو هو. منهن تي وڏي ماتا جا داغ اوس هئا. پر وهندڙ پاڻيءَ وانگر صاف هئا .هن جي ڳاڙهي ساڙهيءَ تي ساوا ٻڙا هئا . هوءَ ساڙهيءَ جو پلاند مٿي تي سرڪائي قلوا ڏانهن نهارڻ لڳي هئي. قلوا ان کي چيو- ”ڪُنور، ٻہ سئيون ڪافيون ٺاهجانءِ، برفي، نمڪين ۽ ڪنئر جا لڏون گڏ ڪٿي اچجانءِ.“

ڪُنور موٽي ويئي. راميشور پٽڪو لاهي مٿو کنهيوتہ ڪئين ڏينهن کان اڻ ڌوتل وارن مان ههڙو (Dandriff) اڏامڻ لڳو هو. هن وري پٽڪو مٿي تي رکي ڇڏيو هو. هوءُ تري تائين گنڀير ٿيندو پئي ويو. قلوا چالاڪ نڪتي. هن سخت ڪشت سٺا پر راڌا موهن جي هٿ مان ڪتاب هلڻ ڪونہ ڏنو، ورنہ هن جي هٽن ۾ اسانجو هرهجي ها اڄ .

قلوا فون جو رسيور کنيو ۽ نمبر گهمائي چوڻ لڳي- ”هيلو. ڪير؟ راڌا موهن؟“

”ها، امان.“

”پٽ، ڳوٺان راميشور آيو آهي. ٿورو جلدي گهر اچجانءِ.“ قلوا رسيور رکي ڇڏيو هو.

راميشور جا پرون تاڻجي ويا هئا، ”چريٽ قلوا، ايتري سيائي ٿي ويئي آهي. فون بہ ڪري ٿي وجي.“

سنتيءَ راميشوَر کي نمسڪار ڪيو. هوءَ ٿوري دير ويٺي رهي ۽ پوءِ هلي ويئي. راميشوَر ڏند ڪرٽڻ لڳو هو. هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. هوُ تہ سوچي ويٺو هو، قلوا جي نوڪري وال ڪن جي گھونگھٽ ۾ اچي ڪيس پيري پوندي. هوءَ تہ اِئين آئي جڻ ڳوٺ جي ڪا ڇوري هجي. نہ آدر نہ مان. جيڪڏهن اهڙي بيهودگي ڳوٺ ۾ ڪئي هجيس ها تہ سندس چوٽو پٽيان ها ۽ ....

قلوا راميشوَر جي ڳالهہ سمجھي ويئي- ”راميشوَر، پڙهيل ڳڙهيل ميم صاحب آهي. هن کي ڪونہ ايندو آهي منهن ڍڪڻ.“ قلوا هلڪي کل کلندي چيو، ”پاڻن واري بہ آهي. وهانءُ ٿيس ۽ راڌا موهن سان شهر ۾ اچي ويئي. تنهنجي گھر کي تہ هن ڏٺو بہ ڪونهي.“

راميشوَر اُٿي کڙو ٿيو هو، ”قلوا، پنڊت جو پلاٽ نمبر تہ ٻڌاءِ. مان پاڻهي هليو ٿو وڃان.“

قلوا اُٿي ۽ الماڙيءَ مان فولڊنگ ڇٽي کڻي آئي. ڇٽي کڻي ۾ ڏيائي هوءَ چوڻ لڳي- ”نہ راميشوَر، سٺو ڪونہ ٿو لڳي، مان ڇڏي ايندس توکي.“

گيٽ کان ٻاهر نڪري هوُ ڏهہ پندرهن قدم ئي هليا هوندا جو ڳاڙهي بتيءَ واري هڪ ڪار اچي سندن سامهون بيٺي. قلوا منهن مٿي ڪٽي ڏٺو. راڌا موهن ڪار مان هيٺ لهي رهيو هو. هن جا پير اُٿي ئي بيهي ويا ۽ راميشوَر کي چوڻ لڳي، ”واپس هل، راڌاموهن اچي ويو آهي پهرين اُن سان مل.“

راميشوَر اڳتي قدم وڌائيندي چيو، ”قلوا، ڪڪر پيا ٿا ڳالهائين، برسات ايندي. تون جلدي ڪر.“

اِئين ڪونہ هو تہ هوءَ اڄ بہ راميشوَر کان ڊڄندي هئي يا سندس احسانن سان دٻيل هئي. منجھس مهمانوازيءَ جو ويچار هو ۽ نيڪيءَ کي پڳوان مڃيندي هئي. وري ڪيس پاڻ ڏيکارڻ جو بيحد سٺو موقعو هٿ لڳو هو. قلوا کي ڪاوڙ لڳي پر هن اُها من ۾ ئي دٻائي ڇڏي.

پنڊت ماتا پرساد جو گھر اچي ويو هو. ڏامر جا بہ ڊرم ڪٽائي اُنهن جي چادرن جي گيٽ ٺاهي ويئي هئي. گيٽ ڇا هئي، فقط اڏ هئي. گيٽ

بي سهاري تي ويندو آهي. هڪ وقت ۾ راجا هريشچندر به نيچ ذات جي گهر ۾ پاڻي ڀريو هو.

ڪافي، نمڪين، برفي ۽ لڏون راميشور جي سامهون رکيا هئا. هن جو من هرهر لالچائي رهيو هو. ڪائي ڀي سڀ چٽ ڪري وڃ . ڇا رکيو آهي ذات پات جهڙي ننڍي ڳالهه ۾... هن جو ڌرم آڏو اچي ويو هو.

هن به تي ڏگهاساهه کنيا ۽ پڇيو - ”قلوا، پنڊت ماتا پرساد جو گهر به ته هن ڪالونيءَ ۾ آهي نه ؟“

”ها، ان جو گهر هتان به ٽي گهٽيون اڳتي آهي. تون ڪجهه ڪائي ڀي وٺ.“

راميشور بهانو ٺاهيو- ”ڇا ٻڌايان ڀايي، مون ڪلهه ڏاڻ ڪڍائي هئي. سور ڪان ساهه ٿو نڪري.“

”مون پٽ کي فون ڪئي آهي. هوُ ايندو هوندو. ان سان ملجانءِ. هوُ وڏو آفيسر آهي. ڪو ڪم هجيئي ته بنا حجاب جي کيس ٻڌائجانءِ.“

راميشور جي ڳل تي جڻ ڪا چماٽ لڳي. هن کي وينتي ڪندي قلوا جو منهن وِسوڙيو پيو هوندو هو. اڄ هوُ ان جي پٽ کان پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ جي سفارش ڪرائيندو . اَڙي، ٻڪ پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرندو، راميشوَر سنگهه.

صوفي تي ويٺل راميشوَر هر هر پڙڪڻ تي لڳو، ته قلوا سڏ ڪيو- ”ڪُنوَر.“

ڪُنوَر ڊوڙندي آئي- ”حڪم، امان.“ هوءَ بيهي قلوا کي ڏسڻ لڳي.

”ڪنوار کي ته موڪلجانءِ، راميشوَر سان ملي وڃي.“

سَنتي شهٽي هئي. بدن ڦڙت هوس. گلابي رنگ جو سوٽ هن جي بدن تي خوب لهڪي رهيو هو. هن جي هٿن ۾ ڪنگڻ، ڪنن ۾ سونا ٽاپس، ڳچيءَ ۾ سونو منگل سوتر هو. هن جي وارن ۾ سونيون ڪلپون ٽنبيل هيون. ڇليهن سٺيهن جي عمر ۾ به پنجويهن جي ٿي لڳي هوءَ.

قلوا، راميشوَر سان سندس سڃاڻپ ڪرائي- ”ڪنوار، هيءُ راميشوَر آهي، اَسانجي ڳوٺ جو زميندار.“

هن تاڪيد ڪئي، ”ڏس ڦولونتي، تو ئي هڪ ڏينهن چيو هو نہ، تہ تون مونکان هڪ سال وڏي آهين. جڏهن وڏي آهين تہ پيرانڏيءَ وٽ ويهي مونکي پاپ لڳائيندينءَ ڇا؟“

راميشوَر پنڪو لاهي مٿو کنهيو ۽ وري مٿي تي پنڪو رکي ڇڏيو. راميشوَر، جڻ ڪُن ۾ ڦاٿل ڪَکُ. پرتي پيرانڏيءَ وٽ، ڦلوا سيرانڏيءَ وٽ. پريم ۽ ويراڳ جي وچ ۾ ساڙ ۽ ايرکا جي جلن پئدا ڪري رهيا هئا، جئن اڌ پڪل ڦٽ ۾ رت ۽ روڳ.

پرتيءَ جي پوني تي ڪوپ چانهن ڪٺي آئي هئي. هن اِسٽول تي ٿري رکي ۽ موٽي وئي. بڪ کان بي حال راميشور ڪوپ کڻي ورتو ۽ ڊڪ ڊڪ ڪري پيئڻ لڳو. ڦلوا ڪوپ کنيو ۽ پرتيءَ جي ڪوپ ۾ اوتڻ لڳي، ”ڏينهن ۾ ڏهہ چانهيون ٿي ٽيون وڃن، پرتي!“ ۽ هوءَ پئي ڪلي ڪلي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون رهيون. راميشوَر چپ چاپ سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيو. جڻ ٻن ٻارن جي راند ڏسندو هجي.

ڦلوا ڪوپ رکي ڇڏيو ۽ اٿندي پنهنجي چٽي سنڀالي. راميشور کي چيائين، ”راميشوَر، صبوح جو گهر اچي وڃجانءِ. ايتري ۾ تنهنجي ڏاٽ جو سوُر بہ لهي ويندو. سڄي گيهہ جو سيرو ٺهرائيندس، ڪُنوَر کان!“

پرتيءَ بہ ٽي پيرا ڪٽ تي ڏڪ هٽي ڦلوا کي اِشارو ڪري ڇڏيو هو. ڦلوا گد گد ٿي چيو، ”پرتي، پونيءَ کي مون سان گڏ موڪلي ڏي. ڇڏي ايندي مونکي.“

راميشوَر پنهنجي ڪرسي پرتيءَ جي ويجهو سرڪائي ڇڏي. هن نمرتا سان وشواس ڀرئي آواز ۾ چيو، ”ڏاڏي، ڳوٺ ۾ ڇا رکيو آهي؟ مئڃ ۾ آهيو هتي.“

”ها، ٺيڪ آهيان.“

”ڏاڏي، ڏاڏو نظر ڪونہ ٿو اچي؟“

”ٻہ سال ٿيا هن کي گذرئي.“ پرتيءَ جون اکيون ڀرجي آيون هيون. هوءَ پئي ڪجهہ دير تائين هيٺ نهاريندا رهيا. جڻ دک ۾ ٻڏي ويا هئا.

پرسان ڪاڪوس هودي نهيل هئا. ڪاڪوس جي دروازي مٿان ڳوڻ جو پردو لڙڪيل هو. هوديءَ ۾ فرش ڪونه هو. ٻه ڪمرا هئا. انهن سان گڏوگڏ هڪ گئريج هئي. گئلري ۾ رنڌڻو هو. رنڌڻي ۾ ٿورائي ٻاسڻ هئا. پنڊت ماتا پرساد جي پوڻي وڻين جي اِسٽوپ تي اُتي ڦلڪا پچائي رهي هئي.

ڦلوا جو گهر ڏسي جتي راميشوَر جون اکيون ڦاٽي ويون هيون ۽ ساڙ ۾ سڙي رهيو هو. پنڊت جو گهر ڏسي سندس اکيون عجب ۾ ڦاٽي ويون هيون. اِهو عجب دک ۾ بدلجي ويو. پنڊت ماتا پرساد جي وڏوا زال ۽ ڦلوا جي وچ ۾ ڳوٽ ۾ پلي ڪٽي ڪيتريون ٻه دوريون هيون. هڪ ٻئي کي هٿ لائڻ کان ٻه پري پڇنديون هيون، پر شهر ۾ اچي ٻئي گڏ ويهي ماني کائڻ لڳيون هيون. هن جي گهر تي ٻه ڦلوا پنهنجي گهر جهڙو حق سمجهندي هئي.

پنڊت جي زال پرتيءَ جو سڄو گهر ڏسي هوءَ راميشوَر کي هڪ ڪمري ۾ وٺي آئي هئي. ڪمري ۾ چار ڪٽون، ٻه ڪرسيون ۽ هڪ اِسٽول پيو هو. ڦلوا ڪٽ تي ويهي رهي ۽ ڪرسيءَ ڏانهن اِشارو ڪندي چيائين، ”ويهه راميشور.“

پرتي ۽ اُن جي نونهن ۽ پوٽي ٻاهر ويل هيون. اُهي موٽي آيون ته مڙد جي ڪنگهڪار ٻڌي پرتي ڪمري ۾ هلي آئي. هن جي ننهن ۽ پوٽي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويون هيون. راميشوَر جون اکيون پرتيءَ کي ڏسنديون ئي رهيون. اُن جي چيلهه تير ڪمان وانگر مڙي ويئي هئي. ان جا پورا گهنڊيدار وار اَڇا ۽ مٽيءَ هاٿا ٿي ويا هئا. اُن جي پيرن تي ٻه اَڇاڻ هئي. اَڇي بلائوز ۽ اڇي ساڙهيءَ ۾ مبلوُس اَڇاڻ جو پتلو لڳي رهي هئي هوءَ. راميشوَر اُٿيو ۽ اُن کي پيري پيو ، ”ڏاڏي مان آهيان راميشوَر. اوهان جو پوٽو.“

”هون، ها...!“ هن چشمي اندر اکيون چنيون.

”ڪونه سڃاتوَ؟ زميندار بلڪار سنگهه جو پٽ راميشوَر. “

پرتيءَ هڪ دکدائي آهه ڀري، ”اوهه! راميشوَر.“

هوءَ ڏهن ٻارهن سالن ڪانپوءِ هن سان ملي رهي هئي. راميشور کي ڏسي ٿورو چرڪي. ڦلوا کي ڏسي گد گد ٿي. هفتي ڪانپوءِ ملي هئس.

ڦلوا سندس پيرانديءَ وٽ وهڻ لاءِ سرڪي. پرتيءَ هٿ پڪڙي کيس سيرانديءَ کان وهاري ڇڏيو. هوءَ کيس ڦلوا نه پر ڦولونتي چوندي هئي.

ٻرتي چنتا ۾ هئي. ڇوڪرو ٻاهر ٽوڙ تي ويو هو. ٻه ڪمرا آهن. ٻنهي جي وچ ۾ ڀت آهي. ليڪن در تي پردو ڦيل آهي. پردو ته شرم ڏيندو آهي. اڏ ڪونه هوندو آهي. ننهن جوان آهي. جوان ڇوڪريون آهن. زميندار ۽ جانور جو ڪهڙو ڀروسو. اُن جي نيت ڪڏهن خراب ٿي وڃي. هن ڇشمو پاتو ۽ اُڱندي چيو، ”راميشوَر، ٿڪل هوندين تون. هنڌ وڇائي ڇڏيو آهي تنهنجو. اچ، مون سان گڏ.“

ڪٽ تي وڇايل هنڌ ڏسي راميشوَر جي تن من کي باهه لڳي ويئي هئي. هيءَ ته اُهو ئي هنڌ هو جيڪو قلوا جي هڪ ڪمري ۾ پيو هو. راميشوَر مجبوريءَ ۾ ٻڌل ساهه کنيو، ٻي ذات جي ڳالهه، مينهن، ٻڪري جڏهن ٻانيڻ جي گهر ۾ ايندي آهي ته ٻانيڻياڻي ٻڻجي ويندي آهي. رات ڪٽ، راميشوَر.

هڪ ڪنڊ ۾ ٻڪري بيٺي هئي. در وٽ ڪتو ٻڌل هو.ٻرتي ڪتي جي ڇئن کي هڪ ڳنڍ ٻڌندي ڇوڻ لڳي، ”راميشوَر، ڪتو بيمار آهي. ڪنگهندو ضرور. اندريون ڪڙو ڏيئي ڇپ چاپ سمهي پئه، تون ته.“

ٻڪريءَ جي ڦولهڙين ۽ پيشاب سان سموري ڳيرڀج ۾ بدبوءِ هئي. ڪتي جي ڪئوُن ڪئوُن الڳ. راميشوَر کان ننڊ ڪوهه پري ڀڄي ويئي. هن اکيون بند ڪري رکيون هيون، پاسا بدلائيندو رهيو پر ڪيس ننڊ ڪانه ٿي آئي.

اوچتو ڪتي جي ڪنگهه وڌي ويئي هئي ۽ هوُ اُلٽيون ڪرڻ لڳو هو. بدبوءِ کان راميشوَر جون ناسون بند ٿيڻ لڳيون. دل ڪچي ٿيڻ لڳي هئي. هوُ ڪٽ تي اُٿي ويهي رهيو. هن بتي ٻاري واچ ڏٺي. پوڻا ٻارهن ٿيا هئا. پنهنجي بئگ کڻي هوُ ٻاهر نڪري آيو هو.

آڪاس ۾ ڪنوَڻ ڪڇي رهي هئي ۽ ڦڙيون وسڻ لڳيون هيون. سندس قدم پاڻمرادو قلوا جي گهر ڏانهن وڌڻ لڳا هئا.

□□□

پرتيءَ اڪيون اُکھي ڪانئس پڇيو، ”ڪنھن ڪم سان آيو آھين ڇا راميشوَر تون؟“

راميشوَر پرتيءَ کي زور ڏيڻ لاءِ ھٿ وڏايا تہ ھن پنھنجون ٽنگون ھٽائي ڇڏيون. ھوءَ لڇي ٿي چوڻ لڳي، ”ڏاڏي، تنھنجو پوٽو آھي نہ ديپ سنگھہ اُن پنج ڇھہ سال پھرين مئٽرڪ پاس ڪئي ھئي، ھاڻي رلندو ٿو وتي.“

ھن ٿورو بيھي وري چيو، ”ڏاڏي، سؤ جريب زمين ھئي منھنجي پيءَ جي نالي. اسان پنھنجن پاڻرن ۾ ويھہ ويھہ جريب ورھائجي ويئي. زميندار رھيو ڪونہ. ديپ سنگھہ کي ڪنھن نوڪريءَ ۾ لڳارائي ڇڏ.“

پرتيءَ چشمو لاھي کٽ تي رکي ڇڏيو ۽ ڇنڇھيون اکيون ڇنڀڻ لڳي، ”ڦولونتيءَ جي گھر ويو ھيئن تون؟“

راميشوَر سڪل ٽُڪ ڳيٺي، ”ڏاڏي، ڦلوا سوني ٿي پوي. رھندي تہ ان ذات جي. مون تہ ان جي گھر جو پاڻي بہ ڪونہ پيتو. ڌرم ناس ڪرڻ کان مرڻ ڀلو سمجھندو آھي راميشوَر سنگھہ.“

پرتيءَ کيس ڇڙٻيو، ”تون تہ کوھہ جو ڏيڏر ٿي رھئين راميسريا. ھاڻي تہ عھدي ۽ پئسي جو زمانو آھي. ذات پات جو ڪونھي. ڦولونتيءَ جو راڏاموھن ننڍو آفيسر ڪونھي. ايس.پي. آھي ايس.پي. ھڪ ڳالھہ چوان توکي، وڃي ميم صاحب جا چرن پڪڙ ۽ تيستائين نہ ڇڏجانءِ جيستائين ميم صاحب ھا نہ ڪري.“

پرتيءَ ٿڌو ساھہ کنيو، ”چرن ڇھان ڪنوار جا. منھنجي پٽ کي ان ئي تہ زندگي ڏني آھي.“

راميشوَر جي سرير تي ڄڻ ڪنھن تيزاب ھاري ڇڏيو ھو. جنھن عورت کي ھوءَ دروپديءَ وانگر بي آبروءَ ڪرڻ جي سوچي رھيو ھو، ان جا وڃي چرن پڪڙي. پرتي ڳالھہ چئي وئي. ھي ڪا ھجي ھا تہ اُن جي نڙيءَ تي ننھن رکي ڇڏي ھا.

پرتيءَ جي پوڻي ٿالھي ڪٽي آئي ھئي. پرتيءَ جي ڳالھہ تان راميشوَر جو من اُھڙو لڱل ھو جو پٽاڻن جي سڪل ياڇي ۽ مڪيل ڦلڪا بہ پيٽ پري ڪونہ ڪائي سگھيو ھو.

لڙي پيئي هئي. هن جي من ۾ ڦي آيو ته ٻڪريءَ سان چنبڙي وڃي، ان کي ٻاڻ سان گڏ سمهاري. ماڻهو ڪتن ٻلين کي ٻاڻ سان گڏ سمهاريندا آهن. هيءَ ته ٻڪري آهي. کير ڏيندي. هوءَ ٻڪريءَ کي ڪڏن ڪٻن ۾ وجڻ کان بچائڻ لڳي. ڳوٺ جي جبل تي چڙهڻ کان روڪڻ لڳي. پيٽ سان آهي. ڪٿي ڪا هينئين مٿين ڳالهه نه ٿي وڃي .

چلهه ۾ چيٽا ٻري رهيا هئا. هيٺ ٻاه هئي مٿي دونهون هو. چلهه سامهون ويٺل دلپت ٻاه تي هٿ سيڪي رهيو هو. دلپت جي پيٽ ۾ ٻک جاڳي. هو اٿيو. ڇڪي ۾ ٻاجهريءَ جون سڪل روٽيون پيئون هيون . هن ٻه روٽيون ڪڍيون. هڪ پنهنجي لاءِ ٻي ڏرم ڪليءَ لاءِ . دلپت چمٽو ڪٺي هڪ ٻريل چيٽو ڪڍيو ۽ ان تي هڪ روٽي ڪوسي ڪرڻ لاءِ رکي ڇڏي. جڏهن روٽي ڪوسي ٿي ڪڙڪٽي ٿي ويئي ته هو ان کي چٻاڙڻ لڳو. واهه ! ٻاجهريءَ جي ٻاسي روٽي گرم ٿيڻ تي کهڙي نه سوادي ٿي ٿي وڃي . هن ٻي روٽي گرم ڪري ڏرم ڪليءَ جي هٿ ۾ ڏني هئي.

ٻڪري ٻيڪڻ لڳي. ٻڪري چار ڏينهن اڳ ويائي هئي . ٻه ڦر ڄڻيا هئائين، هڪ نر هڪ مادا . نر اڇيسرو ڪارو هو، مادا اڇيسري ڪاري هئي. دلپت ٻيڪيندڙ ٻڪريءَ کي چلهه وٽان ئي پڇڪاريو . هائو، هائو ڪئي، هوءَ ٻي سبب ڇو پيئي ٻيڪي؟

هو اڃا هينئر چارو ڏيئي آيو آهي ڪيس. ٻڪريءَ ماٺ ڪونه ٿي ڪئي. ٻيڙا ٻريل ٻيڪ سان سندس نڙي سڪي رهي هئي. ڏرم ڪلي ڪٽ تي ويٺي هئي. سوڙ ويڙهي. هن دلپت کي ٿورو چڙ ٻيندي چيو، ”اي، وڃي ڏس ته سهين، ويچاريءَ جي نڙي گهنجي ويئي آهي ٻيڪڻ سان.“ دلپت جي منهن ۾ گراهي هئي. هٿ ۾ روٽيءَ جو ٽڪر هو. هو پنهنجي ڪمبل کي سنڀاليندو ٻئي ڇپر ڏانهن ٻڪيو . ڪوهيڙي جي اونده ۾ ڪيس نه ٻڪري نظر آئي، نه ٻڪريءَ جا ٻئي ڦر. هن ڪيسي مان ماچيس ڪڍي تيلي ٻاري ۽ ڇمنيءَ جي وٽ ٻاري. ٻڪريءَ جا ٻئي ڦر غائب هئا. هوءَ چنتا وچان چوڪس ٿي هيڏي هوڏي نهاري رهي هئي . اهي ٻئي ڦر گهرن ۾ لينگ ٽپا ڏيندي ٽڪبا ڪونه هئا. ڪڏهن رستي ڏانهن ٻوڙندا ويندا هئا. ڪڏهن ڇلانگون ماريندا هئا. وري گهر اچي ويندا هئا. ڪڏهن ڪنهن جي

ٻڪريءَ جا ٻه ڦر

ٿڌ ڀري جنوريءَ جي آمد. بند آسمان، بيٺل ڏرتي، ڊنل ماحول، گهاٽو ڪوهيڙو . ڪوهيڙي جي اڇي چادر سڄي ڳوٺ کي ڍڪي ڇڏيو هو جڻ سيڙهه جو به مٺو ڏڪائڻ واري ٿڌ کان ٿڙڪندڙ ماڻهو. ماڻهو ڀاسون ڀاسين ته ڪوهيڙو وٽڙي ۽ هو پنهنجي ڪم ڏنڌي تي هليا وڃن. ليڪن ڪوهيڙي ته ڪوبرا نانگ وانگر پنهنجو ڦڻ ڪڍي رکيو آهي. نو وڄي ويا هئا، پر سورج نارائڻ جو ڪٿي پارڇتو ڪونه ٿي لڌو، جڻ اڄ ڳوٺ ۾ اچڻ ٿي وسري ويو هوس. ڳوٺ کان ڪجهه قدم پري روڊ هو. روڊ تان لنگهندڙ واهڻ پنهنجون بتيون ٻاري رکيون هيون. رفتار گهٽائي ڇڏي هئي.

هيڏانهن دلپت جو ڪچو گهر هو. هوڏانهن دانسنگهه جي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ حويلي هئي. وچ ۾ سڄي ڳوٺ جو رستو هو. رستو دلپت ۽ دانسنگهه کي جوڙيندو هو. رستو ٻنهي کي الڳ به ڪندو هو. ٻنهي جا دروازا سامهون هئا. ٻنهي جا چبوترا آمهون سامهون .دانسنگهه جو پڪو چبوترو، دلپت جو ڪچو چبوترو .

دلپت هاري هو .سندس ٻه پٽ هئا، رامسنگهه ۽ سمپت. رامسنگهه فوج ۾آهي. سمپت فريدآباد جي هڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو آهي. اڄ ٻئي گهر ڪونه آهن. مهينو کن اڳ جي ڳالهه آهي. فوجي رامسنگهه جو مني آرڊر آيو هو. دلپت پئسا سنڀالي ڪيسي ۾ رکڻ لڳو ته ان جي زال ڏرم ڪليءَ سندس ڪلهي کي پنهنجائپ وچان ٿيلهو ڏئي چيو هو، ”اي، سنسان گهر، ڀوتن جو واس. مينهن رکڻ جي همت نه رهي، هڪ ٻڪري ئي ڪٺي ولي اچ. من به وندريو رهندو ۽ گهر به ڀريو رهندو.“

دلپت جڻ ڏرم ڪليءَ جي منهن جي ڳالهه ڪٺي ورتي .هو پاڻ به ڪيترن ڏينهن کان انهيءَ مونجهاري ۾ هو. دلپت ٻه ٽي ڏينهن ڳوٺ ۾ گهميو، ۽ هڪ ڍڪي ٻڪري ولي آيو. ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ کي ملائي لهيل ٻڪري. ڀريل سرير واري سهڻي سٺوپري ٻڪري. ٻڪري ڏسي ڏرم ڪليءَ

من ۾ رچي آيو هو. اکين ۾ ٻاٽي ترڻ لڳو هوس. آخرين ملاقات جي احساس ڪري هوءَ ڦرن کي چٽيندي رهي. مڙدا ڦر ڏسي ڌرم ڪليءَ جون اکيون ڦاٽي ويون ۽ وهڻ لڳيون ، مريئم جي مورتيءَ وانگر.

دلپت جو قد ننڍو هو. پر بدن جانٺو هو. چهري جا گهنج گهرا ٿيڻ لڳا هئا. چمڙيءَ تي ٻڍاپي ڪڙو ڪڙڪايو هو. مٿي تي اڇاڻ هئي. هو جذباتي هو. سندس اکين ۾ آلاڻ ايندي ويرم ڪانه لڳندي هئي . هن اکيون اُگهي همٿ ٻڌي . هن حادثي کي وٺي هو دانسنگهه جي حويليءَ ۾ هليو ويو هو. دانسنگهه پلنگ تي ويٺو حڪو ڇڪي رهيو هو. دلپت رام رام ڪئي ۽ همٿ ٻڌي چيو، ”سائين ، ڌرمپال تمام وڏي غلطي ڪري ڇڏي آهي، اڄ.“

”ڌرمپال کان؟ غلطي؟“ هن وات جو دونهون ٻاهر ڪڍي دلپت ڏي نهاريو.

”ها، سائين“ دلپت پيرانڌي کان ويٺل ڌرمپال مٿان شوخ نظر وڌي ۽ دانسنگهه ڏانهن ڏٺو ته هو ضرور ان ڪني ڪم لاءِ ڌرمپال کي زوردار دڀ ڪيندو. ٿلهي متاري سرير واري دانسنگهه کي حڪو ڇڪڻ جي موروثي علت هئي.

حڪي جي دونهين سان سندس اڇي ٿِيندڙ مڇن جا ڪنارا پيلا ٿي ويا هئا. هن مڇن کي سنواريو ۽ من ئي من ۾ ڌرمپال کي شاباسي ڏني. هن مس کو زميدارانو ڪم ڪيو آهي .دلپت کان هن پڇيو ”دلپتيا، ڪهڙي غلطي ڪئي آهي.“ ڌرمپال سنگهه؟

”چار ڏينهن اڳ منهنجي ٻڪري ويامي هئي. ان جا ٻئي ڦر ماري ڇڏيا آهن، هن.“ دلپت جي جهڙ دل ڦاٽي پيئي هئي.

”هاڻي جا کپي توکي ؟ ڏهه ويهه روپيا؟“ دانسنگهه جي آواز ۾ آڪڙ هئي.

”نه نه روپيه ڪونه کپن مونکي- بس، توهان ڌرمپال کي چنڊ ڪيو، اڳتي اهڙي غلطي نه ڪري.“

”چنڊ ڪيان ، ڌرمپال کي؟ جهڙ تنهنجون مينهيون ماري ڇڏيون اٿائين. ٻڪري ۽ رڍ کي اسان جيو ڪونه مڃيندا آهيون . سمجهيئه؟“

گهر ۾ گهڙي ويندا هئا، ڪڏهن ڪنهن جي، ڏرم ڪلي هارن وانگر ڪلندي، ٺهڪ ڏيندي هئي. ڪين پڪڙڻ لاءِ سندن پٺيان ڊوڙندي ۽ سهڪندي رهندي هئي. جڏهن هٿ ۾ ايندا هئس ته هنج ۾ کڻي دڙڪا ڏيندي هين. ”ڦڪائي ڇڏيو اٿو مونکي.“ ڦر مين مين ڪندا سندس هنج جي قيد مان نڪرڻ لاءِ ڦٿڪندا هئا.

هوا لڳڻ سان ٿڌ وڌي ويئي هئي . ليڪن ڏنڌ گهلجڻ لڳو هو. دلپت پنهنجي چبوتري تي ويٺي رهيو ۽ دانسنگهه جي حويليءَ جي اڳڻ طرف آسا پريل نظر ڊوڙائي. ڦر اوڏانهن ته ڪونه هليا ويا آهن . دانسنگهه جو سڪيلڏو پٽ هو، ڏرمپال. قد بندرو، بدن ٿلهليل، مٿو ٻاهر نڪتل، نڪ اندر پيهيل. جڏهن هو چيڙي پائي ويهندو هو، هن جي سٿرن مان ڪتو نڪري ايندو هو، دانسنگهه ۽ سندس زال ٻئي جاڻندا ۽ ڏکيا هئا. رنگ سهڻو هئن. ڏرمپال اهڙو ٻي ميل. ڳوٽ، ڳوٽ ٿيندو آهي. هوُ پنهنجي دنيا ۾ خود جيئندو آهي. ڏرمپال ڪي وٺي ڳوٽ ۾ آئي ڏينهن ڳالهيون پيدا ٿي ويندڙيون هيون . ڏرمپال هيئن ڏرمپال هونئن.

ڏرمپال پنهنجي ٻن هٿن ۾ ٻه تنبيون ڪنيو دلپت ڏانهن وڌندو پئي آيو.اهي ٻڪريءَ جا ٻئي ڦر هئا. هن اهي ڦر دلپت جي گهر جي سامهون رکي ڇڏيا .هوُ واپس وڃڻ لڳو ته دلپت ان کي ٽوڪيو، ”هي ڪهڙو انڌير آهي ڏرمپال؟“

انڌير ڇا جو آهي؟ گهڙي گهڙيءَ حويلي ۾ گهڙي ايندا هئا. مون ٻنهي کي ماري ڇڏيو. ”ڏرمپال جي آواز ۾ڪاوڙ پريل خنڪي هئي.“

”وياڪل ڏرمڪلي پنهنجي ڏيءَ سمان ٻڪري ۽ جي ٻيڪ ٻڌي ان وٽ اچي ويٺي هئي ۽ ڪيس آئت ڏيڻ لڳي.“ ڏس، ڪيئن ٿي مرين ممتا ۾ا ڪيڏانهن ويندا تنهنجو لاڏلو -لاڏلي. هو اڇو تو هنج ۾کڻي اچين تو وٽ. پوءِ وڙهندي وتجانءِ انهن سان. ها....

پتر وانگر ٻئي مئل ڦر ڏسي دلپت ڏکي ويو. ساهه نه اندر ٿي ويس نه ٻاهر ٿي نڪتس . ڪنبندڙهٿن سان هن ڦر ڪنيا ۽ ٻڪريءَ آڏو آڻي رکيا. دلپت مونن ۾ منهن وجهي اوڪڙو ويهي رهيو . مئل ڦر ڏسي ٻڪريءَ جو

پٽ تي ڊوڙي سگھان ٿو. ڪڏھن چوندو ھو تہ مان ٻيم آھيان . جراسنڌ کي جنگھن کان ڦاڙي ٻہ اڌ ڪري سگھان ٿو.''

ان جي باوجود نائين درجي تائين اسڪول ويل شرمچند شرمسار ھو.ھو لانگوٽيءَ جو سچو ۽ سماج جو رھبر ھو. ھو ڪنھن مظلوم جي پيڙا، درد ۽ ضرورت ٻڌجي پوندو ھو. منجھس پنجاھہ خاميون ھيون، ليڪن ھڪ خوبي ھئي. ھو ڏينھن جو دارونءَ کي ھٿ بہ ڪونہ لڳائيندوھو. شرمچند جي ھڪ اک ٽيڏي ھئي. اھا اک بنا ڪنھن حڪم جي جڏھن تڏھن بند ٿي ويندي ھئي.

ٻڪريءَ جا مئل ڦر ڏسي ھن دک ڀري آھہ ڀري، ''دلپت ڀائو، تنھنجي ٻڪريءَ جي ڦرن کي بہ ڳھي ويو دشٽ سيءُ. رات منھنجا بہ ٽي رڍ جا ٻچا اجل جو شڪار ٿي ويا.''

دلپت چٺ پنھنجو جوتن سان ڏڪيل مٿو مٿي ڪنيو، ''نہ شرمچند، سيءَ کان ڪونہ مئا آھن منھنجا ڦر. دانسنگھہ جي ڏرمپال ھنن کي لٺيون ھڻي ماري وڌو آھي.'' دلپت اٿيو ۽ جاري ۾ رکيل ڏيئي کي ڦوڪ ڏني.

''چو؟'' شرمچند کي ڏڏڪو رسيو. چئن ڏينھن جا معصوم ڦر ڇا جاڻن دلپت جو گھر ۽ ڇا جاڻن دانسنگھہ جي حويلي. ٽينگ ٽپا ڏيندا رستو پار ڪري دانسنگھہ جي حويليءَ ۾ ھليا ويا . دلپت چٺ رنو ڪي رنو.

''دانسنگھہ کي ٻڌائڻ وڃين ھا ڏرمپال جو ڪرتوت.''

دلپت سمورو واقعو شرمچند کي ٻڌايو ، دانسنگھہ جو پاڪنڊ تہ ''اسان ٻڪريءَ ۽ رڍ کي جيو ڪونہ مڃيندا آھيون.'' ٻڌي شرمچند اندر ئي اندر ٺھڪڻ لڳو. جيئن جبل جو لائو ٺھڪندو آھي. ھن جو چھرو ڳاڙھوٽي ويو. ھن جي ويڪري نرڙ تي پگھر جون ڦڙيون چمڪيون ۽ ٽڏ سبب اتي ئي دفن ٿي ويئون. چوڻ لڳو، ''دلپت، مان حويليءَ ۾ وڃي ڪيس ٻہ اڌ ڪري سگھان ٿو چاھي.....! ليڪن مونکي، دانسنگھہ کي مارڻو آھي.'' ھن ڊگھو ساھہ ڪنيو ۽ چوڻ لڳو، ''دلپت ڳالھہ مڃيندي منھنجي؟''

''ھاءُ آھين منھنجو چئہ .....''

دانسنگهه جون مڇون ۽ چپ ڦڙڪڻ لڳا هئا.

دانسنگهه جي ڳالهه دلپت کي گارجهڙي لڳي. ٿلهڙي آواز ۾ فقط ايترو چئي سگهيو، ”ليڪن، سائين..“

”وڏيڪ ڳالهائڻ نه. ته توکي به .....“ دانسنگهه ڪلهي ۾ ٽنگيل بندوق ڏانهن نهاريو .

ٻه مهنا اڳ جي ڳالهه. دانسنگهه پنهنجي چبوتري تي ويٺو بندوق جي صفائي ڪري رهيو هو. بندوق جي نالي دلپت جي گهر ڏانهن هئي. دانسنگهه جو روز روز بندوق صاف ڪرڻ، ۽ بندوق جي نالي هن جي گهر ڏانهن هجڻ، دلپت کي نه وڻيو. هن جو پٽ جنهن ڏينهن کان فوج ۾ ڀرتي ٿيو آهي، هن جي همٿ وڌي ويئي آهي . دلپت اندران لٺ کڻي آيو . هو پنهنجي چبوتري تي ويهي رهيو ۽ لٺ جي سرن تي ٽامي جا مڻيا لڳائڻ لڳو هو. ان ڏينهن کان پوءِ دانسنگهه بندوق صاف ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. ها، سندس اکيون ضرور ٻريون هيون. آخر بدلو دکڻ لڳو هو.

دلپت ٻڪريءَ جي واڙي ۾ اچي ويٺو هو. اڳ وانگر. هاٿي هو وڏيڪ ڳؤرو ۽ وياڪل هو. دانسنگهه جي گار، ڌمڪي ۽ طعني زني ڪيس من جي گهرائيءَ تائين ڇيي رهي هئي. هو هن پاسي جو رهيو نه هن پاسي جو. ڇگو ٻلو هو، دانسنگهه وٽ شڪايت کڻي نه وڃي ها ته سنو ٿئي ها. هن دل مظبوط ڪئي ۽ مٺل ڦرن کي کڻي دفنائي اچڻ لاءِ هٿ وڌايا. هڪ ٻه ڇمڙي جي جتيءَ جي آهٽ ڪيس ٻڌڻ ۾ آئي. شرمچند هو، اهو. دلپت جو پيارو دوست. اڄ ڌرم جو ڀاءُ. ذات پات جي پئدا ڪيل ڏاکڻ تي شرمچند ۽ دلپت هڪ ٻه ڏاکو هيٺ مٽي هئا. ڌرم جو ڀاءُ، ڌرم جو ڀاءُ ٿيندو آهي، سڳي ڀاءُ کان وڏيڪ.

شرمچند ڊگهي سگهاري بدن وارو اڌڙوٽ هو. سانورو رنگ. پيٽ ٻاهر نڪتل هوس. ڇهري تي اچي ڪاري ڏاڙهي ۽ وٽيل مڇون. دارون هن تي سوار ٿي ٻوليندو هو. هو داروءَ جو گلاس هٿ ۾ کڻي رستي تي نڪري ايندو هو ۽ ٽنگون ٽيڙي بيهي رهندو هو. بند مٺ پنهنجي ويڪري ڇاتيءَ تي هڻي چوندو هو، ”مان بابر آهيان. مان ٻن جوانن کي ڪڇ ۾ کڻي

هن دلپت ڏانهن نهاريو - ”گهر وڃي ڪپڙا ته بدليان ،مان .تون هنن مٺل ڦرن کي ڪٽي اچ.“

دلپت ۽ ڏرم ڪليءَ پنهنجا پنهنجا پئسا ڳولهڻ شروع ڪيا. هڪ هڪ ٻين ٻين روپين وارن سڪن جي ڍيري ٺهي ويئي. سٺ ڪن روپيہ ٿيندا. دلپت کيسي ۾ رکيل تماڪ جي ننڍڙي ڳوٿري ڇنڊي، ڪن ڪن ڪنڊڙ سڪا ان ۾ رکيا، گنڍ ٻڌي ۽ کيسي ۾ وجهي ڇڏي . هن ڦاٽل ٽٽل پراڻي هڪ ڌوتيءَ کي ٻيٺو ڪيو. ٻئي مٺل ڦر ان ۾ ويڙهي ڳوٿريءَ ۾ رکيا. ڳوٿري کڻي جڏهن دروازي کان نڪتو تہ ڏرم ڪلي ٻڪريءَ سان چنبڙي ماتمي آواز ۾ رئڻ لڳي. ڄڻ ڪنهن جي جوان پٽ جي ارٿي کڻئي وئي هجي. ڏرم ڪليءَ جو روڏن ٻڌي پاڙي وارا ڪنا ٿيڻ لڳا هئا. هڪ هڪ ڄڻو دانسنگهہ ۽ ڏرمپال کي ٿڪون هڻي رهيوهو.

دلپت شرمچند جي گهر پهتو. هو رپورٽ لکي رهيو هو ٺاڪيدار جي نالي. هن دلپت کي چيو- ”تنهنجي ساڄي هٿ جو آڱوٺو، درخواست تي لڳائڻو آهي.“ گڏريل ٻن مهنن کان دلپت ڳوٺ جي بالغ سکيا مرڪز جو شاگرد هو. انهن ٻن مهينن ۾ هو الف بي ۽ ماترائون پلي نہ سکي سگهيو هجي، ليڪن ڪاپيءَ تي پينسل سان هڪ ڏگهي ليڪ پائي هن پنهنجو نالو لکڻ ضرور سکي ڇڏيو هو- ”دلپت پنهنجي صحيح سکڻ کي هو پنهنجي ناچيز زندگيءَ جي سڀ کان وڏي حاصلات سمجهي خوش ٿيندو هو . هن شرمچند کان درخواست ورتي ، صحيح جڳهہ تي ڏگهي ليڪ پاتي ۽ آڏن ڦڏن اکرن ۾ پنهنجو نالو لکي ڇڏيو .”دلپت“

شرمچند خوشيءَ وچان اٺي کڙو ٿيو. دلپت درخواست کيسي ۾ رکي ڇڏي. هوءُ شرمچند جي پنيان هلڻ لڳو. ڏنڊ هلندو پئي ويو . اپرنڊڙ سڄ ائين ٺي لڳو ڄڻ ڪڏ (ننڍي تلاءَ) ۾ ٻڏل هجي.

ڳوٺ جي بس اسٽينڊ تي پپر جو هڪ وڻ هو. ماڻهو جو چوڻ هو تہ وڻ ٻہ سؤ سال پراڻو آهي. ويهن پنجويهن فوٽن جي دائري ۾ وڻ جو ڇليءَ جهڙو ڇاڇو هو، ڳوٺ کي پناهہ ڏيندڙ. گرميءَ جي ڏينهن ۾ ماڻهو سندس ڇانو ۾ مچ ڪليندا هئا. مچ ورهائي کٽندا هئا، تاس راند ڪندا هئا. ٻار گولين راند ڪندا هئا. ساهري ويندڙ ڳوٺ جي نئين پرڻيل ڇوڪريءَ کي

”ڏس دلپت، اسان وٽ نہ زمين جائداد آهي، نہ محل حويليون آهن. نعمت ۽ محنت ئي اسانجي سڀ کان وڏي پونجي آهي. جيڪڏهن اها پونجي بہ لٽجي ويئي تہ اسان فقير ٿي وينداسين.“ ڪاوڙ وچان شرمچند جا چپ ڏڪڻ لڳا ۽ اکيون پورجي ويون.

”مون سمجهيو ڪونہ شرمچند.“

”مان پڇڻ چاهيان ٿو، ڏرمپال تہ چريو آهي، پر مان دانسنگهہ کي احساس ڪرائڻ ٿو چاهيان تہ اسان بہ ماڻهو آهيون هن وانگر. اسان بہ ائين ئي جاوا آهيون، جئن دانسنگهہ. ٿاڻو- عدالت...“

هو چوندو ويو، ”اهي خونيءَ چورون اسانجو رت پي ايترين ٿلهيون ٿي ويون آهن . جو اجهو ڪي ڦاٽيون. اسان محنت ڪش هوندي بہ جيو ڪونہ آهيون. دلپت، هيءُ انهيءَ ڪري وڏا آهن ڇاڪاڻ تہ اسان انهن کي وڏو ٿا سمجهون . جنهن ڏينهن اسان هنن کي ننڍو مڃڻ لڳنداسين، اهي ننڍا ٿي ويندا .ايڏا ننڍا جيڏا اسان چاهينداسين.“

ڏرم ڪليءَ جو قد بندرو هو. سرير سنهو هو. ڪل ملائي گرانٽ جيڏي ان هڏيءَ ۾ اڃ بہ ڪنوارين ڇوڪرين جهڙي چنچلتا هئيءَ جوانن جهڙو روب هو. ماضيءَ جي هوءَ ساراهہ ڪندي رهندي هئي. جڏهن ڪاڪنواري ڇوڪري ڪم کان آر ڪندي يا ناڪار ڪندي هئي تہ ڏرم ڪلي چڙي پوندي هئي ، ”جڏهن مان توهان جي عمر جي هئس تہ ہ مٽڪا مٿي تي، ڇيلهہ تي ڇورو ۽ هٿ ۾ بالٽي کڻي کوهہ کان گهر تائين لڏندي ايندي هئس. “

سندس خود ٿنائي ٻڌي ڇوڪريون هيٺ نهاري کلڻ لڳنديون هيون. يا منهن ۾ پوتيءَ جو پلاند وجهي کسڪي ويندي ون هيون. ڏرم ڪليءَ جي پيرن ۾ وڏا وڏا ڪڙا پيل هئا. ڪراين ۾ ٿلها ڪنگڻ پيل هئا. ٻچيءَ ۾ حس هوس. هن پنهنجي ٺيليهر جهڙي ٻچيءَ مان حس ڇڪي لاٿو ۽ شرمچند ڏانهن وڌايو. چوڻ لڳي، ”ڏرم جو پاڻ آهين. تڏهن سمجهندس، جڏهن پاپي دانسنگهہ کي هٿڪڙي لڳارائين.“

شرمچند چيو، ”شرمچند مڙدار ڪونهي پاپي، جو تنهنجي ٻچيءَ جو حس وڪڻي ايندو . مان دانسنگهہ کي هٿڪڙي لڳارائيندس.“

جان سان جڙي رکيو هو.هن جي منهن تي گاريون هيون ۽ اکين ۾ غصو.

ٺاڪيدار جي ڪمري ۾ گهڙڻ کان پهرين دلپت در ٻاهران ڳوٺڙي رکي آيو هو. ٺاڪيدار ڏسي ورتو هو. هو ٻاهر نڪتو. ٺاڪيدار ڳوٺڙيءَ ۾ ڏنڊو چڀائي پڙڪيو، گڏهه جا پٽ، ڇا هي هن ۾؟

”ٻڪريءَ جا ٻه مئل ٽڪر.“ دلپت چيو.

شرمچند هٿ جوڙي وينتي ڪندي چيو -”ٺاڪيدار صاحب، اسان ثبوت لاءِ هتي کڻي آيا آهيون ، هنن کي صاحب. دانسنگهه هنن کي ڏنڊا هڻي ماري وڌو آهي.“

ٺاڪيدار اکيون ڦوٽاريون - ”دلپت آهين تون؟“

”نه صاحب، شرمچند آهيان ، مان. ڳوٺ جو پئنچ. هن سان گڏ آيو آهيان.“

ٻاڦ ٺاڪيدار جي منهن مان نڪري هوا ۾ ڦهلجي ويئي . ڄڻ ٻيڙي چڪي دونهون ڪڍيو هجائين. ڪڙاڪيدار آواز ۾ چوڻ لڳو، ”بيوقوفو! حرامزادو ! نيچ جا اولادو . هيءَ ٺاڻو آهي. مڙداگهر ڪونهي.“

دلپت ڊپ وچان هيسجي ويو هو. شرمچند جي اندر ۾ ڏڪڻي هوندي به هو ڏيرجه رکي ويٺو هو. هو هڪ هڪ لفظ توري توري ڳالهائي رهيو هو، ”ٺاڪيدار صاحب، اسان غريبن جي ڌن دولت ۽ زمين جائداد اهي ٻڪريون ۽ رڍون ئي هونديون آهن ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ سرڪار جو فرض آهي. اسانجي ايف.آءِ.آر. درج ڪيو، اوهان.“

”اڇا، فرض جو سبق تون مونکي پڙهائي رهيو آهين. ٺاڻي جي گيٽ کان ٻاهر پهچڻ لاءِ مان توهان ٻنهي کي ٻه منٽن جو وقت ڏيان ٿو. ورنا اوهانجي چمڙي اُڌيڙي ڇڏيندس. هليا ٿا اچن، هتي ڄڻ ٺاڻو، عدالت، وندر ورونهن جي جڳهه هجن.“

دلپت ۽ شرمچند جي ڊپ سبب نڙي ويهي ويئي هئي. هو ابتا پير ڪري ولي پيا. هنن هڪ ساهه گيٽ جي اندر کنيوءِ ٻيو گيٽ جي ٻاهر. ٺاڪيدار ٽيبل تي ڏنڊو هڻي ڏڪار وارا ٺهڪ ڏيندو رهيو.

دلپت اڄا ويهارو قدم مس هليو هوندو جو هو سهڪي پيو. هن جاٻڙا پير جواب ڏيئي ويا هئا. هن ڳوٺڙي هيٺ ڦٽي ڪئي ۽ رستي جي پاسي ۾

زالون ايستائين چڙهي ايندڀون هيون، جيستائين ڪا سواري ڪانه ايندي هئي. وڻ هيٺان بيهي گيت ڳائيندڀون رهنديون هيون. برساتي پاڻيءَ جي ڪناءَ سبب وڻ جون وڏيون وڏيون پاڙون ٻاهر نڪري آيون هيون. دلپت ۽ شرمچند وڻ هيٺان انهن پاڙن وٽ ويهي رهيا هئا.

شرمچند ڏائي پاسي نهاريو. مسافرن سان ڀريل هڪ ٽيمپو اچي رهيو هو. هن ٻرندڙ ٻيڙي ريت ۾ دٻائي ڇڏي. دلپت کي هٿ سان ٿيلهو ڏيئي هو اٿي کڙو ٿيو ، ٽيمپو اچي ويو آهي، اٿ. مکين جي ماناري وانگر ڀسانس ڀريل ٽيمپو ڏسي دلپت پنهنجو مٿو ڌوڻيو- ”ولهه پئي ٿي وسي ته به ماڻهن کي گهر ۾ آرام ڪونه ٿو اچي. ڊرائيور ٽيمپو روڪيو . هو ٽيمپو مان هيٺ لٿو. هن دلپت کان ڳوٿري وٺي ٽيمپوءَ جي ڇت تي اڇلي ڇڏي. جڳهه ڪرائي هن دلپت کي ڏائي مددگارڊ تي ۽ شرمچند کي ساڄي مندگارڊ تي بيهاري هدايت ڏني، ”ڇت جو ڏنڊو مضبوطيءَ سان پڪڙجو ڪٿي مري ٻري نه وڃو.“

پٽ پٽ - ڦٽ ڦٽ ڪندو ٽيمپو اڳتي وڌي ويوهو. شهر جي ٽيمپو اسٽينڊ کان صدرڦاٽو پنجاهه کن قدمن جي مفاصلي تي هو. انگريزن جي زماني واري وزندار گيٽ واري هن ڦاٽي کي دلپت شهر ايندي ڏٺو ضرور هو، پر اندر اڄ ٿي وڃي رهيو هو. ڊپ ۽ پيڙا سبب سندس پيرن اڳتي وڌڻ کان نابري ٿي واري. شرمچند هو، جنهن سان ٻڌجي هو اڳتي وڌي رهيو هو.

دلپت کي اچرج لڳو. گيٽ تي بندوق کڻي پهرو ڏيندڙ سپاهيءَ کيس روڪيو ٽوڪيو ڪونه. شرمچند ۽ دلپت ڦاٽيدار جي ڪمري ۾ پهتا. هڪ ماڻهو ڪرسيءَ تي ويٺو هو،ڪ ڪمبل ويڙهي. هنن ٻنهي کي ڏسي هو نانگ وانگر ڦڻا ڦٽ اتان کسڪي ويو هو. ٻڪريءَ جي ڦرن جي موٽ جو ڏک، دانسنگهه جي ڳالهه جو گهاءُ، سيءَ جو مارو، ڦاٽيدار جو رتبو، دلپت پن وانگر ڏڪي رهيو هو. هن لڏندڙ هٿن سان درخواست ڦاٽيدار کي ڏيئي ڇڏي هئي. ڦاٽيدار درخواست وٺي ان تي مٿاڇري نظر وڌي. ان کي ڪچري جي ٽوڪري ۾ وجهي هو اٿي کڙو ٿيو. ڦاٽيدار ڇهن فوٽن وارو ٿلهو اڏڙوٽ هو. هن جي گول مٿول چهري تي مڇن جو ڇڄو ڦهي رهيو هو. مٿو اڌ گنجو هوس ۽ ڪنن وٽ وار اڇا هئس . هن پشم جو خاڪي جنڪيٽ

دلپت نراس وساميل اکين سان شرمچند ڏانهن گهوري نهارڻ لڳو. ڄڻ ڪجهه پڙهندو هجي.

هوُ دلپت کي وٺي رام دلاري جي گهر پهتو. هتي پهچندي پهچندي دلپت پڪي ڏاند وانگر سهڪڻ لڳو هوءِ هن شرمچند جي ڪلهي جو سهارو ورتو هو.

رام دلاري شرمچند جو سالو آهي. صفائي ڪندڙن جي يونين جو صدر. پنهنجو گهر اٿس. دنوي ٺاٺ باٺ اٿس. دلپت ڳوٺري در ڀاهران رکي ڇڏي . رام دلارو بندرو آهي. بدن ڀريل ۽ جانٺو اٿس . هوُ ڪاري رنگ جو ٽيهارو سالن جو عقلمند جوان آهي. ڳالهين ڪرڻ ۾ مزيدار ۽ روبدار . علائقي جو داداگير آهي. ڪاوڙجي ته رڇ وانگر سرير پٽي ڇڏي. بدحواسن وانگر مٺيون ڀيڪوڙي ٽيبل تي هڻي ۽ رتو رت ٿي وڃي، هن جي ڪمري جي ڀتين تي مورتون ٽنگيل آهن. هوُ مورتن کي ڏسي ڏسي خوش آهي. هيءَ مورت چوٿين درجي ۾ پڙهڻ واري سندس ڌيءَ توُلڪا ٺاهي آهي.

شرمچند ڀرون سسائي جڏهن پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي ته ان وقت سندس اُها بي سمجهه اک دهڪجي ويئي هئي. رام دلاري هلڪي مرڪ سان هن ڏانهن نهاري رهيو هو. دلپت کي ته هن رام رام ڪرڻ وقت ئي سڃاڻي ورتو هو.

رام دلاري کي شرمچند جون سڀ ڳالهيون روزمره جهڙيون لڳيون، ليڪن دانسنگهه جي اها ڳالهه ته ”اسان ٻڪري ۽ رڍ کي جيئو ڪونه مڃيندا آهيون“ کيس اندر ۾ چيڀي ويئي. سندس چهرو ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو، جيئن چلهه جي باهه سان تئو تپي ڳاڙهو ٿي ويندو آهي.

ڏڪائڻ واري ٿڌ . هن جي نرڙ تي هر هر ٻگهر پيو اچي ۽ هو. ان کي پيو اگهي. هن جا ڏند ڪڙڪڻ لڳا هئا ۽ مٺيون ڀيڪوڙجي ويون. پٽ تي مٺ هڻندي هن ڪڙڪو ڪيو ، ”دشٽ دانسنگهه کي مان خون ڪري ڇڏيندس.“

شرمچند تري سامهون ڪري کيس روڪي ڇڏيو ۽ مٺو ڏوٽيو - ”نه، نه، رام دلاري .اسانکي دانسنگهه کي نه پر ان جي اهم کي مارڻو آهي.“

”هوُ نيچ آهي. راڪاس آهي، ڏوٽو آهي.“

وِهي رهيو جڏهن ٻئي ڳالهه واڙي ۾ اچي ويٺي هئي. هو شرم ۽ بي عزتيءَ سبب ڪارو ٿيندو پئي ويو. دانسنگهه جي بدمعاشي، ٺاڪيدار جي بيهودائي. هن جي هڪ ڳل تي چماٽ هئي ۽ ٻئي ڳل تي ٿڪ. هن سموري واقعي لاءِ هو پاڻ کي ڏوهاري ٺهرائي رهيو هو. پهرين غلطي هئي دانسنگهه وٽ وڃڻ. ان کان وڏي غلطي هئي ٺاٺي اچڻ. ڳالهه جو ڳالهوڙو. هن جو اتساهه ۽ امنگ پيڙا جي باهه ۾ سڙي رک جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو هو. دلپت گنجيءَ جي کيسي مان حس ڪڍيو ۽ شرمچند ڏانهن وڌايو، ”وٺ، ٺاڪيدار صاحب، دانسنگهه جي منهن تي هڪ چماٽ هلي هڻ. منهنجي باهه وسامي ويندي.“

” نه دلپت، نه. دانسنگهه جو ماٺهو ٺاٺي ۾ نه ڄاڻ ڪيتري رقم اڇلي ويو آهي. حس وهي ويندو پاڻيءَ جو.“

شرمچند هڪ ڪرڻ لاءِ هليو ويو هو. هوءُ موٽيو ته ٻه ٽي ڪتا دلپت جي پرسان رکيل ڳوٺريءَ کي چڪي رهيا هئا. هن ڪتن کي ڀڄايو ۽ دلپت کي چيائين - ”بلڪل غافل ٿي ويو آهين، دلپت. ڪتا ڳوٺريءَ کي چڪي ڪٽي پيا وڃن ۽ توکي هوش ئي ڪونهي ۽ تنهنجي هيءَ ڏوتي ڪيتري ادڙي ويئي آهي، ٺيڪ ڪري ڇڏ ان کي.“ جيئن گهايل شينهن بي قابو ٿي ويندو آهي. تيئن دلپت اپامي ويو- ”هنن جانورن کي...“

شرمچند جي ڳالهه خراب ٿي ويئي هئي. هن جي زندگيءَ جو اهو پهريون واقعو هو، جڏهن کيس ان حد تائين ذليل ٿيڻو پيو هو. ٺاڪيدارجون ڦوٽاريل اکيون ياد ڪري هن جي بدن جا وار ڪانڊارجي ويا هئا. گهران شينهن بڻجي نڪتو هو، ٻڪريءَ جو ڦر بڻجي ويو، هتي اچي. هن جون اکيون ٻه ٽي پيرا روئڻ هارکيون ٿيون، پرهن ظاهر ٿيڻ نه ڏنو. دلپت ڇا سوچيندو؟ هن جي رهيل کهيل همٿ به ٽٽي پوندي شرمچند، لڄي منهن کڻي ڳوٺ موٽندو ! ڪو ڪوهه تلاءُ ڏسندو هوءُ.

اوچتو سندس ذهن ۾ رام دلاري ياد اچي ويو. هو جڏهن بي عزتي ۽ ذلالت جي کُن مان ٻاهر نڪري آيو هو. اهوئي هاڻي سندس واحد سهارو هو، جنهن مان کيس پنهنجي عزت سنوارڻ جي اميد هئي. هن دلپت جي ڪلهي تي هٿ رکي ان کي ٿيلهو ڏنو. ”جانور آهن دلپت. تنهنجي وس ۾ ڪونه ايندا.“

جي لاءِ گندي ۾ گندي کيڏ کيڏڻ کان بہ ڪونہ مڙندو آهي . هڪ ڳالهہ تي هن تحصيلدار جي در سامهون ڪچري جو ڍير لڳارائي ڇڏيو هو. اڄ پهرين سندس سڪيلڊي پٽ جي ٽين سالگرهہ آهي، پر جيڪڏهن رام دلاري.....

خفا ٿيل ايس پيءَ ٿاڻيدار کي فون ڪئي، ”ايس.ايڇ. او.“

”جي سر.“

”ڪيترا تارا لڳل آهن تنهنجي ورديءَ تي ؟“ ايس پيءَ جي سوال ۾ سڌي ڌمڪي هئي.

ٿاڻيدار وينتيءَ جي آواز ۾ ڏيري ڇيو، ”ٽي آهن ،سر.“

”منهنجي ڳالهہ ٻڌ.“

”جي، سر.“

”ٻن ڪلاڪن جي اندر اندر دانسنگهہ کي هٿڪڙي لڳائي ٿاڻي وٺي اڄ. ورنا مان تنهنجا ٽيئي اسٽار چڪي ٽي ڦيٽ (ڦيتا) لڳائي ڇڏيندس، نڪمو ڪنهن جاءِ جو. ايس پيءَ فون رکي ڇڏيو.

ٿاڻيدار ڇڻ کڏ ۾ وڃي ڪريو هو. ايس پيءَ جي حڪم جي نافرماني معنيٰ سسپينڊ . دانسنگهہ جا پنج هزار روپيہ ؟ ننڍي ڳالهہ. ٿاڻي ۾ پئسو ا گ ڻگا جو پاڻي آهي، ڪڏهن ڪونہ سڪي. نوڪري رهي تہ پئسا خوب.

پان جي ٽڪ، نڪ جي گوبي، نڙيءَ جي کانگهاري ۾ ٻڌل دلپت جي درخواست ٿاڻيدار ڪچري جي نوڪريءَ مان ڪڍي ورتي هئي. ان درخواست کي هيڊ مهرر کي ڏيئي، هن ڪيس هدايت ڏني، ”ايف.آءِ .آر. درج ڪئي وڃي.“

ٿاڻيدار ايندو ڏٺائين تہ دانسنگهہ جون واڇون ٽڙي ويون .من چلانگون ڏيڻ لڳس هرڻ وانگر.هن حڪو ڇڏيوہ ٿاڻيدار جي سواگت لاءِ ڊوڙ پاتي. زميداريءَ جو رتبو ،ڌن جو نشو . ٿاڻيدار خود هن سان ملڻ آيو آهي. دانسنگهہ جي ان مهمان نوازيءَ ۾ نمرتا ۽ ڀلمانسائيءَ جو بناوٽي ڏيکاءُ هو. هوُ رشوت جا پئسا پهچائي سوڙ ۾ ستو پيو هو. گڏهہ دلپت! چريو ڪٿي ويو هو ٻڪريءَ جا ٻہ مئل ڦر. دانسنگهہ کي هٿڪڙي لڳارائيندس.

”جيڪو بہ آهي. ڳالھ پاپيءَ جي آهي. دانسنگھ کي هٿڪڙي لڳڻ کپي.“

رام دلاري پنهنجو وارن ڀريو مٿو کنهندي چيو -”جيجاجي ،اوهان جو سامان اندر ڪٽي ٿو اچان. اسانجو ڀمپي چين ٽوڙي رهيو آهي .“

”رهڻ ڏي . ٻڪريءَ جا مٺل ڦر آهن .“ شرمچند سسيو ۽ شرمندگيءَ واري ڪل ڪلي هن سر جهڪائي ڇڏيو هو.

رام دلاري جاري ۾ رکيل پان جي ٻڙي ڪولي ۽ پان منهن ۾ وجهي ڇڏيو . تريون گسائي هو امجدخان وانگر ڊائلاگ چوڻ لڳو، ”تمام سئوا تمام سئو ا تمام سئوا! هاڻي مزو ايندو جيجاجي، مزو. هنن مٺل ڦرن کي مان ايس پيءَ جي ٽيبل تي اڇليندس. چوندس، مسٽر سنگهہ ،ڏسو، ڳوٺ جي زميدارن جي ظلم جو نمونو واھ!واھ!! واھ!!! تمام سئوا!“

هن اکين ڦوٽاريندي ٽيبل تي رکيل فون جو رسيور کنيوهو. ”هيلو، پي. اي، صاحب!“

”نو“

”سنگھ صاحب؟“

”ييس!“ هو ڪڏهن پاڻ فون کڻي ولندو هو.

”رام دلاري عرض ڪري رهيو آهيان، سنگھ صاحب، صفائي ڪندڙن جي يونين جو صدر.“

”چئو.“

”رام دلاري پڪو شاطر هو. هن اِها ڳالھ ٺاهي نکي پنهنجي نيتا گريءَ واري انداز ۾ ايس پيءَ جي ڪن ۾ وجهي ڇڏي هئي.

ايس. پي. پاڻ بہ غريبيءَ ۾ پليو نپنو هو. محنت، ايمانداري ۽ فرض ادائي جڻ سندس سيوڪ هئا. خود داري سندس وسيلو هئي .ڪنهن غريب جي پيڙا ٻڌندي ئي سندس ضمير جاڳي پوندو هو .اج ڳالھ ٻي هئي. سمنڊ کي پلي پنهنجي گهرائيءَ جي جاڻ نہ هجي، هاٿي ۽ کي پنهنجي ازحد طاقت جي خبر نہ هجي. رام دلاري کي پنهنجيسنگٺن جي طاقت جي بخوبي خبر هئي. ايس پيءَ کي خبر هئي تہ رام دلاري پنهنجي ڳالھ

ٻڍي

جيٺ جو مهينو هو. گرم ٻهري هئي. اُلا ڦي وسيا. بدن ڳڳهر ڳهر. ڪپڙا لاهي نپوڙيو تہ ٽپ ٽپ ڦڙا ڪرن. ڳوٺ جي هڪ هڪ گهٽي ويران. ڄڻ ڪرفيو لڳل هجي. واڇوڙا اچن. ڪنهن جي ڪڪائين ڇپرجي ڪُنڊ اُڏامي. ڪنهن جو ٽپرو اُڏامي پري وڃي ڪري.

جان جي دشمن گرمي. گرميءَ جي ماري ڪان بي حال ٻڍي ”ڇُني“. ٻڍي بہ اهڙي جو اِجهو هينئر مئي. ٻڍو بدن، اڪيلي رهائش، ڏينهن شينهن، رات جبل. هر ڏينهن ڪال نظر اچي. ڇُني ڪاغذ پٽ ۾ ئي ڇُني وڃي بچي هئي هاڻي. سموري ڳوٺ جي زبان تي اُها ڇُني هئي.

ٻُڍيءَ پنهنجي اُڏامي ويل جهوپڙيءَ ۾ پڙو وڇائي رکيو هو. ٻڍي چولو لاهي، پڙي مٿان ليٽيل هئي. هوءَ ڏيري ڏيري وڃڻو لوڏي رهي هئي. وڃڻو لوڏڻ وقت سندس ٻانهن جي چمڙي بہ لڏي رهي هئي، ڄڻ هاٿيءَ جا ڪن لڏندا هجن. وڃڻو ٻهندي ئي هن جي سرير مان ٻاهہ جو ٻيڪو ٿي نڪتو. ستر سالن جي ٿي ويئي آهي ڇُني. هن اهڙي گرمي ڪڏهن ڪانہ ڏٺي آهي. بنا پاڻيءَ جي گهڙيءَ گهڙيءَ سندس نڙي سُڪي ٿي وڃي.

”ٻڍي ڇُني- تار.“ ٽپاليءَ جو آواز ٻڌي ٻڍي جوان ڇوڪريءَ وانگر جهٽ اُٿي ڪڙي ٿي. ٽپالي ڪيس تار ڏيئي پوئين پير واپس هليو ويو هو.

ڇُنيءَ وٽ هڪ وڏو آسرو آهي. اُهو ئي سندس ساس آهي. اُها سندس ڌيءَ سريتا آهي. جڏهن بہ هوءَ تڪڙي هوندي آهي. تار موڪلي ڇڏيندي آهي. ٻڍيءَ تار کي اکين تي رکي چمي ڏني. چار ڏينهن پهرين هن پنهنجي بيماريءَ جي چٺي موڪلي هئي. اڄ تار اچي ويئي آهي. اُن ۾ ڪهڙو پيغام آهي؟ ٻڍيءَ چولو پائي لٺ هٿ ۾ کڻي هئي. هيڏو وڏو ڳوٺ آهي پر مڊل اِسڪول جي ماستر کيالچند جو آسرو اَٿس. ٻڍيءَ جو چوڻ آهي، ”ڳالهہ ڳالهہ تي ڳوٺ سندس مذاق ٿو اُڏائي. ڌيءَ ايڏي وڏي گهر ۾ پرڻي آهي جو ماءُ ٻال وانگر ڦيرا پائيندي ٿي وتي.“

ٿاڻيدار اوورڪوٽ جي کيسي مان هٿڪڙي ڪڍي ڇڏي هئي. دانسنگهہ هٿڪڙي ڏٺي. ڦوڪٽو ڦس. ٽڙندڙ چهرو مايوس. موقعو تاڙي هن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪاوڙيل ٿاڻيدار سندس ڪالر پڪڙيو ۽ ٽي چار پيرا ڏونڊاڙيو. گرم لوهہ پاڻيءَ ۾ هرهر وجهڻ سان ٿڌو ٿي ويندو آهي. دانسنگهہ جڻ دانسنگهہ ئي ڪونہ رهيو هو. ٿاڻيدار هن جي هٿ ۾ هٿڪڙي لڳائي ۽ ڪنجي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏي هئي.

دانسنگهہ کي هٿڪڙي. هن جي من ۾ پاڻ تي پڇتاءُ، پاڻ تي ڌڪار ۽ شرمندگيءَ جو چشمو ڦٽي نڪتو هو. پيءُ ڏاڏي کان ورائت ۾ مليل هڪ نالو ائين ٻڏي ويندو، هن سپني ۾ بہ ڪونہ سوچيو هو. ڳوٺ سندس ان اپمان ڀريل گرفتاريءَ جو شاهد آهي. سيتا ماتا ۾ ست هو. ڌرتي ڦاٽي پيئي. هوءَ ان ۾ سمائجي ويئي. دانسنگهہ پاپ جو گهڙو هو. هر روز ڦڙو ڦڙو ٿي ڀرجندو ويو. آخر ڀڄي پيو اڄ.

سڄو ڳوٺ ڀرم ۾ هو تہ دانسنگهہ روبيلي شخصيت آهي. هٿڪڙي لڳندي ئي ماڻهن جون ڏندين آڱريون اچي ويون. ڪوليءَ جيڏو دلپت، نہ ماڻهو، نہ ماڻهوءَ جي جوڻ، هن هاٿيءَ کي ماري وڌو .

دانسنگهہ اکين ۾ تري آيل ڳوڙها اگهيا ۽ ٿاڻيدار کي پيرين پئي وينتي ڪئي، ”ٿاڻيدار صاحب، دلپت جي ٻڪريءَ جا ٻئي ڦر ماريا آهن ڌرمپال. مان کيس بہ مينهون ڏيندس. هٿڪڙي لاهيو.“

ٿاڻيدار جون اکيون ڪِليءَ تي ٽنگيل بندوق تي کُپي ويون. ٻن ڦيڻن وارو حولدار سمجهي ويو هو. هن هٿ وڌائي بندوق پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي هئي.

ٿاڻيدار واڇ ڏني ۽ دانسنگهہ کي وٺي اڳتي وڌي ويو.

□□□

ٻڌر ڏينهن شام تائين مان ضرور پهچي وينديس تو وٽ.“

ٻڍي من ئي من ڏاڍي خوش ٿي. ڏيءَ چاهي، ديوي آهي. سندس ڪک تہ بس هڪ پيرو ئي پري هئي. سدوري ڄڻيائين. جڳ ڏسي رهيو آهي. شادي ٿيندي ئي پٽ، زالن جا ٿي ويندا آهن. ڏيءُ سچي عمر ماءُ پيءُ سان نڀائيندي آهي. ماستر صاحب کان تار وٺندي ٻڍيءَ پنهنجي من جي ڳالهہ پڇي پختي ڪئي، ”ماستر صاحب اڄ ٻڌر ئي آهي، نہ؟“

ماستر صاحب ڦرندڙ پنکي کي پاڻ ڏانهن ٻيهاري چڙيو هو. سندس ڇاتيءَ جا وار ڦر ڦر اُڏامڻ لڳا هئا. چيائين، ”ها، ٻڍي.“

ماستر صاحب جي ڇائنٽ تي ويهي ٻڍي هڪ ٻي ڇنتا ۾ کوهجي ويئي. هن کان وسري ويو هو تہ هن جي هيٺان ڌرتي تئي وانگر تپي رهي هئي. سرير کي پُڇي چڙڻ واري گرمي آهي. اُس ڪانهي ڄڻ باهہ وسي رهي آهي. هن جي من ۾ تہ وَر وَر ڪري هڪ ئي ڳالهہ اُڀري رهي هئي، هن کي پينشن ڇئن ڏينهن کان پوءِ ملندي. گهر ۾ چار پئسا ڪونهن. سريتا پهلي سندس ڏيءَ آهي، پر پرڻي وڏي گهر ۾ آهي. رهندي آهي واٺين هانيڻن کان بہ سهڻي نموني. پائيندي آهي هڪ کان هڪ قيمتي ڪپڙا. سون پائي پيلي ٿي رهي آهي. سنان بہ اهڙي لسي صابڻ سان ڪندي آهي، ڄڻ ڪاچُ چڙهيل هجيس. مڃيو تہ وٽس اَپار ڌن دؤلت آهي، پر اُن کان گهري ان کي ئي تہ ڪونہ ٿو ڪارائي سگهجي؟

ماستر صاحب ٻڍيءَ ڏانهن بہ ٽي پيرا نظرانداز ۽ ڌڪار وارين نظرن سان ڏٺو. ٻڍي اُٿي هلي وڃي تہ سٺو. ڪيس آرام ڪرڻو آهي، پر نٺر ٻڍي ڄڻ ڄمي ويهي رهي هئي. ماستر صاحب ڪٽ تي ليٽي پاسو ورايو ۽ جيهڻي آواز ۾ چيو، ”مر ٻڍي.“

ٻڍي اُٿي. هوءَ ڌڃندي ڌڃندي ماستر جي ڪٽ وٽ اچي ويهي رهي ۽ اِئين ساهہ کڻڻ لڳي ڄڻ سڪل نل ساهہ کڻندو هجي. ٻڍيءَ همٿ ڪري ماستر صاحب جي ٻگهر ۾ ڀڳل ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکي چيو، ”ماستر صاحب!“

ماستر صاحب ڇرڪ ڀري اُٿيو. هوُ تپي باهہ ٿي ويو، ”ڇا هي ٻڍي؟“

ٻڍيءَ جي ڇيله جُهڪيل هئي ۽ هوءَ ڪنهن چوپائي جيان لڳندي هئي. هن ننڍڙو پڙو ۽ ننڍڙو چولو پاتو هو. چانديءَ جيان اڇي. سندس مٿي تي ننڍڙي پوتي رکيل هئي. پيرن ۾ ننڍڙو چمپل هوس. هن جو سرير هوا جهڙو هو. جيڪڏهن ماڻهو همت ٻڌي ته هوءَ قدرت جي ڪنهن به ظلم کي هارائي سگهي ٿو. مٿي تي باهه جي گولي جهڙو سوُرج هو. ريت گرم هئي جنهن تي ٻڍي هلندي پئي ويئي. ڄڻ ڪوئي اهڙي ڪلاڪار ٽانڊن مٿان اگهاڙي پيرين هلندو هجي.

چاونجاهين سال جي ڪناري تي بيٺل ماستر خيالچند جو مٿو گنجو آهي. سندس قد بندرو آهي. سرير وزني آهي. جڏهن هلندو آهي ته سڄو بدن لڏندو اٿس. ڌوتي ڪڙتو پائي هوُ اڄ به پنهنجي سنسڪرتي جي رهيو آهي. هٿ ۾ ڏنڊو رکڻ جو کيس مرض لڳل آهي. اِسڪول ۾ هجي يا رستي تي هجي ڏنڊو سندس هٿ ۾ هوندو آهي. اِهوئي سبب آهي جو ٻار کيس ”چتو سانُ“ چوندا آهن. ڪنجوس به اهڙو جو پونجي وڌائڻ ۾ سندس نظر وياج مٿان وياج تي هوندي آهي. ماستر کي پنهنجي ٽن جوان ڇوڪرين جي چنتا لڳل آهي.

ماستر هينئر مس اِسڪول مان آيو هو. هن پنهنجو ڪڙتو لاهي ڪليءَ تي ٽنگي ڇڏيو هو ۽ ٽيبل فئن چالو ڪري کٽ تي ويٺو هو. ٻڍي ماستر جي در تي اچي بيٺي هئي.

هن لٺ رکي چاتيءَ تي پنهنجي تري رکي ۽ پنهنجو سهڪو روڪڻ جي ڪوشش ڪندي ماستر صاحب کي وينتي ڪئي، ”ماستر صاحب!“

سامهون بيٺل ٻڍيءَ کي ڏسي ماستر صاحب ڏندين آڱر ڏيئي ڇڏي هئي. هن گرميءَ ۾ جنهن ۾ پنکن کولرن به صحيح ڪم ڪونه ٿي ڪيو. هن ٻڍيءَ جي اهڙي همت جو هيڏو پنڌ ڪري آئي آهي. هڪ وار سندس من ۾ آيو ته ان گستاخيءَ لاءِ هوُ ٻڍيءَ کي ٻه چار ڏنڊا وهائي ڪڍي. جيئن شرارتي ٻارن کي مار ڪيندو آهي. ماستر کيس چيو، ”ٻڍي، مرڻو ٿئي ڇا؟ جو هنڙي گرميءَ ۾ آئي آهين.“

ٻڍيءَ چيو، ”ماستر صاحب، تار آئي آهي. پڙهي ٻڌاءِ نه.“

ماستر ٻڍيءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏسي هڪ ساهه کنيو. هن ٻڍيءَ کان تار ورتي. پڙهڻ لڳو، ”اَمان، تنهنجي چٺي ملي. چنتا نه ڪر.

”چيم نه، ايندي. ڪاغذ ۾ لکيل آهي.“

ماستر صاحب من ئي من چوڻ لڳو، ”ٻڌيءَ جي ڏيءَ ئي ته آهي. ڪا انگلنڊ جي مهاراڻي ته ڪانهي ڏيءَ ايندي. منهنجي ڏيءَ ايندي جي رت لڳائي ڏني اٿائين. خود ته ٻڌي آهي، عقل به ٻڌو اٿس.“

جيڪڏهن ٻڌي ماستر صاحب جي دل جي ڳالهه ٻڌي وٺي ها ته هوءَ بنا ڪو لحاظ ڪئي ڪيس دٻ ڪڍي ها. ”ماستر صاحب، منهن سنڀالي رک پنهنجو. هوءَ منهنجي ڏيءَ آهي. وڏي گهر ۾ پرڻيل آهي. هوءَ مهاراڻين جي مهاراڻي آهي. هٿ ۾ شئه کڻي آئي آهيان. اوڏر ڪونه ٿي گهرانءِ.“

ٻڌيءَ پنهنجي رئي سان ڍڪيل ڪٽ جي ٿالهي ڪڍي ماستر ڏانهن وڌائي، ”ماستر صاحب، منهنجي وهانءَ جو دان آهي هيءَ. هن کي رک. منهنجي ڏيءَ ايندي اڄ.“

ماستر صاحب ٿالهي هٿ ۾ ورتي، ”تنهنجي وهانءَ جي آهي ٻڌي؟“ سندس اچرج ۾ پيل پتليون ٻڌيءَ جي اڏول چهري تي ناچ ڪنديون رهيون.

”ها، بس چار ڏينهن ان کي رک. پينسل ملندي ئي ڇڏائي ويندي‌س.“

”رکڻ ڇڏائڻ لاءِ سچو ڳوٺ پيو آهي ٻڌي. جيڪڏهن ڇڏڻي اٿئي ته ڇڏ. سؤ روپيا ڏيانءِ ٿو.“ ماستر جا هٿ ڏيڍ ڪلي واري ڪٽ جي ٿالهيءَ کي تورڻ لڳا هئا. هو اُن کي گهمائي ڦرائي جاچي رهيو هو. ڪنهن جو نالو ته کوٽيل ڪونهي هن تي. پراڻو برتڻ آهي، سخت. ماستر صاحب جي من ۾ خوشيءَ جي ڇڇ لهر اُٿي. ٻڌيءَ جي وهانءَ جي ٿالهي آهي. شپ آهي. ٻڌي اڃا گهڻا سال جيئندي پنهنجي ڏيءَ کي دان ۾ ڏيئي ڇڏيندس اِها.

ٻڌيءَ جو من روئي رهيو هو. ٻڌيءَ جون اکيون روئي رهيون هيون. ٻڌيءَ جي دل روئي رهي هئي. هن جي منهن جي گهنجن ۾ ڄڻ زلزلو اچي ويو هو. هن جي روئڻهارڪي چپن جي ڏکڻي روڪئي ڪانه ٿي رُڪي، ڄڻ هوءَ ڪو وڏو گناهه ڪري رهي هئي. هن پنهنجي اکين کي جيترو ٿي اُکهيو اُهي اوتريون ٿي ڀريون. سٺ سال ڀرين سندس ماءُ خريد ڪئي هئي اِها ٿالهي، ڏيءَ ڄُڻيءَ کي وهانءَ ۾ ڏيڻ لاءِ. ويهه سال اڳ تائين ٻڌيءَ

ٻڍيءَ ماستر صاحب جي ڪاڏيءَ تي پنهنجو لاڏ ڀريل هٿ رکيو ۽ هٿ جوڙي چيو، ”ماستر صاحب، منهنجي ڏيءَ اڄ ايندي.“

”ها ايندي، ڪاغذ ۾ لکيل آهي.“

”هوءَ وڏي گهر ۾ پرڻيل آهي. سندس مڙس آفيسر آهي.“

”تہ پوءِ؟“

”ان کي منهنجي گهر جي تنگي بري لڳندي.“

”تہ پوءِ؟“

”منهنجي پينسل چئن ڏينهن کانپوءِ ملندي.“

”تہ پوءِ؟“

”مونکي سؤ روپيا اُڌارا ڏيو. پينسل ملندي ئي موٽائي ڏيئي ويندس.“

”ٻڍي، مون توکي سؤ پيرا سمجهايو آهي تہ پُٽ ڌيءَ برابر ٿيندا آهن. ڌيءَ وٽ وڃي رهہ. نانگ مايا مٽان ويڙهجي ويٺو رهندو آهي نہ. تون تہ پنهنجي چائنٽ کي ڇڏڻ ئي ڪونہ ٿي چاهين.“ ماستر اُٿي ڪڙتي جي کيسي مان بيڙي ماچيس ڪڍيا.

”پر ماستر صاحب!“ ٻڍيءَ جو گلو وينتيءَ سان ڏکڻ لڳو هو.

”پئسا ٻئسا ڪونهن ٻڍي. هاڻي تون وڃ. پاڻ بہ وڃي آرام ڪر ۽ ٻين کي بہ ڪرڻ ڏي.“ ماستر صاحب بيڙي دُکائي ٻہ ٽي ڌڳها ڌڳها سوٽا هڻي بيڙي ٻاهر اُڇلي ڇڏي. هوُ پاسو ورائي سمهي پيو. ٻاڻهي هلي ويندي ٻڍي.

انڪل پنجين ٻجي ماستر ننڊ مان اُٿيو. ٻڍي هن جي چائٽ تي آس رکي ويٺي هئي. سهج سڀاءَ ماستر صاحب پنهنجو منهن ڌوتو ۽ انگوڇي سان اُگهي ڇڏيو. هوُ کٽ تي ويهي رهيو ۽ شوخ نظرن سان ٻڍيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو، ”مئي ٻڍي، اڃا ڪانہ مئي آهين؟“

ماستر صاحب کي خبر ڪانہ هئي. ٻڍي گهر وڃي وري موٽي آئي آهي. هوءَ پنهنجي جهڪيل چيلهہ تي چيٽا ۽ ڪاٺين جي ڀري ٻڌي گهر ڇڏي آئي هئي.

ٻڍيءَ پنهنجو منهن مٿي ڪيو، ”ماستر صاحب، منهنجي ڌيءَ ايندي اڄ.“

هڪ ننڍي ٻار وانگر تاڙيون وڄائي ٽهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳي هئي، ”منهنجي ڏيءُ ايندي، منهنجي ڏيءُ ايندي.“ ان خوشيءَ وچان سندس وار ڪانڌارجي ويا هئا. هن جون اکيون ڦاٽي ويون هيون. هوءَ پڇتاءُ ۾ ٻڏل هئي. اڙي ستر سالن جي چُني، اڄا ڇهن سالن جي ٻار آهين ڇا، چري؟ گهر کي ڏس. پاڻ کي ڏس. ٻڍيءَ پنهنجو پاڻ کي آئنت ڏنو. ڇا ٿي ويو آهي هنکي؟ جهوپڙيءَ کان حويليءَ تائين در در ڌڪ پکڙيا پيا آهن.

ٻڍيءَ کي ياد آهي. سوا سال ٿيو آهي. هن جي ڌيءَ سريتا ڳوٺ آئي هئي. هوءَ بس اِسٽينڊ تان ڳوٺ اندر ٽانگي ۾ چڙهي گهر آئي هئي. هن سان گڏ نوڪرياڻي هئي. نوڪرياڻيءَ جي هنج ۾ سريتا جو ٻار هو. اُن ڏينهن ٽانگي جي ڦيٿن سان گڏ سندس مشهوريءَ جي هڪ ليڪ سڄي ڳوٺ ۾ ليڪجندي ويئي هئي. جڻ ڪنهن هاريءَ جيٺ ويساک جي تتل ڌرتيءَ مٿان هر هلايو هجي. اُهو شان ٻڍي اڄ ڏينهن تائين ميڙي رهي آهي.

تن ڏينهن ٻڍيءَ جي چيلهه ايتري جهڪيل ڪانه هئي، جيتري اڄ آهي. ٻڍيءَ جي هنج ۾ سندس ڏوهٽو هو. سريتا جي پنيان سندس نوڪرياڻي هئي. سريتا کي پنهنجي هم ڪلاسي ساهيڙيءَ سان ملڻ وڃڻو هو. اُها بہ تن ڏينهن پيڪي آيل هئي. ٻڍي، ڌيءُ ڏوهٽي ۽ نوڪرياڻيءَ سان گڏ ڳوٺ مان لنگهي هئي. سندس رتبو ڏسي ڳوٺ وارن جا هانوَ سڙي ويا هئا. سُنيا ٻانيڻياڻي ڏينهن ۾ بہ پيرا سنان ڪندي آهي. اٺ ڪلاڪ پوڄا ۾ رڌل رهندي آهي. پر سريتا جي اعليٰ شخصيت ۾ ايتري ڪشش هئي جو هڪ پيرو چوڻ تي ٻانيڻياڻي کين پنهنجي حويليءَ ۾ وٺي ويئي هئي. هن پلنگ تي وهاري کين چانهہ بسڪوٽ ڏنو هو. سڄو گهر ڏيکاري هوءَ کين پنهنجي رنڌڻي ۾ وٺي ويئي هئي ۽ ٻڍيءَ جي ڌيءُ کان رنڌڻي کي سليقي سان رکڻ جو طريقو سکي هئي. عهدي ۽ پئسي آڏو ذات جي ڪا اهميت ڪانهي. عزت جي ان سک کي حاصل ڪري ٻڍي گد گد ٿي ويئي هئي. اُها چمڪ ڪيترن ڏينهن تائين سندس اکين ۾ رهي.

موڙ تي ڳوٺ جي مکياڻيءَ جو گهر هو. هوءَ پنهنجي ٻماڙ حويليءَ تي بيلي هئي. ڳوٺ مان لنگهندڙ هڪ خوبصورت ميم صاحب کي ڏسڻ جي چاهہ ۾ هوءَ ڏاکڻ تان لهي پنهنجي چانئٺ تي اچي بيلي هئي. اَڙي،

سندس مڙس ان ڏالهيءَ ۾ گڏ ڪائيندا هئا. مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ هن اُها ڏالهي ڪٽي پاسيري رکي ڇڏي هئي. ڏالهيءَ ۾ ماني ڪائڻ تي من ئي نه ٿيندو هوس. هنجي ماءُ جي، هن جي مڙس جي اِهائي هڪ نڪري ياد رهجي ويئي هئي. جنهن کي هن سهيڙي رکيو هو.

بديءَ اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ مٿي نهاري هٿ جوڙي ڇڏيا هئا. ڇڻ ڏالهيءَ جي وڪري تي پنهنجي مڙس جي مهر لڳائيندي هجي، ”ڪک منهنجي آهي. ڏيءَ تنهنجي آهي. حصو برابر برابر آهي. جڏهن مان تو وٽ اچان، هڪ هڪ ڳالهه جو ليکو پڇجانءِ، پر اِهو نه پڇجانءِ ته ڏالهي ڇو وڪيئه ڇُني.“

سٺ سال پهرين واري ڳالهه ياد ڪري بديءَ جي من جي پردي تي سندس اٻوجهه مڙس جو ٻالو ڀولو چهرو اُڀري آيو هو. سندن شاديءَ ڪانپوءِ جي رات هئي. سهاڳ رات جي رسم هئي. عورتن زال مڙس ٻنهي کي چاٻري ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. ڇُني ڏهن سالن جي هئي. سندس مڙس نانڪ يارهن سالن جو هو. ٻنهي اِنهيءَ ساڳيءَ ڏالهيءَ ۾ سچي گيهه ۾ ٻڏل چوُرمو پيٽ ڀري کاڌو هو ۽ پوءِ منهن تي هٿ ڦيري دير رات تائين راند ڪندا رهيا هئا. جڏهن ٻڪي ٻوڙي ٽڪجي پيا، تڏهن وهانءَ ۾ مليل سٽيءَ جي واڻ واري کٽ تي ٻئي زال مڙس پاسو بدلائي سمهي پيا هئا، جئن ڀاءُ ڀيڻ سمهندا آهن.

ماستر صاحب هڪ ته پرديسي آهي. ٻيو حد درجي جو ڀُڄهڙو آهي. هوُ سندس آبروءَ جو خيال ضرور رکندو. بديءَ مٺ ۾ سؤ روپيا دٻايا. ڇاتيءَ تي پٿر رکيو ۽ چيڻ پريو ساهه ڪٽي هلي ويئي، ”ماستر صاحب وڏو مطلبي آهي.“

پنهنجي گهر جي املهه امانت وڪٽي به بديءَ جي دل ۾ سيتلتا هئي. گرمي اجا به شباب تي هئي. پر بديءَ کي اُڄ به ڪانه ٿي لڳي. بدي آس جي ٻوُڌ تي ترندي پنهنجي گهر اچي ويئي هئي. ڌيءَ جي تار سندس ڪوٺيءَ ۾ هئي ۽ ٻبي سان چنبڙي پيئي هئي. بديءَ هٿ وجهي اُن کي ڪڍيو. کوليو. هوءَ اُن کي اِئين ڏسي رهي هئي ڄڻ آرام سان پڙهندي هجي. هڪدم هن جي هٿ مان تار هيٺ ڪري پيئي هئي. بدي

پٿر نہ هو جڻ جبل هو. ڇُريو بہ ڪونہ ٿي. سامهون هڪ ماڻهو اچي رهيو هو. ٻڍيءَ اُن کي روڪي چيو، ”ڏينوُ پٽ، هن پٿر کي تہ هٽاءِ. رستي تي ٺيڪ ناهي.“

”ٻڍي تنهنجي لاري نڪرڻ واري آهي ڇا؟“ ان ماڻهوءَ پٿر کڻي ٻري اُڇلي ڇڏيو ۽ ٻڍيءَ کي گهوُريندو اڳتي وڌي ويو.

بابوُ خان اڃا هينئر آيو هو. هن ٽانگي تان لهي گهوڙي کي گاهہ کائڻ لاءِ ڇڏي ڏنو هو. هن لونگي پاتي هئي. سندس هٿ ۾ پگهر ۾ شل قميص هئي. هوُ اُن قميص سان ئي سرير کي اُگهي پگهر سڪائي رهيو هو. هوُ عمر جو ٻڍو ڪونہ هو. پنجن ڇوڪرن جي نظر اندازي، بيماريءَ جي مار ۽ ڏکن جي ڇماٽن سندس درگت بڻائي ڇڏي هئي. هن جي ساري ڇاتيءَ جا وار اڃا ڦي ويا هئا. شڪل تي اُس اُڀري رهي هئي. مٿي جا وار اُڏاميل هئا.

بابوُ خان کي آيل ڏسي ٻڍيءَ جون واڇون ٽڙي پيون هيون. هوءَ پنهنجي لٺ ڌرتيءَ تي هڻندي اُتساهہ ڀريل قدمن سان هن وٽ پهتي. بابوُ خان جي پاڙي ۾ هڪ خارس وارو ڪتو هو. هوُ وڻ جي ڇانوَ ۾ پيو هو. هو پنهنجي چيلهہ کنهي رهيو هو. ٻڍيءَ کي ڏسي ڪتي ڀونڪي اُلر ڪئي. بابوءَ خان جهٽ اڳتي وڌيو. هن ڪتي کي لٺ هنئي ۽ ٻڍيءَ جو هٿ جهلي هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. ٻڍو سرير، هيڏي گرمي، ڪتي جي ڀونڪ ٻڍي اُتي ئي ويهي زور زور سان سهڪڻ لڳي هئي. بابوُ خان ڪيس مٽڪي جو ٿڌو پاڻي پياريو. ٻڍيءَ جو من ڏيري ڏيري ٺيڪ ٿي ويو.

لٺ کڻي ٻڍي اُٿي. هوءَ گهوڙي وٽ وڃي ان جي ٻلي ٺپوڙڻ لڳي. بابوُ خان اکيون ڦوٽاري هن ڏانهن ڏٺيو. هن ٻڍيءَ کي ٻڪڙي ٻري هٽايو ۽ تاڪيد ڪئي، ”مئي ٻڍي، هيءَ گهوڙي ڪانهي گهوڙو آهي. گهوڙو مڙدن ۾ مڙد هوندو آهي. لٺ هڻندءِ تہ هتي ئي هڏ گُڏ ڀڃي ڀوندءِ تنهنجا. مونکي ٻڌاءِ ڪهڙو ڪم اٿيئي؟“

ڪاڏيءَ کي ڇُهي وينتي ڪرڻ ٻڍيءَ جي عادت هئي. هن چيو، ”بابوُ پٽ، اڄ منهنجي ڌيءَ ٿي اچي. هوءَ وڏي گهر ۾ پرڻيل آهي. پنڌ ڪانہ هلندي آهي. بس ان کي بس اِسٽينڊ تان منهنجي گهرولي اچڻو آهي.“

”ٻڍي، توکي تہ خبر آهي. ٽانگو لاهڻ ڪانپوءِ مان اُن ڏينهن گهوڙو

هيءَ تہ ٻڍيءَ جي ڌيءَ آهي. مکياڻيءَ ٻڍيءَ کي روڪي هن جي هنج مان ٻار کڻي ورتو هو. هوءَ کيس اِئين پيار ڪرڻ لڳي هئي جڻ ڪو سندس ٻار هجي. هن ٻٽونءَ مان پنج روپيا ڪڍيا ۽ ٻار جي تريءَ ۾ رکي کيس ٻچڪاريو هو. سريتا ٻار ڏانهن شوخ نظرن سان نهاريو هو. ٻن سالن جي ان ٻار اُهو نوٽ مکياڻيءَ کي واپس ڏيئي ڇڏيو هو. هوءَ عجب وچان ڏسندي رهجي ويئي ماءُ ۽ پٽ ٻنهي کي. پنهنجي نرادر جي اِها ڳالهہ سندس دل ۾ اڄ بہ کٽڪندي آهي. ٻڍي جڏهن بہ هن جي سامهون لنگهندي آهي، مکياڻي ٽيڏي نظر سان کيس گهوُريندي آهي. هن رَن جي ڌيءَ اُن ڏينهن سندس عزت لاٿي هئي.

ٻڍيءَ جي ڏوهٽي کي اُن رات بخار ٿي پيو هو. ٻڍيءَ جو چوڻ هو تہ ٻار کي ڳوٺ جي ڪنهن ماڻهوءَ جي نظر لڳي آهي. هن سندس نظر لاهڻ لاءِ لوڻ جو ٽوٽڪو ڪيو هو. هن پيري هوءُ ڏوهٽي کي ڪارو تلڪ لڳائڻ ڪانپوءِ ئي ڳوٺ گهمائڻ وٺي ويندي. اُن ڏينهن سندس مت مارجي ويئي هئي.

ٻڍي سوچي رهي هئي. بس اِسٽئنڊ کان گهر جو مفاصلو هڪ ڪوهہ آهي. سريتا ڪيئن ايندي. ٻار بہ ساڻ اٿس. ضرور ٿڪجي بہ هوندس. نوڪرياڻي نہ آيس تہ هئڙي گرميءَ ۾ ڏاڍي پريشان ٿيندي. جيڪڏهن آيس بہ تہ اُها ڇا ڇا کڻائيندس. ٿي سگهي ٿو تہ کيس ٽانگو يا ٻيو ڪو واهڻ نہ ملي، تہ سندس پيرن ۾ لڦون پئجي وينديون. هن جي گهر جي اڳيان تہ چوويهہ ڪلاڪ ئي ڪار بيٺي هوندي آهي. اڄ گرمي بہ اهڙي آهي جڻ باهہ ٿي وَسي. هوءَ بہ کهڙي بي سمجهہ آهي. بس هڪ رات بخار چڙهيو ۽ ڌيءَ کي چٺي موڪلي ڏنائين.

ٻڍيءَ من ۾ سوچيو. بابوُ خان وٽ ٽانگو آهي. هو روز صبوح جو ڳوٺ مان ڀاڄي کڻي شهر ويندو آهي ۽ شام جو ڇهين بجي تائين گهر موٽي ايندو آهي. سج لهڻ تي آهي. شايد هو اچي ويو هجي. ٻڍيءَ لٺ کنئي ۽ بابو خان جي گهر ڏانهن رواني ٿي ويئي هئي.

رستي ۾ پيپل پٽر کي ڏسي هوءَ هلندي بيهي ويئي هئي. پٽر وزني هو. ٻڍيءَ لٺ اُتي رکي ڇڏي هئي ۽ پٽر کي سرڪائڻ لڳي هئي.

عورت ڏي گهوڙي ٿي نهاريائين. پر جڏهن اُها ٽانگي جي ويجهو ٿي لنگهي ته سندس ڀرم دوڙ ٿي ٿي ويو، جيئن هوا لڳڻ سان ڪکر پکڙجي ويندا آهن.

بس اِسٽينڊ تي بيٺي بيٺي آخري بس به هلي ويئي هئي. ڀڏيءَ جي ڏيءَ ڪانه آئي هئي. اٽئيٽيءَ جي ڏڀ سبب هن من سُسائي ڇڏيو هو. سندس مٿي تي جيترا وار هئا، ان کان وڌيڪ گهريون چنتائون، نراسائون ۽ اُلجهنون سندس من ۽ دماغ ۾ ولوڙا وجهي رهيون هيون. اُنهن جي ڄار ۾ ڀڏي ائين ڦاسي پيئي هئي جيئن گهاٽي ٻيلي ۾ ڪا ڀڏي ڳانءِ ڦاسي وئي هجي.

ڀڏيءَ جي پيڙا ڏسي بابوُ خان جي دل ڀرجي آئي هئي. پنهنجي گوڏ سان اکيون اُگهي چوڻ لڳو، ”ڀڏي، آخري بس به هلي ويئي. ڏيٺهين ڪانه ايندي، گهر هل.“

ڀڏيءَ کي هاڻي محسوس ٿيو هو ته اڄ رت سڪائڻ واري گرمي آهي.

بيرنگ موٽندڙ ڀڏي بي سُڌ ۾ نستي هئي. جڏهن ان ۾ چيتنا موٽي هن پنهنجي ڪوٺيءَ مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي بابوُ خان ڏانهن وڌايو هو. بابوُ خان هٿ سان ناڪارڪئي هئي، ”ڀڏي، تنهنجي ڏيءَ آئي ڪانهي. پئسا ڇا جا؟“

ڀڏيءَ کي لاهڻ لاءِ ٽانگو جڏهن ڀڏيءَ جي گهر طرف مڙيو ته نوڪرياڻي هنج ۾ ٻار کي کڻي بيٺي هئي ۽ ڀڏيءَ جي ڏيءَ سريتا پنهنجي ڪار مان هيٺ لهي رهي هئي.

□□□

وري نہ جوٽيندو آهيان، وڃ.'' ڪُتو جواب ڏيئي بابوُ خان پنهنجي قميص سان ٻگهر کي سڪائڻ ۾ لڳي ويو. هوُ سامهون رستي طرف نهارڻ لڳو.

ٻڍيءَ جو من ڏڪي پيو هو. سندس سڀ اُميدون جڻ ڪنهن مستاني هاٿيءَ چيٿاڙي ڇڏيون هيون. هوءَ بابو خان کان نظر بچائي گهوڙي وٽ پهچي ويئي ۽ گهوڙي جي ڪن ۾ چوڻ لڳي، ''پٽ گهوڙا، منهنجي ڏيءَ ايندي. هوءَ وڏي گهر ۾ پرڻيل آهي. پنڌ ڪانہ هلندي. تون هل تنهنجا ڳڻ ڳائيندس.''

گهوڙو ٻڍيءَ جي ٻاونا کان جذباتي ٿي ويو هو. هن گاهہ کائڻ ڇڏي ڏنو هو. هوُ بابوُ خان طرف منهن ڪري هڻڪار ڪرڻ لڳو هو. جڻ چوندو هجي، ''ٻڍيءَ جي ڏيءُ ايندي. مونکي ڪٺي جوٽ.''

بابوُ خان کي حيرت لڳي. هڪ رات ڳوٺ ۾ ڪنهن کي ضرورت هئي. هن گهوڙي کي گهٽائي ايلاز ڪيا. هن گهوڙي کي جوٽڻ جا گهڻا ئي جتن ڪيا. گهوڙي اِنون هٽڻ شروع ڪري ڇڏيون. وروڌ ۾ ڏند ڏيکارڻ لڳو ۽ ٽانگي کي ڪيرائي هڻڪار ڪري پري ٿي بيٺو هو. اِن ڏينهن بابوُ خان کي پنهنجي مئل گهوڙي ياد اچي ويئي هئي. گهوڙي مادي هئي ان کي ڪيڏي مهل بہ جوٽي سگهندو هو. گهوڙو مڙد آهي. اُهو پنهنجي من جو بادشاهہ ٿيندو آهي. بابوُ خان گهوڙي جي اُن ڏينهن جي شان اڳيان هٿ جوڙي ڇڏيا هئا. اُهو ئي ضدي گهوڙو اڄ سندس ڪنڌ هيٺ ڪرائي ڇڏيندو. اِها ڪيس خبر ئي ڪانہ هئي.

ٽانگي تي ويٺل ٻڍي ڏاڍي خوش هئي. ڌيءُ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ ٻڍي، ٻڍي نہ رهي هئي. ٽانگي تي ويٺي ويٺي هن چيلهہ ڪنهي. هن جي دماغ ۾ هڪ ڳالهہ تري آئي. سندس جهڪيل چيلهہ قدرت جي نعمت آهي. هوءُ پنهنجي ان چوپائي جهڙي سرير کان خوب ڪم وٺندي. پنهنجي ڏوهٽي کي گهوڙي بڻجي خوب مزو ڪرائيندي.

ٽانگو بس اِسٽئنڊ تي اچي بيهي ويو هو. سرحد تي مقرر سپاهيءَ جي نظر بہ ايتري سجاڳ ڪانہ هوندي جيتري ٻڍيءَ جي هئي. هوءَ پنهنجي اکين تي ور ور عينڪ لڳائي رهي هئي. ڪا بس ٿي آئي تہ ان جي هر

”ريت پورا“

هوءَ پنهنجا ڪپڙا سهيڙي خبردار ٿي ويئي هئي، ”اوهانجو نالو ؟“

”رام ديال.“ ٻڍي سهج سڀاءِ چيو.

”ڪٿان جا آهيو؟“

”بلاين جو آهيان ، ٻڍي.“ ٻڍي اڳ وانگر سهج سڀاءِ چيو .

ٻڍيءَ ڏکو ساهه کنيو.

سيٽي وڳي، بس بيني- اسٽينڊ هو. مسافر لٿا چڙهيا. ٻڍي پنهنجو ٿيلهو سيٽ تي رکي سولي ٿي ويٺي هئي. هوءَ ٻڍي کي ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين ائين ايڪاگرچت ٿي ڏسي رهي هئي، جيئن ڪو ٻانهڻ چنيءَ کي ڏسندو آهي.

ٻڍو پنجهٽ کان سترسالن جي وچ جو هو. مٿي تي پٽڪو هوس. پٽڪو ڪيترين جڳهين تان ڦاٽل هو. ان جون ليڙون ڪنهن مهاتما جي جٽائن وانگر لڙڪي رهيون هيون. چتين سان ٻڪيل پراڻو ڏوتي ڪڙتو پاتل هئس. ڪنن ۾ سونيون واليون لٽڪي رهيون هئس . واحد پونجي ملڪيت اهائي هئس. ٻڍي جي عمر سان گڏ سندس ڪنن جا ٽنگ ڇڄندا ٿي ويا. واليون ٽورڙي چڪ سان ڪن ڦاڙي نڪري ٿي سگهيون. ٻڍي جي پيرن ۾ چنل جُتي پئي هئي. هڪ جُتيءَ کي هن اڳٽ جي نوڙيءَ ٽڪر سان ٻڌي رکيو هو. هن جي ٻڌيهيءَ ۾ اوسي پاسي ٻه ڏاڙون ۽ سامهون هڪ ڏند رهجي ويو هو. هو پنهنجو خالي منهن هلائي رهيو هو، جيئن ٻڍو ڏاند اوڳر ڪندو آهي.“

ٻڍي گهبرائجي سسي ويئي . هن جي من ۾ ڊپ به هو. آڪڙ به. هن ٻڍي کان هڪ ڳالهه پڇي - ”اوهان پنهنجن ٻارن ٻچن جي شادي ته ڪرائي ڇڏي هوندي؟ انهن جا به ڇورا ڇوريون ضرور هوندا ؟ سياڻي منهنجي پوٽيءَ جو وهانءُ آهي. “

گهايل اٺ هٽ لڳڻ سان رنيڻ لڳندو آهي. پنهنجي عمر جي عورت کان گهر گرهستيءَ جو سوال ٻڌندي ئي ٻڍي جي اندر جا گهاو ڪرڻ لڳا هئا.

هيڙي اچلي ٻڍي هڪدم چوڻ شروع ڪيو- ”ٻڍي، سؤ پاپين ۾ هڪ پاپي آهيان مان. نرڪ ۾ به جاءِ ڪانه ملندي مونکي. “

اِتفاق

گهوٽن ڏانهن ويندڙ ڪنارا بس ڏک ڏک ڏکا ڏياريندي پنهنجي منزل ڏانهن وڌندي پئي وئي، ٻن مسافرن واري سيٽ تي ٽي ۽ ٽن مسافرن واري سيٽ تي چار مسافر ويٺا هئا. گئلري ٺسا ٺس ڀريل هئي. مڙد بيڙيون ڇڪي رهيا هئا. ڪئين ٻڍين زالن جي چپن وچ ۾ به بيڙيون هيون . هڪ اڌڙوٽ ڀائيءَ سلفي دکائي چڙهي هئي.

ويساک جي گرميءَ جو ڀپڪو. بيڙي سلفيءَ جو ڏڏڪو. ساهه جي اٻس. بس ۾ ساهه ڪڻڻ به ڏکيو هو. بس اسٽينڊ اچي ويو. ڳوٺ هو. گهڻن مسافرن کي اتي ئي لهڻو هو. بس خالي ٿي وئي. هڪ سيٽ تي ٻڍو ٻڍي ويٺا هئا. ٻڍيءَ ٻڍي ڏانهن نهاريو ۽ ٻڍي ٻڍيءَ ڏانهن. ٻڍي بيڙي دکائي. ٻڍيءَ پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيو .

ٻڍيءَ جي عمر سٺ ٻاهٺ سال هئي. سندس قد ڊگهو هو. رنگ سانورو هو. گهڻڃڻ سبب اکيون اندر دٻيل ۽ ڳلن ۾ کڏا هئا. هن کي چولو ۽ پڙو پاتل هو. مٿي تي رئو هوس. ڪنن ۾ سونا جهومڪ ، نڪ ۾ سوني نٿ. هٿن ۾ چانديءَ جا ڪڙا ۽ پيرن ۾ چانديءَ جون ڪڙيون هئس. شخصيت گهر جي آرسي ٿيندي آهي. ڳوٺاڻي ٻڍيءَ جي شڪل تي شاهاڻو تيج هو.

بس جو ڦيٿو کڏي ۾ هليو ويو هو. بس جهوٻو کاڌو. ٻڍيءَ جو مٿو ٻڍي جي ڪنڌ کي وڃي لڳو هو. جيئن تيز هوا ۾ نرم ٽڙ وارو ٻوٽو هيٺ جهڪي ويندو آهي. ٻڍي ٻڍيءَ کي پنهنجي هٿ جو سهارو ڏيندي چيائين، ”ٻڍي رستو لنگهندو پيو وڃي .“

ٻڍيءَ ڇرڪ ڀريو، هن ’بابا‘ لفظ کي پنهنجي من ۾ ئي رکي ڇڏڻ ٿي چاهيو، پر پاڻ مرادو سندس چپ کلي ويا هئا، ”بابا، ڪهڙو ڳوٺ آهي اسانجو؟“ ٻڍي بيڙيءَ جو سوٽو ڪڍي چشمي جي اندر پنهنجون اکيون چنهيون، ”ريت پور .“

ڪي سمڪ ئي ڪانہ رهي تہ هن جوش ۾ ڇا ڪري وڌو هو.

مڙد جي مٿي تان پٽڪو لاهڻ يا منهن مان ٻيڙي ڪيڻ برابر جي بي عزتي ٿيندي آهي. هُو ڪاوڙ وچان وڦلڻ لڳو هو. ٻہ چار ٿڦون لڳائيندس هيءَ کي. نڙيءَ تي ننهن ڏيان چريءَ کي. وڏي ذات جي هجي يا چانديءَ جي ٿالهي. آئي منهنجي آڳو نئي تي. هُن جي ذهن ۾ لڪ لڪ ٿي. سهاڳ رات جو بہ سانوريءَ سندس منهن مان ٻيڙي ڇڪي ڪڍي هئي ۽ اهي ئي اکر چيا هئا. من ۾ شڪ جاڳيس- ”سانوري!“

هيءَ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو، ”نہ.“ هن پنهنجو منهن رئي سان ڍڪي ڇڏيو هو. هُن پاڻ کي دلاسو ڏنو- ڪٿي ويچاري سانوري. هيئن اکين جي پل آهي سڀ. هُو هو، هوءَ هڪ ٻن مهينن کان پوءِ ئي پنهنجا پيڪا ڇڏي ناناڻي هلي ويئي هئي. اڄ پنهنجي پٽ، ننهن ۽ پوٽن پوٽين سان خوش آهي. قسمت جو ماريو تہ رامديال آهي. سڪل وڻ.

سيٽي وڳي. اسٽينڊ آيو . بس بيٺي. هُو خالي هٿين هو، هيءَ وٽ هڪ ننڍڙي هڙ هئي. هڪ ٿيلهو هو. هن هڙ مٽي تي رکي ڇڏي هئي. ٿيلهو هُن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيائين. زوريءَ چيائين، ”هلو اٿو، اسٽينڊ اچي ويو آهي.“

هُن چرڪ ڀريو -”مونکي تہ اڃا پنجاهہ ڪوهہ پري وڃڻو آهي.“

هيءَ ضد ڪيو- ”مان چوان ٿي، اٿو. بس هتي ايتري دير ڪانہ بيهندي آهي.“

هُو پنهنجو هُو ڪنڌ لوڏي ڏڏي ويو- ”نہ! هن ٿيلهو سيٽ تي رکي ڇڏيو. هيءَ ٿيلهو وري هُن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو- ”چوانءَ ٿي، اُٿ، ڳوٺ اچي ويو آهي.“

مسافر ٻڪ ٽڪ هُن هيءَ جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا. لوڪل بس هئي پرائيويٽ. هر روز ايندي ويندي هئي. ڪنڊيڪٽر هيءَ کي بہ سڃاڻيندو هو ۽ سندس پٽ ڪيٽ سنگهہ کي بہ. کيس خبر هئي تہ سياڻي هيءَ جي پوٽيءَ جي شادي آهي. هن اهو سوچي تہ وهانءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ منٿون ايلاز ڪري رهي آهي، هُو فضول ناڪار ڪري رهيو آهي. بس ليٽ ٿي رهي آهي. هُن جو اڳتي جو ڀاڙو واپس ڪري هن هُن کي

ٻڍي نندڙي ڪنگهڪار ڪري چيو. ”پنجيتاليهه سال اڳ جي ڳالهه. منهنجي وهانءَ کي ويهارو ڏينهن ٿيا هئا. گهر واري ڪاري ملي ويئي هئي. ڪاري ڇا سانوري هئي. نيڪ عورت هئي. نالو به چڱو ئي هو ويچاريءَ جو.“

”پوءِ؟“ ٻڍيءَ پڇيو.

ٻڍي پنهنجون اکيون زور سان ٻوٽي ڇڏيون هيون، ڄڻ ڳوڙهن جي اٿلندڙ وهڪري کي پلڪن جي بند سان روڪڻ چاهيندو هجي. ٻڍي اکيون ڇنڀي ڳوڙها ڇنڊيا . چوڻ لڳو- ”ڀاڀي ويرياٽي هئي. چوڻ لڳي تون راجڪمار لڳو پيو آهين ۽ زال تئي جي پٽ جهڙي. چند جهڙي ونءِ ايندي. هن کي ڏڪو ڏيئي ڪڍ .“ ٻڍي ميري ڪپڙي سان ڳوڙها اگهيا.

ڪنڊيڪٽر سيٽي وڄائي ڇڏي هئي. ڳوٺ هو. مسافرلٿا چڙهيا. چڙهندڙ مسافرن جي ڀيڙ ڏسي ٻڍيءَ پنهنجي هڙ به سيٽ تي رکي ڇڏي هئي. بس هلڻ لڳي هئي . ٻڍو چوڻ لڳو - ”پکين جو پنهنجن آکيرن ۾ موٽڻ جو وقت هو. هيڏانهن سانوريءَ مٽڪو آٽي گهڙا منجيءَ تي رکيو هو ۽ هوڏانهن مون ڪيس پنهنجن جوتن سان مارڻ شروع ڪري ڇڏيو.“ ٻڍي ڪان سڏڪا نڪري ويا هئا. مسافرهن جو روئڻ ڏسڻ لڳا هئا. ٻڍو ڀاري گلي سان چوڻ لڳو - ”هوءَ نئين نويلي ڪنوار وهانءَ واري وڳي ۾ هئي، هوءَ ڳانءَ وانگر رنڀي رهي هئي ويچاري. مون هن جي هڪ به نه ٻڌي. ڪيس ٻاهرئين درجي چائنٽ تائين ڏڪا ڏيندو ونءِ ويس ۽ لت هنيم، ڪاري مينهن ڪٿان جي؟ گهر ۾ گهڙينءَ ته سرڏڙ ڪان ڏار ڪري ڇڏيندو سانءَ .“

ٻڍي جي اکين مان ڳوڙها ٽپ ٽپ وسي رهيا هئا. جيئن برسات جي ڏينهن ۾ وڻ جي پنن تان ڦڙا ڪرندا آهن. انهن ڳوڙهن ۾پڇتاءَ، دک، بي عزتي ۽ ڏڪار جي بوءِ هئي . ٻڍي کي دکي ڏسي ٻڍي ميڻ وانگر رجندي ٿي ويئي .

ٻڍي منهن ڦيري ڇڏيو هو. هن ڪيسي مان ٻيڙيون ماچيس ڪڍي هڪ ٻيڙي دکائي ڇڏي هئي. هن اجا ٻيڙيءَ جو هڪ سوٽو ئي هنيو هو جو ٻڍي ۽ هن جي چپن مان ٻيڙي ڇڪي دريءَ مان ٻاهر اڇلي ڇڏي- بند ڪر اهو دونهون. دونهون پي پي سرير کي دونهون بڻائي ڇڏيو اٿئي. گهر هلي حڪو ڇڪجانءِ. آلو دونهون ڦڦڙن تي اثر ڪونه ڪندو آهي، ”ٻڍيءَ

مٿان آهن. جتي پائي ٻڍي ڪيسي ۾ هٿ وڌو. هن هٿ ڪيسي ۾ ئي رکي ڇڏيو. ايڏا پئسا ......! ٻڍيءَ ٻٽون ڪوليو. هوءَ ڪيس جتي پارائي ڪاپڙيءَ جي دڪان تي وٺي ويئي.

ٻڍي جا ميرا ڦاٽل ڪپڙا ڏسي دڪاندار منهن گهنجايو هو. اهڙو ڪنگال. گراهڪ سندس دڪان تي شايد پهريون ڀيرو آيو هو. ٻڍيءَ دڪاندار جومن پڙهي چيو- ”ادا، اندر وٺي وڃي هن کي سندس من پسند ڪپڙا پاراءِ. هڪ هڪ وڳو الڳ الڳ پيڪ ڪجانءِ، ڪڇا گنجيون، قميصون ڏوتيون ۽ پٽڪا.“

ٻڍو دڪان کان ٻاهر اچي ويو هو . بلڪل نهيو لڪيو. هن جي من ۾ ڏڪڻي وڌي ويئي هئي. ٻڍي تہ هن تي ڏاڍي مهربان ٿي ويئي آهي. الائي ڪهڙي ڪم ۾ جو ٿيندي ڪيس.

ٻڍيءَ دڪاندار کي پئسا ڏيئي ڇڏيا هئا. ٻڍي رانديڪو ڪٺي آيل ٻار وانگر ڦونڊ ۾ ڀرجي من ئي من مشڪندي ٻڍي کي ساڻ وٺي گهر طرف وڌندي پئي وئي هڪ اٿاهہ اڇل سان لڏندڙ ڇوليءَ وانگر.

گهر اچي ويو هو . ٻڍي ڏٺو، اڌ جريب زمين تي پکڙيل ٻڍيءَ جو شاهي گهر آهي. مٽي ماڙي آهي. چوديواريءَ جي اندر ٽرئڪٽر بيٺو آهي. ٽرالي جڙيل اٿس. هڪ ڪنڊ ۾ هاٿڻين جيڏيون ٻہ مينهون ٻڌل آهن. وچ ۾ وهانءَ جو ماندو ٽنگيل آهي. مهمان حڪو چڪي رهيا آهن. ٻڍيءَ ٻڍي کي اشارو ڪيو . هو سڌو اچي. ٻڍو هٿ ۾ ٿيلهو کڻي ڪنهن مداريءَ جي باندر وانگر ڊڄندو ڊڄندو اڳتي وڌي رهيو هو. ٻڍي هن کان ٿيلهو وٺي اندر هلي ويئي هئي. گيٽ تي جوتا لاهي ويئي هئي. ٻڍو انهن جي ڀرسان اوڪڙو ويهي رهيو . پنهنجو پاڻ ۾ گم هو ٻڍو.

ٻڍي اندر سامان رکي ٻاهر آئي. ٻڍو عاجز بڻيو ويٺو رهيو. ٻڍيءَ سندس هٿ جهليو ۽ ڏاڪڻ چڙهي ڪيس ماڙيءَ تي وٺي ويئي. سڄو ڪمرو سامان سان سٽيو پيو هو. ڪجهہ وهانءَ جو سامان هو، ڪجهہ گهرجو. ٻڍيءَ پنکو کوليو، ڪولر بہ . ٻڍي کي وهڻ جو اشارو ڪري هن چيو- ”هيءَ تنهنجو پنهنجو ڪمرو آهي. جيئن ڪيئي تيئن اٿ ويهہ . مان آهيان ئي ڪ. جيڪا ضرورت پوي ٻڌائجانءِ. سامهون هودي ڪاڪوس آهي.“

چيو، ”وهاڻ ڪان ٻوءِ هليو وڃجانءِ ڏاڏا.“ ٻڍي ڪي بس مان لاهي هن سيٺي وڃائي، بس هلڻ لڳي.

ٻڍي جي هٿ ۾ ٻڍيءَ جو ٿيلهو هو. هو پڻو پيش ۾ هو. سندس سامهون هڪ اهڙو چؤنڪ آيو هو، جنهن جي ڪنهن به رستي سان سندس ڪو به مطلب ڪونه هو. ٻڍي ساه ڪٽي سوچيو -سڄي عمر سخت محنت ڪري ڪمايم، ڏاند جڏهن ٻڍو ٿيندوآهي ته ان ڪي ٻچيءَ جي نوڙي کولي آزاد ڇڏيو ويندو آهي. جڻ نوڙيءَ جي قيمت سندس سرير ڪان وڏيڪ هجي. اڄ سندس حالت به ان بي سهاري ڏاند جهڙي آهي. پائرن جي ڇوڪرن ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. ننڍي پيڻ جي گهر وڃي رهيو آهي. پر اتي به عزت ملندي؟ جڏهن هيءَ ٻڍي هيڏو ضد ڪري رهي آهي ته به وقت ضرور ماني ڪارائيندي ئي. ٻوءِ پلي ٻنيءَ جي چوڪيداري ڪرائي يا گهر جي.

ڳوٺ وڏو هو. بس اسٽينڊ تي دڪان هئا. وهاڻ آهي، ٻڍيءَ سوچيو مت مائٽ ايندا، ذات برادريءَ وارا ايندا، ملڻ جلڻ وارا ايندا. پئنچپاٽي آهيان مان. پئنچ مڪي ايندا. وزير به ها ڪئي آهي .هن جي ڦاٽل جتيءَ ليڙون ٿيل ڪپڙن ۾ بي عزتي ٿيندي. ٻڍي ڪيس وٺي سڌي موچيءَ جي دڪان تي هلي ويئي.

”اهڙن ڦاٽل جوتن ڪان اگهاڙي پيرين هجين ها ته سٺو هو، بابا سائين.“ ٻڍي جي پيرن ڏانهن نهاري موچيءَ جي منهن مان اڻين ئي ازخود نڪري ويو هو.

ٻڍي ناراض ٿي- ”اڙي پنهنجو ڪم ڪر موچي.“

موچي ڇورو ڇنو هو. ڳوٺ جي رام ليلا ۾ جوڪر نهندو هو. هن هٿ جوڙيا ۽ ڪن پڪڙي اٿ ويهه ڪئي- ”ناراض ٿي ويئي آهي پئنچپاٽي.“ هن پاڻمرادو چيو.

”ڪم ڪر پنهنجو.“

موچيءَ هڪ ڪان هڪ سهڻا جوتا ڪڍي ٻڍي جي پيرن وٽ رکي ڇڏيا هئا. ٻڍيءَ ڏلو . ٻڍي جون گهبرايل نظر ايندڙ اکيون هڪ جتيءَ

چيو، ”پٽ. ڪٿي مان ٿي ويندِيس.“

سوين اکين جي پرواهه نه ڪندي هيءَ ڦل ڪٿي ماڙيءَ تي آئي هئي. هن ڦل حڪي تي رکيو ۽ حڪو هيءَ ڏانهن وڌايو - ”وٺ. حڪو چڪ.“

هيءَ هيءَ جي پرسان ڊبل بيڊ تي ويهي رهي هئي. هوءَ من ۾ ديا جو ويچار پري ڏانهس پنهنجا ئيءَ سان نهاريندي رهي. هن جي من ۾ تيز احساس جاڳيو. هن جي پڙي جي اڳٽ سان ڪنجون هڏل هيون. هن اڻي الماڙي کولي هئي. ٻار، مهمان اچي ته ان هر عمر ٻار جي آڏو پنهنجا رانديڪا ڪڍي ويهي رهندو آهي. هيءَ گهڻ جو باڪس ڪڍي هيءَ جي پرسان پلنگ تي ويهي رهي هئي پلٿي ماري.

هيءَ باڪس کوليو. خوش ٿيندي چيائين- ”ڏس، هيءَ مون پنهنجي پوٽيءَ لاءِ گهه ٺهرايا آهن.“ هوءَ هڪ هڪ گهه ڏيکاريندي چوندي ويئي- ”هي ٻانهن جا ڪنگڻ آهن. هي جهومڪ آهن. هيءَ ڳچيءَ جو هار آهي. هيءَ ٽلڪ آهي. هيءَ منڊي آهي. هيءَ واچ آهي. چين سميت سون جي آهي. سڀ گهه سونا آهن. چانديءَ جو بار ڪيئن پوئيندي منهنجي سڪيلڌي پوٽي!“

هڪ هڪ ڪري هيءَ گهه ڏيکاري رهي هئي. هيءُ اکيون ڪپائي هيءَ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آخر هيءَ هيءَ آهي ڪير؟ هيءَ من کي ماريو. چنڊ جي چانڊو ڪيءَ ۾ به سئيءَ ۾ سڀو وجهڻ واريون اکيون اڄڪلهه ايتريون ڏنڌليون ٿي ويون آهن جو ماڻهو به سڃاڻي نٿيون سگهن.“

هيءَ باڪس الماڙيءَ ۾ رکي ڪلف لڳائي ڇڏيو هو. هوءَ پلنگ تي اچي ويهي رهي هئي. هيءَ جو اهو ڪيل درتي بيٺل سندس ننهن شياما پنهنجين ڪليل اکين سان ڏسي ورتو هو.

هوءَ چاليهن سالن جي سانوري رنگ واري مظبوت قد ڪاٺيءَ واري عورت هئي. ايم. اي. بي. ايڊ. ڇوڪرين جي اسڪول ۾ ماستياڻي. هن جي ڪنن وٽ وارن جون ڇڳون هن جي ڪاڏيءَ تائين لڏي رهيون هيون. انهن ڇڳن ۾ آئي ڏينهن اچيون تارون چمڪڻ لڳنديون هيون. هوءَ انهن اڇن وارن کي ڪفا ٿي جني ڇڏيندي هئي.

شياما منهن ڦيرائي سڏ ڪيو- ”امان.“

چئُ طرف نهاري هيڏي جو من عجب ڪائڻ لڳو هو، ”اهڙو گهر تہ سندس ڳوٺ جي زميندار جو بہ ڪونهي، جنهن وٽ هو ڪهليو هو.“

هيڏي جي من جو خوف اڃا وڌي ويو هو. هن جو بدن ڏڪڻ لڳو هو. کيس لڳي رهيو تہ هيڏي کيس چاڪري ڪرڻ لاءِ ڪونہ وٺي آئي آهي. ڊبل بيڊ پلنگ تي ويهڻ جي کيس همت ڪانہ ٿي ٿي. هيڏيءَ جي ور ور چوڻ ڪري هو ويهي رهيو هو .هيڏيءَ سندس پير مان جوتا لاٿا ۽ سندس پير پلنگ تي رکي ڇڏيا هئا.

ٻاهر پاڻيءَ جون بہ ٽانڪيون هيون. هيڏي صابڻ سان هٿ ڌوئي آئي. ٽپائي تي ڪورو مٽڪو رکيل هو . هيڏي کي اڃ لڳي هئي. سندس نظر مٽڪي ڏي ويئي. هيڏيءَ گلاس ڀري هيڏي طرف وڌايو. هيڏي هٿ ڇڪي ورتو. هيڏي وڏي ذات جي آهي . سندس ڌرم ناس ٿيندو. هيڏيءَ وينتي ڪئي. هيڏي ڪجهليو. هيڏيءَ هٿ پڪڙي گلاس سندس هٿ ۾ ڏنو. هيڏو ٽي گلاس پاڻي پي ويو.

ڪنڌ ۾ حڪو پيو هو. هيڏيءَ ڦل لاهي چيو، ”مان ڦل ناهي ٿي اچان، تون چيلهہ سڌي ڪري وٺ.“ هيڏي در ڀيڪڙي هيٺ لهي ويئي.

گهر جي اڱڻ ۾ ماڻدي جي هڪ ڀاسي چاپري ۾ چلهہ دکي رهي هئي. اتي ڇيٽا پيا هئا. چمٽو رکيو هو، هيڏيءَ چمٽوڪڻي ٽانڊو ڪڍيو. هيڏي ڦل دکائي رهي هئي. مهمان عجب ڀريل نظرن سان هن ڏانهن نهاري رهيا هئا. کيس سندس پٽ کيت سنگهہ ۽ ننهن شياما بہ ڏسي ورتو هو. کين اها ڳالهہ تمام ناگوار لڳي هئي. ليڪن وهانءَ آهي. مٺي بہ ماٺ مٺي بہ ماٺ. سيني جي ڏنڊين آڳريون هيون. جنهن هيڏيءَ کي سڄو ڳوٺ چلم ناهي ڏيندو آهي. چڱا ڀلا حاڪم ۽ آفيسر هن جي پيرن وٽ اچي وهندا آهن. مڪي بہ هن جيصلاح ڪانسواءِ ڪو فيصلو نہ ڪندو آهي. اها اهڙو کهڙو شخص آهي جنهن جي چلم تيار ڪري رهي آهي.

هڪ ڇوڪري هيڏيءَ جي هٿ مان ڦل وٺندي چيو- ”وڏي امان، وهانءَ ۾اسان جو ائين ڪنڌ هيٺ ڪنديں؟“

ڇوڪري ڦل تيار ڪري ڇڏيو هو. هيڏيءَ هن جي هٿ مان ڦل وٺندي

ٻُڌيءَ جي من ۾ ڪلهه تائين جيڪا گهبراهٽ ۽ لڄ هئي اها گهٽ ٿي ويئي هئي. هن اتان ئي رنبي ڪري آرڊر ڏنو- ”ڪنوار، چانهن هڪ ڪوپ بہ ڪوپ آڻجانءِ.“ خفا ٿيل شياما چپ ڦيرائي، ”هون“ چيو ۽ هوءَ چانهن جو ٻيو ڪوپ آڻڻ لاءِ هيٺ لهي ويئي.

برف جون ڇپون رجي وهڻ لڳنديون آهن. شياما اها ڳالهہ ڪتابن ۾ پڙهي آهي. ہر هڪ مقرر گرمي پد (تاپمان) تي جبل بہ رجي ويندا آهن. ان سچائيءَ کي هن اڄ ۽ ڪلهہ پنهنجي اکين سان ڏسي ورتو هو. اها هڪ اهڙي اهم سچائي هئي، جنهن کي مڃڻ ۾ هڪ ٻيرو سچائي بہ. هيڪر ’نہ‘، ڪري ڇڏي تہ عجب ڪونهي.

ٻڍيءَ جو پٽ ڪيتسنگهہ انڪل چوئيتاليهن سالن جي لهندڙ عمر وارو شخص هو. هوُ ڪسرت ڪرڻ جو عادي هو. سندس بدن اڄ بہ ڳيرن جهڙو ٺاٺيل هو. سندس سياءَ ۾ محنت، سيل ۽ سنجم جي تروينڊي هئي. هو چار سال پهرين تائين ڪليڪٽر آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ هو. هن بابو گيري ڇڏي ٺيڪيداري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. ٻڍيءَ جو ڳوٺ ۾ محنت ڪش عورت هئڻ ڪري نالو هو. پاڙي لاهيءَ طرف وهندو آهي. لڇمي اٿل ڪائي اچي ويئي.

شياما وراندي ۾ هئي. ڪيت سنگهہ ان کي سڏ ڪيو- ”شياما، ٻڌجانءِ.“

هوءَ اندر اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي هئي. سامهون رکيل شفاف آرسيءَ آڏو سندس ڪنڌ جهڪيل هو. شڪل ٻڍيءَ جي چريائپ وارين حرڪتن کان شرمسار هئي. چيائين - ”هون؟“

ڪيت سنگهہ چيو، ”شياما، امان کي وٺي اچ. ويهي ڏيڻ وٺڻ جون ڳالهيون پڪيون ڪري ٿا ڇڏيون. مهمان وڃي ويندا. وقت ڪونہ ملندو.“

شياما چوندي چوندي ڪجهہ ڪونہ چيو.

ڪيت سنگهہ پنهنجي ڳالهہ ورجائي- ”شياما، امان کي سڏ ڪر.“

شياما جي من ۾ ڪروڌ هو. هوءَ چڙي پيئي- ”ماڙيءَ تي آهي. منهنجي چوڻ سان شايد ئي اچي.“

”سبب؟“

ٻڍي ڪڪي وڪي ٿي ويئي . هوءَ لڇي ٿي پلنگ تان اٿي ڪڙي ٿي هئي. هوءَ رئو مٿي تي رکندي ٻاهر آئي- ”ها ڪنوارا“ هن کي شياما جي پٺي ڏسي سلو لڳو هو. سندس اکيون اندر کوهہ آيون هيون. شياما کي چنتا لڳي سندس سس گمراهہ ٿي ويئي آهي. هن جو من بہ ٻڍي سان وهاڻ ڪرڻ تي آهي. چاليهہ هزارن جي ڳهن جي ڪنجي هن وٽ آهي. نہ ڄاڻ هيءُ بچڙو ڪير ۽ ڪٿان جو آهي. ماڻهوءَ جي عمر توڙي ڪيتري بہ وڏي وڃي. نيت هميشهہ جوان رهندي آهي. هن سس کي چيو، ”امان، ڳهہ تہ ڪڍي ڏيو. ڳوٺ جون عورتون ايندين ڏسڻ.“

ٻڍيءَ ٻوڙي الماڙي کولي ۽ ڳهن جو باڪس شياما کي آڻي ڏنو. چوڻ لڳي- ”ها ڪنوار، تون صحيح ٿي چوين. مان هتي ئي آهيان. ڪوئي خاص ڪم هجي، تہ مونکي نياپو موڪلجانءِ.“ هن اڳٽ مان ڪنجن جو چلو کولي شياما طرف وڌايو- ”۽ ها، ڪنوار هي ڪنجيون بہ سنڀال.“

وهاڻ جي هڪ هڪ مٺائي ٻڍي کي ملي رهي هئي . ڀاڄي، پوريون، رائتو سڀ ڪجهہ. ٻڍي خود بہ ٽي پيرا هن لاءِ چانهن کڻي آئي هئي، چلم دکائي ڏني هئي. جيڪڏهن ڪو ماڙيءَ تي آيو ٿي تہ ٻڍيءَ شيرٽيءَ وانگر گجي ان کي ڀڄائي ٿي ڇڏيو.

ڏينهن پورو ٿي ويو هو. رات ٿي ويئي هئي. عورتن سڄي رات لاڏا ڳايا نچي نچي پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيو، پر ٻڍي ماڙيءَ تان هيٺ ڪانہ لٿي.

ٻڍي پنهنجي ڪٽ دروازي جي تاڪن سان لڳائي ٻاهر رکي ڇڏي هئي.

ٻڍيءَ جي ٿوري گنگهڪارتي بہ هوءَ اٿي ٿي ويٺي ۽ ونس وڃي ضرورت ٿي پڇي.

صبوح ٿيو. شياما ٻڍيءَ لاءِ چانهن جو هڪ ڪوپ کڻي مٿي آئي. هن جون اکيون حيران ٿي ويون. ٻڍي ٻڍيءَ کي باٿ روم ۾ وهاري ان جي بدن کي ملي ملي ڪيس سنان ڪرائي رهي هئي، صابڻ سان ٻار وانگر. شياما ٻڍيءَ جي ان ڪار گذاريءَ تي ڪلهہ کان سڙي ٻري رهي هئي. ٻڍيءَ جي پنهنجائيءَ واري ان شيوا کي ڏسڻ لاءِ هوءَ پٽ سان چنبڙي بيهي رهي. ٻڍيءَ ٻڍي کي سنان ڪرائي ڪيس انگوڇو هٿ ۾ ڏنو هو ۽ ڪپڙا پارائڻ ۾ ڪيس مدد ڪئي هئي. جڏهن ٻڍي ٻڍي جي اکين تي چشمو چاڙهي رهي هئي تڏهن شياما سڏ ڪيو- ”امان چانهن“

هن جي من جا گهاو جهري پيا هئا. هوءَ کلي پيئي، ”انسان جي نيت قبر ۾ ويندي ويندي به بد ٿي ويندي آهي، ڪيئن پيرا. امان صاحبا لوڪ لڄا کي ڪٽي تاڪ تي رکيو آهي.“

ڪيت سنگهه ڪٽي مليون پيڪوڙيون هيون. هو ڏند ڪرٽڻ لڳو هو. هن بدزبان جي زبان ڇڪي ڪڍان. چيائين، ”شياما، تون چپ ڪري ويهه، وهانءَ ۾ سنڪٽ اچي ويندو.“ هن مٽي نهاري ڏکو ساهه کنيو، ” منهنجي ماءُ کير ڌوتل مورتيءَ جهڙي آهي.“

شياما چوڻ لڳي، ”توهان ٿورا ٿڏا ٿيو . مان ٻنهي ٻارن جو قسم کڻي ٿي چوان، مون امان صاحبا کي ان ٻڍي سان گڏ عشقي سس پس ڪندي پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي.“ هن پلڪون جهڪايون، ”سچ پڇو ته نئين ڪنوار به پنهنجي مڙس سان ائين ڪونه هلندي آهي.“ شياما ناراض ٿي ساهه کنيو- ”ان سڪل پوڙهي کي خود سنان ڪرائي رهي هئي، امان صاحبا.“

ڪيت سنگهه جو رت ٽهڪڻ لڳو هو. ڌيءَ جي وهانءَ جو خيال ڪري هوُ رت جو ڍڪ پي ويو. سنجم سان چيائين، ”جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي، ته ان کي دٻيو رهڻ ڏي شياما. هيءُ وقت اهڙو آهي.“

ڪلا وتيءَ وڃي ٻڍيءَ کي چيو - ”امان، بابو سڏي ٿو توهان کي.“

ٻڍيءَ کيس پاڻ وٽ وهاري ڇڏيو. هن کيس لاڏ ڪندي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو ۽ ٻڍي ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو- ”هيءَ پوٽي آهي منهنجي. هن جوئي وهانءَ آهي اڄ. چوڏهن ڪتاب پڙهيا اٿائين. پندرهون هٿ ۾ اٿس.“

ٻڍي هڪ ڀيرو ڇوڪريءَ کي چڱيءَ طرح جاچي ڏٺو ۽ پوءِ ڪڪ ٿي هيڏي هوڏي نهارڻ لڳو. ٻڍيءَ ٻڍي جي گوڏي کي ڌڪو ڏنو، ”اسانجو نياڻو اي. سي. ايم آهي. ڪليڪٽر کان ننڍو ڪليڪٽر. پٽ ڪيت سنگهه ٻڌي چيو ته پندرهن سورهن سالن کان پوءِ ڪليڪٽر ٿيندو.“

ٻڍو ننڍڙي هونڪار ڀري مٽي نهارڻ لڳو. منجهس غصو ڀريل هو. خبر ناهي هيءَ ٻڍي دوکو آهي يا ڇنال. مونکي هتي قيد ڪري پهريدار ٿي ويٺي آهي. ايڏو آرو ته ڪڪڙ به بيدن تي ڪونه ڪندي آهي. ڪاڻ وانگر ڪوٺي ڪوٺي مون کان هڪ هڪ ڳالهه پڇي ڇڏيائين ۽ پاڻ چپ وانگر چپ

”هوءُ ٻڍو جو آهي.“

”ٻڍو؟“

”ها.“

”چريو ٿي ٻڌائين . اهو ته امان جو واقفڪار ڪٽي جو ڪو پٽيچ ہنائيچ آهي. وهان ۽ جي نيند هوندس.“

”بيبي ۽ ڪي موڪليس“ شياما ڪلاوتي ۽ ڏانهن اشارو ڪيو. ڪلاوتي ۽ ڪي لاڏ وچان هو بيبي چوندا هئا. چڻ اهوئي سندس نالو هجي. هن جو رنگ پي ۽ جهڙو گورو هو شڪل گول . اکين وڏيون وڏيون . ڏگهي نڪ ۾ ڪوڪو پيل هوس. سندس قد ڏگهو هو. سرير سنهڙو هوس. ويهن سالن جي هئي پر چوڏهن سالن جي لڳندي هئي. هٿڙ لڳل هئس انڪري سندس چمڙي سونهري ٿي لڳي. هوءَ بي اي پاس هئي. ڪيس ڪوڙا ڏيکاءَ پسند ڪونه هئا پر ريتين رسمن ڪان پاڻ کي آزاد ڪونه ڪرائي سگهي هئي.

ڪلهه تائين جيڪا ڇوڪري پنهنجي ننڍي ڀاءُ ۽ پاڙي جي ٻارن سان گڏ لڪ ڇپ راند ڪندي وتندي هئي. پنهنجين ساهيڙين سان گڏ ويهي تاڙيون وڄائي ٽهڪ ڏيندي هئي. اڄ اها طرح طرح جي چنتائن ۽ شڪن سان وڪوڙجي، پنهنجي بک اڄ وساري ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻ سميٽي ويٺي هئي، پڃري جي مئنا وانگر.

ڪيت سنگهه ان ڏانهن نهاريو - ”بيبي امان کي ته سڏ ڪري اڄ ماڙيءَ تي ويٺي آهي.“

هوءَ پنهنجي پوتي ڳچيءَ ۾ وجهي چپ چاپ اٿي هلي ويئي.

شياما به ٿي نندا ڏگها ساهه کڻي ڪيت سنگهه کي چيو، ”امان صاحبا، هيل تائين وهان ۽ کي مٽي تي ڪٽي ويٺي هئي. هوءَ ڪلهه ضروري سامان به خود شهر مان وڃي وٺي آئي هئي. پر ٻڍي جي ايندي ئي....“

ڪيت سنگهه جون اکيون ڳاڙهيون هيون، ”شياما پڙهيل ڳڙهيل آهين. تون پنهنجي زبان تي لغام ڏي . ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿيندي دير ڪونه لڳندي آهي ڳوٺ ۾.“

ڳالهہ پوري کلي ويئي هئي. ہدي کپڙن ۾ ئي ڪانہ ٿي ماپي. هن سمجهيو پٽ نونهن ٻوڙندا ماڙيءَ ڏانهن ويندا. هن ڪان پيرين پئي آسيس ولندا. هن کي وڏو سمجهي وهانءَ جو ڪم سنڀالي ڏيندا.

شياما اکيون ڦوٽاريون، ”اَمان، هوُ سچ پچ...“

ہدي گنڀير ٿي وئي، ”ڪنوار، عورت سڀ ڪان پهرين پنهنجي ڪک ۾ ڳولهيندي آهي، مڙد جي معرفت. جڏهن ڪيس ڪک ۾ جڳهہ ملي ويندي آهي، تہ اُها اڏوڳابري ڪونہ رهجي ويندي آهي ۽ عورت جنهن ڏينهن پنهنجي اُن مڙد کي وساريندي، ڌرتي ماتا ڦاٽي پوندي.“

شياما ڳالهہ کي اُگهاڙو ڪيو، ”اَمان، توهان ئي پنهنجن اکين ۾ ڳوڙها آڻي ہڌائيندا آهيو، نيچ مونکي ماري ماري پنجين پهر چانئٽ تي ڪٽي اُڇليو هو. جيڪڏهن ڪٽي مامي وٽ پناهہ نہ ملي ها تہ زهر پي ڇڏيو ها. توهان ئي تہ چوندا آهيو، جيڪڏهن اُهو دشٽ ڪٽي ڏسجي وڃي تہ پورو ڪري ڇڏيانس.“

ہديءَ سنتوش جو ساهہ کنيو، ”ڪنوار، ڪجهہ ڳنڍيون وقت سان گڏ پاڻمرادو کلي ويندو آهن.“

ڪيت سنگهہ ہديءَ کي هٿ جوڙي ہار وانگر سمجهايو، ”اَمان، اوسي پاسي هن علائقي ۾ اَسانجي ڪيڏي وڏي عزت آهي. توهان کي تہ سڄي خبر آهي ۽ اُنجو سبب توهان پاڻ آهيو.“

ہديءَ پنهنجي ہدي ڇاتي ڦوڪي فخر ۽ اُتساهہ سان ’ها‘ ڪئي.

هن چيو، ”اَمان، جيئن ڪيلي جي پنن مان پن نڪرندا آهن، تيئن ڳوٺ ۾ ڳالهہ مان ڳالهہ نڪرندي آهي. بيبيءَ جو وهانءُ ٿي وڃي تيستائين ان ڳالهہ کي اِئين ئي ڍڪيو دٻيو رهڻ ڏيو. هن کي ماڙيءَ تان هيٺ لهڻ نہ ڏيو ۽ ها، توهان بہ اُتي ئي رهو.“

ہديءَ جو اندر ڳُرڙجي ويو هو. هن جي اکين ۾ رت جا ڳوڙها تري آيا هئا. هن دک ڀريل ساهہ کنيو، ”اَڙي پٽ ڪيتوُ، نوڪر جهڙو سلوڪ نہ ڪر هن سان. جنهن کي تون ڪاغذ پڻن ۾ کنيو گهمين ٿو نہ، تنهنجو پيءُ رامديال اِهو ئي آهي.“

ہدي ڪڙو ڪولي ٻاهر وڃڻ لڳي تہ ڪيت سنگهہ کيس ٽوڪيو، ”اَمان، اَسان ٽنهي جي وچ ۾ ئي اِهو راز رهي، نہ تہ تہ بدنامي ٿي ويندي.“

آهي. ڪڏهن گهر بابت ٿي ٻڌائي ڪڏهن ڳهه ٿي ڏيکاري. ڪڏهن ٻوٽيءَ جي وهاڻ جو ٿي ٻڌائي پر اِهو نٽي ٻڌائي ته پاڻ ڪير آهي. ڇا ٿي چاهي؟

ٻڍي ڪلاوَنتيءَ جو هٽ جهلي هيٺ اچي ويئي هئي. وهاڻ جي ڳالهين کان شرمائجي ڪلاوتي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي هئي. ٻڍيءَ جي ڪمري ۾ ايندي ئي شياما اُٿي. هن تاڪ لڳائي ڪڙو ڏيئي ڇڏيو. ڇڻ ڪا تمام ڳجهي صلاح ڪرڻي هجي. اِها صلاح وهاڻ جي ترجيتري چنتا کان وڌيڪ ٻڍيءَ جي وهنوار جي جبل جيڏي چنتا کي ڪٽي هئي.

کيت سنگهه پريو ويٺو هو بندوق وانگر. هن ٻڍيءَ ڏانهن نهاريو- ”اَمان، اِهو ٻڍو ڪير آهي؟“

ٻڍي اِن سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونه هئي. جيئن پارليامينٽ اندر شونيه ڪال ۾ اوچتي سوال کان ڪاٽي جو وزير چپ ٿي ويندو آهي. هوءَ حيرت ۾ پئجي ويئي هئي. پڙو ڇولو ٺاهي جڏهن هوءَ پلنگ تي وهڻ لڳي ته سندس مٿي جو رَئو هيٺ سرڪي ويو. شياما ۽ کيت سنگهه عجب پريل اکين سان ڏٺو. ٻڍيءَ جي سينڌ سِندُر سان چٽيل هئي. هن جي ٻڍين اکين ۾ سرمو پاٽل هو. چپن تي سرمائي لالي لڳل هئي. کيت سنگهه هوش سنڀالڻ کانپوءِ شياما هن گهر جي چائنٽ ۾ گهڙڻ کانپوءِ ٻڍيءَ جي شڪل تي آيل اوچتي گل جهڙي هيءَ خوشي پهريون ڀيرو ڏٺي هئي. ننهن پٽ ٻنهي گڏوگڏ ساهه کنيو، ”اَمان ٻڍاپي ۾ کسکي وئي آهي.“

مٿي تي رَئو رکندي ٻڍيءَ چيو، ”اڙي پٽ کتيوُ، تو ڪونه سڃاتو، اِهو تنهنجو پيءُ آهي.“ ٻڍيءَ سهج سڀاءَ جواب ڏنو، ”پٽ! تون ڪيئن سڃاڻندين هن کي. تون ته منهنجي پيٽ ۾ اَبمنوءَ (اَيمنيوءَ) کان به ننڍو هئين، ڪيئن ڏسي سڃاڻي سگهين ها. بس ڏهن پندرهن ڏينهن جو هئين.“

جيئن گرم تئي تي پيل پاڻيءَ جا ڦڙا سوُسٽ ڪري ڀسم ٿي ويندا آهن، تيئن کيت سنگهه جي ڪاوڙ به لهي ويئي هئي ۽ عجب کيس جهنجهوڙي ڇڏيو هو. هن گهگهي آواز ۾ چيو، ”اَمان!“

”ها پٽ، شهر مان ايندي وقت هوُ بس ۾ مليو هو، مونکي. پنهنجي لاڏلي ڌيءَ ۽ پٽ پاڳوان آهن. ٻڍي ڳالهه ڪندي ڏک ۾ پرجي ويئي هئي. هن جي اکين ۾ وڇوڙي جا لڙڪ لڙي آيا هئا.

شرط

ڏيئي هارڻ جي محل اچا ڪانءَ ٿي آهي. جسوير سنگهه چنتا ۾ نراسا ۾ ٻڏو ويٺو هو، پنهنجي ويهڪ واري جڳهه تي. سندس اکيون پاسي واري رستي ڏانهن ئي نهاري رهيون هيون. پري تائين. ڇا ڳالهه ٿي؟ ڇونه آيو هوُ هيل تائين؟ ڇا برجوُ به.....!

سندس نوڪر برجوُ اندران اچي بيهي رهيو هو، چپ چاپ. جسويرسنگهه اُن ڏانهن نهاريو. پاڻ کي سنڀاليندي ۾ رڪندي اُن کان پڇيائين- ”مان هن رستي ڏانهن نهاري رهيو هوس، برجو؟“

برجوءَ نوڪراڻي آواز ۾ چيو، ”مالڪ، جڏهن هوُ ڪونه آيو ته حويليءَ جي گهٽيءَ مان واپس هليو آيس.“

”ڇونه آيو هو؟“ جسويرسنگهه ۾ حيرت ۽ گهبراهٽ هئي.

”چيائين ٿي، اُتيو ئي ڪونه ٿو ٿئي ته هلان ڪيئن؟“

”سائيڪل يا رڪشتا تي وهاري اچينيس ها.“ هن نظر ملائي.

برجوءَ هٿ جوڙي چيو- ”ڪونه آيو صاحب!“

پنجاهه ڪن جي جسوير جو بدن ايترو وزني نه هو جيترو هو اندر ۾ وزني هو. پيءُ جي وهي کاتي سان پاتل مشهوري ۽ سالن جو بنا رنڊڪ وارو مکي پڻو. هوُ ماڻهوءَ کي ماڻهو ڪونه سمجهندو هو. سرير تي هلڪو سفاريءَ سوٽ. سنهڙي شڪل تي ٻڪڙيل ڏاڙهي مڇون. سڄو ڏينهن تماڪ جو اوٻر ۽ ٽڪ. رات دارون ۽ بڪ. هوُ حويليءَ جي در وٽ ڪرسي وجهي ويهي رهندو هو. لڪڻ سندس ڪرسيءَ سان گڏ بيٺو رهندو هو. واٽ ويندڙ کي بيهارڻ ۽ ڪم ۾ اَٽڪائي ڇڏڻ، بنا ڳالهه جي گار ڪڍڻ ۽ لڪڻ هٿ ۾ ڪڻڻ، هن جا شغل هئا.

جسوير پنهنجي شاهي حويليءَ ڏانهن نهاريو. ڇت تي ٽنگيل فوٽن سان سجيل پنهنجي ويهڪ کي ڏٺو. گيٽ جي ٻنهي ٿنڀن تي اُڪريل

نونهن پٽ جي احساس ڪمتريءَ، بيوقوفيءَ نالائقيءَ ۽ مطلبي پڻي کان ناراض ہڏي ماڙيءَ تي اچي ويٺي هئي.

رات جو ڦيرا پئجي رهيا هئا. گهوٽ ڪنوار تخت تي ويٺا هئا. مهراج چادر جو پردو لڳائي ڪنيا جو هٿ گهوٽ جي هٿ ۾ ڏيئي ڪنيادان جو آواز ڏنو هو.

ہڏيءَ وٽ پنهنجي هڪ صندق هئي. هن جي سپنن جهڙي پراڻي. اُنجي ڪنجي هوءَ پاڻ وٽ رکندي هئي. جڏهن بہ دل چوندي هيس، هوءَ ان کي کولي پنهنجي وهانوَ جا زيوَر ۽ وڳو ڏسي چڏيندي هئي. جنهن ڏينهن هوءَ وياڪل ٿيندي هئي، تاڪن کي ڪڙو لڳائي، اُهي پائي پلنگ تي ويهي رهندي هئي. جڻ سهاڳ رات ۾ ويٺي هجي، ڊِنل، سُسيل. هوءَ آرسي ڏسندي ئي سُڏڪا ڀري روئندي هئي. جڏهن روئي روئي اڪيون ٿڪجي ساٿيون ٿي پونديون هئس، ڳهہ ۽ ڪپڙا لاهي صندوق ۾ رکي چڏيندي هئي.

ہڏي همٿ واري هئي. هوءَ ڦيرا شروع ٿيندي ئي پنهنجا ڳهہ ۽ وڳو پائي تيار ٿي ويهي رهي. ہڏي جي نظر رات ۾ جهڪي ٿي ويندي هئي. هن ہڏي جو هٿ جهلي کيس پلنگ تان اُٿاريو، ”اُٿ ڦيرا پيا ٿا پوَن بيبيءَ جا. ڪنيادان جي گهڙ ٿيندي.“

ہڏو اُٿي کڙو ٿيو، اِهو سوچي تہ ماڏي ۾ وهاڻ لاءِ ہڏي کيس ولي وڃي رهي آهي. برادري ويٺي هوندي. ناڪار ڪري مان چو سوڻ بگاڙيان.

ہڏي نوورنيءَ وانگر ڳهہ ڳنا ڪپڙا پائي سجي، ہڏي جو هٿ جهلي، ڇم ڇم ڪندي، پيڙ کي چيريندي ماڏي ۾ آچي ويٺي هئي. ہڏيءَ کي ڏسي سڄو ماڏو هڪو ٻڪو ٿي ويو. عجب جي چمڪ سان ماڻهن جون اکيون ڦاٽل هيون، منهن کليل هئا. ڇا کان؟

ہڏي جي هٿ ۾ روپيا ڏيئي ہڏيءَ اُن جو هٿ مٺي ڪنيو ۽ وڏي واکي خود ڪنيا دان جو هوکو ڏيندي چيو، ”هيءَ هڪ سؤ هڪ روپيا ڏاڏي رامديال جي طرفان.“

□□□

ها ۽ تنهنجي ڇوڪري ان ڏينهن باسڻ ٻهاريءَ جو ڪم ڪرڻ نہ اچي ها، تہ اڄوڪو ڏينهن نہ ڏسون ها."

برجوُ ٽيهين سالن کان جو هو، هن جو بدن پريل هو. هوُ ڪن تائين ڍڳهي لٽ پاڻ سان رکندو هو. ڪافي دير تائين سرنهن جي تيل سان پنهنجي بدن جي مالش ڪندو هو. اُن ڪان وڏيڪ وقت پنهنجي لٽ کي تيل پيارڻ ۾ لڳائيندو هو. جنهن ڏينهن جسوير نہ هوندو هو. هوُ "هوُ" هوندو هو. هن جو من نوڪر مان مالڪ بڻجي ويندو هو. هوُ لٽ ڪٽي گيٽ تي اوڪڙو ويٺو رهندو هو ۽ هر ايندڙ ويندڙ تي نظر رکندو هو. جڏهن ڪوئي ڪيس رام رام ڇوندو لنگهندو هو تہ جسويروانگر ڪنڌ ڏوٽي ڇڏيندو هو ڏيري.

برجوُ جسوير جي ڪرسيءَ وٽ ئي بيٺو هو، لٽ ڪٽي. هن پانارام ڏانهن ديا ۽ نفرت پريل نظر سان ڏٺو ۽ پوءِ جسوير طرف شرڌا پريل اکين سان نهاري چيو، " ٻالڪ هو، ڪري ويٺو غلطي."

پانارام ٽٽندڙ ساهہ کنيو- "پنهنجي هٿان ئي ڪهاڙي جا گهُن بڻجي ويا آهن."

جسوير برجوءَ ڏانهن ڪنڌ ڦيرايو. هوُ سندس اکين جو حڪم وٺي رمندو رهيو. ٿورو اڳتي وڌي برجوءَ لٽ جي مٺ زمين تي نوڪي. اِها گندي ۽ غليظ پانيا کي زمين دوز ڪرڻ جي للڪار هئي ۽ اُن داتا جسوير طرف نوڪراڻي وفاداري.

پانارام طرف نهاري جسوير ڇوڻ لڳو، "پانيا، مان گهٽ دکي ڪونہ آهيان، هن حادثي ڪانپوءِ. جيڪڏهن منهنجي زمين جائداد جو ٻيو ڪو وارث هجي ها تہ هن دشت کي گولي هڻي ڇڏيان ها مان. هڪ منهن سؤ ڳالهيون. ڳوٺ ۾ نڪري نٿو سگهان."

"اوهان تہ ڪيس ٻوندو بہ ڪونہ ڏٺو. گولي ڪيئن هڻوس ها. واهہ! واهہ واهہ!! ڇوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي، مکي صاحب." پانارام ڇوڻ ٿي چاهيو پر ڳالهہ نڙيءَ تائين آڻي ڳهي ويو هو، "تنهنجو اُهو حرامي ڇورو ميدان تي نچي ٽپي راند ڪري رهيو آهي. اسان تہ اُن ڏينهن کان سڙي ٻري رهيا آهيون ۽ هن کي زڪام بہ ڪونهي ڳالهہ جو."

سنگمرمر جي شينهن تي نظر وڌي ۽ سامهون سائي چهر جي ميدان کي ڏسي چوڻ لڳو، ”اڪيلو ئي پيو هوندو نہ هوءُ پيڙسان مٽيءَ جو مودڪ.“

”نہ مالڪ، اهڙي ڳالهہ ڪانهي. اڇڻ وڃڻ وارن جي قطار لڳي پيئي هئي ۽ وڏو مالڪ تہ سندس ئي ڪٽ تي ويٺو هو پيرانديءَ کان. اُن جو هٿ پانيا جي پٺيءَ تي هو.“ برجوءَ پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي.

”وڏو ڀائوءُ پرموير سنگهہ؟“ جسوير جي سرير تي جڻ ڪنهن ٻرندڙ سگريٽ رکي وسايو هجي.

”جيءُ مالڪ.“

”وقت ٻلوان آهي. سوچيندو هوندو، ان بهاني هاڻي سندس ڏينهن ڦرندا.“

جسوير جو منهن جڻ ٺڪ سان ڀرجي ويو هو. هوءُ ڪرسيءَ تان اُٿيو. در وٽ ويو. ٿُڪيائين. رومال سان منهن اُگهيائين. رومال کي کيسي ۾ رکيائين ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي اَچي ويهي رهيو. هن ڀروُن سسائي برجوءَ ڏانهن نهاريو- ”ٻڌو آهي اُن ڏينهن ڪانپوءِ پانيا بنا اَن پاڻيءَ جي ئي پيو آهي؟“

”اِئين ئي ٿو لڳي. ڪٽ مان لڳو ٿي.“ برجوءَ پنهنجي مالڪ جي ڳالهہ جي تصديق ڪئي.

ايتري ۾ ئي پانارام اچي در ڪڙڪايو. ليڙون ليڙون ميرا ڪپڙا. اُگهاڙا پير. هڏن جو پڃرو ٻٽيل بدن جڻ ساهہ ڇڏيندو هجي. اِئين ٿي لڳو جڻ اِجهو کي اِجهو لاش ۾ تبديل ٿيو. هن جسوير کي نہ رام رام ڪئي نہ نمسڪار ڪيو. هن جهڪي ٻئي هٿ زمين تي ڪپايا ۽ ويهي دروپديءَ جي ساڙهيءَ جيڏو ڊگهو ساهہ کنيو.

جسوير جون اکيون پانارام جي ضعيف ٿي ويل بدن کي گهڻي دير تائين تڪي نہ سگهيون. هن وياڪل من سان پڇيو- ”اِئين ڪيستائين بک مرندين پانيا؟“

”جيستائين بک لڳندي مکي صاحب.“ پانارام روئڻهارڪو ٿي ويو.

هن پنهنجي ڳالهہ رکي- ”ڇا ٻڌايانءَ؟ اُهو ڏينهن ئي منحوس هو پانيا. رشتيدار جي گهر شاديءَ ۾ اسان سيني جو وڃڻ ٿيو ۽ منهنجي ڇوڪري جو تنهنجي ڇوڪريءَ سان.... جيڪڏهن سندس اِمتحان نہ هجي

پانارام بت بڻيو ويٺو رهيو. ڪيس خبر ڪانهي ته جسوير ڇا رڙ ي ويو آهي. ڪيس ته بس پنهنجي ڌيءُ جي چنتا ئي ڏاري رهي هئي. ڪجهه دير تائين بينڪ شانت رهي، اڌ رات وانگر. آخر ۾ ان چپ چپات کي جسوير ئي ٽوڙيو ”ايندڙ مهيني تنهنجي ڇوڪريءَ جي شادي آهي نه، سڀو خرچ مان ڪندس.“

پانارام جون اکيون آليون ٿي ويون. ڳوڙها هيٺ ڪرڻ لڳا. ڪيترن ڏينهن کان اڻ ڏوتل سندس ڳلن تي ليڪون ليڪجي ويون، جڻ ريت مٿان ڪو ڪيڙو سرڪي ويو هجي. روئڻ کان روڪيندي هن منهن کوليو، ”اُهو رشتو ته هئي ڏينهن ئي ٽٽي ويو، مڪي صاحب.“

”پئسا ڪٽي وڃ. ٻي جڳهه تي، ڪٿي پري نئون رشتو وڃي ڪر.“ جسوير پانارام جي هاميءَ جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. وياڪل پانارام سڏڪي پيو. ”پئسي ۽ غريب جي عزت کي هڪ ئي تارازيءَ ۾ نه توريو، مڪي صاحب.“

پانارام کي لڳو سندس سڏڪا پري روئندڙ ڌيءَ سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي جهولي رهي آهي، جيئن ٻي جان ٿيندڙ ڪا وَل.

جسوير جي شڪل تي نراسا ۽ چنتا گڏوگڏ اُڀريون، ”ٿاڻي عدالت ۾ وڃي هلندين مونکي؟“

”نه، مڪي صاحب. ٿاڻو عدالت غريب جا ناسور ٿيندا آهن.“

”ته پوءِ؟“ هن پانارام جو من جاچڻ چاهيو.

”هڪ پنگيءَ جو گهر گهلجي ويندو ڳوٺ مان.“ پانارام ٻنهي هٿن سان اکيون اُگهي ڇڏيون.

”ڳوٺ ڇڏيندين.“ جسوير ڇڻ ڳري ويو.

پانارام روئي ڏنو، ” ڳوٺ ڇڏڻ سان اِهو داغ ڪونه ڌوپجندو.“

”پوءِ؟“

”زهر کائي مري ويندس، پنهنجي ڪٽنب سان گڏ.“ پانارام جي اکين مان ڳوڙها ڪرڻ لڳا.

جسوير کي ڪجهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو ته ڇا ڇوي ڇا نه ڇوي. ڪهڙيءَ طرح سمجهائي پانارام کي. هن ٻه ٽي ڀيرا پنهنجي ڳالهه

جسوير ڪرسيءَ تان اُٿي پانارام جي پير ۾ اوڪڙو ويهي رهيو هو. هن مجبوري ۽ لاچاريءَ سان پانارام جي بدبوءِدار ڪنڌ تي هٿ رکيو. ٿوري دير سندس گهنجن واري منهن تي آيل ڳوڙهن کي ڏسندو رهيو ۽ ديا جو ڀاءُ شڪل تي آڻيندي پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي، ”پانيا، ماڻهو منهنجي خالي ڪرسيءَ کي به رام رام چوندا لنگهندا هئا. هاڻي مان ڪنگهان به ٿو تڏهن به ماڻهو هليا ٿا وڃن ڪنڌ جهڪائي ۽ ٿورو پرتي وڃي زمين تي ٿڪ ڦٽي ٿا ڪن. سڀ ٻڌايانءِ، هوُ ٿڪ جڻ منهن تي هڻي ٿا وڃن. سڄي ڳوٺ جي شرڌا ۾ ڏار پئجي ويو آهي پانيا.“

برجوءُ موٽيو ته انجي هٿ ۾ چانهه جا ٻه ڪوپ هئا. ڪيس اِهو ڏسي عجب لڳو ته مالڪ ماڪوڙي وانگر پانيا جي آڏو عاجز بڻيو ويٺو آهي. هن جسوير جو ڪوپ ٽيبل تي رکي ڇڏيو. ٻيو ڪوپ پانيا ڏانهن وڌائيندي هن چيو، ”پانيا وٺ، چانهن پيءُ.“

پانارام ڦوٽاريل اکين سان برجوءَ ڏانهن گهوري نهاريو ۽ پوءِ هيٺ نهاري دک جي ڪُن ۾ جڻ گم ٿي ويو. جسوير برجوءَ کان ڪوپ وٺي پانارام کي چيو- ”ڪئين ڏينهن کان تو ڪجهه ڪاڏو پيتو ڪونهي. ايڏو هٺ به سٺو نه ٿيندو آهي.“

جسوير دل ڪولي هنڪي وينتي ڪئي. ڪاڏيءَ کي جهلي سندس ڪروڌ، جوش ۽ من جي پيڙا کي رجائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ليڪن پانارام هو جو پنهنجي ڳالهه تان هيٺ ئي ڪونه ٿي لٿو. جسوير برجوءَ ڏانهن نهاري چيو، ”ڪوپ وٺي ٽيبل تي رک ۽ وڃي پنهنجو ٻيو ڪم ڏس.“

جسوير کي جڻ سرسام ٿي ويو هو. هن گهڻو ڪجهه ئي چوڻ چاهيو، ليڪن چئي ڪونه ٿي سگهيو. پنهنجي اَباڻي مان مريادا ۽ مشهوريءَ کي نظرانداز ڪري هن پانارام جا ٻئي ڪلها جهلي وڏي اَدب سان نمسڪار ڪيو. هن پانارام جي اکين ۾ اکيون وڌيون ۽ نماڻو ٿي چيو، ”پانيا، توهان نندي ذات وارن جي سهاري ئي ته منهنجو مُکي پڻو برقرار آهي سالن کان. توهان ئي منهنجا هٿ آهيو. جيڪڏهن توهان مون کان جدا ٿي ويندا ته منهنجو ڪهڙو وجود رهندو. پرن بنا پکيءَ کي ڏنو اٿئي؟ بس...“

ڏڪندڙ رڳ تي تہ هٿ رکي ڏسان. ڳالھہ سندس نڙيءَ تائين آئي، ليڪن اِنسانيت سندس پير ڪٽي جهليا. جيئن ڪو جوڳي (سپيرو) پنهنجي حد اورانگهي ڪوبرا نانگ کي پڇ کان پڪڙي اُن کي واپس ٽوڪريءَ ۾ اُڇلي ڇڏيندو آهي. عورت جي سزا عورت. اِهو تہ بيهودو شرط آهي.

اوچتو ڇڻ روئندڙ سڏڪندڙ ۽ هڏڪيون کائيندڙ سندس ڌيءَ جو چريو روح سندس آڏو اچي بيهي رهيو هو، ”ڳالھہ ٻڌائيس ۽ شهيد ٿي وڃ بابا.“

پاڻ تي ضابطو رکڻ وارو پانارام پنهنجا هوش حواس گم ڪري ويٺو هو. ڳالھہ چپن جا بند ٽوڙي ٻاهر نڪري آئي هئي، ”مڪي صاحب، عزت جو سوال آهي هيءَ. اوهانجي عزت سان منهنجي عزت. اوهانجي ڇوڪري منهنجي پٽ سان هڪ رات رهندي.“

وڄ ڪري پيئي هئي. آسمان ڦاٽي پيو هو. چپن ۾ ڏار پئجي ويا هئا. جيتامڙي پانيا جي اهڙي مجال. جسوير دل جو مريض هو. هن پانارام جو شرط ٻڌو تہ اِئين لڳڻ لڳو تہ اِجهو ٿو ڦاٽي. هن پنهنجي دل تي ڪٽي هٿ رکيو هو ۽ ڪنگهندي ڪنگهندي بي حال ٿي ويو هو. بدحواسيءَ جي حالت ۾ هوُ ڪرسيءَ تان اُٿيو. چار قدم پٺ طرف وڌيو. هن ڪليءَ تان ٽنگيل بندوق لاٿي هئي. پانارام جي سڪل پن جهڙيءَ ڇاتيءَ تي بندوق رکي هن گهوڙو دٻائي ڇڏيو هو، ”پيٽسان....“

ڪوُا جسوير کي زبردست دؤرو پيو. هن جي هٿ مان بندوق ڇڏائجي ويئي هئي. جيئن ڪو ڪٽيل وڻ ڪرندو آهي نہ، جسوير زمين تي ڪري پيو هو.

پانارام جي سرير ۾ جنبش آئي. هن جا ٿڌا ٿيندڙ پير مٽل جسوير جي ڇاتيءَ تي ڪري پيا هئا.

□□□

چوڻ جي همت ڪئي، ليڪن چپن ۾ پڻ پڻ ڪري ئي چپ ٿي ويو. هڪ لفظ به منهن مان ڪونه نڪتو. جسوير کي ڪجهه سمجهه ۾ ئي ڪونه آيو ته ڇا چوي ڇا نه چوي. ڪهڙيءَ طرح سمجهائي پانارام کي. هن به ٽي پيرا پنهنجي ڳالهه چوڻ جي همت ڪئي، ليڪن چپن ۾ پڻ پڻ ڪري ئي چپ ٿي ويو. هڪ لفظ به منهن مان ڪونه نڪتو.

هن هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ همت ڪئي ڪئي. چيائين، ”پانيا، اِئين ته زوريءَ زناءَ سان گڏ هڪ هريجن ڪٽنب جي خون جو داغ به لڳي ويندو منهنجي اُڃي چادر تي.“

”هاٿيءَ کي ڏوهه ڪوئي ڪونه ڏيندو آهي مڪي صاحب.“ پانارام جون پنل اکيون ڏرتيءَ کي ڏسڻ لڳيون هيون.

”ڪنهن شرط تي مڃي به وڃ پانيا.“ جسوير جي چهري تي لاچاري هئي.

پانارام پنهنجيون آليون اکيون چنيي مٿي نهاريو ۽ پنل گلي سان چيو، ”هڪ شرط آهي، مڃيندءَ؟“

جسويرسنگهه پانارام ڏي جهڪي ويو هو. پانارام جي ڳالهه ٻڌي هن جي آفت ۾ قاتل من کي راحت محسوس ٿي، جڻڪ تپندڙ ڏرتيءَ تي وسڪارو ٿيڻ لڳو هجي. سندس سڪل ۽ ڪرنديل چپن تي خوشيءَ جي لهر ڇائنجي ويئي. ڪيس لڳو، هوُ قبر مان ٻاهر نڪري آيو آهي. هوُ من ئي من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو، پانيا پئسا وٺڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو آهي. هن کي رڌون ٻڪريون چارڻ لاءِ زمين کپندي. وٺي وٺي به ٻه چار ٻنيون وٺندو. ٽي سؤ جريب زمين آهي. ڪهڙو ٿو فرق پوي، جيڪڏهن سمنڊ مان ٻه ٻوندون نڪري ويون. خوشيءَ پرئي من سان هن پڇيو، ”پانيا، ان نالائق جو قسم. پنهنجو شرط ٻڌاءِ.“ هن ڪلي دل سان هامي به ڀري ڇڏي هئي.

پانارام پاڻ کي ولوڙڻ لڳو، ’فقط ساهه کڻي جيئرو رهڻ زندگي ڪانهي. ماڻهوءَ جي اصلي زندگي ته اُنجي آبروُ آهي. آبرو لٿي ته اِنسان زندهه لاش ٿيو. جنهن ڇوڪري منهنجي آبرو مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي، ان جي

ڪڪڙ جا چنبا زمين سان چنبڙندا آيا هئا. چنبن جي هرَ جهڙي ڳهري ليڪ سندس غصي جي علامت هئي.

ڊنل ڪڪڙ تمام ڳهٽي ڪُڙِ ڪُڙِ ڪئي. پر ڦڙڪايا. رفتار واري تيز ڦڙڪي سبب ڪڪڙ جي پَرن جا ڪنبڻ ميان جان جي اَچي مٽي ۽ ڇهري تي ڏاڙهيءَ ۾ ڦاسي پيا هئا. چشمو هيٺ ڪِري پيو هو. چهرو اِئين ڄڻ منهن نہ هجي پر نقاب هجي. هن جي ڪنبندڙ ڪمزور هٿن مان ڪڪڙ ڇڏائجي ويئي هئي.

ميان جان مرغي خاني جي پرسان ويٺي ويٺي نراسا وچان اکيون ڇنڀيون. هوُ پنهنجن جوانيءَ جي ڏينهن ڏانهن هليو ويو هو. مٺ ۾ آيل وقت واريءَ وانگر وهي ويو هو. ڊگهو قد، ويڪري ڇاتي، مست ملنگ ڪايا، مَلهُن جو اَجيت راجا. مَلهہ وقت جڏهن هوُ ٽنگ ڦاسائي لنگور وانگر اُڇل ڏيندو هو ۽ ٻنيءَ ۾ گول گول گهمندو هو تہ ڏسندڙن کي ڏندين آڱريون اچي ويندون هيون. هرڪو واهہ واهہ ڪرڻ لڳندو هو.

هوُ سؤ پيرا اُٺ ويهہ ڪري ويندو هو. ڦيري ڳهمائيندو هو. ڀريل ڳوڻ ڇاتيءَ تي کڻي اُڇلي ڇڏيندو هو. ڳوٺ جي سانَ جو مقابلو ڪرڻ جي همت هئس. ٽي سيرڪير ۾ ٻہ ڇٽانگ بادام گهوٽي بيٺي بيٺي پي ويندو هو. ڊوڙندو هو تہ ڄڻ هوا سان ڳالهيون ڪندو هو. ملهہ وڙهندو هو تہ ڌرتيءَ ڏڏندي هئي. هن جو بدن ۽ داءُ ٻئي ذڪر لائق هئا ۽ لانگوٽي پاتل بدن ٽيوب لائيٽ وانگر چمڪندو هو. جڏهن هوُ ملهہ وڙهندو هو، ٻنيءَ جي ٻنن تي ٻري بيٺل زالون پنهنجن اُمنگن ڀريل پاونائن کي روڪي بيٺيون ڏسنديون هيون، جيئن بَندُ پاڻيءَ کي روڪي بيٺو هوندو آهي.

ڪنهن وقت ۾ ميان جان جي چؤنڪ ۾ ٻہ ٻہ مينهون ٻڌل هونديون هيون. اُتي ئي آکاڙو هو. سندس چيلا ڇاتي چيٽو ڀاري ڪندا رهندا هئا. اِهي سڀ ڳالهيون هاڻي چند ستارن وانگر ناممڪن آهن. اڄڪلهہ هوُ چؤنڪ تي ويهي حادثي جي شڪار ٽيل ماڻهن جون هڏيون جوڙڻ ۽ مالش جو ڪم ڪندو آهي. پر گذريل ٽن چئن ڏينهن کان هڪ چٽو بہ ڪونہ آيو آهي. هوُ صبوح شام پنهنجو تڏو وڇائي وهندو آهي ۽ پوءِ ڪجهہ ۾ دهائي واپس کڻي ويندو آهي.

مِيان جان جي ڪُڪِڙ

مِيان جان مرغي خاني جو در هٽائي ڪُڪِڙ ڪڍڻ لاءِ ڌيرج سان ان ۾ هٿ وڌو جڻ اَلمارِيءَ کولي ان مان دال جو دٻو ڪڍندو هجي.

ڦڻ ڪڍي ايندڙ نانگ وانگر مِيان جان جو هٿ مرغي خاني ۾ وڌندو ايندو ڏسي، ڪڪڙ پنهنجا پر سميٽي هڪ ڪنڊ ۾ سرڪي ويئي هئي. ڪڪڙ کي ياد آهي، مِيان جان کي بُک لڳندي آهي ته سندس هٿ اِئين ئي ايندو آهي، ڪال وانگر.

سوا مهينو اڳ مِيان جان جي مرغي خاني ۾ ڪيئين ڪُڪڙ ڪُڪڙيون هيون. ڏڪار ۾ تلاءُ سڪي ويندا آهن. بُک وڌڻ لڳندي آهي. بُک سوڪ ۾ ڪڪڙ ڪڪڙيون سندس ٿالهيون ڀرجندا ويا هڪ هڪ ڪري. پرئي پاڳئي ڪڪڙن جي ڪُل ۾ اِها اڪيلي ڪڪڙ رهجي ويئي هئي. آخرين آس.

مهينو اڳ جي ڳالهه آهي. ڪڪڙ چوڙو هئي. هوءَ ماءُ سان گڏ گهمندي ڦرندي چوڳو چڳندي هئي، چوُن چوُن ڪرڻ ۾ پر ڦڙڪائڻ سکي هئي. اڄ هوءَ جوان هئي. اَڇي ميريسري پوُرن پرن مٿا ڳاڙها ڳاڙها نِڪلا. ڳچيءَ تي هلڪي پيلي رنگ جون چڙهندڙ لهندڙ اِنڊلٺي ليڪون. پورن چنبن ۾ ڳاڙهسريون نسون. قدرتي ڪشش.

ڪڪڙ، مرغي خاني جي درجي چير مان ڏسندي رهندي هئي. مِيان جان جي ٻڍن هٿن ۽ مُڏي ڇُريءَ سان حلال ٿيندڙ ڪڪڙ ڪڪڙيون ڪيئن تڙڦي تڙڦي ٿڌا ٿيندا ٿي ويا. ٽي ڏينهن اڳ پنهنجي ماءُ جي ڳچيءَ تي ڇُري ڏسندي هوءَ دهلجي ويئي هئي. اَمان ڪيڏو نه تڙڦي هئي. تڙڦندي تڙڦندي سندس سسي ڪٽيل ڌڙ مِيان جان جي هٿن مان ڪسڪي ويو هو. هوءَ پر پکيڙي اُڏامي ويئي هئي ۽ ڪن ڪان پوءِ ڌَم سان هيٺ ڪِري هئي. جيئن مٿي اُڇليل بال هيٺ ڪرندو آهي.

مِيان جان ڪڪڙ جا پَر جهلي ڪيس مرغي خاني مان ٻاهر ڇڪي آيو هو، جيئن جوڳي نانگ جو پڇ جهلي اُن کي بِر مان ٻاهر ڇڪي ايندو آهي.

ويو هو. ميان جان، اُن ٻگهڙ وانگر خونخوار ٿي ويو هو جنهن جي منهن ۾ آيل شڪار ڀڄي ويو هجي. هٿ اڃي تہ ڇيري ڪاٽيس. ڏسان هاڻي ڪيڏانهن ٿي وڃي حرامزادي. هن اندر اچي ڪڙو ڏيئي ڇڏيو ۽ يڪ ٽڪ ڪڪڙ کي ڳولهڻ لڳو. اَلائي ڪٿي وڃي لڪي آهي.

خوف، ڪاوڙ ۽ نفرت کان ڦٿڪيل، خفا ٿيل ڪڪڙ ٻرن ۾ پاڻ سميٽي سوڙهي ٿي ساهہ روڪي ويٺي هئي. دشمن جي گهيريل سپاهيءَ وانگر سچيت نظرن سان ڏسي رهي هئي، جيئن ميان جان جون نظرون ڪيس ڏسي نہ سگهن.

ميان جان جو چشمو ڍلو هو. اُهو اکين کان هيٺ سرڪي آيو هو. هن چشمو سڌو ڪيو. هوُ جهڪيو. ڪٽ جي هيٺان ڏٺائين. ميان جان ۽ ڪڪڙ جون اکيون مليون. ڪڪڙ جي سڄي بدن ۾ دهشت ڀرجي ويئي. ميان جان کي خوشي ٿي. هن لڪڻ کي سوگهو جهليو. لڪڻ ڪڪڙ کي ڇهايو. ڪڪڙ بي جان ٿي ويئي. ميان جان ڪيس لڪڻ سان ڇڪي هٿ تائين آندو. ”ڏائڻ ڏاڍو ڊوڙايئہ، هاڻي ڪيڏانهن ويندينءَ تون.“

ميان جان جي گهر جا دروازا بہ اوترا ئي پراڻا هئا، جيترو هوُ پاڻ هو. هنجي پيءُ سندس جنم جي وقت ۾ لڳارايا هئا. درن جي چوڪٺن کي اُڌوهي کائي ويئي هئي. ڪنڊا لڏندا هئا. ملائڻ ڪانپوءِ بہ ٻئي تاڪ جڙندا ڪونہ هئا. ميان جان لڪڻ جي هڪ ۾ قاتل ڪڪڙ کي پڪڙڻ لڳو. ڪڪڙ ڦٿڪي ڦڙڪو ڪيو. ڪڙ ڪڙ ڪرڻ لڳي. هوءِ ميان جان جي هٿ مان ڪسڪي در جي ڇير مان نڪري ٻاهر هلي آئي هئي.

مَلهن جي راجا، داوَن جي درياهہ، سڄي زندگي سوين داءَ کيڏيا هئا ميان جان. پر اَڄ ڪڪڙ کان هارائي ويو هو.

ڪڪڙ جي هٿ مان ڪسڪي وڃڻ ڪانپوءِ کيس هڪ واقعو ياد اچي ويو لنگر جي ملهہ رکيل هئي، آخري. سڀ ڪان وڏي. هٿ ملائڻ شرط سامهون بيٺل پهلوان عباس ميان جي طاقت کي هن توري ورتو هو. عباس ميان جو آڪاڙو بہ ميان جان جي آڪاڙي جي پرسان ئي هلندو هو. هن ڪيس ٻنهي هٿن ۾ جهلي مٿي ڪنيو هو ۽ پوءِ چوطرف گهمائي زور سان زمين تي اُڇلي ڇڏيو هو. عباس ميان جا هڏ گڏ ڀڄي پيا هئا. اُها سوٽ اڄ بہ عباس

ميان جان پنهنجي ٻُت تي هڪ نظر ڊوڙائي. شخصيت جي معاملي ۾ هوءُ ٻڌو ڪوُسٽ آهي. هرهڪ وارُ اَڇو. ميرُ پريل ڊگهي ڏاڙهي. ڇهه ست ڏينهن ڀرين ٿاهيل مڇوُن. ڳنڊ وانگر ڇڪيل بدن، اڄ ٻڌي ڏاند جي للڪندڙ چمڙيءَ وانگر لڙي ٿو. دم جي بيماري ساهه ڪڍڻ ڪونه ٿي ڏئيس.

ميان جان ڪنڌ مٿي ڪڍي سامهون نهاريو. ڪڪڙ ڀاڻيءَ جي ٽانڪيءَ تي ويٺي هئي. هوءَ خبردار ٿي ڳچي ڦيري ڦيري ميان جان کي هر هر ڏسي رهي هئي. گهر ۾ ٻه ئي ته پراڻي آهن. ميان جان ۽ ڪڪڙ. ناراض ميان جان ڪنگهڪار ڪئي، کانگهارو ڪڍيو ۽ لڪڻ هٿ ۾ ڪنيو، ”شريفزادي مان ڏسان ٿو، توکي.“

ميان جان کي چؤڪڙيءَ واري گوڏ ڀاتل هئي. مٿان ڊگهو ڪڙتو ڀاتل هوس. اکين تي چشمو هوس. هٿ ۾ لڪڻ هوس. ميان جان کي ڀاڻ ڏانهن دشمن وانگر ڊوڙندو ڏسي ٽانڪيءَ تي ويٺل ڪڪڙ هيڏي هوڏي ٽپا ڏيڻ لڳي هئي. ٽانڪيءَ تي ڏوتل برتڻ رکيا هئا. ڇري رکيل هئي. ڪڪڙ جي چنبن سان برتڻ هيٺ ڪري پيا هئا. ڪاچ جو گلاس ۽ چينيءَ جا ڪوپ ڀڄي پيا هئا. ديگڙي ۾ ڳُهبُ پئجي ويو هو. ڇري ڪري پيئي هئي.

ميان جان کي غصو اچي ويو هو. هن کي ويجهو ايندو ڏسي، ڪڪڙ هيٺ ٽپو ڏنو هو. ميان جان مصالحو تيار ڪري رکيو هو جو ڪڪڙ کي حلال ڪري، صاف ڀاڦ ڪندي دير ٿي ويندي. ڪڪڙ جي چنبي جي ٺوڪر سان مصالحي جي ڪٽوڙي اونڌي ٿي ويئي هئي. هن لڪڻ اُڇليو. ڪڪڙ سرڪي ته لڪڻ مٿڪي کي وڃي لڳو. ميان جان جا اکيان ڏند ڪونه هئا. ٽٽل مٿڪي مان ڀاڻي وهندو ڏسي هوءُ ڇپن کي پڪوڙڻ لڳو هو. سندس ساهه ڏنوڻ ٻڌجي ويو هو. اکيون ڦاٽي ويون هيون، ”هيءَ ڪڪڙ آهي يا جنڙي؟“

ڊنل ڪڪڙ چؤنڪ ۾ هيڏي هوڏي جان بچائي ڀڄندي رهي. ميان جان لڪڻ کڻي ان جي پٺيان هو. هوءَ گهر ۾ گهڙي ويئي هئي. کٽ تي گودڙي چادر وهاڻو پيو هو. سامان ٽڙيل پکڙيل هو. هڪ ڪنڊ ۾ لٽا پيا هئا. ڪڪڙ لٽن ۾ اچي ڇڪي هئي. هر ساهه تي زندگيءَ جي مهر، قدم قدم تي موت جي آهٽ. ٻن جيوَن جي وچ ۾ زندگي ۽ موت جو داءُ. هڪڙو ٻئي جو ويري. هڪ جيوُ جان بچائڻ لاءِ ڀڄندو ٿي وتيو ۽ ٻيو جم دوٽ ٻڌجي

لاڏ ڪوڏ سان پاليو اوترو ڪنهن ٻئي کي پيار ڪونہ ڏنو هوندو. سهڻي ڳل وانگر هن کي پنهنجي ترِيءَ تي رکي سچو گهر پاڙو ڏيکاريندو گهمائيندو وتندو هوس. جيڪڏهن نہ ويس تہ اباس ميان جي چائنٽ تي نہ ويس.“

”گيت جهڙو خوبصورت جوڙو آهي منهنجو. اڄ منهنجي پيار جي مزاق. ڪڪڙ مڪريل ٻٽجي ويئي آهي.“

وڻ جي پاڙ وٽ پڃري پيئي هئي. هيءَ اُها ئي پڃري هئي، جنهن کي هوُ سدرشن چڪر وانگر ڦيرائيندو وتندو هو. وقت ٻلوان آهي. ميان جان مٿو جهلي اُن مٿان ويهي رهيو هو. سُٽ گهٽجي مرض وڌي. هن جي هڏ هڏ ۾ سوڙ هو. اُهو ساهہ کڄي رهيو هو. کنگهہ شروع ٿي ويئي هئي. کنگهيائين تہ رت جو دِڪو ڏسي اکيون ڦاٽي ويس. هوُ کنگهندو، کانگهارا ڪيندو وڏي مشڪل سان زمين تي ٻئي هٿ کُپائي اُٿيو، جڻ کو ٻيو ڏاند هجي.

هن ڪڪڙ ڏانهن تکي شوخ نظر سان نهاريو. مٿيءَ ٻريل هٿ چنڊيا، ڏوتا. هن جي پيٽ ۾ ڪوُٽا ڊوڙي رهيا هئا. آنڊا وٽجي رهيا هئا. بک ۽ پاڻيءَ جو اُهوئي رشتو ٿيندو آهي جيڪو ڪروڌ ۽ شانتيءَ جي وچ ۾ ٿيندو آهي. پاڻي پيئڻ سان بک چڪ پائڻ لڳندي آهي. شانتيءَ جي اَرڳ ڏيڻ سان ڪروڌ ٻڙڪي پوندو آهي. ميان جان مٽڪيءَ مان پاڻي ڪڍي پيتو. پاڻي تير وانگر پيٽ ۾ هيٺ هليو ويو. هوُ پيٽ کي جهلي اُتي ئي ويهي رهيو ۽ زور زور سان کنگهڻ لڳو جڻ پيٽل ڪيندو. هن سڏ ڪيو، ”اَحمد، اڙي اَحمد، هيڏي تہ اَچ.“

پاسي ۾ ميان جان جي وڏي ڀاءُ رحمان جو گهر هو. وچ ۾ سِرُنُ پٿرن جي مينهن ڪاڏل، سيڙهي لٽل پٽ هئي. رحمان جي وڏوا ميان جان کان پنج ڇهہ سال وڏي هئي. ميان جان جي کنگهہ وڌيل ڏسي، ان کي چنتا ٿي. هوءَ هڪ هٿ سان پٽ ۽ ٻئي هٿ سان لٽ جو سهارو وٺي پٽ سان لڳي بيهي رهي هئي. سندس ٻيو لڏندڙ بدن لڏندڙ پنن وانگر ڪنبي رهيو هو. سڄي چمڙي سڪل ڇيڪي مٽيءَ وانگر ڀاڙي ٿي ويئي هئي. گهنجن مان دک ۽ نظر اندازي لياڪا پائي رهي هئي. هنڪي سلوار ڪڙتو پاتل هو. ڪنن ۾ چانديءَ جا ڊگها ڊگها دُرَ پرنڪ ڳجي مُرا حالي هئا.

ميان جان جي بري حالت ڏسي هن ڪيس من ئي من چينهيو،

میان جي تن من ۾ آهي. اُن ڏينهن ڪانپوءِ انهن ٻنهي سانن جو پاڻ ۾ وير هليو اَچي. هڪ ڀيري عباس میان جون ڳهيٽڙو ڇلانگون ماريندو میان جان جي گهر ۾ هليو ويو هو. عباس میان ان جي پڻيان هو. ڪپٽي میان جان در بند ڪري ڇڏيو هو. عباس میان ڏن ۽ طاقت ۾ میان جان کان ڪمزور هو. اکيون ڦوٽاري هوُ واپس هليو ويو هو.

میان جان گوڏن تي هٿ رکي اُٿيو. در کوليائين. ڪيس ڪڪڙ نظر ڪانہ آئي. هن هيڏي نهاريو. مرغي خاني ۾ ليٽو پائي ڏٺو. پٺرن پٺيان ڏٺو. ٽانڪيءَ جي پٺيان نظر ڊوڙائي. پر ڪڪڙ ڪٿي بہ ڪانہ هئي. بي چئن ماٺهو ڪيڏو پريشان هوندو آهي. میان جان گهر جو هڪ هڪ برتڻ ۽ چلهہ وٽ رکيل چمٽو تئو ڪٽي ڏسي رهيو هو. ڄڻ ڪڪڙ نہ پر سُئي ڳولهيندو هجي. ڌرتي ڳهي ويئي يا آسمان ڳرڪائي ويو.

اڱڻ ۾ نم جو هڪ وڻ هو. سڄو ڏينهن اُن تي سڄ وينو هوندو هو. هينئر اهو ڏيري ڏيري هيٺ لهي رهيو هو. وشواس رکي میان جان وڻ هيٺان اچي وينو هو. وڻ جي ڇانوَ ۾ ڪيس ڏنڌلو ڏنڌلو نظر اچي رهيو هو. پن ڇڻ جي شروعات هئي. سڪل چٽندڙ پن هئا. میان جان کي ڏسي ڪڪڙ ٽارين جي وچ ۾ سرڪي ويئي. ڪڪڙ جي جسماني چرپر سان پنن ۾ کڙ کڙ ٿي. میان جان جون اکيون سڌيون تير وانگر ويون. هنکي حيرت لڳي، ”اڙي، هوءَ لڪي ويٺي آهي چنبدي.“ میان جان کي ڏک ان ڳالهہ جو هو تہ ڪڪڙ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪري ڇڏيو هو.

میان جان لڪڻ ڌرتيءَ تي هنيو. وڻ جي ڏار ڏار تي ڪانءَ، ڪبوتر، طوطا، جهرڪيون وينا هئا. اُهي ڦڙ ڦڙ ڪري اُڏامي ويا. ڪڪڙ پريشان هئي. هن جو بدن بہ پکين وانگر هلڪو هجي ها تہ جيڪر پر ڪيس اُڏائي ولي وڃن ها. هوءَ بہ ٽاريون مٿي چڙهي وڃي ويٺي.

ڪڪڙ اکيون آليون ڪري میان جان کي گهوُري رهي هئي. ”ماءُ پيءُ هئين تون. جڏهن مان چوزو هئس، تون ئي تہ سنها داڻا آٽي چُڳائيندو هئين مونکي. منهنجي ڇهنب پنهنجي منهن تي لڳائي مون سان لاڏ ڪوڏ ڪندو هئين. بک لڳئہ تہ راڪاس بڻجي وئين. جان کان پيٽ وڏو ٿي ويو.

میان جان غصي ۾ پڻ پڻ ڪرڻ لڳو، ”هن چوُري کي جيترو مون

جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا هئا. وڻ ڏانهن آڱر کڻي ٻڌائيندي چيائين، ”ڪڪڙ وڻ تي وڃي چڙهي ويٺي آهي. وڃي پڪڙي اچيس. ها، مان پاڻ حلال ڪندس، ان کي.“

احمد نم ڏانهن نهاريو. ”ها آهي اَبا.“

ڪڪڙ سُڪل پنن ۽ ٽارين جي وچ ۾ لڪي ويٺي هئي، جيئن سانڊو رنگ بدلي لڪي ڇپي ويندو آهي. احمد جي من ۾ آيو هو ته بندوق جو نشانو ڇُٽي پر پوءِ ويچار ڪري هن ائين ڪونه ڪيو. ڪڪڙ مري ويئي ته پوءِ اَبو ان تي ڇري ڪونه هلائيندو. هوُ مڙدي ۽ مٽيءَ کي هڪ ئي شئہ مڃيندو آهي.

اَحمد قميص جون ٻانهون مٿي ڪيون. پتلون جا پاچا ورائي ويڙهي ننڍا ڪيا ۽ پوءِ ڏيري ڏيري وڻ تي ڪڪڙ تائين پهچڻ لاءِ چڙهندو ويو. هن بيهي پاڻ سنڀاليو ۽ پوءِ ڪڪڙ مٿان باز وانگر چنبو وڌو، ”ڪيئن لکي ويٺي آهي، ڪميڻي.“

ڪڪڙ تر تان ٻچي ويئي هئي. هوءَ ڇرڪي ٽپو ڏيئي ميان جان جي سامهون اچي ڪِري. ميان جان جي نظر هئي. هن تيزيءَ سان ڪڪڙ تي چنبو هنيو. جيئن شاديءَ مراديءَ يا سَرَ تي ٻار پئسا جهپيندا آهن. ڇڙ مان چيائين، ”منهنجي ٻڍاپي کي خوار ڪرڻ هلي آهي، نمڪ حرام. تنهنجي هڏيءَ هڏيءَ جو ڪيمو نہ ڪاهيان تہ منهنجو نالو بہ ميان جان ڪونهي.“

ٻنل ڪڪڙ ڇهنب کولي ڪڙ ڪڙ ڪرڻ لڳي. ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳي. هوءَ ميان جان جي هٿن مان ڇڏائجي نانگ وانگر ٻچي ويئي هئي. هوءَ اُڏي ڊوڙي. اُڏي ڊوڙي. ڪڙ ڪڙ ڪيائين. اُڏي ڊوڙي ۽ ميان جان جي سامهون واري ٻٽ تي وڃي ويهي رهي هئي. هوءَ ڳچيءَ کي هيٺ مٿي ڪري ڪُڙ ڪُڙ ڪري رهي هئي. ڄڻ وانهڙن جي حمايت چاهيندي هجي.

اَحمد وڻ کان ٿورو هيٺ لٿو ۽ پوءِ وڏو ٽپو ڏيئي ڏم سان اَچي هيٺ بيٺو هو، ”ڪڪڙ، تنهنجي اهڙي همت، احمد کي ابو سمجهيو اٿيئي ڇا؟“

ڇونڪ ۾ هڪ اڌوراٽو ٻُڙرو بانس پيو هو. اَحمد بانس کڻي تير وانگر ڪڪڙ ڏانهن ڀڳو. هن ڏند پيڪوڙي بانس ڪڪڙ ڏانهن اُڇليو، موٽ ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ اک ڇنڀ جيترو ويڇو رهجي ويو هو. ڪڪڙ ڪڙ ڪڙ ڪري هڪدم اُڏامي ويئي هئي.

”دشت کي هزار پيرا ڇيو آهي، نڪاح ڪري ڇڏ. چاچي جي، مامي جي، پڦڙ جي، هڪ بہ تہ ڇوڪري پسند ڪانہ آئي مئي کي. جوانيءَ جي جوش ۽ پهلوانيءَ جي ايمان ۾ سڀ ناس ڪري ڇڏيائين. هن ڏکهو ساهہ کنيو، ”اڙي، سرير ۽ ڏن ڪنهنجو رهيو آهي، جيڪو هڪ گهر جو بار نٿو کڻي سگهي، اُهو پنهنجو بار پاڻ ٻڌجي ويندو آهي، هڪ ڏينهن.“ پڇيائينس- ”ميان جان، طبيعت ٺيڪ ناهي ڇا؟“

”هون.“ ميان جان اُٿ پڪيءَ وانگر ڪنڌ جهڪائي شايد اُهوئي ڪجهہ سوچي ويچاري رهيو هو، ”جيڪڏهن بزرگن جي ڳالهہ مڃي ها تہ هيءَ ڳالهہ نہ ٿئي ها. پنهنجو ماري کُلي بہ ڇانوَ ۾ وهاريندو آهي.... قبر بہ تمام پري ٿي ويئي آهي.“ هن ڪان ڪنگهڪار نڪري ويئي هئي. هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، ليڪن نڙي ڪانہ کلي.

پهلوانيءَ جو ڪم ڍلو ٿيڻ ڪانپوءِ هن ريفريءَ جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. سامهون بيٺل ٻنهي پهلوانن کي روبروُ ڪرائيندو هو. سندس دنگل ميلي جي ڳالهہ ميدان جون حدوُن اورانگهي پري ڳوٺن تائين هلي ويندي هئي. ماڻهو ڳالهہ ٻڌندي بيهي ويندا هئا. ميان جان پهلوانن کي لڙائي رهيو آهي.

ميان جان ڪنڌ کڻي ڪڪڙ ڏانهن نهاريو. پنهنجي سوُنهاريءَ کي سنواري ڪاٺ کُلي پکيءَ وانگر ڪنڌ جهڪائي هوُ چوڻ لڳو، ”پاپي، احمد گهر ۾ آهي ڇا؟ چنبي ڪڪڙ نِم تي وڃي چڙهي ويٺي آهي.“ ميان جان جو منهن ڏريل ڪاليءَ وانگر ڦاٽل ٿي رهجي ويو.

پاپيءَ جي اکين ۾ ديا هئي، ”ها، آهي.“ هن احمد کي چڙهيندي سڏ ڪيو، ”اڙي احمد، پنهنجي اَبي جي ڳالهہ ٻڌين ڪونہ پيو ڇا؟ وڃ تڪليف ۾ آهي. ڪڪڙ پڪڙ ۾ ڪانہ ٿي اچيس.“

احمد پٽ ٽپي ميان جان جي سامهون اچي بيٺو هو. پندرهن سورهن سالن جو ڇوڪر. وڌندڙ قد. ٿهندڙ بدن. هن کي قميص پتلون پاتل هئي. ميان جان ڏانهن نهاري ڪاوڙ مان پڇيائين، ”ڇئہ اَبا، وقت هلندو پيو وڃي.؟“

”هون.... هان!“ احمد جي وهنوار تي ميان جان اندر ئي اندر ڇوُب ٿيڪيو. چتا جي باهہ ڪيئن ڦڙ ڦڙ ڪندي مڙدي کي جلائيندي آهي. هن مٽي تان ٻئي هٿ هٽايا. عاجز نگاهون احمد ڏانهن وڌايون. هن

ميٺهڻ

منگلا، عمر پنجويهہ. قد چار فوٽ. پتنگ جهڙو سنهڙو بدن. هوا جي رخ سان اُڏامي. رنگ ڪجهہ اُجرو، پر اُس، دز ڪان ڪارو. ڏاڙهي مڇ جي نالي تي ڪاڏيءَ تي ٻاڻ ٻُٽيا وار. پيرن ۾ لڦون، چٽيون لڳل قميص، پتلون. ڦاٽل ٽٽل چمڙي جو چمپل. ٻارن کي چڙيو، مڙد ۽ زالون بہ چرچا ڀوڳ ڪن.

نہ ماءُ، نہ پيءُ، نہ ڀاءُ، نہ ڀيڻ. وڻ جي سڪل ٽاري. قدرت جي جوڙ. نہ پنهنجي سوچ، نہ آتم وشواس. چنتائون ۽ نراسائون ڪٽي سارو ڏينهن هلي. ڌپ ۽ خراب سوچ ڪٽي سڄي رات سمهي. ڇت اُڏاٽل ٻہ ڪمرا. پيٽ ۾ ٻک. گهر ۾ سوڪ . اهڙي زندگي اٿس جو اڳيان باهہ تہ پٺيان پاڻي. اڳيان کوهہ تہ پٺيان کاهي. نہ هٿ ۾ ڪم. نہ ڳوٺ ۾ مانُ. مزوري ڏيندي پرون ٽاٽجن. منگلا ۽ ڪم. نہ ڪوڏر کڄي نہ تغاري. ٻنيءَ ۾ ڏاٽو هلائي نہ سگهي. ڏهہ سير بار کڻي نہ سگهي.

منگلا جي قسمت. ڪنهن گهر وڃي ٻارن کي ڪارائي تڏهن وڃي پيٽ ڀرجيس. ڪنهن جي مينهن کي ٻهہ پاڻي ڏاهي ڪارائي تڏهن نيرن مليس. ڳوٺ جي نفرت ڀريل نظرن سبب گهڙيءَ گهڙيءَ جگر جليس.

منگلا اڄ سمجهي ڀاڀيءَ جي گهر بيٺو غريب وانگر. سمجهي سندس سڳي ڀاڀي ڪانہ هئي. پاڙي ۾ رهئي. ٻہ ٽي گهر ڇڏي اُن جو گهر هو. منگلا ڏڌ جي گلاس سمجهيءَ ڏانهن نهاريو. اڪيلي سمجهي ئي هئي جنهن جي من ۾ منگلا لاءِ پنهنجائي هئي. ديا هئي. ڪجهہ ڏينهن کان هن جي من جا ويچار وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا. پهرين هوءَ کيس 'اچ منگلا' چئي آدر ڪندي هئي. هاڻي هوءَ کيس 'اَچو منگلا' چوڻ لڳي هئي.

منگلا کي بيٺو ڏسي سمجهيءَ هٿ وارو ڪم ڇڏي ڏنو هو. کٽ ڏانهن اِشارو ڪري چيائينس، ''اَچو منگلا، ويهو.''

هوُ کٽ تي ويهي رهيو هو. سمجهي اندر هلي ويئي هئي. جڏهن موٽي تہ هن جي هٿ ۾ هڪ ڏڌ جو گلاس هو. ٻئي ۾ ڪاڳر هو. هن ڏڌ جو

ڳوٺين سان ڀريل هڪ ڏاند گاڏي ٻئي وئي، ڏيري ڏيري. ڪڪڙ ان تي وڃي ويٺي، هن هڪ ڪن ساهه پٽيو. پوءِ اُڏامي رستي جي هن پر چانهن جي ڪوکي تي وڃي ويٺي.

اَحمد ڊوڙيو. پٺيان ميان جان هو. اُگهاڙا پير. اُکڙيل ساهه. احمد بانس کڻي رستي جي هن پر پهچي ويو هو. ميان جان هن پاسي ئي رهجي ويو. احمد ڪڪڙ کي گهيرو ڪري هن طرف ئي وٺي ايندو. اِنڪري هوُ اتي ئي بيهي رهيو.

اَحمد ڪڪڙ تي بانس جو زوردار حملو ڪيو. موت جا هزار بهانا ٿين. بچاءُ جو هڪ ئي ڪونه. ڪڪڙ ڪنهن فنڪارا وانگر سرڪي هيٺ ٽپو ڏنو. بانس جي چوٽرن ٺڪندڙ چانهه خراب ڪري ڇڏي هئي. چانهن واري ڪاوڙ جي اَحمد تي ڪيوءُ سان اُلر ڪئي. ”گڏهه جا ڦر، سڄي چانهه خراب ڪري ڇڏيئه. پئسا ڪير ڀريندو. تنهنجو پيءُ؟“

سلمان جو هٿ هوا ۾ ئي رهجي ويو هو، ”چاچا، مان ته ڏمڪائي رهيو آهيان، هن کي.“

ڪڪڙ جي همت ته ڏسو، ميان جان کي وَر وَر اچرج لڳي رهيو هو. مڇيءَ جي اک وانگر هوُ ڪڪڙ کي ڏسي رهيو هو. هن هٿ کڻي احمد کي زور سان چيو، ”احمد ڏس، هوءَ رحمان سائيڪلن واري جي ڪوکي هيٺان وڃي ويٺي آهي.“

اَحمد ڊوڙيو. جهڪيو. گهوڙيائين. هن ڪڪڙ کي بانس ڇهايو. ڪڪڙ پيڙا ڪان ڪڙ ڪڙ ڪرڻ لڳي. ان ڪانپوءِ هوءَ اُٿي. ڊوڙي، ٽپي، اُڏامي، ميان جان جي ڀت تي اچي ويٺي هئي. ڀت تان اُڏامي هوءَ احمد جي ڇت جي ٻني تي وڃي ويٺي هئي.شام جو انڌيرو لهي آيو هو. ڪڪڙ هڪ ڇت تان ٻي ڇت تي ٽپندي ٻئي وئي. ميان جان يڪ ٽڪ ڏسندو رهيو. هٿن سان اَشارا ڪندو رهيو، ”اَچ، اَچ.“ هوُ ڪڪڙ سان گڏ رستي تي هلي رهيو هو.

ڪڪڙ کي ڪڪڙ ڪڪڙين جي ڪڙ ڪڙ ۽ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. عباس ميان پنهنجن ٻن پوٽن سان گڏجي ڪڪڙن ڪڪڙين جي ڊنبلي کي مرغي خاني ۾ بند ڪري رهيو هو. ڪڪڙ اُڏامي عباس ميان جي ڪڪڙن ڪڪڙين سان وڃي ملي.

□□□

منگلا عجب وچان سوچ ۾ ٻڏي ويو، ”واهه ڀاڀي، واهه! تنهنجي منهن ۾ ڪير ڪنڊ.“

هن چيو، ”مون تنهنجي باري ۾ گهر ڳالهه ڪئي آهي.“

منگلا جي من ۾ آيو ته هو اهڙي منڙيءَ ڳالهه لاءِ ڀاڀيءَ جي چپن کي چُمي، پر مريادا آڏو اچي ويئي. هن چيو- ”ڀاڀي، مان پاڏيءَ کي پالي سگهندس؟ ڪٿان آڻي ڪيس کارائيندس؟“

سمجهيءَ ٻار وانگر منگلا جي مٿي تي هٿ رکي کيس آسرو ڏيڻ ٿي چاهيو، ليڪن شرم اُن جا به هٿ جڪي ورتا هئا. فراخدليءَ سان چيائين، ”مان ڏينديسانءِ پنهنجي پاڏي، ٻن سالن جي آهي، ٻن سالن ۾ سامائجي ويندي. سٺي نسل جي آهي. ڀلي نڪرندي. سٺي رقم ڏيندي، تنهنجي کُڪائين جهوپڙيءَ تي ڪکائين ڇت لڳي ويندي. گهر ۾ سونوا جو وهانءُ ڪري ايندي ته توکي ڪم جي عادت به پئجي ويندي. گرهستي جو هلائڻي پوندءِ.“

منگلا خوشيءَ وچان آيل ڳوڙها قميص جي ڪنڊ سان اُگهي ڇڏيا هئا. هن پڇيو- ”ڀاڀي، پئسا؟“

”پئسا وٺنداسين اَسان توکان؟ تون پنهنجي پاڏيءَ کي ته چارڻ ويندين ئي. اسانجي ٿن مينهن کي به چاري اچجانءِ. صبوح جي ماني اَسان کارائينداسين توکي. شام جو پاڻ وچي کائجانءِ.“

منگلا ڏڌ جو گلاس خالي ڪيو- ”ڀاڀي، پان نُڪري ته ڏجو.“

سمجهيءَ ساموهون چؤنڪ ۾ بيٺل پاڏيءَ ڏانهن اِشارو ڪيو- ”ڏسي وٺ. مون تنهنجي ڀاءُ کان رايو وٺي ڇڏيو آهي.“

منگلا ڏڌ جو گلاس هيٺ رکي ڇڏيو هو. هو پاڏيءَ وٽ ويو. هن پاڏيءَ جي پٺيءَ کي لٻريو، جيئن سئيس گهوڙن جي پٺين کي لٻريندو آهي. پاڏيءَ ڇرڪ ڀريو. منگلا اُن جي پٺيءَ کي کنهيو. پاڏيءَ پڇ لوڏيو. ڪنڌ مٿي کنيو. منگلا پاڏيءَ جو منهن چمي ورتو هو. پاڏي منگلا طرف پنهنجائيءَ سان نهارڻ لڳي هئي. ڪيس اڄ ڪنهن لاڏ پيار ڪيو هو.

منگلا گد گد ٿيندو گهر آيو. پنج سال اڳ سندس ماءُ پيءُ هڪ مهيني جي اندر راهه رباني وٺي هليا هئا. جيستائين اُهي جيئرا هئا، پنڌارا پريل

گلاس ۽ ڪاڪڙ منگلا کي ڏنو ۽ پاڻ ان جي پير ۾ موڙهو رکي ويهي رهي. چوڻ لڳي، ”منگلا، هڪ صلاح ڏيان ۽، جي مڃين.“

منگلا، ڏندن سان ڪاڪڙ ۾ چڪ وجهي مٺان ڏڏ جو ٽڪ پريو. چپن تي جڀ ڦيري هوءُ چوڻ لڳو، ”چئو نہ، ڀاڀي.“

سمجهيءَ جي عمر ڇٽيهہ ستٽيهہ هئي. قد ننڍو هوس. ٿلهي ٿيندي پئي وئي. رنگ ڪارو هوس. چهري تي چمڪ هئس. ڪنن ۾ وڏا وڏا جهومڪ جهوليندا رهندا هئس. سدائين ڪڙتو سلوار پاتل هوندو هوس. نڪ ۾ ڦلي. پيرن ۾ چير. ڳچيءَ ۾ منگل سوٽر. هٿن جي سيني آڱرين ۾ منڊيون پائيندي هئي. پيرن جي هر آڱر ۾ ٻيچونا (هڪ قسم جو ڳهہ) پاتل هوندو هوس. هن جي وارن کي وقت کان اڳ ئي اَڇاڻ گهيرڻ لڳي هئي. هوءَ سدائين پيرن تائين رئو رکندي هئي.

هوءَ وڏي سچيءَ وانگر گنڀير ٿي چوڻ لڳي، ”منگلا، ٻنيءَ ۾ تون ڪم ڪري ڪونہ سگهين. مزوريءَ تي وڃي وڃڻ وارا پيا ٿا نڪ موڙين.“

”تہ پوءِ؟“ منگلا اکيون ڇنڀيون.

”هڪ ڪم ڪر.“

”چئو نہ، ڀاڀي.“ هن جي اندرين جڳياسا ٽپو ڏنو.

”هڪ پاڏي ڪٺي پال.“

”پاڏي؟“

”ها، وهانءَ ڪرائي ڇڏيندس تنهنجو.“

هڪ انوکي عجب وچان منگلا جون اکيون سمجهيءَ جي چهري تي کُپي ويون. هن ٿڏو ساهہ کنيو. هوءُ ڪٽ تان لهي سمجهيءَ واري موڙهي جي پير ۾ اچي ويٺو هو، ”سچ ڀاڀي؟“

سمجهيءَ کي منگلا جي بي چئني ڏسي آنت مليو، ”منهنجي نندي پيڻ آهي نہ سونوا. توکان ننڍي آهي. ارڙهن سال پورا ٿيڻ وارا اٿس. نہ وهانءَ نہ مڱڻو.“ سمجهيءَ اَهم ڳالهہ هن کي ٻڌائي. بندري سونوا جا ڪئين رشتا ٽٽي چڪا آهن.

هيڙي چڪڻ جو عيب منگلا ۾ هو ڪونه. چانهن جي عادت پئي ڪانه هيس. پتن ڪي ڇهيو به ڪونه هئائين. سڄو ڏينهن هنين تي رهڻ. شام جو روٽي پچائڻ، کائڻ. پاڏيءَ کي چارو پاڻي ڏيڻ ۽ سونوا جي ياد ڪٽي سمهي پوڻ. منجهس هڪ سمجهه آئي. هوُ اوڙي پاڙي جون ڏهه مينهون به چارڻ لڳو هو. هڪ مينهن پنجويهه روپيا مهينو. اڍائي سؤ روپيه هر مهيني وٽس اچي رهيا هئا. ڪنهن وقت هوُ داڻي داڻي لاءِ محتاج هو. جيئڻ محال هوس. اڄ هوُ چڱن ڀلن جي وچ ۾ وهڻ جهڙو هو.

پئسو شينهن ٿيندو آهي. منگلا ۾ آتم وشواس اُسريو هو. ناز نخرو وڌڻ لڳو هو. بيڪاريءَ جون اکيون جهڪيل رهنديون آهن. پورهيت جون اکيون مٿي رهنديون آهن. ڪوئي ڪيس چيڙائڻ جي خيال کان ڪجهه چوندو هو ته هوُ تير وانگر سيلجي بيهي ويندو هو. گجندو هو، ”چئه، ڇا ٿو چوين. غريب غربو سمجهيو اٿئي منگلا کي.“

منگلا سمجهيءَ وٽ ماني کائڻ وهندو هو ته هوُ ڪيس ”ڳالهه“ جي ياد ضرور ڏياريندو هو، ”ڀاڀي، سونوا جو وهانءُ ڪرائيندينءَ نه، وساري نه ڇڏجانءِ.“

کل ئي کل ۾ اڄ سمجهيءَ ڪيس ڇهنڊڙي پاتي هئي، ”ايندڙ مهيني ميلو آهي. سونوا کي گهرائيندس. وچ ميلي ۾ اوهان ٻنهي جا هٿ نه ملايان ته منهنجو نالو سمجهي ڪونهي.“

منگلا جو ڏينهن جو چين ۽ رات جي ننڊ ڦٽي پيئي هئي. هڪ هڪ ڏينهن جبل جيڏو لڳڻ لڳو هو. هوُ ڏينهن ۾ چار ڀيرا صابڻ سان ٻٽ کي گهي گهي ڌوئندو هو. ڪٿي ڪا ميراڻ نه رهجي وڃي. ڀاڀي، سونوا سان هٿ ملارائيندي. هوُ اُهو هٿ پاڻ سان گڏ گهر کڻي ايندو. هٿ کي ڌوئي پاڻي رکي ڇڏيندو. سهاڳ رات اُهو سونوا کي ڏيکاريندو، ”ڏس سونوا، تنهنجو ميلي وارو هٿ اسان بوتل ۾ وجهي رکيو آهي.“

منگلا جو ٻڌر ننڍو هو. اُتي ئي چلهه هئي. اُتي ئي پاڏي جي ٿوڻي هئي. هوُ روٽي پچائيندو هو. ڪو ڌرمي ماڻهو ڀهرين روٽي ڳانءِ کي کارائيندو آهي. هوُ ڀهرين روٽي پاڏيءَ کي کارائي خوش ٿيندو هو. پاڏي ئي هنجو ڀاڳ آهي.

رهيا. گهر خالي ٿيو تہ منگلا لاءِ اوندهہ ۾ ڏکا ۽ ٿاٻا هئا. هڪ ڏينهن هوءَ ٽوٽيءَ سان ٺڪريو تہ هن چڙ وچان ٽوٽي ڇڪي ڪڍي ۽ ڇت ۾ گهيڙي ڇڏي. هاڻي ڪير ٻڌندو مينهن؟

جيئن مقرر جڳهہ تي رکيل شئہ وٽ هٿ پاڻمرادو هليو ويندو آهي، منگلا جا هٿ ٽوٽي نڪتل جڳهہ تان ريت ڪڍڻ لڳا هئا. هن وري ٽوٽي کوڙي، اُن مٿان پاٽي وڌو. شل سونوا جا ٻار سکيا ستابا رهن. هوءَ هٿ ڇنڊيندو سمجهيءَ جي گهر آيو. چوڻ لڳو، ”پاپي، ٽوٽي کوڙي آيو آهيان مان.“

سمجهي خوشي ٿي. چيائين، ”چوڙي، ڪاهي وڃ نہ پنهنجي پاڏيءَ کي.“

منگلا پاڏي آٽي پنهنجي ٽوٽيءَ سان ٻڌي ڇڏي هئي.

ٻن سالن جي مرٽينگ جهڙي پاڏي، هڏا هڏا، وڏا وڏا وار. هرهڪ وار ۾ جئون. چمڙيءَ تي چچڙ، چيٽي مٽ ۾ ليتڙيل. لاپرواهيءَ جي ماريل، ڪاڌ خوراڪ جي ڪميءَ جي شڪار. هيڏيون خاميون، ٻہ خوبيون. سڱ سهڻا. ڪاري مٽي تي چانديءَ جي ڪٽوريءَ جهڙو سهڻو اَڇو ٽڪلو.

پاڏيءَ جي بري حالت ڏسي منگلا هڪوار خفا ٿيو هو. مڙد جي ڳالهہ ٿرندي ڪانهي، منگلا. هن پاڏيءَ کي پاٽيءَ سان خوب سنان ڪرايو. وار نرم ٿي ويندس. ليکوڻ ڦنڊجي ويندس. جوئن جا وات ڦاٽي ويندا. چچڙ چمڙيءَ کي ڇڏي ڏيندا. هن ڪئنچي ڪنئي. پاڏيءَ کي چوڙي پري ڪلئي ميدان ۾ وٺي ويو. اُنجا سپ وار ڪٽيائين. هاڻي بيماري پري. بک نہ مري پاڏي. هن پاڏيءَ کي اڄ آس پاس ئي چاريو هو ۽ ڪَڏ تان پاٽيءَ پياري گهر آندو هو.

چارو پاٽي، لاڏ پيار، مهمان جهڙي خاطرداري. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ پاڏيءَ جا هڏا لڪڻ لڳا هئا. چمڙيءَ تي سٽپ نظر اچڻ لڳو هو. سڱ وڏيڪ سهڻا لڳڻ لڳا هئا. منگلا کي پنهنجي بندري هئڻ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. پهرين هوءَ بيني بيني پاڏيءَ کي سنان ڪرائي ڇڏيندو هو. هاڻي سندس هٿ پٺر يا سِر مٿان بيهي پاڏيءَ جي پٺيءَ تائين پهچندا هئا. پاڏيءَ جو وڌندڙ بُت ڏسي هن جي چهري تي اُميد ۽ خوشيءَ پري مُرڪ اُڀرندي هئي. ڳوٺ جي نظر لڳڻ جو ڊپ ستائيندو هوس. هوءَ پاڏيءَ کي ٽوٽي مان چوڙيندو هو تہ اُن جي اَڇي مٽي تي رَک جو تلڪ هڻڻ ڪونہ وساريندو هو. جيئن نظر نہ لڳيس.

جي وقت ميلو ڏسڻ ويئي. ميلو شباب تي هو. زالن جي ڪپڙن تي اندلٺ جا رنگ نمايان هئا. اُهي گيرن جا اُمنگ ڀاڳ ۾ سمائجي ڪونہ پئي سگهيون. زالون پينگهن ۾ لڏي رهيون هيون. گيت گونجي رهيا هئا. آڪاڙن ۾ نفارا وڄي رهيا هئا. ٻارن جو گوڙ هو. توتاريون ڪن ٻوڙا ڪري رهيون هيون. پڪوڙا جليبيون پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي رهيا هئا. هر دڪان تي گراهڪن جي ڀيڙ هئي.

منگلا ٺاهر ڇوري وانگر سمجهيءَ سان گڏ هو. تماشو ڪندڙ باندر وانگر هوُ ڪڏهن سندس ڪاٻي پاسي ته ڪڏهن ساڄي پاسي. منگلا جي هردي جي مڪڙيءَ ۾ سونوا ٽپا ڏيئي رهي هئي. غئبي ميلاپ جو اُتساهہ منگلا جا ويچار توڙي نٽي ٽُريا. هوُ گد گد هو.

سمجهيءَ جي پيڪن جون ٽي زالون شام جي وقت ميلي ۾ آيون. اُنهن مان هڪ سندس پيڪاڻي گهرن مان هئي. وڏي ڪاڪيءَ جي نونهن. هوءَ ڏڳهي قد واري اڏڙوٽ هئي. هوءَ سمجهيءَ سان ڀاڪر پائي گڏي. گهر جا حال احوال ڏنائون ورتائون. اُن سمجهيءَ کي ٻڌايو، ”سونوا ميلي ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي هئي، ڪيترن ئي ڏينهن کان. رات ٻخار ٿي پيس. پئجي رهي.“

منگلا اُتي ئي بيٺو هو. بي خيالن وانگر. سونوا کي ٻخار ٿي پوڻ جي خبر ٻڌي هن جو ساهہ نڪري ويو هو. ڇهري جو پنو ئي لهي ويو هوس. سمجهيءَ کيس سمجهايو، ”منگلا تون ميلو ڏسي وٺ. مان سياڻي پيڪي ويندس. سونوا جو حال احوال پڇڻ.“

منگلا لاءِ ميلو جهنگل بڻجي ويو هو. اُميدن جون ٻرندڙ بتيون وسامي ويون هيون. هن سونوا لاءِ سينگار جون شيون خريد ڪري ڇڏ ڇڏي هئي. ڪنگو سندر سڀ. مينهن لاءِ بہ گهنڊٽي ۽ هڪ هار خريد ڪيو هو. هوُ گهر موٽيو هو وساٽل وساٽل.

هن جا هٿ هاٽي مينهن جي پُٺي تہ ڇڏيو، ٽڙي تائين بہ ڪونہ پهچندا هئا. هن ايندي شرط مينهن جي مٽي تي آهر ڪئي. اُن کي نرمائيءَ سان مَهٽيو. مالها ۽ گهنڊٽي ڳچيءَ ۾ پاتي. مينهن جي راڻي آهي، اسانجي مينهن. گهنڊٽي ٺڻندي ئي خبر پئجي ويندي تہ منگلا جي مينهن آهي. مينهن بہ لاجواب هئي. هن گهنڊٽي ۽ مالها ٻڌائڻ ڪانپوءِ منگلا جا پير چٽيا، چٽڪ مهرباني مڃيندي هجي. منگلا گد گد ٿي ويو هو. سونوا پنهنجي گهر ۾ هاڻ جهڙي سلڇڻي مينهن ڏسي داد ڏيندي موٽڪي.

پاڏي بہ منگلا کي اوترو ئي چاهيندي هئي. هڪ ڀيري منگلا کي ٻہ ٽي ڏينهن بخار ٿيو هو. چارو ڇڏي پاڏيءَ پاڻي بہ ڪونہ پيتو. بس دعائون ڪندي بيٺي رهي. ڪڏهن چاڪ ٿيندو منگلا. اِهو ئي حال منگلا جو بہ هو. هڪ ڀيري پاڏي بيمار ٿي پيئي. جيستائين پاڏي چاڪ ڪانہ ٿي. منگلا کي ڏڪڻي رهي.

جيئن جيئن ميلو ويجھو اچي رهيو هو، سونوا جي ياد غفلت ۾ تبديل ٿي رهي هئي. جي روٽي پچائيندي سونوا جي ياد اچي ويئي تہ روٽي تئي تي ئي سڙڻ لڳندي هئي. پاڏي نڪ سُڪڻ لڳندي هئي، ”سائين روٽي ڏسو پنهنجي.“

هڪ ڏينهن پاڏيءَ جو من اُداس هو. هوءَ نہ کائي رهي هئي ۽ نہ پي رهي هئي. هن مٽي تي نهاريو ۽ ناسون ڦنڊائي سوُن سوُن ٿي ڪئي. منگلا انومان لڳايو پاڏيءَ کي چاريندي ڪيس سوا سال ٿي ويو هو. جڏهن گهر ۾ آندي هئائين تڏهن ٻن سالن جي هئي. پاڏي سامائجي ويئي آهي. هوءَ گرم آهي. ڪيس ساڻ کپي. پاڏي ڍڪي ٿي. منگلا ڳوٺ ۾ پتاشا ورهايا هئا، ٻہ ٻہ. جيئن شاديءَ کانپوءِ ڇوڪريءَ کي ڇوڪري نہ، عورت يا اِستري چئبو آهي. ڍڪي ٿيڻ کانپوءِ منگلا پنهنجي پاڏيءَ کي مينهن چوڻ لڳو هو، فخر ۽ گَورو سان. اُن ڏينهن هن پنهنجي پٽ تي اجوڪي تاريخ ڪوٽي ڇڏي هئي پٿر سان.

اِنتظار پورو ٿيو. ميلو آيو. سونوا ايندي. پاڀي سونوا سان هٿ ملارائيندي. سچي پيار کان منگلا ٿري ٿري پوندو هو. تاڙيون وڄائڻ لڳندو هو، ٻارن وانگر. هوُ مينهن سان ٻن ٽن ڏينهن کان اڳسٽا جوڙي رهيو هو. ميلو ايندو. آزادي رهندي جڏهن سونوا ايندي.

اڄ هوُ صبوح ساڻ ئي سنان پاڻي ڪري فارغ ٿي ويو هو. هن نئون ڪڙتو پاتو هو. نئين ڌوتي ڪڍي پاتي هئي. ان جا ڇُڻ ٽاهيا هئا. ڪرائيءَ تي واچ ٻڌي هئائين. ڳچيءَ ۾ رومال هوس. هن ٻنهي ڪراين تي بہ رومال بہ ٻڌا هئا. پيرن ۾ نوان جوتا پاتا هئا. ڪيسي ۾ ٻٽوُن هوس. انڊپين ٽنگي هئائين. منگلا ڇيل ڇبيلو بڻجي سمجھيءَ جي گهر اچي ويٺو هو.

سمجھيءَ جا ٽيئي ٻار پيءُ سان گڏ ميلو ڏسڻ هليا ويا هئا. سمجھي پنهنجي گهر جو ڪم نبيري رهي هئي. هوءَ پاڙي جي زالن سان گڏ ٻپهريءَ

ڪئي آهي.“

”ٻخار ڪا بيماري ٿوروئي ٿيندي آهي. گوري ڦڪي لڳو. ڇري ميلي ۾ اڄڪ جي چاهت ۾ ٻه ٻه ڀيرا سنان ڪندي هئي.“ سمجهيءَ جي منهن تي پاڇائيءَ واري مُرڪ هئي.

منگلا حجاب ڪري سمجهيءَ کان پڇيو، ”پاپي، سونوا مونکي ياد ڪندي آهي ڇا؟“

”تہ ميلي ۾ اڄڪ لاءِ ٻہ ڏينهن ٻہ ٻہ ڀيرا اِئين ئي ٿي سنان ڪيائين ڇا، بدن کي مهٽي. سونوا مونکي سچي رات سمهڻ ڪونہ ڏنو آهي. منگلا، منگلا، منگلا لڳائي ويٺي هئي. منگلا نہ ٿيو ڄڻ منگل سوٽر ٿيو.“

منگلا خوشيءَ ڀريل اکيون ڇنڀي رهيو هو.

سمجهي خوش ٿي- ”تون بہ تون آهين. پلا اهڙيون هڙون موڪلبيون آهن. شيون ڏسي ڳوٺ جي ڇورين جا جگر جلي رهيا هئا.“

”سچ پاپي.“

منگلا اُمنگ وچان ڏڏي ويو هو.

”ها، پنهنجي رئي جو پلاند وٺيندي سونوا ڇئي رهي هئي، جيڪڏهن هوءَ ميلي ۾ اڇي ها تہ هٿ تي ”منگلا“ لکائڻ لاءِ شيون ڇپارائي ها. مون کيس چڙب ڏني- ”بي دماغ، شادي نہ مڱڻو. مائي ڪمال آهي.“

ماڻهوءَ جو مانُ پاونائن جي ڪسوٽي ٿيندو آهي. پنهنجي پياري جي پاونا کي اَسان پنهنجي من جي ڪسوٽيءَ تي سچائي وٺندا آهيون. جڏهن اسان جي اندر ۾ الڳاءُ هوندو آهي تہ اڳلي جي من ۾ بہ اَسان جي لاءِ الڳاءُ ٿيندو آهي. جڏهن اسان کي هن سان لڳاءُ هوندو آهي تہ اڳلي ۾ بہ اَسان لاءِ لڳاءُ ٿيندو آهي.

منگلا کيڙن ۾ ئي ڪونہ ٿي ماپيو. سونوا ۽ سندس هڪ ئي لنئہ آهي.

منگلا، ڏڏ سان ماني کائڻ ويهي رهيو هو. سمجهيءَ پلاند مان ٻڌُون ڪڍيو. هن اُن مان ڦوٽو ڪڍي منگلا ڏانهن وڌايو - ”سونوا، سونوا، سونوا. وٺ پنهنجي سونوا.“

سمجهيءَ ڳوٺان منگلا لاءِ مراد جو ”روڪ“ نالي سوڻ وارو چانديءَ جو روپيو بہ ڪڍي آئي هئي، بطور وشواس. سياڻي سمجهيءَ منگلا کي اُهو روپيو ڪونہ

هئي ڏينهن هوُ سمجهيءَ جي گهر اچي ويهي رهيو هو. ستياگرهه ڪري. ڪوپا ڪوڙي. پاپي پيڪي وڃي تہ هوُ مينهون ڇوڙي. هن سمجهيءَ سان پنهنجي چنتا جو ذڪر ڪيو، ”پاپي، وڃو نہ سونوا جو حال احوال وٺي رات مونکي هوءَ ڏهري نظر آئي.“

سمجهيءَ کي پيڪي وئي سال ٿي ويو هو. منگلا جي هوڏ هئي. سونوا جي بيماريءَ جو بهانو هو. هوءَ تيار ٿي ويئي هئي. منگلا سندس سامان جي صندوقڙي کڻي ڪيس بس ۾ وهارڻ لاءِ بس اسٽينڊ تائين آيو. بس ايندي ڏسي هن پنهنجي هڙ سمجهيءَ کي ڏني. چيائين، ”پاپي، سونوا ٿي ڪولي هن کي.“ بس بيهندي ئي هن سمجهيءَ ڏانهن سوَ جو نوٽ وڌائيندي چيو، ”پاپي، سني ڏاڪدر جو ڏس پتو ڏجانءِ سونوا کي. سٺو علاج ڪرائي.“

سمجهيءَ هڙ وٺي پنهنجي صندوقڙيءَ ۾ رکي ڇڏي. سوَ جي نوٽ لاءِ هٿ سان منع ڪندي چيائين- ”اهڙي سوڪ ڪونهي، گهر ۾.“

تن ۽ من ۾ ڇورا ڪورا. منگلا مينهن کي ٻنيءَ ۾ چاري رهيو هو پر من سونوا وٽ هوس. الائي ڪيئن هوندي سونوا. بخار لٿو يا نہ هنجو. چار ڪن جو وقت هو. هوُ پنهنجي مينهن وٽ آيو، ”مان گهران ٿي اچان ٿو. پاپي آئي الائي نہ، سونوا جو حال احوال کڻي موٽي آئي يا نہ. مينهون پلي ٻنيءَ ۾ چرن ۽ مار کائين.“

هوُ گهر آيو. سمجهي ڪانہ آئي هئي. ڏٺائين. هن پنهنجي آڱر وات ۾ کڻي وڌي هئي. سندس مينهن ٻنيءَ مٿان سپاهيءَ وانگر خبردار ٿيو بيٺي هئي. سمجهيءَ جي گهر ۾ ٽي مينهون. مالڪ جي ريلوي ۾ نوڪري. ٻارن جي پڙهائي. سمجهي هئي ڏينهن صبح جو گهر آئي هئي. منگلا مينهون ڇوڙي آيو. سمجهي نئون وڳو پائي روٽي پچائي رهي هئي. عجب وچان منگلا جو وات ڦاٽل ئي رهجي ويو، ”پاپي، توهان اچي ويا؟“

”ريل گاڏي جڏهن اچي نہ! نہ تہ بس ۾ ڏڪا ٿاپا کائيندا پون ها.“

”سونوا ڪيئن آهي پاپي؟“ هوُ سمجهيءَ جي پير ۾ ويهي رهيو هو.

”چا ٿيو هو سونوا کي.“ هن ڦلڪو ويليندي چيو.

”اُن کي بخار ٿي هڏايو نہ هُن عورت. اِنڪري مون رات ننڊ ڪانہ

هئا. اخبار رکي، ڊاڪٽر دوائن جو ٿيلهو کڻي منگلا سان گڏ هلڻ لڳو هو.

منگلا جي مينهن پاڏي جڻي هئي. ماءُ جهڙي پاڏي. مٿي تي اُهو ئي چنڊ جهڙو ٽڪلو. منگلا خوش ٿي پنهنجي هٿ سان ڳڙ ورهائڻ لڳو هو. سمجهي اڇي ويئي هئي. هن ڳڙ جو پريل ٿالهه سمجهيءَ کي ڏيئي ڇڏيو هو. پاپي هاٺي ورهاءِ خوشيون، مان مينهن کي ٿو سنڀاليان.

مينهن ڏکهي هئي. منگلا بندرو هو. مينهن کي ڏهڻ جي چنتا، مينهن کان وڏي ٿي ويئي هئي. هن جا هٿ ٿڻن کي ڇهي به ڪونه سگهندا. هوُ مينهن کي ڪيئن ڏهي سگهندو؟ پڻ ڪيئن ملندو؟ ڪنهن کي سڏ ڪندو؟ مينهن کي نظر لڳي ويندي؟ ڏائڻ جا ٿڻ به اهڙا آهن جڻ پاٺيءَ جون مٽڪيون هجن.

هن واڙي جو در بند ڪري ڇڏيو. پاٺيو ڪنيو. پاٺئي تي سروُن رکيون. هوُ بالٽي کڻي مينهن ڏهڻ ويهي رهيو هو. هن مينهن جي ٿڻن ۾ هٿ وڌو. در زور زور سان کڙڪيو ۽ کڙڪندو ئي رهيو، جڻ دهشت جي دستڪ هجي. بالٽي پري رکي منگلا دروازو کولڻ ويو. دروازو کوليندي ئي سندس رت سُڪي ويو. نمبردار تيمور لنگ وانگر چڙهي آيو هو. هن جي هٿ ۾ بندوق هئي. پنج ڇهه لنباز هن سان گڏ هئا. هوُ اندر اچي ويو هو. هڪ لنباز واڙي جي در وٽ بيهي ويو هو لٺ سنڀالي.

نمبردار جي عمر اٽڪل پنجونجاهه جي اندر هئي. سڪل جهڙي گهي بدن تي اَچيون مڇون هيون. بندوق هن کان سنڀالي ڪانه ٿي ٿي. هڪ ڪريلو بيو نم چڙهيو. ڏات جو ايمان. چوڪرو پوليس ۾ آفيسر. هن تي ڪنڌا اُپري آيا هئا. عادتون خراب ٿي ويون هئس. سڄي ڳوٺ ۾ هن جي دهشت ۽ ظلم جو ڪوهيڙو ڇانيل هو.

سڄو ڳوٺ بيٺو هو. ماٺ ئي ماٺ. هرهڪ جي منهن تي دهشت هئي. ماڻهو قاتل اکين سان تماشو ڏسي رهيا هئا. واتڙا، گونگا، عجيب مردني ڦهليل هئي. ڳوٺ جي چيتنا جو جهرٽو سُڪي ويو هو جڻ. واڙي ۾ ٽنگون ٽيڙي بيٺل لنباز تي ڪا پڇري به اُجلڻ جي ڪنهن کي همٿ ڪونه هئي. سمجهيءَ جي هٿ مان ڳڙ جو ٿالهه ڪِسڪي ڪِري پيو هو. هوءَ زور زور سان پٽڪا پاراتا ڏيئي رهي هئي، پر ڪري ڪجهه ڪانه ٿي سگهي.

هڏايو، نہ ڏيڪاريو. منگلا پنجويهن ڇويهن سالن جو مڙد ضرور ٿي ويو هو، پر من چلولي ٻاهر ڇوڪري جهڙو هوس. هوُ روز روز اچي روپيو گهرندو. ڳالهہ پڪي آهي. شاديءَ لاءِ مهورت ڪڍائي شاديءَ ۾ مڱڻو هڪ ئي وقت ڪري ڇڏينداسين.

ڦوڻو ڏسي منگلا ڏڏ روئي اُٿي ئي ڇڏي ڏنا هئا. هوُ پڇندو پڇندو گهر آيو. هن ڦوڻو مينهن جي اکين آڏو ڪٽي ڏنو هو- ”ڏس تنهنجي مالڪڻ. بس ڏهاڪو مهينن جي ڳالهہ آهي. تون جڏهن ئي ويامندينءَ تہ هوءَ وهاڻ ڪري اچي ويندي. هن مٿو پٽيو، ”تون ڪٽي هوندينءَ تڏهن، جڏهن ڏاڻون هيون تڏهن پڳڙا ڪونہ هئا، جڏهن پڳڙا آهن تہ ڏاڻون ڪونهن.“

وقت گذري رهيو هو. گهڙيون، ڪلاڪ، ڏينهن، مهينا. منگلا جي مينهن جي ٿڻن ۾ کير لهڻ لڳو هو. کڪ وزني ٿي ويئي هئي. کيس هلڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. هوءَ هر چارهيءَ تي، ڪرلاهيءَ کان بچندي هلندي هئي هاڻي. سندس گهنڊٽيءَ جو آواز ڏيمو ٿي ويو هو. هن ٻين مينهن سان سڱ لڙائڻ ڇڏي ڏنا هئا.

منگلا ڪوري سليٽ ڪونہ هو. هوُ ٽي سال پٽي ڪٽي اسڪول ويو هو. هن جانورن جي ڊاڪٽر کان پڇي ڇڏيو هو. مينهن ويامڻ ۾ سوا ڏهہ مهينا وٺندي آهي. اِنڪري هوُ پٽ تي ڪوئيل تاريخ ڏسي آڱرين تي ڳڻپ ڪرڻ لڳندو هو. ڪيترا ڏينهن رهجي ويا آهن. مينهن کي ويامڻ ۾. آخر اُهو ڏينهن اچ اچي ويو هو.

مينهن ويم جي پيڙا کان پٽي ڦٽڪي. مينهن جي ڪري منگلا ٻيون مينهون ڪونہ ڇوڙيون هيون. هن کي شڪ پيو. مينهن جي پيٽ ۾ ٻچو اُبتو آهي. هوءَ ان کي سڌو ڪري ڪونہ ٿي سگهي. ڏهين يارهين بجي جو وقت هو. هوُ کيسي ۾ ٻہ سوَ روپيا ڪٽي پڇندو پڇندو جانورن جي اِسپتال ۾ ويو. ڊاڪٽر هو پر اُهو ميز تي پير ڊگها ڪري، وڏي آرام سان اخبار پڙهي رهيو هو. جڻ اِسپتال نہ پر ڪا ڌرمشالا هجي.

منگلا ڊاڪٽر کي هٿ جوڙيا ۽ هيٺ ويهي رهيو، نماڻو بڻجي. هن ليلايو- ”صاحب، منهنجي مينهن ويم ڪري ڪونہ ٿي سگهي. هلي ڏسو ان کي. جيڪڏهن مينهن کي ڪجهہ ٿي ويو تہ مان مري ويندس.“

ڊاڪٽر هن ڏانهن اُڇاتري نظر ڊوڙائي. هوُ وري اخبار پڙهڻ لڳو. مروان موت ملوڪان شڪار. منگلا ٻہ سوَ روپيا ڪڍي ٽيبل تي رکي ڇڏيا

جهرڪي چوڳو آڻي پنهنجن ٻچڙن کي کارائيندي آهي.

مينهن کي مت آئي. دال ۾ ڪارو آهي. هن ٻاڏيءَ کي ڇلڻ بند ڪري ڇڏيو هو. سچيت ٿي هن هيڏي هوڏي نهاريو. هوءَ زمين تي ويهي رهي هئي. هڪ للباز ٽوٽيءَ مان نوڙي کولي ڇڏي هئي. هن مينهن کي اٿارڻ لاءِ هٽ هٽ ڪئي. ڦلڪار وڌي. مينهن اُٺين جو اُٺين رهي. للبازن اُنکي لوڪرون هيون. للين جون ملپون هنيون. مينهن پيپر جي ٻاڙ وانگر جمي ويٺي رهي. نمبردار بندوق جا ملپا هنيا. مينهن شانت رهي. هڪ للباز ٻاڏيءَ کي وٺي هلڻ لڳو. ممتا جي ماريل ٻاڇهي اُٿي ايندي. مينهن اوڏانهن نهاريو بہ ڪونہ. نمبردار جون اکيون ٻرڻ لڳيون- ”مورکو، مينهن کي اُٿاريو.“

هڪ للباز منگلا جي ڇت مان گاهہ جو پولو ڇڪي ڪڍيو هو. ان کي ماچيس جي تيلي لڳائي ڇڏي هئي. هوُ ٻرندڙ گاهہ مينهن جي پرسان ڪٽي ويو- ”ڏسان ڪيئن نٿي اُٿي، پيٽسان.“ باهہ جي جهپن سان مينهن جا وار سڙي ويا هئا. چمڙي لهسجي ويئي هئي. ان پيڙا سان منگلا ڦٿڪڻ لڳو هو. هن کان مرڻ بهتر آهي منگلا . هن ڪوئي وانگر پنهنجا ڏند للباز جي ٻانهن ۾ کپائي ڇڏيا هئا. رت جا ڦڙا زمين تي ڪرڻ لڳا هئا. زمين ڳاڙهي ٿي ويئي هئي. للباز جيترو بي آرام ٿي رهيو هو. اوترو ئي منگلا جا ڏند ماس ۾ ويا تي گهڙندا.

تازو وياميل مينهن منگلا طرف نهاريو. منگلا عيسيٰ مسيح وانگر سوليءَ تي للڪيو پيو هو ڇڻ. منگلا کان سواءِ هن جو ملهہ ئي ڪهڙو آهي. جيئن ٻاڙي نهڪندو آهي، تيئن مينهن جو اندر ڪروڌ کان نهڪي رهيو هو. هوءَ اُچانگ ماري اُٿي ڪڙي ٿي. سوُن سوُن جي آواز سان هوءَ اڳتي وڌي. پت سان لڳي بيٺل نمبردار ٿڙ ٿڙ ڪنبجي رهيو هو. مينهن کي بي قابو ڏسي نمبردار جي نس نس ڪنبڻ لڳي، جيئن واچوڙي ۾ پن لڏندا آهن. هن جي ڪمزور هٿن مان بندوق ڇڏائجي هيٺ ڪري پيئي هئي. مينهن هنُ کي سڱن تي کڻي ٻئي پاسي اُڇليو. للباز ڊڄي ڀڄي ويا. ميدان صاف ٿي ويو هو. مينهن ٻاڏيءَ وٽ ويئي.

منگلا جي اکين ۾ سونوا مڇيءَ وانگر تري رهي هئي.

□□□

هڪڙي جو ٿلهو متارو ساڻ جهڙو بدن هو. لنڊي ڏوٽيءَ تي گنجي پاتل هئس. منگلا جي چيلهه جهڙيون هنجون ٻانهون هيون. هن اندر گهڙندي ئي منگلا کي پنهنجي ڪچهريءَ ۾ دٻائي ڇڏيو هو، جيئن باز ڪنهن جهرڪيءَ کي وات ۾ دٻائي رکندو آهي. ڦٿڪندڙ منگلا جون اکيون ڪنڌ ۾ اُڀي رکيل لٽ مٿان هيون. هوُ جيترو ڦٿڪيو ٿي. ان لنباز جي ٻانهن جي پڪڙ اوتري مضبوط ٿيندي پئي وئي. ڪيس لڳو هو، هاڻي هوُ هٿ پير هڻي بي جان ٿي ويندو.

منگلا روئڻهارڪي آواز ۾ نمبردار کي چيو- ”منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي، مالڪ؟“

”ڇهه سال اڳ تنهنجو پيءُ بيماريءَ کان مري رهيو هو. ڏهه هزار لڳا هئا. هاڻي وياج ملائي ويهه هزار ٿي ويا آهن.“ هن گجندي چيو. هن جي وات ۾ اڌ ڏند هئا. سمورا نظر آيا هئا.

مظلوم منگلا جي نڪ مان باهه جهڙو گرم ساهه نڪتو- ”مالڪ، ان جي عيوض بابي ته هڪ سال ڪم ڪيو هو توهانجي گهر. خود مون به هن جو هٿ وٺايو هو. هن جي موت جو سبب... هاڻي ته ابو امان ٻئي ڪونهن.“

نمبردار کي خبر هئي، منگلا جي پيءُ جو ڪاتو واريل آهي. پوءِ به هوُ منگلا جو گلو گهٽي رهيو هو. رحم ڪن ته چورن، ڏاڙيلن جو وجوُد ئي ڪهڙو؟ منگلا جي سگهڙ، سهڻي، من موهڻي مينهن تي هن جي اک هئي. لکن ۾ هڪڙي آهي، منگلا جي مينهن. اُها منهنجي ٿوڻيءَ کي آباد ڪري ڇڏيندي. جانورن جو ميلو لڳندو. نمائش لڳندي. مينهن کي اِنعام ملندو. ڪيس پئسو ءِ جس ملندو. پهرين ڳالهه ته منگلا جو ڪو ڏٽي ڏوڪي آهي ڪونه ڳوٺ ۾. جيڪڏهن ڳالهه وڌي، پنج هزار روپيا منهن تي هڻندوسانس. جيڪو به ٿئي. مينهن منهنجي ٿوڻي سان ئي ٻڌجندي.

لنباز منگلا جي وات تي هٿ رکي ڇڏيو هو، ”بدزبان، هاڻي ڳالهايئه ته گهوگهو ڏيئي ڇڏيندس توکي.“

نمبردار هڪ لنباز ڏانهن نهاريو، ”مينهن ڇوڙ، وقت ٿو وڃي.“

لنباز مينهن ڇوڙڻ لاءِ ٿوڻي طرف وڌيو. مينهن ۾ وفاداري هئي. سياڻپ هئي. منگلا ڪيس ٻارن وانگر پاليو هو. جڏهن مينهن چرندي هئي ته منگلا ڪرپيءَ سان گاهه ڏرتيءَ تان چلي چلي ڪيس ڏيندو هو. جيئن

ڏکر جي چوٽ منکوءَ جي من ۾ وچي لڳي هئي. هوءُ ڄڻ پنهنجي انهن جهومندڙ ٻنين ۾ وچي بيٺو هو پٽڪو ٻڌي. هٿ ۾ لٺ کڻي پنهنجي قد جيڏي. رانديڪي جو بٽڻ دٻائڻ سان ئي رانديڪو راند ڪرڻ لڳندو آهي. هن جي اندر ڪرنٽ جهڙو ڪجهه ڳهڙي ويو. اُپڪار فلم جي منوج ڪمار وانگر هوءُ ڏڪندي جهومڻ ڳائڻ لڳو- ”ميري ديش ڪي ڌرتي سونا اُگلي، اُگلي هيري موتي، ميري ديش ڪي ڌرتي...“

ڏڪندي ڏڪندي هوءُ کوهه جي ٻني سان وچي ٽڪريو هو. موت جي مُهڙِ. هو ڏپ کان ڇرڪي ويو. هن ڏگهو ساهه کنيو. ساهه ۾ موت جو پاڇو به هو ته زندگيءَ جي جوت به هئي. پاڻ سنڀالي هن کوهه جي ٻني تي هٿ رکي کوهه ۾ هيٺ نهاريو. کوهه جي تري ۾ اُس هئي. تري جي لسي سڪل پيڙي مڇيءَ جي بت وانگر سهڪي رهي هئي. هن مٿو پٽيو. امرت کان به مٺو پاڻي هو هن کوهه جو.

ڏکر جي ٻڪ هن جي اکين ۾ لهي آئي هئي. هن انگوڇي سان اکيون اگهي ٻيڙي دکائي ڇڏي هئي ۽ جلدي جلدي زور زور سان ٻه چار سوٽا ڪڍي اڇلي ڇڏي هئي. کيس بکايل ڏاند جي ياد اچي ويئي هئي. هن کوٺڙيءَ جو ڪلف کولي کرپي ڪڍي ۽ هتان هتان ڳاهه ميڙڻ ڌرتيءَ تان ڪرڙڻ کي لڳي ويو. ان لاءِ ته من ڪجهه ويچاري انڌي ڏاند جي پيٽ ۾ پوي.

هڪ ڏيڍ ڪلاڪ جي سخت محنت مشقت ڪرڻ کانپوءِ منکوءَ اڍائي ٽي سير سڪو ڳاهه ڪرڙي انگوڇي ۾ ٻڌو هو. ڳاهه، سنجيوني ٻوٽي. ڳاهه، ڏاند جي روٽي. ڳاهه جي هڙ اَن جي هڙ وانگر هٿ ۾ لڙڪائيندو، چمپل گسائيندو منکو گهر اچي ويو هو.

ٽوٽيءَ سان انڌو ڏاند ٻڌل هو. قد اُڇيل. ڏگها سڱ. عمر جو ٻيڊو. ٻٽ هڏائون. ٽوهو ڄڻ مٿل. چار سال اڳ هڪ ڏينهن ڏاند ڳاهه چري رهيو هو. ڳاهه کي چکڻ لاءِ هڪ ٻوٽي ۾ منهن وڌائين. منهن وجهندي ئي اتي ويٺل نانگ ڦوڪارو ڏنو. ڏاند جو منهن ڪارو ٿي ويو. اکين جي جوت هلي ويئي. منکوءَ ڪئين علاج ڪرايا. دوائون ڏنيون. ڪجهه ڪونه وريو. ڏاند جي اکين جي جوت ڪانه موٽي. ان ڏينهن کانپوءِ منکو ۽ سندس زال مَني ڏاند کي ڏاند نه پر ’سورداس‘ چوڻ لڳا هئا لاڏ وچان.

ڏڪرُ

بي وسيون، بد حواسين جو سبب بڻجنديون آهن. ڇٺن سالن کان ڏڪر جو ستايل بکيو اُجارو مِنڪوُ ناڪ منجهند جي وقت پنهنجي ٻنيءَ تي اَچي ويو هو، ڪڪرن کي ڏسڻ لاءِ. سندس گهر مٿان هڪ ميريسري ڀوري رنگ واري تتر جي پرن جهڙي ڪڪري هئي، راهه ڀٽڪيل ڇوڪريءَ وانگر، مٿي تي ڀٽڪو ٻڌل. هوُ ڪڪريءَ کي ڏسندو ڏسندو ٻنيءَ تي پهتو هو. ڪڪريءَ تي سندس اک ارجن جي اک وانگر کتل هئي. ڪڪري سمنڊ ڏي وڃي. ٻنين کي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏي ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي. ڌرتي ٽڙڪڻ لڳي آهي. اک ڇنڀ ۾ ڪڪري ڪير وانگر ڦٽي ويئي هئي. هوا ۾ اُڏامندي ڪپهه جي مُڇن وانگر هيڏي هوڏي وکري ويئي هئي.

مِنڪوُءَ جون اڻ ڀاول اکيون اُڀ ۾ ٽنگيل هيون. اُهي هيٺ لهي آيون هيون. ٻني ٻني اُجايل. من اُجايل . سندس اکيون سامهون نهارڻ لڳيون. ڪيس سامهون واري ٻنيءَ ۾ پاڻيءَ جهڙو ڪجهه نظر آيو. هن ڇرڪ ڀريو. ٽپو ڏنو. ڪڪري ڪوڙي ڪانهي. هن جي وات مان پاڻمرادو نڪري ويو، ”قدرت جي مايا اپرمپار. هڪ ٻني سُڪل، ٻيو سرمائيدار. هوُ خوشيءَ جي ڏور ۾ ٻڌو اڳتي وڌندو ويو هو. ڏسان، ڪيستائين آهي، مينهن. هوُ جيئن جيئن اڳتي وڌندو ٿي ويو، هوءَ اڳتي وڌندي ٿي ويئي هن کي چيڙائي. هوُ ڏاڍو دکي ٿيو. اَڙي منڪوُ تنهنجا چارئي ڪتاب ائين ئي اَجايا ويا. ڇريا، اها ته مرگ ترشنا آهي.

ڇوويهن سالن جو منڪوُ. سرير هڏن جهڙو. قد ڊگهو. هرڻ جي وڏين وڏين اکين وانگر اکيون. منهن تي ڀنئر جهڙيون گهاٽيون ڪاريون ڏاڙهي مڇون. بدن تي ميرو ڌوتي ڪڙتو. پيرن ۾ هوائي چمپلون. هوُ ٽپندڙ ڌرتيءَ کي دہائي بيٺو هو. سندس ذهن ۾ ڏڪر کان اڳ واريون سايون ٻنيون لهڻ لڳيون هيون. اُهي ڏينهن به ڏينهن هئا. ٻنين ۾ ساوڪ وچايل هوندي هئي. مٽڙي مٽڙي خوشبوءِ ايندي رهندي هئي. من کي موهيندي رهندي هئي. اکين کي ڇڪيندي هئي.

”پئسا ملندا يا اناج؟“

”ست ڪلو ڪڻڪ ڏيندا. ٻہ ڪلا اسان ڪائيندا سين. پنجن ڪلن مان چارو آٽي پنهنجي سورداس کي کارائيندا سين.“ هن ڊگهو ساهہ کنيو.

”ڪهڙو وقت آيو آهي مَلِي. چارو مهانگو، ناز سستو.“

ٻئي ڏينهن هن پنهنجي ڪوڏر ڪلهي تي کنئي. پڪو ٻڌو ۽ ڪم جي جاءِ تي ويو. اتان جو نظارو ڏسي منڪوءَ کي عجب لڳو. هڪ ئي رات ۾ هيترا نالا درج ٿي ويا. ڪيس وڏو اچرج اهو لڳو تہ سڄ اپرندي ئي سفيد پوشن جون اهي زالون بہ ڪم تي هيون، سڄ جن جون آڱريون بہ ڪونہ ڏسي سگهندو هو. هن جي بت کي باهہ وٺي ويئي. انهن زالن جا مڙس هيڏي هوڏي ڦري بڪ بڪ، حرامخوري ڪندي، ٻيڙين جا سوٽا هڻندي مزوري ڪري رهيا هئا.

منڪو ڪلارڪ وٽ ويو. هن ان آڏو هٿ تہ ڪونہ جوڙيا، ها عرض ڪيو- ”سائين، منڪو، مان غريب آهيان. گهر ۾ داڻو ڪونهي. ٽوٽيءَ سان انڌو ڏاند ٻڌو پيو آهي. ڪجهہ ڪم ڏيو. ٻني اٿم، ڪڪر ضرور ايندا. پنهنجي پوک پچائيندس.“

ڪلارڪ چاليهن سالن کن جو هو. ڦوڪٽي وانگر ڦوڪيل سندس بت هو. مٽڪي جهڙي پيٽ تان هر هر سوٽ کسڪي ٿي ويس پٽو هوندي. سندس چهرو ڪارو هو پر اڇين مڇين ۾ ڏاڙهيءَ سان ڍڪيل هو. اکين تي عينڪ هئس. ڪن ۾ اندپين ٽنگيل هئس. وڻ جي پاڙن وٽ وڇايل کٽ تي ويٺو هو. منهن ۾ سگريٽ هوس. ذري گهٽ راڪاس جي عڪس جهڙو نظر اچي رهيو هو. هو ٻڙڪي پيو، ”اڙي ڪٽي سمهيو پيو هئنئين تون. هاڻي تہ سڀ ٿي ويو.“

منڪوءَ کي برو لڳو. ڪلارڪ جي ڳالهہ هن جي دل ۾ چڀي ويئي. هن پاڻ سنڀالي پنهنجي ڳالهہ چئي- ”بابو صاحب، سرڪار غريبن کي مدد ڪري رهي آهي بري وقت ۾. جيڪي ماڻهو ڪم تي لڳايا ويا آهن، انهن کان وڌيڪ غريب تہ مان آهيان.“

منکوءَ جي پيرن جي آهٽ ٻڌندي ئي ڏاند ناسون ڦلائي خوشبو ورتي. مالڪ گاهه کڻي آيو آهي. ٽوڪرو خالي پيو هو. ڏاند ٽوڪري ۾ منهن وجهي وجهي وياڪل ٿي ويو هو. ڪڏهن ان ۾ گاهه پوي ۽ ڪڏهن پيٽ ڀري.

منکوءَ ڏاند جي پٺيءَ کي ٿپري ڇيو- ”ٿوري دير وات ڇوڙ، سورداس.“

منکوءَ گاهه مشين ۾ ان ڪري کونه وڌو، ڇاڪاڻ ته اهو ٿورو هو. مشين کي ئي لڳي ويندو. هن ڏاٽو کنيو. گاهه جي ڪتر ڪئي. اندر ٿورو بهه پيو هو. هن گاهه سان ٻهه ملايو. ڏاند ٽوڪري ۾ ٻه چار ڀيرا ئي منهن وڌو جو ٽوڪرو خالي ٿي ويو. هو ٽوڪري کي چٽڻ لڳو. کيس ٻن ڏينهن کانپوءِ اهو کاڌو مليو هو. هن منهن مٽي کنيو. چڻ چوندو هجي هاڻي ڀاڻي پيار مالڪ .

منکوءَ ملڪي جو پاڻي بالٽيءَ ۾ وجهي بالٽي ڀري ڏاند جي سامهون رکي ڇڏي هئي. ڏاند هڪ ئي ساهه ۾ آخري ڦڙي تائين پاڻي پي ويو هو. ۽ پوءِ ٿڌو ساهه کنيو هئائين. بس مالڪ پيٽ ڀرجي ويو.

مَلي گهر موٽي. هن جي ڳوٺڙيءَ ۾ سير کن ڪڻڪ هئي. ڪنهن وقت هو ڏاند گاڏي ڀري شهر ۾ وڪڻڻ ويندا هئا. اڄ مَلي سير کن ڪڻڪ اڌاري ولي آئي هئي ڪنهن کان، سوين منٿون ڪري.

ڪڻڪ دٻي ۾ وجهي مَلي ويهي رهي هئي، دکي من سان. هن جي هنج ۾ هڪ ڏيڍ سال جي ڇوڪري هئي مُني. هن بلائوز هٽايو ۽ مُنيءَ کي کير پيارڻ لڳي هئي. منکو کٽ تي ليٽي پيو هو. هو سهڄ نموني بي مطلب هٿ جا ليڪا ڏسڻ لڳو هو. منکوءَ جي ان ڳالهه تي مَلي خوش ٿي رهي هئي.

ڳوٺ کان نڪري ايندي منکو هڪ خوشي پنهنجي پلاند سان ٻڌي آيو هو. خوشي کوليندي ئي هن جي شڪل تي ڇانئجي ويئي. چوڻ لڳو- ”مَلي، سرڪار ڳوٺ ۾ ڏکر راحت جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، ڏسون، متان کو وارو لڳي وڃي.“

”تمام سٺو آهي.“ مَليءَ جون اکيون چمڪڻ لڳيون. چڻ وسامندڙ ڏيئي ۾ تيل پئجي ويو هجي.

”سڀاڻي ويندس ڪلارڪ وٽ.“ هن مَليءَ جو هٿ ڇڏي ڇوڪريءَ جي مٿي تي رکيو.

مخاطب ٿيو، ”راڄ جا ماڻهو راڄ کي چريو بڻائي رهيا آهن، مَليءَ غريبن لاءِ موڪليل مدد ۽ همدردي غريب تائين پهچي ئي ڪانہ ٿي. روڻي انهن کي ڪارائي پئي وڃي جن کي بد هاضمو آهي. دست آهن.“ هن دک پريو ڏگهو ساهہ ڪنيو. جن جون سڄيون اکيون اڳڻ ۾ سڪل نم جي وڻ جي ٽارين جهڙيون ٿي ويون هيون.

مَلي ٽالهہ ۾ ڪٽڪ سوئي رهي هئي. ڪٽڪ گهٽ هئي. گند وڌيڪ هو. مَليءَ جي اکين مان چنتا جي چڻگاري ڦٽي نڪتي- ”هاڻي؟“

منکوءَ کي هوش آيو. هن سڪل ٽوڪري ڇليندڙ ڏاند ڏانهن نهاريو. ڏکر ڪان جهڪيل پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو، ”مَلي، هيءُ ڳوٺ نگرو آهي، پيٽسان. هتي ذات بہ آهي، ۽ منهان بہ آهن. منهنجي پيڻ جي ڳوٺ ۾ ٽا هلون، اتي ڪم گهڻو آهي.“

ڇوڪري ڪٽ تي سمهي پيئي هئي-مليءَ ڇڙ وڇان سمهيل ڇوڪريءَ کي هنج ۾ ڪنيو هو. ننڊ ۾ سڏڪندڙ ڇوڪريءَ جي مٿي تي هٿ رکيائين- ”جنهن ساس ڏنو آهي اهو گراس بہ ڏيندو. ائين ئي ڪنداسين.“

منکو پاپ، ڀڳوان، آتما، پرماتما جي جهنجهٽن ڪان مٿي چڙهيل هو. هو گهٽ پڙهيل هو. هن جي اندر ڪلپنا هئي. جڏهن بہ ڪيس وقت ملندو هو. ڪتابن ۾ ڪيڙي وانگر گهڙيو پيو هوندو هو. هو بيٺي بيٺي ڪوٽا گهڙي وٺندو هو. جذباتي هو. چوڻ لڳو- ”محنت ۽ همٿ، پاپ ۽ ڀڳوان ڪان وڏا ٿيندا آهن. وقت وزير ٿيندو آهي. ڏکر ۾ وشوامتر ڪتي جا آنڊا کاڌا هئا. اسان ٻئي ڳوٺ هلي ڀڳڙا کائي ايندا سين تہ ڏوهہ تہ ڪونہ ٿيندو؟“

ڏاند ڏانهن نهاري مَليءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ اجهو ٽا ڪرن.

منکوءَ هٿ سان ڌرتيءَ تي ليڪو ڪڍندي مَليءَ کي ڄڻ وقت جي مهما سمجهائڻ لڳو هو، ”وقت جو ڇهبوڪ آهي يا قدرت ۾ ڪاڻ، ڪهڙي خبر؟“

ڏکر ڪان اڳ منکوءَ وٽ بہ مينهون هيون. مينهون وڪامي ويون. گهٽ وڌ اڳهہ ۾. هڪ جوڙو ڏاندن جو هو. هڪ ڏاند بہ هليو ويو، ڪوڏين جي ملهہ. هيءُ ڏاند هتي ئي ڄائو هو سندس پيءُ جي آنڊل ڳانءِ مان. هيءُ

ڪلارڪ جي چوگرد بيٺل ٻيڙيون ڇڪيندڙ مزورن منڪوءَ جي مذاق اڏائي. هي اُهي ئي ڇورا ڇنورا هئا، جيڪي منڪوءَ جي عزت ڪندا هئا. اُهي ئي اڄ ڦري ويا هئا.

ڪلارڪ آڳر جيڏو دکيل سگريٽ پري اڇلي ڇڏيو هو. هن ساهہ کنيو. وري ٻاهر اڇليو، داروءَ جي بدبوءِ جو جهوڳو نڪري ٻاهر آيو. گنگو ڪاڏل هن پنهنجا ڪارا ڏند ڪرٽيا. ”ڏاڍي ڇپ تي هليئي.“

ڏکين حالتن سان مقابلو ڪندي بہ منڪو خود دار هو. چيائين- ”وڏي مذاق آهي. جن ڪي بک آهي، انهن لاءِ ڪم ڪونهي.“

ڪلارڪ ڪلنائڪ وانگر پنهنجون اکيون ڦوٽاريون- ”وڃ، وڃي مٽي شڪايت ڪر. مون سان منهن نہ لڳ.“

اتي بيٺل ڇورن ڇنورن جو هڪ زوردار ٽهڪ هوا ۾ گونجيو. ان ٽهڪ ۾ نظر انداز ڪرڻ ۽ مذاق اڏائڻ جي بدبوءِ هئي. منڪوءَ جو دماغ تپي ويو هو. هو غصو پي، چپ چاپ ڪلارڪ جو دماغ ليڪ ڪرڻ جو سوچي موٽڻ لڳو، پڙ پڙ ڪندو. ڪلهي تي ڪوڏر رکي هڪ ڪاٺائو مزور وانگر منڪو پٽواريءَ وٽ ويو. انسپيڪٽر وٽ ويو. تحصيلدار وٽ ويو.

هن هڪ هڪ کي ڪلارڪ جي بيهودگي ٻڌائي. پنهنجو دک ٻڌايو. ٽوٽيءَ سان ٻڌل ٻڍي سورداس ڏاند جي پيڙا ٻڌائي، پر سڀني ڪلارڪ جي ئي ڳالهہ اڳري ڪئي. جڻ سڀ جا سڀ پاڻ ۾ مليل هجن. هو جيترو مٽي ويو هن جو اوترو ئي ملهہ گهٽجندو ويو هو، جيئن جبل تي چڙهندڙ ماڻهو ننڍو نظر اچڻ لڳندو آهي ۽ ان کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيندي آهي.

نراس منڪو هلندو هلندو شام جي وقت موٽيو، جڻ هن ۾ ست بچيو ئي ڪونہ هو.

منڪوءَ جي ايندي ئي ڏاند بوءِ سڃاڻڻ لاءِ ناسون هڻيون. ڪڪ، جوَ، گوار، گاهہ کهڙو چارو آندو آهي مالڪ . منڪوءَ جي کٽ تي وهڻ جو آواز ٻڌندي شرط ڏاند آس ڇڏي ڏني هئي ۽ سکل نوڪريءَ کي چٽڻ لڳو هو.

کٽ وٽ مَلي ويلي هئي. نراس منڪو. کٽ تي ويلي ويلي ڪرسيءَ جي هٽي کي ترِيءَ سان ليوڙڻ لڳو هو، افسوس ۽ دک ڪان. هو مليءَ سان

اڄ اسُر جو منکوءَ چلهه مان رک جي چپٽي کنئي. ڏاند جي مٿي تي هنئي. ٽوٽيءَ مان نوڙي کولي ۽ اها ڏاند جي پٺيءَ تي رکي ڇڏي هئي. کنهن وقت ڏاند جي پٺيءَ تي مکيون ڪونه وهنديون هيون. اڄ هڏيون بيٺيون هيون سڱن وانگر. منکوءَ پريل اکين سان پنهنجي سورداس جي پٺي لپري ۽ کيس لڙڪن پري موڪلائي ڏني. ”وقت جو پاڇو، ٻڌ ڳئونءَ جاوا هاڻي جيڏانهن من چوئي اوڏانهن وڃ.“

پريل نڙيءَ سان مَلي فقط ايترو چئي سگهي- ”سورداس.....!!“

گهر جي اٽاڻ، ڏکر جو درد، اکين جو ورلاپ، ڏاند ڪان ٻاهر نڪرندي ئي چانئٽ تي ٻوٽ لڳايو. ڄڻ چوندو هجي- ”ايترن ڏينهن جو ئي جوڳ هو اسانجو توهانجو؟“

ٽوٽي ڇڏيندي ئي منکوءَ ۽ مليءَ جون اکيون ٽوٽيءَ تي کپي ويون هيون. ٻئي مٿو جهلي ويهي رهيا هئا. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ٻنهي جا من پريل هئا. ڪا گهڙي گهر ۾ ڏک پريل خاموشي رهي. ڪنهن نيڪ ماڻهوءَ جي چتا وٽ ويٺل نيڪ ماڻهو سندس نيڪي ڪندا آهن. مَليءَ اکيون اگهيون. ”ڏاند ڪونه هو هيرو هو. ايڏو شريف جو ڪڏهن سڱ نه ڪنيائين. گهر توڙي ٻنيءَ ۾ منهن نه وڌائين.“

منکوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري رهيا هئا. هن آڱر سان ڳوڙها اگهي چيو، ”سياڻو ڏاند هو. جيستائين اکيون هئس. ڪيڏڻ وقت هر سان ٻنيءَ ۾ ڇڏي ٻه ڏيندو هوسانس. سورداس ٿيڻ بعد به هوُ ٻنيءَ تان تر جيترو نه هٽيو ڪڏهن. سوجهرو ٿيڻ کان اڳ ئي هو جنجڻ لاءِ ڪنڌ ڪڍڻ لڳندو هو. پر ۾ ستل ڏاند کي سڱ هڻي اٿاري ڇڏيندو هو.“

مَلي سڄي اڱڻ تي نگاهه وجهي رهي هئي، ڄڻ ڏاند جي يادين کي ذهن جي ڪئميرا ۾ قيد ڪري رهي هجي. هوءَ اُٿي. چانئٽ کان ٻاهر تائين ويئي، ڏسان، پنهنجو سورداس کهڙي گهٽيءَ ۾ مڙي ويو آهي. ڏاند انتر ڏيهان هو.

مَلي وري اچي اڱڻ ۾ ويهي رهي هئي. منکو چوڻ لڳو- ”مَلي، پاڻ به اڄ ئي هلون ها، پر.....“

اهو ئي سپاهي ڏاند هو، جنهن جي سهاري منڪوءَ ڪچي جهوپڙيءَ کي پڪي گهر ۾ بدليو هو. ٻڪن ڪان جان ڇڏائي هئي. ڳوٺ ۾ عزت وڌائي هئي.

منڪو هنيءَ تان موٽندو هو ته ڏاند کي ڪوڙ سان سنان ڪرائيندو هو. ٽڪل ٽلل آهي. ٽڪ لهي ويندو ڏاند جو. ڏاند ڪيس ڇليندو رهندو هو. ڪيڏو نه سٺو آهي منهنجو مالڪ . منڪو ڏاند کي ٻاڪر پائي چميون ڏيندو هو. ڏاند منڪوءَ کي آسيسون ڪندو هو. ٻه جيو هڪ آتما. منڪو هنجي ٿوهي کي لپوريندو رهندو هو. اهو ٿوهو ڏاند جي ئي نه پر هن جي گهر جي به جان آهي. هيو ڏاند بيٺي بيٺي بيزار ٿيندو هو. پنهنجي نظر اندازي محسوس ڪندو هو.

اڃا ڏهه ڏينهن مس گذريا هوندا. مَليءَ منڪوءَ کي چيو- ”منيءَ جا پيءُ، وڏا چاونجاهه واري ڏکر جي ڳالهه ڪندا آهن. هيءُ ڏکر ته ان ڪان وڏيڪ اگرو آهي. دشت، ڪٿو ڪونه ڇڏيو آهي گهر ۾.“

منڪوءَ مٽي تي آگريون ڦيريندي آسمان ڏانهن نهاريو هو، من ڪو بادل هجي. مَليءَ ٿوٽيءَ سان هڏل بڪايل ڏاند ڏانهن نظر ڪئي هئي، ”ٻڪ مرندڙ جيو ساهه ساهه ڳڻيندو آهي، وڪٽي ڇڏ هن کي.“

منڪوءَ جي من ۾ سوٽ اُڀري هئي- ”ملي وقت جي وات ۾ رت لڳل آهي. ماڻهن جي گهرن تي ڪلف لڳي رهيا آهن. چمڙيءَ ۽ هڏن جا خريدار گهمي رهيا آهن. هيءُ ڏاند ڪونهي. ڏراوت آهي پنهنجي. ٿوٽيءَ جائو آهي. ٿوٽيءَ تان ئي ويندو.“

مَليءَ پريل اکين سان اڄ وري ساڳي ڳالهه ڪدي هئي- ”اسان ته هلنداسين، پنهنجو سورداس....؟“

منڪوءَ پنهنجن چپن تي آڱر رکي چيو- ”چپ.“ هن سمجهائڻ ٿي چاهيو. ڏاند هڏي ولندو. سمجهه آهي ڏاند ۾. سمجهه اکين کان وڌي ٿيندي آهي.

نڪ تائين هڏندڙ ماڻهوءَ کي فقط ساهه کڻڻ جي لڳندي آهي. ڏکر جو زهر منڪوءَ جي رڳ رڳ ۾ لهي ويو هو. فاکن ۾ سنڌس ساهه اٽڪي رهيو هو. منڪوءَ جو گهر وارن کي بچائڻ جو سوارٿ ڏاند کان وڏو ٿي ويو هو.

لَٽ

ٽرانسفارمر سڙي ويو هو. گذريل ٻن ڏينهن کان بجلي ڪانہ آئي هئي ڳوٺ ۾. ٻدي جي سڙيل گرمي هلي رهي هئي. ڀڳهر ئي ڀڳهر. ٻٽ ۾ ٻانس ئي ٻانس هر ماڻهوءَ جي ساهہ ۾ سهڪو. وڃڻا هلائيندي هلائيندي ماڻهن جا هٿ ساڻا ٿي ويا هئا. ائين ٿي لڳو چڻ سج هيٺ لهي آيو هو. اُماس جي ڪارانڌ پنهنجا پير ڄمائي رهي هئي. آڪيرن ۾ موٽي آيل پکين جون لاتيون بند ٿي ويون هيون درخت سماڌيءَ ۾ گم. سنتن وانگر چپ چاپ هئا.

چاند محمد ميرائيءَ جي ڪک وٽ شاهي دهل لٽڪي رهيو هئو. هٿ ۾ ڏونڪا ڪٺي هو ٽڪو ملندو گهر موٽيو هو. چمنيءَ جي ڏڪندڙ لاٽ ۾ سلما ڊپ جي سمنڊ ۾ ٻڏي پيئي هئي. پنهنجي زال جي اکين ۾ ڊپ جا آثار ڏسي سندس هٿ پير ٿڌا ٿي ويا هئا. هن ڪان دهل ڪليءَ ۾ ٽنگيو ڪونہ ٿيو. هن دهل هيٺ رکي ڇڏيو ۽ ڏونڪا ان جي نوڙين ۾ ٽنبي ڇڏيا هئا.

چاند محمد ٻارهن درجا پڙهيو هو. ٽيهن ايڪٽيهن سالن جو هو. ڊگهو قد. ڪڻڪ رنگو. ٿلهيل ٺڪيل بدن. چهري تي چاپ نما ڏاڙهي. ڪاٽي سنواريل مڇون. ڪيس ننڊو ڪرتو ۽ لنڊي پتلون پاتل هئي. مٿي تي زريءَ جي ٽوپي پاتل هئس، اها سندس ڏاڏي جي ڏنل هئي. هو ٻين ڳوٺن ۾ دهل وڄائڻ لاءِ ويندو هو ۽ بطور آسيس اُها ٽوپي مٿي تي پائي ضرور ويندو هو، جيئن سندس پيءُ ڪندو هو.

هو پتلون جا پاچا مٿي ڪٽي سلما وٽ اوڪڙو ويٺي رهيو هو. هن ٽوپي لاهي کٽ تي رکي ڇڏي هئي .

چويهن ستاويهن سالن جي سلما جو بدن سنهڙو سيپڪڙو هو. بندري هئي. رنگ گورو هوس. منهن تي وڏي ماتا جي داغن جا ڪي نشان. سنهڙي چهري تي طوطي جي چهنب جهڙو ڊگهو نڪ، منهن ۾ نٽ پيل هئس. ڪنن ۾ چانديءَ جا ڪلهن ڪي ڇهندڙ ڊگها جهومڪ . هوءَ هميشه ڇيٽ جو سلوار ڪڙتو پائيندي هئي. پوتيءَ سان منهن ڪونہ ڍڪيندي هئي ڳوٺ ۾. پر جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندي هئي، هن جو اکيون ڏرتيءَ ۾ کتل رهنديون هيون .

”پر“ جي مجبوري مَليءَ پڪڙي ورتي هئي.

مَليءَ جو هلڪو پڪو رنگ هو عمر ٻاويهہ ڪن سال هئس. چهري تي وڏي ماتا جا هلڪا داڻا هئس، ٻاجهريءَ جي داڻي جهڙا. ڏاڍي اک ۾ ڦلو هوس. ڪنهن وقت هوءَ انگور جي ول وانگر ڳهن سان سٽيل هئي. وشوامتر راجا هريشچندر جو راڄ ڀاڳ تہ ڦريو. ڪيس در در جي خاڪ ڇاڻڻ لاءِ بہ ڇڏي ڏنو هو. نڪ جي هڪ ڦليءَ کي ڇڏي مليءَ جي بدن تي وقت هڪ ڳهہ ڪونہ ڇڏيو هو. مُنيءَ جي مُرن تان ڇير ڪولي هن منڪوءَ کي ڏني ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي هئي.

ڏاند جون يادگريون، من جي اُلجهن، اداس يادگيريون، اڄ ڳوٺ ڇڏيون يا سياڻي، ان سوچ ويچار ۾ سندن ٽي ڏينهن لنگهي ويا هئا، اڏ پيٽ.

منڪو ٻاهران آيو. ايندي ئي هو مليءَ کي چوڻ لڳو- ”مَلي، هيئن ڪيستائين بک مربو. اڄ هلنداسين اسان. اُتي پيٽ جو گهر تہ آهي، پر ڪپڙا لٽا ۽ ضروري سامان تہ ٻڌي ولون پنهنجو.“

مَليءَ هار ميجي ڇڏي هئي. هن پريل اکين سان چيو- ”ٻنيءَ تي وڃي تون ڪوليءَ جو ڪلف ڏسي اڄ. هيڏانهن اسان ڳوٺ ڇڏيون ۽ هوڏانهن ڪوئي اگر تگر نہ ٻهاري وڃي. هڪ ڪوڏر بہ اڄ سؤ روپئي ۾ ٿي ملي.“

منڪو ٻڌندڙ سچ ڏانهن نهاري چوڻ لڳو- ”هينئر پنج وڳا هوندا. رات جو نوين بجي گاڏي ويندي. تون تيار رهجانءِ. مان اچان ٿو.“

منڪو پچندو پچندو ٻنيءَ تي ويو. هو کوهہ وٽ وڃي چرڪي بيهي ويو هو. ساهہ بيهي ويس. اکيون آليون ٿي ويس. ڏڪڻي وٺي ويس.

کوهہ جي ٻني وٽ پاڙيءَ جو سڪل ٽنگ هو. ٽنگ ۾ ڏاند جي ڳچي ڦاٽي پئي هئي.

□□□

هرمن چاچو اسان مٿان لٽ نٿو هلائي سگهي. نٿو هلائي سگهي، سلما. هن ڏاڍو ويڙهايو آهي مونکي.“ هو هڪدم جذباتي ٿي ويو- ”هو لٽ نٿو خريد ڪري اچي سگهي، سلما.“

چاند محمد جي دماغ ۾ هڪ ڳالهه ڪڪريءَ وانگر اُڏامندي گهڙي آئي. ڳوٺ ۾ جڏهن ٻه ڏهه ويهه ماڻهو وڃي هيڏانهن ٿلهي تي ڪٺا ٿيندا آهن. ستيتاليهن واري هندو مسلم فسادن جي ڳالهه نڪرندي آهي. هرمن چاچو اڄ به ڪيس پاڪر پائي قصا ٻڌائڻ ويهي رهندو آهي. تن ڏينهن ٻن قومن جي من ۾ ڌرم مذهب جو زهر ملي ويو هو. ٻئي هڪ ٻئي جي لاءِ ڪال ديوتا بڻجي ويون. چؤطرف مارڪٽ متل هئي. پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ متل هئي. منهنجي پيءُ موالين جي تلوارن ڀالن جو خود مقابلو ڪري چاند جي ڏاڏي تاج محمد ۽ پيءُ راج محمد جي جان بچائي هئي ۽ ڪين ڳوٺ مان بلڪل وڃڻ ڪونه ڏنو هو .

چاند محمد دروپديءَ جي ساڙهيءَ ڪان ٻه ڊگهو ساهه کنيو- ”سلما، وشواس ڪونه ٿو اچي.“

سلما چڙندي چيو، ”ڪوڙي آهيان نه مان؟“

چاند محمد سلما ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري، وري پنهنجي ڳالهه دهرائي، ”سلما، وشواس ڪونه ٿو اچي، مان مٿي ڇت تي وڃي ٿو ڏسان.“ سندس سڄو بدن پگهر ۾ ٻڏل هو.

سلما کيس ٽوڪيو، ”نه، تون نه وڃ ڇت تي، دين کي موڪل.“

چاند محمد جو پٽ دين محمد ستن سالن کن جو هو. ماءُ وانگر گورو پيءُ وانگر جانٺو. هوُ ٻئي ڪمري ۾ ڇمني ٻاري پڙهي رهيو هو.

چاند محمد پٽ کي پاڻ وٽ سڏ ڪري چيو، ”دين، مٿي ڇت تي وڃي ڏس، هرمن ڏاڏي جي ٻڌر ۾ لٽيون پيون آهن ڇا؟“

دين جي هٿ ۾ اِنڊيين ۽ ڪتاب هئا. هوُ اُنهن کي جاري ۾ رکي ڏاڪڻ چڙهي ڇت تي هليو ويو هو. ڇت تان لهي هن پيءُ کي ٻڌايو- ”ها.“ ٻه لٽيون آهن، بلڪل نيون. هڪ هرمن ڏاڏي جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻي هيٺ پيئي آهي. ڏاڏي جي هٿ ۾ لالٽين آهي.“

سلما ڊنل وينئي هئي. هن هڪ دوست وانگر مڙس جي ڪلهي تي هٿ رکيو. هن جو بدن ڏرتيءَ ڏهڻ وانگر ڏڪي رهيو هو. هوءَ چوڻ لڳي، ”پاڙيسري ظالم آهن. اسانجي جان وٺڻ لاءِ آتا آهن.“

چاند محمد حيرت وچان اسپاويڪ ٿيو، ”سلما!“

”ٻه لئيون خريد ڪري آيا آهن. هاڻي هاڻي منهنجي اکين آڏو.“ گهرايل سلما اکيون ڇنڀيون.

چاند محمد جي نرڙ تي گهنج اچي ويا- ”هرمن چاچي جي ڳالهه تي ڪرين تون؟“

سلما جي اکين ۾ ڊپ جا پاچا هئا. ان اهڙي آواز ۾ چيو، ”ها.“

صبوح ٿيل معمولي تڪرار چاند محمد جي ذهن ۾ ٻوٽي وانگر اُسريو هو. هوُ پنهنجي ڳانءِ کي ڪڏ تان پاڻي پيارڻ لاءِ پئي ويو. ڳانءِ کي هڪ ڪني عادت پيل هئي. هوءَ جڏهن به هرمن جي دروازي وٽان لنگهندي هئي اُتي بيهي مُتندي ضرور هئي. اڄ به ڳانءِ.... ان کي هٽائڻ لاءِ چاند محمد زمين تي لٺ سان ٺڪ ٺڪ ڪئي. هٽ هٽ جا آواز ڪيا. ليڪن ڳانءِ به ڳانءِ هئي. هٽ تان هيٺ نه لٿي.

هرمن پنجونجاهين ڪن جو هو. ٿلهو متارو بدن. ڪنن ڪان لاچار. سُون خفتين مان هڪڙو. ڳانءِ جي هر روز پيشاب ڪرڻ کي هو چاند محمد جي دماغي حرڪت مڃيندو هو. ڳانءِ کي مُتندو ڏسي هو ڪاوڙ ۾ تپندو رستي تي اچي بيلو هو. هن بي ادبي ڪندي چاند محمد کي ٻه چار اُبتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌايون. ڪانئس نوڙي ڪسي ورتي. هن هوا ۾ هٿ ڪنيو، ”اسان بيوقوف آهيون جو هر روز...“

چاند محمد غصي ۾ بي عزتيءَ کان ڪنبڻ لڳو هو. هن تاڪيد ڪندي چيو - ”چاچا سائين، پاڻ تائين رهو. ڪٽي مان مجبور نه ٿي وچان. ڳانءِ ٻانءِ آهي. رستو آهي. مُتيائين ته ڇاهي.“

هرمن چپ چاپ اندر هليو ويو هو. چاند پنهنجي ڳانءِ کي وٺي اڳتي وڌي ويو هو. ڳالهه آئي ويئي ٿي ويئي هئي.

چاند محمد ماضيءَ کي ياد ڪري وشواس ڀريل ڪنڌ لوڏيو، ”سلما،

”هون“ چئي سلما غصي ۾ ڀرجي ويئي، ”اسانجي شهرت هن جي اکين ۾ چڀڻ لڳي آهي هاڻي.“

چاند محمد ڏرمن چاهي ذاتين جو طرفدار ڪونه هو. هوُ سماجي ڏڻ وارن، شادي وهانون وغيره تي دهل ڪٽي وڄائڻ ويندو هو. ڇليهن قسمن جي ذاتين جو ان جل ورتائيندو هو. هن ڏکهو ساهه ڪٽي ڇڏيو .سپاٽي گهر گهر وڃي ٻڌائيندس، هرمن جي من جو جنون. هرمن ڪٽ تي رکيل انگوڇي سان مٽي جو ڀڳهر اُگهيو ۽ انگوڇو ڪٽ تي رکي ڇڏيو هو.

سلما آلين ناسن کي سڻڪيو.

چاند محمد منيون ڀيڪوڙيون- ”پر سلما، مان به سچو شخص آهيان ڏرم جي جهنڊي کان هرگز نه ٻجندس. هيءَ ڳوٺ منهنجي پيءُ ڏاڏي جي چائنٽ آهي. هن ڳوٺ کي وڏو ڪرڻ ۾ اسانجو به اوتروئي هٿ آهي، جيترو هرمن چاچي جو آهي. مون به ڏکئي وقت ۾ سندن مدد ڪئي هوندي پرمونتي سندن ڪو احسان ڪونهي . اڄ مان جتي آهيان، پنهنجي محنت ۽ عقل سان آهيان.“

چاند محمد واڇ ڏانهن نهاريو. رات جا ڏهه وڳا هئا.

ٻنل ماڻهو کي اونده کان ايترو ڊپ ڪونه لڳندو آهي. جيترو چانڊوڪيءَ کان لڳندو آهي. روشنيءَ ۾ هو ننڍن ننڍن ڪيڙن کان ئي ڪونه ڊجندو آهي پنهنجي پاڇي کان به هو ڊڄڻ لڳندو آهي. چاند محمد اٿيو. تاڪ ڀيڪوڙي بند ڪيائين، ڪڙو لڳايائين، هو چمني وسائي هيٺ ويهي رهيو هو.

سلما چاند کي پاڪر ۾ ڀيڪوڙي ڇڏيو. ڇڻ ڪيس ڊپ ڊيڄاريندو هجي. ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين - ”پاڙو ابو امان ٿيندو آهي. اڄوڪي رات نه جاڻان ڪيئن گذرندي؟“

چاند محمد چيو- ”ڊڄ نه. “

سلما زور سان اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون، ”مونکي ته اونده ۾ مڙدا ويلل پيا نظر اچن.“

چاند محمد هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو، ”جيڪڏهن اسانجي نصيبن ۾ ئي اهو لکيل آهي ته ڇاڪبو؟ آيل موت کي ته خدا به نٿو ٽاري سگهي، سلما.“

هرمن‌لعل ۽ چاند محمد جي وچ ۾ پٽ هئي. پٽ اَڏ به هئي ته مقرر نيشان به هئي. پٽ پرائي هئي. سرون هيون. هرمن جو گهر پيءُ گهٽيءَ ۾ هو.

چاند محمد اڻ ٿيڻيءَ جي ڌپ کان ڏکي ويو.

”مڙس کي پنهنجي زال جي ڳالهه تي وشواس ڪونهي.“ سلما چاند محمد کي اکين ئي اکين ۾ چڙهون ڏنيون.

هڪ اوچتي خطري جي شڪ کي ڏيان ۾ رکي چاند محمد سلما کي چيو، ”دين کي ماني کاراءِ. پاڻ به کاءُ. منهنجي بک مري ويئي آهي.“

سلما دين محمد کي ماني کارائي جلدي سمهاري ڇڏيو هو. جڏهن چاند محمد هڪ گراهي به ڪانه کاڌي ته سلما جو من به نه ٿيو ته ماني کائي. هرمن پوري زور سان زمين تي لٺ هنئي. چاند ۽ سلما ٻئي اندر تائين ڏکي ويا هئا. سلما گهبرائي، ”سچ، هنن جو اِرادو نيڪ ڪونهي. هو لٺ زمين تي هڻي سوچيندا هوندا، چاند محمد ٻاهر نڪري ايندو. هو لٺيون زمين تي هڻندا رهن، تون ٻاهر نه نڪرجانءِ. هنن کي غصي جا دوُرا پوندا آهن. هڪ ڀيري سندس پاڙو ٽوٽي اکوڙي مينهن جو ٿڻ ڏائي رهيو هو. هنن پاڏي کي لٺيون هڻي هڻي ماري ڇڏيو هو ۽ ٽنگن کان گهلي نالي ۾ اُڇلي آيا هئا.

چاند محمد چيو، ”ڏيري ڳالهاءِ، هرمن ٻڌي وٺندو.“

سلما ڳالهه واضع ڪندي چيو- ”بلڪل ٻوڙو آهي. گهگهه ٻوڙو.“

چاند محمد من ۾ آيل ڪم جي ڳالهه جي پڇڙي پڪڙي ساهه کنيو. ”منهنجي خيال ۾ مئلو ڳانءِ جي مُنڍ جو ڪونهي. سلما ڳوٺ ۾ اڄ ڪئين گهرآهن، جن جي گهرن ۾ ڳانيون ٻڌل آهن. هيءُ ته ڳانءِ کي پوتر سمجهندا آهن. ماتا چوندا آهن. اُماس جي ڏينهن ڳوٺ ۾ ٻين گهرن جا ماڻهو به اسانجي ڳانءِ کي ڀرين پڪل روٽي ڏيڻ ايندا آهن. “

سلما چيو، ”ائين ته آهي.“

چاند محمد چوڻ لڳو، ”ڪا ڳنڍ آهي، سلما. ڏهه سال ٿيا، جڏهن کان بابري مسجد جو مئلو ڪڙو ٿيو آهي، ٻن ڌرمن وچ ۾ ويڇو پئجي وِيو آهي. ملڪ جي نيتائن جو سوارٿ ٻن قومن جي ڀائيچاري کي ڳاري ختم ڪري رهيو آهي. فرقي پرستيءَ جا پير ڳوٺن تائين اچي پهتا آهن. اوسي پاسي جي ڏهن ويهن ڳوٺن ۾ هڪ اسانجو ئي گهرآهي مسلمانڪو، ڪنهن وقت روٽي وڏي هوندي هئي هرمن چاچي لاءِ. اڄ به پئسا هٽ ۾آيا آهن نه ڌرم جا ڳڻ ڳائي رهيو آهي، هرمن چاچو.“

چاند محمد کيس آٿت ڏنو، ”نہ سلما، اهڙي ڳالهہ ڪانهي. هي دروازا منهنجي پيءُ جي هٿ جا آهن. ايترا ڪمزور ڪونهن جو سٽرا ٿُي پوندا هرمن ڪان.“

سلما پنهنجي هڪ ٻي چنتا بہ ٻڌائي- ”مڇر سندن مينهن کي چڪ پائيندا آهن. هو چيٽن جي ڊيريءَ تي گاسليٽ وجهي دونهون ڪندا رهندا آهن. سندن واڙي ۾ گاسليٽ جي دٻي ڀري پيئي آهي.“ سلما اهو ڪونہ چئي سگهي تہ هو گاسليٽ وجهي اسانجي گهر کي باهہ لڳائيندا.

چاند محمد کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي هئي. چوڻ چاهيائين ”مان کين گوليءَ سان اُڏائي ڇڏيندس.“ پر اهي لفظ سندس چپن تائين اچي موٽي ويا. گهر ۾ ڏنڊو بہ ڪونهي. گوليءَ سان اُڏائيندو ڪٿ.

چاند سلما جي چنتا جي گهٽائڻ جي تجويز ظاهر ڪئي. ”جيئن ئي هو پٽ ٽپندا. مان دهل وڄائڻ شروع ڪري ڇڏيندس. ڳوٺ ڏسندي ڏسندي اٿي ڪڙو ٿيندو.“

”دهل وڄائيندين، تيستائين سڀ ڀري خاڪ ٿي ويندو.“ سلما جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي هئي.

”مان ٻاهر وڃي پاڻيءَ جو دلو اندر ڪٽي ٿو اچان. هو گاسليٽ وجهندا. مان پاڻيءَ سان وهائي ڇڏيندس اُن کي. باهہ ڪانہ لڳندي. بس پوءِ ايترو تيز دهل وڄائيندس. سڄو ڳوٺ کين ٽڪون هڻندو.“

سلما جي دماغ ۾ ڏهن سالن ڪان پيل ڳالهہ جهرڪيءَ وانگر ڇهہ ڇهہ ڪئي. هوءَ جڏهن پرڻجي هن گهر ۾ آئي هئي تہ هرمن چاچي هن جي مٺي تي ڏيءُ وانگر هٿ ڦيري پنجاهہ روپيا خرچي ڏني هئي ۽ ڪلي چيو هو. ”ڪيڏي ڪمزور آهي منهنجي ڏيءَ. گهر ڪيئن سنڀالي سگهندي؟“

هوءَ هڪ وشواس سان چوڻ لڳي -”نہ نہ، تون ٻاهر نہ نڪر. تنهنجي مٿان تلوارون لٽڪيل آهن. مون تي هٿ ڪونہ کڄندو، مان ٿي وڃان.“ چاند محمد ٿڌو ساهہ کنيو، ”ڪيڏي نہ وفادار زال آهي.“

سلما اٿي تاڪ جي چير مان پٽ ڏانهن نهاريو. ڪجهہ ڪونہ هو. هوءَ دل ڪولي هوا وانگر گهڙا منجيءَ تائين ويئي ۽ ملڪو ڪٽي طوفان وانگر موٽي آئي. ملڪو هيٺ رکي سهڪو روڪيندي چوڻ لڳي ”اڄ تہ مينهون بہ اندر ٻڌيون آهن هنن. چاند محمد ڌيمي آواز ۾ چيو، ”ڪڙو لڳائي چپ چاپ ويهي رهہ.“

هرمن وري پٽ تان چاند محمد جي گهر ڏانهن لالچين سان نهاريو.

هيءَ سندس گهر نہ پرواڙو هو جتي مينهون ٻڌبيون هيون. هرمن لالٽين کڻي پٽ تان چاند محمد جي پڊر ۾ ليئو پائي نهاريو.

ڪجهہ ڏينهن اڳ چاند محمد ڪچيون ڇتيون هٽائي ٻہ ڪمرا ٺهرايا هئا. هٽ تنگ هوس. هن پراڻا دروازا ئي مرمت ڪرائي لڳارايا هئا. جڏهن پئسو ٿيو تہ نوان ٺهرائي لڳارائيندا. گهپ انڌيرو هو. تاڪن جي چيرن مان لالٽين جي روشني ٽپي اندر آئي.

خوفناڪ منظر هو. چاند محمد دهشت ۾ اچي ويو هو. پنهنجي زال ۽ پٽ کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇوڙ لڳو. ”سچ سلما، هنن تي وحشي پڳو تاري آهي. هو لالٽين کڻي جاچ جوچ ڪري رهيا آهن. ڦهر ٿيڻ وارو آهي.“

سلما جي ڳوڙهن سان چاند محمد جي ڇاتي آلي ٿي ويئي هئي. روئڻ روڪيندي هن پڻ پڻ ڪئي- ”ڪيترا ڀيرا رنو اٿم تہ هڪ لٺ وٺي اچ. وقت تي ڪم ايندي. مان ٿي چوان تہ تنهنجي عقل تي تہ پردو پيل آهي.“

هوءَ ڪن ترسي وري ڇڙي- ”ٽيو ڏينهن جي ئي تہ ڳالهہ آهي. پنهنجي گهر ۾ هڪ چريو ڪتو گهڙي آيو هو. ان ڏينهن هنن کان لٺ وٺي ئي ڪيس ڀڄايو هوم.“

چاند محمد کيس ڇاتيءَ تان هٽايو - ”هيءَ ڦهري رات نبري. هٿيار کان هٽ ڪونہ بچائي سگهندا. سپاٽي هڪ لٺ تہ ضرور وٺي ايندس. هڪ بانس ۾ کهاڙي ٻہ ٺوڪائي ايندس. هٿيار جي حفاظت هٿيار سان ئي ٿيندي آهي.“

هرمن لالٽين اسٽول تي رکي ٻہ ٽي لٺيون هڪ ئي وقت زمين تي ٺوڪيون. چاند محمد ۽ سلما جا ساهہ بيهي ويا هئا. ڌپ جي ڌڪاءَ کان دل ٻاهر نڪري اچڻ واري هئي سندن. سلما چاند محمد سان چنبڙي ويئي هئي.

چاند محمد ڌپ وچان پڻ پڻ ڪندي چيو، ”سلما، هرمن هيڏيون لٺيون ويڻو ٺوڪي. ڳوٺ ۾ ڪوبہ تہ ڪونہ ٿو جاڳي.“

سلما چيو- ”ڳوٺ آهي. اسُر جو ئي اٿي ڪڙو ٿيندو آهي نہ، شام جو ئي سمهي پوندو آهي گهري ننڊ ۾.“

چاند محمد ننڊڙي ڪنگهڪار ڪري چپ ٿي ويو هو. هن آگرين سان نرڙ جو پگهر اُگهي هيٺ اڇليو هو.

سلما جي چنتا ڦڻ ڪڍيو- ”پنهنجا تہ در بہ پراڻا آهن.“

پڌر ۾ بيٺل ڳانءِ رنيي چاند محمد پڇيو. ”ڳانءِ بکي آهي ڇا سلما؟“ سلما چڙندي چيو، ”نه پاڻي پياريو هومانس. ڳاهه سامهون رکيو اٿس.“

”ڪڏهن کان رنيندي هئي؟“

”هرمن چاچي جي لٽ کان ڏجي رهي آهي.“

چاند ويتر ڪاوڙيو، ”ته اها ڳالهه آهي!“

”ها، جنهن وقت هرمن چاچو زمين تي لٽ ٿو هڻي. ڳانءِ رنيي ٿي.“ ڳانءِ جي ان ڳالهه کي وٺي سلما من ئي من پڪڪي- ”ان رن ئي ته اڄ اُبتا ٻچ پوکيا آهن.“

چاند محمد ڏند ڪرٽيا - ”ظلمي رات جي دهشت جو هيءَ داستان منهنجي دل جي پٽيءَ تي لکجي ويو آهي سلما .“

رات دروپديءَ جي ساڙهيءَ وانگر بي انت ٿيندي پئي وئي . هرمن جنهن مهل به ڌرتيءَ تي لٽ ٿي هڻين، چاند محمد پنهنجي ترين ۾ جهليل ٻانهين زور سان ٿي پڪڙي. کيس نه سور جو احساس هو ۽ نه ان ڳالهه جو غم هو ته ايس جون ڇيتيون سندس ترين ۾ گهڙنديون ٿيون وڃن ۽ رت پيو ٿو وهي. کيس لڳي رهيو هو ته هن جي هٿ ۾ ظالم هرمن جي ڳچي آهي. کيس ماري ئي هوءُ سک جو ساهه پٽيندو.

سج جي ٻاک ڦٽي هئي، اندر ايندڙ سورج جي سونهري ڪرڻن چاند ۽ سلما کي هرمن جي لالٽين جي ايندڙ روشنيءَ جهڙي لڳا ٿي ڏني. سوُرج ٿورو مٿي چڙهيو.

”اڙي، چاند محمد پٽ، چاند پٽ، اڙي چاند.“ هرمن، چاند محمد کي سڏ ڪرڻ شروع ڪيا. آواز ۾ نه ڪروڌ هو نه ڪٺورتا، نه ساڙ هو نه دغا هئي. آواز ۾ لاڏ پيار جهڙي پنهنجا ئي هئي. هڪ اهڙو ڍنگ جنهن ۾ رشتي جي خوشبوءِ هئي.

ٻنهي ترين ۾ ٻانهين جهلي چاند محمد بدحواس ويٺو هو. هرمن جو پيار ڀريو آواز ٻڌي سلما ٻاهر نهاريو. سج پچ سج اڀري آيو هو. سندس نظر هيٺ فرش تي ويئي. فرش تي رت جا ڇنڊا هئا. سلما هن جي مٺين مان ٻانهين ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر سندس هٿن ٻانهينءَ کي ڪونه ٿي ڇڏيو. هوءَ چوڻ لڳي، ”چريو ٿي پيو آهين ڇا؟ سج اڀري آيو آهي. هرمن چاچو توکي سڏ ڪري رهيو آهي.“

اونده هجي ته روشنيءَ جو ننڍي ۾ ننڍو ترورو به اندر هليو ايندو آهي. لالٽين جي روشني تاڪن جي ننڍن چيرن ۽ ٽنگن مان وري اندرآئي. چاند جي گهبرايل نظر پٽ ڏانهن ويئي. ٻارهان وڃي رهيا هئا. سلما به واچ ڏسي ورتي هئي. ٻئي چپ هئا. هرمن پٽ جي ڀاڄ ۾ ڀڙ ڀڙ چٽي اُڇليو، پوءِ پنهنجي پڏر ۾ ٻوڙي ڏرتيءَ تي زور سان لت ٺوڪي.

سلما ۽ چاند محمد ٻنل جهرڪين وانگر ڪنڊ ۾ چنبڙي ويهي رهيا هئا. ساهه روڪي چڏيو هئائون. سلما ٻنل گلي سان چاند محمد جي ڪن ۾ڏيمي آواز ۾ چيو- ”هو ڀڙ به اُڇلڻ لڳا آهن. اسانجي طرف. شرافت جي به ڪا حد ٿيندي آهي. تون ڪانئر بڻيو ويٺو رهه. مان ٿي وڃايان دهل.“

چاند محمد هٿ پڪڙي کيس روڪيو- ”نه، رهڻ ڏي. هو ته چريا آهن ئي. اسان چريا ٿورو ئي آهيون. سڄو ڳوٺ جاڳي پوندو. خوامخواه بدنامي ٿيندي. هنن کي هڪ ڀيرو هيڏانهن پٽ ٽپيءاچڻ ڏي.“

سندن ڇت جي ٻني تي چبرو اچي ويٺو هو. اُهو هوُ هوُ هوُ جا ٻيچاريندڙ آواز ڪري رهيو هو. سلما جي دل ويهڻ لڳي هئي. روئٹهارڪي آواز ۾ چيائين - ”اڌ رات جي وقت جنهن جي گهر جي ٻني تي چبرو اچي ويهندو آهي. ان جي گهر موت ايندو آهي.“

چاند محمد سندس وات تي تري رکي- ”بڪ بڪ نه ڪر. چبرو رات ۾ ڏسي ضرور سگهندو آهي. هو موت جو پروانو ٿوروئي ڪٽي ايندو آهي.“

هرمن جي لت زمين مٿان پيئي. چبرو اُڏامي ويو هو. زهريلي گئس وانگر ٻنهي زال مڙس جي اندر ٻپ پرجندو پئي ويو.

هٿ ۾ هٿيار هجي ته ايندڙ خطري جو مقابلو ڪرڻ جي ماڻهوءَ ۾ همت به اچي ويندي آهي . چاند محمد اٿيو هڪڙي پراٽي ٽنل ڪٽ پيئي هئي. هن ڏيري ڏيري تريءَ سان ٺوڪي ٺوڪي ان جي ٻانهين (ايس) ڪڍي ورتي هئي. هو ايس جي سري کي پنهنجين ترين سان سوگهو جهلي ويهي رهيو هو. خوف ۽ ڪروڌ سبب غفلت ۾ ٻڌل چاند محمد کي ايترو به هوش ڪونه رهيو ته پراٽي ڪاٺي آهي. چيتيون ڪنڊن وانگر اڀيون ٿيون پيون آهن. تريءَ ۾ گهڙنديون. هو سوچڻ لڳو- ”هوُ دهل وڃائي ڳوٺ کي پريشان ڪونه ڪندو، هاڻي. جيڪڏهن هرمن چاچو هن طرف ٽپيو ته هو سندس دل کولي مقابلو ڪندو.“

ڳالهه

جهنگل ۾ لڳل باهه جون ڦڙڦڙائيندڙ ڇپين سان گهيريل هرڻيءَ جهڙي سُرتيءَ کي هڪ راهه سجهي. فئڪٽريءَ ۾ وڃي بابوجيءَ کان ائڊوانس جا پئسا وٺي اچان. ...... بابوجيءَ جون اوڇيون حرڪتون ياد ڪري هن خود، پاڻ کي منع ڪري ڇڏيو هو. الائي ڇو سيني پرشن ۾ جانور هوندو آهي. ماڻهوءَ جو سرير ڪيترو به ڪمزور ٿي وڃي من مرد بڻيو رهندو آهي. بابوجيءَ جا پير قبر طرف وڌي رهيا آهن. عادت ڏينگهه جهڙي ئي حرامزادي آهي.

سُرتي ميدان ۾ هارايل جوڌي وانگر ڦان ٿي واڻ جي کٽ تي ڇڻ وڃي ڪري هئي. سندس اکين سامهون آسمان ڦاٽي رهيو هو. ڌرتي ڏڪي رهي هئي. ڪيس بي چئنيءَ جا دؤرا پوڻ لڳا هئا. هوءَ.تيزاب ۾ پيل لوهه وانگر جلي به رهي هئي، ڳري به رهي هئي. هن جي من ۾ هڪ ئي ڌپ هو. سرتي آبرو وئي. هن کي ڏينگهه هتان پنهنجي کٽ مٿي ڪڇندي نظر اچي رهي هئي.

”نه.“

جيءَ جاءِ نه هجڻ تي ڪا ڳالهه نظر ڪانه ايندي آهي، انجي ڪاوڙ ۾ ڪُننا خطرناڪ رخ اختيار ڪندا آهن. اُهو دشاهيڻ ٿي ويندو آهي. هڪ پڪتي ارادي سان سُرتي ٻڌجندي وئي. هن وسامندڙ جوت جي تيز ٿيندڙ لاٽ وانگر تکي نظرن سان پوري گهر ڏانهن نهاريو. مڙس جي ڦوٽوءَ کي هٿ جوڙيا. بس! پٽ جي ڦوٽوءَ تي هٿ ڦيريو. ”جڳ جڳ جئين.“

پٽ جي مستقبل کي ياد ڪري هن ڇاتي نسخت ڪري ڇڏي هئي. قدرت ساس ڏنو آهي ته گراس به قدرت ئي ڏيندي. هٿ مان ڪتاب هليا ويندس. هن وٽ پيءُ جا رکيل ٽيڪم ۽ ڪوڏرون ته آهن. عزت کان وڌو نه ڪُلُ، نه ڪُلَ ديپڪ . جيئري جيءَ کي هاءِ هاءِ آهي. اکيون بوٽڻ شرط سڀ ختم ٿي ويندو آهي. ڪيڏو ئي وڏو سرير هجي، به مليون رک ئي ته ٿيلو آهي.

چاند محمد ۾ جڻ ڏکهي ڪوما ڪانپوءِ چيتنا آئي. هن اکيون ڦاڙي پڇيو، ”هان، سچ اهڙي آيو آهي؟“

”هرمن چاچو توکي سڏ ڪري رهيو آهي، پيار مان. ٻاهر نڪر.“

”سچ!“

”ٻاهر نڪر نه! هن کي ڪيتري دير ٿي ويئي آهي. سڏ ڪندي.“

چاند محمد جي ترين مان ٻانهين ڇڏائجي ڪري پيئي هئي. سندس ترين رت ۾ ٻڏل هيون. ٻانهينءَ جو سرو ڳاڙهو ٿي ويو هو. هن هٿ ڏوتا. ڪڙو ڪولي ڪمري ڪان ٻاهر آيو. پتلون جي ٻنهي کيسن ۾ سندس هٿ هئا.

هرمن پڌر ۾ بيٺل چاند محمد کي پنهنجائيءَ وچان چيٺيو- ”گهوڙا وڪڻي سمهندو آهين ڇا؟ زمين تي هيٺريون لٽيون هڻڻ تي ته ڪنيڪرڻ به جاڳي پوي!“

چاند محمد ڏٺو. هرمن چاچي جي اکين ۾ دهشت نه پر وفاداري هئي. هن اکيون ڇنڀي ”هون“ چئي.

هرمن چوڻ لڳو، ”مون ته توکي انڪري ڪونه جاڳايو ته ڳوٺ مان ڪمائي آيو آهين. تنهنجي ننڊ ۾ رخنو پوندو.“

جهڙيءَ طرح ميرو ڪپڙو ڌوئڻ سان صاف ٿي ويندو آهي. هرمن چاچي جي گهري پنهنجائيءَ چاند محمد ۽ سلما جا خوف، ڪروڌ ۽ ساڙ ڌوئي ڇڏيا هئا. سندن چنتا پريل چهرن تي هڪ جڳيااسا اُڀري آئي هئي.

چاند وري پنل اکين سان ”هون“ چيو.

هرمن پٽ تي چڙهيو . هن چاند محمد جي سامهون لٽ اُڇلي. ٻر ڏانهن آگر سان اشارو ڪري هن چيو، ”چاند پٽ، هن ٻر ۾ هڪ بيحد زهريلو نانگ آهي. ان سڄي رات ننڊ ڪرڻ ڪونه ڏني آهي. مارڻ لاءِ پڪڙ ۾ ڪونه ٿو اچي.“

چاند محمد کي جڻ موت ڇهيو. هن جي وات مان اُمالڪ نڪتو- ”هان!“

هرمن چيو- ”ها، ان جي ٻڇڙي تنهنجي طرف آهي. تون اتان نوڪ. هيڏانهن نڪرندو ته مان چيڻاڙي ڇڏيندوسانس.“

□□□

اڙي. اهڙيون سزائون تہ جيل کاني ۾ بہ ڪونہ ڏنيون وينديون آهن. هيءَ ماستر دروٺاچاريہ کان بہ وڏو دشت آهي.“

ڪلاس راڌوءَ جي عادت ۾ شمار ٿي ويو هو. ماءُ کي سامهون ڏسي هو شرمائجي ويو هو. سندس غصو پڙڪيو. هن ٻئي هٿ هيٺ ڪري ڇڏيا هئا.

راڌوءَ جي گستاخيءَ تي ماستر ڪيس رول سان ڪٽڻ لاءِ غصي وچان ڪرسيءَ تان اٿيو. سامهون راڌوءَ جي ماءُ بيٺي هئي. هو شرمندو ٿيو. اکيون ڇنڀينديءَ رول پنهنجي هٿ کي هٽي پنهنجي غصي کي شانت ڪرڻ لڳو هو. سُرتيءَ کي ٻڌائيندي راڌوءَ کي چوڻ لڳو- ”حرام ۾ ٿورو ئي ٿو پڙهايان توکي. ٽن مهينن کان ٽيوشن ڪانہ ملي آهي.“ هن راڌوءَ کي چنڊ ڪڍي، وڃ، ”سڀاڻي ٽي سو روپيہ کڻي پوءِ اسڪول اچجانءِ.“

اسڪول ۾ آس پاس جي ڳوٺن جي ماسترن جو ڏاڪو هو. اسڪول معنيٰ اڳڻ ۾ وچايل ڪٽ. اڌ اسٽاف سڄو ڏينهن پنهنجن ٻنين ٻارن، شخصي ڪمن، ڊور ڊڳن ۾ ختم. اسٽاف روم ۾ تاس هلندي هئي. گپ شپ ٿيندي هئي. ٺهڪ ڦٽاڪن وانگر هلندا هئا. سياست جي چوپڙ چالو هوندي هئي.

چار وڃندا. ماستر پنهنجو پنهنجو ڪلاس اچي سنڀاليندا، جيئن فوجي سپاهي مورچي تي اچي ڪڙو ٿيندو آهي. هتي گروءَ جهڙو وهنوار نہ، پئسي جو واپار هو. هر شاگرد جي سو روپيا ٽيوشن ٻڌل هئي. هڪ هڪ ماستر کي چار چار هزار ملي ويندا هئا. پگهار الڳ.

ڳوٺ کي خبر هئي پر چپ هو. جڏهن سڄي دنيا بدنيت آهي. ويچاري ماستر جي بہ ٻتي. پئسو هٿ جي مير آهي. ٻارن جو مستقبل پيو ٺهي.

سُرتيءَ جون ناسون ڦڙڪڻ لڳيون هيون. ”تہ لوڀ جو ناسور اٿس.“ هن زور سان ساهہ کنيو. ”جڏهن هيڊ ماستر ئي .... مئي کي ايترو بہ صبر ڪونهي. راڌوءَ کي وصيفمو ڪونہ مليو آهي.“

هوءَ ٻہ قدم اڳتي وڌي ماستر سان مخاطب ٿي. ”سڀاڻي پئسا ڏيئي پوءِ اسڪول موڪليندس پنهنجي راڌوءَ کي.“

ماستر جي غلط هلت کان ستايل، سيءَ ۾ ڏڪندا، لڇ ۾ لڪندا، ماءُ پٽ گهر ڏانهن راهي ٿيا. مايوس من، هڪ ٻئي کان نظر بچائيندا، دوري رکندا.

مهينو اڳ وارو ڀيانڪ ڏياريندڙ نظارو سُرتيءَ جي دماغ ۾ نانگ وانگر ڦوڪارڻ لڳو هو. ماستر ڪرسيءَ ۾ دٻيو ويٺو آهي. پنجاهه کن جي ڪاري شيدي ماستر جو بدن وزني آهي. قد ننڍو اٿس. اکين تي چشمو چڙهيل اٿس. چشمي جي ڏور ڪيسي جي چوٽ تائين لٽڪيل اٿس. ڪارو ڪوٽ پئنٽ پاتل اٿس. ڏهه پندرهن ڏينهن اڳ رنگيل وارن جي وچ ۾ نڪتل سيند بليڪ بورڊ تي چاڪ سان ليڪيل ليڪ وانگر لڳي رهي آهي. هو ٻي سهاري ٽڙ وانگر ڏڪي رهيو آهي. سيءَ کان، شرم کان، ٿڪاوٽ کان.

سُرتي ڏسي رهي هئي. راڌوءَ جا هٿ مٽي آهن. هن جي سڄي چڏي نظر اچي رهي آهي. چتيون لڳل چڏي ٽڙن تائين ڦاٽل آهي. لوٽ ٿي ويئي آهي. ٽڙي جي چمڙي، جيڪا پريان ٻير جي ڇوڏي جهڙي لڳي رهي آهي. چڏي ڏيري ڏيري هيٺ کسڪي رهي آهي. هيٺ کسڪندڙ چڏي ٽڙن جي اپار تائين اچي بيهي وئي آهي. سرتيءَ جو ساهه سڪي ويو آهي. بيحد وياڪلتا کان سندس اکيون ڦاٽي ويون هيون. ”اڙي سندس لال ننگو ٿيو پري محفل ۾.“

الين تائين جو اسڪول هو. ست ڪمرا هئا. ڇوڪرن ڇوڪرين جي تعداد ۾ واڌارو. ڪجهه ڪلاسن جا اي ۽ بي ڪلاس ٺاهيا ويا آهن. راجنيتيءَ جا شڪار ڪجهه ڪلاس سياري اونهاري برسات ۾ ورانڊن ۾ لڳندا هئا. ورانڊي وٽان ٿي رستو نڪرندو هو. رستي تي بيٺل سُرتي مٽي تي رکيل ڪانين جي ڀاري بار کان ايتري پريشان ڪانه هئي جيتري سامهون واري خوفناڪ نظاري کي ڏسي ڏڪي ويئي هئي. رت سڪائڻ واري ٿڌ ۾ ٻه سندس نرڙ تي پگهر جا ڦڙا ابري آيا هئا. اکيون آليون ٿي ويون هئس.

الين ۾ پڙهندڙ راڌوءَ جو پيءُ وانگر وڌندڙ قد هو. ماءُ وانگر اڇو سهڻو رنگ هوس. پٺي ۽ پيٽ هڪ هئا. منهن، هٿ، پير سياري سبب ڦٽي پيا هئا. رماند تي آيل ڏوهاريءَ وانگر سزا پاتل راڌوءَ جون اکيون ٻاهر نڪري آيون هيون. ماءُ بيٺي هئي. پٽ جون اکِيون ملي ويون هيون. ماءُ جون ممتا کان اکيون آليون ٿي ويون هيون، پٽ جون مرم کان.

ماءُ وائڙي هئي. ”سڄو اسڪول راڌوءَ کي پڙهائيءَ ۾ هوشيار ڀڌائيندو آهي، پوءِ ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏني پئي وڃي سندس لاڏلي کي.

مشهوريءَ تي ملندي آهي. غريب جو ڪير آهي؟ کيس ياد آهي پندرهن ڏينهن پهرين راڌو بيمار ٿيو هو. کيس پنجاهه روپيا اُڌارا ڪونه مليا هئا سڄي ڳوٺ ۾. چانديءَ جون ٻئي چوڙيون وڪڻي هوءَ کيس ڊاڪٽر وٽ وٺي ويئي هئي.

سندس نڙي سڪل هئي. اکيون آليون هيون. سرڳواسي مڙس جي هڪ ڳالهه کيس ور ور ياد اچي رهي هئي. هن جو مڙس وڏيڪ بيمار هو. هوءَ ساوتريءَ وانگر کيس پنهنجن گوڏن تي رکي ويٺي هئي. مڙس جي نار وئي ٿي، آئي ٿي. راڌو ستن سالن جو هو. ٻيون درجو پڙهندو هو. اڻ ٿيڻيءَ کان بي خبر هو اتي ئي ويٺو هو. سُرتيءَ جي مڙس پنهنجي هٿ ۾ سُرتيءَ جو هٿ وٺي راڌوءَ جي مٿي تي رکي چيو هو- ”غريب لاءِ پڙهائي ئي ان جي پونجي هوندي آهي. پنهنجو پٽ پڙهائيءَ ۾ هوشيار آهي. آفيسر ٿيندو. پلي ڪيڏا بہ ڪشٽ سهڻا پون. راڌوءَ کي ضرور پڙهائجانءِ.“

سُرتيءَ جي من ۾ هڪ عجيب قسم جي باهه پئي دکي. ان باهه ۾ سُرتيءَ جو جيءُ جلي رهيو هو. سندس مڙس جو آسون جلي رهيو هيون.

چنتا ۾ ٻڏل سُرتيءَ کان ننڊ کوهه پري هئي. پئسن جو اپاءُ نہ هو. هن پنهنجي بدن تي غور ڪيو. ڪنن جي ٽوپايل ٽنگن ۾ نم جون سيڪون پيل اٿس ۽ نڪ ۾ چانديءَ جي ڦلي اٿس. ڳچيءَ ۾ ڪارو ڌاڳو پاتل اٿس. ڪراين ۾ ڪاچ جون چوڙيون آهن. پير نيٽ ننگا آهن. هن گهر تي نظر ڊوڙائي. اڌ ڪک ڪانا آهن. ڪوٺڙ جا بہ چار باسڻ آهن. هوءَ ايتري سکي ضرور آهي جو ڳوٺ ۾ سندس آستان آهي. پٽ جي هٿن ۾ ائين درجي جو ڪتاب آهي. سندس مٿي تي رئو آهي.

ڪوئي خوشيءَ جي آڪاس ۾ تري يا چنتا جي سمنڊ ۾ ٻڏي، وقت مٽ ۾ ڪونہ هوندو آهي. رات وئي ڏينهن آيو. سج بہ ٽي لٺيون مٿي چڙهي ويو آهي. نراسا جي انڌي کوهه ۾ ٻڏندڙ سُرتي، اُميد ڀريا قدم کڻي، ڳوٺ جي ٽن چئن گهرن ۾ وئي. ٽي سؤ تہ پري ڪنهن ٽي روپيا بہ کيس ڪونہ ڏنا.

ڊنل گهبرايل سُرتي آس جي ٽمڪندڙ لاٽ کڻي ڏينگہ جي گهر ڏانهن وڌي. مٿي تي رئو لاهي پاتائين.

گهر اچي ماءُ گيٽ تي لڳل سڙ جي ڪانن جو دروازو کوليو. ماڻس بار ٻڌر ۾ ٿي رکي چڙهيو هو ۽ پٽ بستو. منهن مونن (گوڏن) ۾ وجهي ويهي رهيا هئا، جڻ ڪنهن جوان جي موت جو سياپو ڪري رهيا هئا. سانت ورلاپ، ٻئي هڪ ٻئي جا سوال هئا. ٻئي هڪ ٻئي جا جواب هئا. ٻنهي جي دماغ ۾ گهر جو ايڪس ري هو. چنتا جي گرمي برفاني هوائن کان ٻيئي بي خبر هئا.

سُرتيءَ من ماريو. راڌو به پيءُ وانگر مائيٽو آهي. هن اڄ تائين ڪونه ٻڌايو، پئسن جي ڪري هن کي سزا ڏني ٿي ويئي. هوءَ پنهنجي سوال جو خود جواب بڻجي ويئي هئي. ٻڌائي به ها ته ڇا ٿئي ها؟ هٿ تنگ، نه پائي نه پائلي (چار آنا). هن گهرن ۾ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ گهر ۾ اوترا ئي داڻا ٿا اچن، جن مان اسين ٻئي ماءُ پٽ پيٽ ٿا ڀريون. هن هن ڏينهن ڪانپوءِ چلهه تي ديڳڙي ٿي چڙهي ڀاڄيءَ جي.

هن جي اندر چنتا جو ڀنيٽ ٻري رهيو هو. هوءَ ماستر کي لڪي لوڪي ڇئي آئي آهي. سپاٽي پئسا ڏيئي ئي اسڪول موڪليندس راڌوءَ کي. پئسا! پئسا چونڪ واري نم جي وڻ جا پن ٿوروئي آهن. جو پٽي موڪليندس.

شام ٿي ويئي هئي. پريشان سُرتيءَ ڀاڄي ناهي چڙهي هئي. ٻاجهريءَ جا ڍوڍا پچائڻ لڳي. راڌو چلهه جي ڀرسان ويهي هٿ سيڪي رهيو هو. هو ڀريل اکين سان چوڻ لڳو- ”اهو هيڊ ماستر آهي نه امان، بلڪل موذي آهي. ڊجان ٿو متان امتحان ۾ وهڻ ئي نه ڏئي مونکي.“

چلهه تان لٺل ٻاڦ ڪڍندڙ گرم گرم ڍوڍو راڌوءَ جي هٿ ۾ ڏيندي سُرتيءَ چيو- ”ڍوڍو کاءُ، پيءُ مٺو اٿيئي، ماءُ ته جيئري اٿيئي.“

سُرتيءَ جي گهر ۾ هڪ ڪٽ هئي. مڙسس جي آندل. ٻه گودڙيون هيون مڙسس جون ورتل. هڪ ڪٺل سوڙ هئي اٺ نو سيارا پراڻي. ڪپهه جا گول گول گِندا ان ۾ ائين نظر ايندا هئا جڻ گولڙا ڪسڪندا هجن.

اڄ راڌوءُ گهڻي دير تائين ڪتاب هٿ ۾ نه رکي سگهيو. پٽ ليٽي پيو هو، ماءُ ٻتي وسائي چڙهي هئي.

سوچ ۾ ٻڏل سُرتي ليٽئي ليٽئي سڄي ڳوٺ ۾ اميد جا گهوڙا ڊوڙايا. اهي گهوڙا هڪ هڪ گهر مان ”ناڪار“ ولي موٽي آيا هئا. اوڌر ساک ۽

ڏينگہ جو اِخلاق ڪپڙي سان ڍڪيل گندگيءَ وانگر آهي. عورت باز. ڳوٺ جي عورتن سان بدسلوڪيءَ جيڙچاڙ سبب هن تي پنچايت ڪئين ڀيرا ڏنڊ وڌا آهن. هڪ رات ٽاٽي ۾ بہ رهي آيو آهي. سُرتي پنهنجو پاڻکي ڏينگہ جي گهر ۾ بي عزتو محسوس ڪري رهي هئي. ڏينگ پڇيو- ”گهٽا؟“ سُرتيءَ جهٽ چيو، ”ٽي سؤ.“

سُرتي، عمر ٽيهہ. سھٹو بدن. ڊگهو قد ڪاٺي. گوري چمڙي. گول چهري تي سنهڙا چپ. هنس جهڙي چال. روپ لاجواب پر ڀاڳ جي ماريل هن مٿان هڪ ٻئي پٺيان دکن جون ڇپون ڪرنديون رهيون هيون. سس سهرو ڀھرين ئي راهہ رباني وٺي هليا ويا هئا. مڙس جي گذاري وڃڻ کان بہ مهينا ڀھرين هن جو وڏو پٽ ”هٽ“ هليو ويو هو. پيءُ جي ڇايا تہ سُرتيءَ جي مٿي تان ٻالپڻ ۾ ئي لهي ويئي هئي. ماءُ چار سال اڳ سرڳ رواني ٿي ويئي هئي. پائر پائٽيا بي وفا ٿي ويا هئا، مٿان غريب سُرتي روز روز آڇي تنگ ڪري.

گپ چڪ ۾ ئي ڪمل ٽڙندو آهي. دکن جي درياهہ ۾ ٻڏل سُرتيءَ جي نس نس ائين ٽڙيل هئي جو ماڻهن جي نظرن کي همت ڪانہ ٿيندي هئي. هولي ايندي هئي. هوليءَ جو رنگ سندس سونهن تي مهينن تائين لڳو رهندو هو.

چھرو هڪ ئي طرف ڏسي سگهندو آهي. ڳجهہ جهڙي تکي نظر ڌاريندڙ ڏينگہ جون نظرون اَڌوراڻن ڪپڙن ۾ لڪل سُرتيءَ جي بدن کي مهٽي رهيون هيون. ڏينگ جي جڀ هر هر چپن تي ٿي آئي. کير ڏسي ٻلي جي جڀ سُرڪڻ لڳندي آهي. هوُ اُتساهہ ۾ هو- ”سُرتي، ٽي سؤ؟ بس. پنج هزار، ڏهہ هزار ڪٽي وڃ. مان واپس وٺندوسانءَ ٿوروئي. تنهنجو پنهنجو گهر آهي.“

”تنهنجو پنهنجو گهر آهي!“

ٿنيي سان لڳي بيٺل سُرتيءَ کي پراڻي هڪ ڳالهہ ڏنگ هنيو. ڏينگہ چڙو چاند هو. سُرتيءَ جي سس جو ڏينگہ سان سٺو رشتو هو. هوءَ ڏينگہ جي گهر ۾ اَندر تائين هلي ويئي هئي. ڏينگہ هن کي چڙب ڏيئي ڪڍي هئي- ”چمارڻ! ڇاڇي چيومانءَ تہ رنڌڻي تائين هلي آئي آهين.“

ڏينگہ چاليهارو سالن جي عمر جو. هن جي سڄي ئي بدن تي هسا ئي هسا هئا. هن جي اَپوڳن وارن واري بدن تي هسَنِ جا داڻا ائين ٿي نظر آيا ڄڻ ڳاهہ جي ڀاڙن ۾ لڳل ٻڙيءَ جا داڻا. هڏ ڳاري چِڏڻ جهڙي سيءَ ۾ بہ هوُ هڪ لانگ واري ڌوتيءَ مٿان گنجي پائي ويٺو هو. ميري چادر ويڙهي رکي هئائين. سندس وڏين وڏين اکين ۾ رات پيتل دارونءَ جي خماري هئي.

رنَڙُپانڌُ، وڏي شاهي حويليءَ ۾ اَڪيلو جيوُ، جيئن تلاءَ ۾ ڏيڏر. بيشمار پئسو هئڻ جي باوجوُد هوُ ڀنين ۾ خود ڪم ڪندو هو. هوُ ڀاري پوندڙ سيءَ ۾ بہ قميص لاهي ڪم ڪندو هو. پگهرَ پيتلُ، ريت مليءَ سان ڀريل سندس بدن ائين چمڪندو هو ڄڻ ڪلر لڳل ڀت هجي. هن جي بدصورت سبب هن جو وهانءُ ڪٿي ٿي نہ سگهيو. هن جي وڌندڙ عمر سبب سڄو ڳوٺ کيس ”چڙو ڇانڊ“ چوڻ لڳو هو.

هوُ وراندي ۾ پيل کٽ تي ويٺو هو. کٽ تي حڪو ڪٽي، ٺوڪون ڀري رهيو هو. هڪ هڪ سان گڙ گڙ، گڙ گڙ، وري بيپرواهہ ويٺو هو.

سُرتي پنهنجن سپنن جي شهزادي ساهہ ساهہ ۾ سڏڪو. سُرتيءَ جو مڙس مرندي ئي ڏينگہ جو من مٿس اچڻ لڳو هو. هوُ مٿس حق جمائڻ لڳو هو. اِها ڳالهہ ٻي هئي جو سُرتي هن جي ڀاڄي ڪي بہ ٽُڪ هڻندي هئي.

درلپ شئہ هڪدم ملي وڃي، اَوشواس سبب ڌڪٽي ولي ويندي آهي. سُرتيءَ کي سامهون بيٺو ڏسي، اَکٽ آنند وچان ڏينگ جو ساهہ اُکڙڻ لڳو هو.

حيرت ۾ پيل ڏينگہ حڪو هيٺ رکي ڇڏيو. چادر کٽ تي اُڇلي. هن اٿي موڙي تي هٿ هٽي در کي هٽايو. دز ڇت تائين اُڏاڻي. سُرتيءَ کي ريجهائيندي هو چوڻ لڳو- ”منهنجو ڀاڳ ڀلو ٿيو، ويهہ سُرتي.“

ڊنل ۽ شرمسار سُرتي رئو لاهي وراندي جي ٿنڀي وٽ اُن سان لڳي بيٺي هئي. من ۾ هڪ آس ڪٽي.

اکين ۾ ڪٽي وهاريان سرتيءَ کي. خوشيءَ وچان آيل ڏينگہ جي مُرڪ هن جي وڏين مڇن ۾ ئي رهجي ويئي هئي- ”ڇہ.... ڇئہ سرتي؟“

”پئسا کپن.“ وياڪلتا ڀريو سُرتيءَ جو آواز ڍيل هو.

ويندي آهي، مھينو...... هن دک ۾ ھڏل ڪر موڙيا.

سُرتيءَ جي رضامندي سمجھي ڏينگہ جي نس نس مان ڪام ڀاونا ڦٽي نڪتي هئي. ھڪري مين مين ڪري ڪير ڏيندي آهي. هو غليظ اشارو ڪري اندر طرف وڌيو.

سُرتي ڦٽيي سان گڏ ڦٽيو ٻٽي بيٺي هئي. اٽل.

چاهي راڏوءَ جي هٿن مان ڪتاب بہ هليو وڃي، جيڪڏهن ڏينگہ اڳتي وڌيو تہ چمپلن سان ان جو مھاندو بگاڙي ڇڏيندي يسانس.

ڀريل گلي سان چيائين، ”نہ.“

سُرتيءَ جي ”نہ“ ڏينگہ جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. هو هيڪي بيھي رهيو. ”مطلب؟“ هو ڪٽ تي ويھي رهيو هو وساميل چلم وانگر.

سُرتيءَ پاڻ سنڀاليو. ڳوڙھا اکيي هوءَ چوڻ لڳي- ”عزت ڪان وڏي ڪا رقم ڪانہ ڦيندي آهي. ”ڳالھہ“ گروي رکي رهي آهيان. هڪ مھيني ۾ پئسا نہ موٽايان......“

”تہ.....؟“ ظالم ڏينگ ڳالھہ کولڻ جي ڳالھہ ڪئي.

”ها.“

سُرتيءَ جي ”ها“ ڏينگہ جي وساميندڙ اميد ۾ گيھہ وجھي ڇڏيو هو. سُرتيءَ جي ”ها“ هن کي سرڪاري ٺپي جھڙي لڳي. اجر، آهون ڀريندي سال نڪري ويا. مھينو.... سُرتي خود..... غير ذات واري کي گھر ۾ رکڻ سان ذات آڏو ايندي آهي. سُريت (رکيل) رسوخ آهي. سون سان جھنجھي ڇڏيندس سُرتي کي. لالچ ڀرئي من سان هو چوڻ لڳو- ”سُرتي، تون پڪي عورت آهين. ڳوٺ وارا توکي مرد ذات چوندا آهن. پنھنجي ڳالھہ تي پڪتي رهجانءِ.“

ڏينگہ کيسي مان ٽي سؤ روپيا ڪڍيا. ڪام ڀريون اکيون چنييون. ”ڦري نہ وڃجانءِ سُرتي.“

سُرتي مٺ ۾ روپيا پڪوڙي سڌي گھر هلي آئي هئي. بلڪل گھبرايل. جڻ هن جي هٿ ۾ روپيا نہ پر نانگ جو ڦڻ هجي.

غصي ۾ آيل ٻڌيءَ ڪيس ڪاني ڪٽي اُلاري هئي. لحاظ ڪري ڇڏي ڏنائينس. ها، اِن وچ ۾ رنڊڪي ۾ تڪ ڦٽي ڪري آئي هيس.... وقت جي ڌپاءَ هيٺ گهڻو ڪجهه دٻجي ڍڪجي ويندو آهي. هاڻي ته ڏينگه اسانجي ديڳڙي جي ٻاچي به گهري وٺندو آهي راڌوءَ کان.

”نه، اُڌارا ڪپن.“ سُرتيءَ ڍڪيل گهونگهٽ مان ٿوڙو ڪنڌ لوڏائي عرض ڪيو.

ڏينگه جي لالچ کي سُرتيءَ اَدب سان ڪنڌ لوڏائي ٺوڪر ماري هئي.

ڏينگه بي قابو ٿيندڙ نيت جو لغام ڇڪي ورتو. سُرتي اِخلاق جي پڪتي آهي. هوءَ چمپل ڪٽندي ويرم ڪانه ڪندي. هن هڪ ڳالهه تي وچ بزار ۾ مُکيءَ کي چمپل ئي چمپل هنيا هئا. اِها ڳالهه الڳ آهي ته سُرتيءَ کي انجو نتيجو ڀوڳڻو پيو آهي. هن کي وڏوا پينشن ملڻي هئي، سا ڪانه ملي.

پراڻو پاپي ڏينگه ڪوڙو ٿيو. ”ڪجهه آندو اٿيئي؟“

سرتيءَ کي اميد تي پاڻي ڦرندو نظر آيو. ڪجهه هجي ها ته آڻيان ها، هن دشت وٽ ڇو اچان ها! هٻڪندي چيائين، ”نه.“

ڏينگه ساڻ وانگر نڪ سڪيو- ”مان ته رقم شيءِ وٺي ڏيندو آهيان، سُرتي.“

سُرتيءَ جو ساهه سڪي ويو. اکيون ڦاٽي ويس. مٿي جون نسون ڦاٽڻ جي حد تائين پهچي ويون هيون. لڳو ته مورچا کان اجهو ٿي ڪري. ڪيس پٺ جي ڳالهه وياڪل ڪري ڇڏيو هو. ”هيڊ ماستر موزي آهي امان. ڌجان ٿو متان امتحان ۾ وهڻ ئي نه ڏئي مونکي.“

ٿورو پاڻ سنڀالي هوءَ چوڻ لڳي- ”راڌوءَ جي ٽيوشن ڏيڻي آهي. غريب جي لڄ ڪڻي رک.“

”لڄ، لحاظ مونکان نه ٿيندو آهي. شئه رکي رقم ڏيندو آهيان.“

هيءُ ته سچ پچ چنچر آهي. سُرتي ٻواٽي ٿي هئي. هيڏانهن کوهه هوڏانهن کاهي. هوءَ ٿنڀي سان وڏيڪ لڳي بيهي رهي هئي. هن جي ڳوڙهن سان رئو آلو ٿي ويو هو. مٿو سُن هو. سرير سُن هو. ڪيس لڳي رهيو هو، اجهو ٿي ڪري. پئسو ڦاسي آهي. غرض مرض. آخرين دارو. پل ۾ پرلئه ٿي

ويئي آهين. مان خوش آهيان. راڌوءَ جو اِسڪول ڪونہ ڇٽو. محنت ڪر.“

سُرتي ڇرڪ ڀري اٿي- ”راڌوءَ پيءُ، راڌوءَ پيءُ.“

راڌو ڪٽ تي ويهي پڙهي رهيو هو. ان ڇرڪ ڀريو- ”امان ڇري ٿي پيئي آهي. ڪٿي آهي بابو؟“

سُرتيءَ شرمائجي پاسو بدلايو. وري ڏينگہ جي اوڏر تي سوچڻ لڳي. تلوار جي ڌار. مهينو گذرندي ويرم ٿوروئي ٿي لڳي. ڪٿان پئسا اچڻ جو آسرو ڪونهي. جيڪڏهن سندس مڙس جي بيماريءَ وارو ٻن گهرن جو قرض نہ هجي ها تہ هوءَ مزوري ڪرڻ هلي وڃي ها.

سوچيندي سوچيندي ڪيس هڪ اپاءُ سجهيو. ڏينهن قرض لاهيندي گذري ٿو وڃي. ڳوٺ کان ہہ ميل پري اُن جي فئڪٽري کلي آهي. ڳوٺ جون ٿي زالون اُن جا ڊيرا آٽيندڀون آهن. اُٺي ٻئي ڏينهن واپس ڏيئي ايندڀون آهن. جيڪڏهن ڏينهن پنهنجو ڪونهي تہ رات تہ آهي.

ڏينگہ کان اُڌارا روپيا وٺي جنهن ڏينهن کان سُرتي هن وٽ ”ڳالهہ“ گروي رکي ويئي هئي، ڏينگ ڪيس خريد ڪرڻ لاءِ ”شُئا“ ٿيل ڳانءَ وانگر هن تي حق جتائڻ لڳو هو. سُرتي ڏينهون ڏينهن ڪيس ويجهي ايندي نظر اچڻ لڳي هئي. هن جو ڏينهن جو چين ۽ رات جي ننڊ سُرتيءَ جي” ڳالهہ“ جي ٻل تي شهيد ٿي ويا هئا. هو لائيٽ ٻاري سڄي رات جاڳندو هو. ڊيرن کي اٽندي سُرتيءَ کي پنهنجي دريءَ جي چيرن مان ڏسندو رهندو هو. سُرتي لالٽين وسائي سمهي پوندي هئي. ڏينگ جاڳندو رهندو هو. سُرتي ايندي. جنهن مهل بہ سندس اک لڳندي هئي، ڪيس ڪئين قسمن ۾ سُرتي نظر ايندي هئي. سنان ڪيل، نئون لباس پاتل، بلڪل سجيل سنوريل، سرمي پاتل اکيون ڇنيندي، لاليءَ لڳل چپ ڪنبائيندي، سينڌ ڀريل مٿو جهڪائيندي، هن جي سيج ڏانهن وڌندي. هن جون اِکيون کلي پونديون هيون. هو وهاڻي کي ڀاڪر پائيندو هو.

سُرتي کوهہ تي پاڻي ڀرڻ ويندي هئي تہ ڏينگ گهڙا منجيءَ تي رکيل مٽڪي جو پاڻي هاري کوهہ تي پهچي ويندو هو. هو پنهنجو منهن ڍڪي پاڻي ڀريندڙ سُرتيءَ ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهاريندو رهندو هو. منهن جو ڍڪي ويٺي آهي

سُرتيءَ سو سو جا ٽي نوٽ راڌوءَ جي هٿ جي ترِيءَ تي اچي رکيا هئا. راڌوءَ کي عجيب لڳو. هڪ ڀيرو ته ڪيس وسواس ئي ڪونه ٿيو ته اهي ڪي سچا نوٽ آهن يا ماءُ جي هٿ جي صفائي آهي. پڇيائين، ”امان، ڪٿان آندا اٿيئي؟“

ماءُ جي من ۾ روڳ پريل هو. ان ڇڙٻ ڏنس- ”انب کائڻ سان مطلب رک.“

راڌو پورن ٽن مهينن کان بي عزتو ٿي جي رهيو هو. نڙر هو. بيشرم بڻيو. ڪجهه ڏينهن کان ته اسڪول ڇڏڻ پيڙا جو ڏيرو هو، هن لاءِ. پئسا ملندي ئي منجهس ساهه پئجي ويو هو. خوشيءَ وچان هو ڦوڪڻي وانگر اڏامڻ لڳو هو.

”ڳالهه گروي رکي سُرتي روپيا مٽ ۾ پيڪوڙي ته ضرورڪٽي آئي هئي. پر روپيا هٿ مان نڪري وڃڻ ڪانپوءِ هوءَ چنتا ۾ لوسائجڻ لڳي هئي. بدچلن، ڪلڇڻي. مري ويل مڙس جي نالي تي ڪلنڪ. ڪڏهن اهڙو بيهودو واعدو به ڪبو آهي؟ هيڊماستر وڏ ۾ وڏ راڌوءَ کي امتحان ۾ نه وهڻ ڏئي ها. آبروءَ کان وڌو ڪونهي راڌوءَ جي هٿ جو ڪتاب. ٽي سؤ ته ڇڏيو ٽي روپيا به ڪٿان ايندا مهيني ۾. ڀاڄيءَ بدران پنگ ڪائي وئي آهين سُرتي تون.

سُرتي جو من اڄ ڪنهن ڪم ۾ ڪونه لڳو. ايا ساهه‌ٿي ڪنيائين. هٿن ۾ ڏڪڻي هئس. اکين سامهون اوندهه ٿي آيس. ڊپ وچان دورا ٿي پيس. دل ٿي ٽٽس.

راڌو اڄ دير رات تائين پڙهندو رهيو. سُرتيءَ جي اکين ۾ ننڊ ڪانه هئي. هن اکيون ٻوٽيون. هوءَ نديءَ ڪناري ملڪي پرڻ ويلي آهي. هڪ خوفناڪ مانگر مڇ ٿو اچي. هو سُرتيءَ کي ڳرڪائيندو ٿو وڃي. هوءَ روئي ٿي. سڏڪا ٿي ڀري. رڙيون ٿي ڪري. بکايل مانگر مڇ کيس ڳهندو ٿو وڃي. هن جا باقي هٿ رهجي ٿا وڃن. اهي هٿ بچائو بچائو ۾ لڏي رهيا آهن. هن جو مڙس ديويه شڪتيءَ جي روپ ۾ پرگهٽ ٿو ٿئي. هو پنهنجي مضبوط هٿن سان مانگر مڇ جي جاڙي (جبڙو) ڦاڙي ٿو وجهي. سُرتي موت جي ڪاهيءَ مان ٻاهر نڪري ٿي اچي. نڙي ويٺل سُرتيءَ کي آٿت ڏيندي سندس مڙس چوي ٿو، ”دلير آهين، ايڏڙي ننڍڙي آفت کان گهبرائجي

هڪ ڊِٻَ تي هوا جي ڏوتل صاف ريت هئي. سُرتيءَ لاليءَ کي روڪي چيو- ”ڪم جمع ڪرائيندي اڄ اُٺٽيهه ڏينهن ٿي ويا آهن. لالي، ريت تي منهنجو حساب جوڙ نہ. سياڻي ڪيترا روپيا ملندا مونکي.“

گهر ۾ شراب جو بيمار مڙس. ٽن ٻارن جو بار. لالي جوانيءَ ۾ ئي ٻڍي لڳڻ لڳي هئي. هوءَ ست درجا پاس ڪيل هئي. چوڻ لڳي- ”فئڪٽريءَ ۾ دير پئي ٿئي. منهن ۽ ڳراهيءَ ۾ دوري ڪيتري آهي. سياڻي پئسا هٿ ۾ ملي ويندءِ، سُرتي.“

سُرتي نئين آئي هئي. پنجون درجو پاس ڪيل سندس مڙس ٻال ٻوڏ آڻي ڪيس حرف سيکاريا هئا. اُهي لفظ هاڻي وقت جي گردش هيٺان دٻجي ويا هئا. اکين تي ڇانيل موتيا بند وانگر. خود اڻ پڙهيل هئڻ جو احساس ڪيس ڇيڻ لڳو هو.

سرتيءَ ڪونہ مڃيو. هن ڪيس هٿ ڪان جهلي ڊِٻ تي وهاري چڙيو هو. ڊِٻ تي ويهي سرتي لاليءَ کي هڪ هڪ ڏينهن جو حساب ٻڌائيندي ويئي. لالي سليٽ وانگر ريت تي آڱر سان حساب جوڙيندي رهي. سڄي ڊِٻ تي پري تائين پکڙيل حساب جوڙي لاليءَ ڪيس جوڙ ٻڌايو- ”سُرتي، سياڻي جي ڪم سوڏا توکي ساڍا ٽي سؤ ملي ويندا.“

سُرتيءَ لاليءَ جي آڱر کي چُميو. ٻچي وئينءَ سُرتي تون. هن جهڪي ڌرتي ماتا کي مٿو ٽيڪيو. اُٿي. پري ڊِٻ تي بيٺل ڏينگہ ڏانهن تڪ اُڇلي هوءَ اڳتي وڌي ويئي هئي. هوليءَ جي ڏينهن ۾ نهندڙ سانگن جهڙي سُرتيءَ جي هلت ڏسي لاليءَ ۽ ڪاليءَ جا چهرا وانڙا هئا. سُرتيءَ جي اکين ۾ چمڪندڙ اُپ هو.

سڄو ڏينهن آڪاس ۾ ڪڪر هئا. تيز هوائن جا جهوٽا بدن تي چهبوڪن وانگر لڳي رهيا هئا. بدن سميٽجي سُسي رهيو هو. ڪافي رات ٿي ويئي هئي. سُرتي لالٽين جي روشنيءَ هيٺان پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئي. ٽٽل ڪڪائين ڇپر مان ٿڌي هوا جو هڪ جهوٽو اندر گهڙي آيو هو ظالم وانگر. جهوٽو لالٽين جي آس پاس اُٿي ئي گول ٿي ويو هو. لالٽين ڀڪو ڪائي وسامي ويو هو. راڏوُ سمهيو پيو هو. اُن جا ٻہ ڊيرا سُرتيءَ جي گوڏن ۾ هئا.

سياڻي سُرتي چلهہ ۾ هميشهہ ڇيٽا وجهي رکندي هئي. خبر ناهي ڪنهن وقت باهہ جي ضرورت پئجي وڃي. وشواس سان ڀريل سُرتي پڙو

سُرتي؟ هو ڪڏهن پنهنجي چپن کي پيڪوڙيندو هو، ڪڏهن ڪوڏين جهڙين وڏين وڏين اکين کي ڪٽڪ جي داڻي جيڏو ننڍو ڪندو هو. هو بيوقوفيءَ جهڙيون حرڪتون ڪندو هو. بڇان ۽ ڪاوڙ ڀريل سُرتي چمپل کڻي کيس سبق سيکارڻ جي ڪندي هئي ته ”ڳالهه“ کيس چپ ڪرائي ڇڏيندي هئي.

ڏينگه کي چٽڪ سوداءَ جو مرض لڳي ويو هو. سُرتي گهر مان نڪرندي هئي ته هو مقرر دوري رکي نظرداريءَ وارين نگاهن سان هن سان گڏ هلندو هو ڳرندو ڳرندو. سُرتي ٻن گهرن ۾ ڪم ڪندي آهي. انهن گهرن جي مڙدن سان سندس سنٻنڌ هوندا. ڪير جي ڏوتل ڪانهي سُرتي، نه ته هوءَ..... نه.......نه، تريناڪ ڏينگ، سُرتي چنڊ جهڙي آهي اڻ چٽل.

شام جو جڏهن هوءَ اُن وٽڻ ويندي هئي. ڏينگه هن سان گڏ هلندو هو. ٻن ٻنين جيترو مفاصلو رکي. ٻنهي عورتن جي وچ ۾ سُرتي کيس نظر ايندي رهي، بس. هو ڪنهن مهل به فئڪٽريءَ هليو ويندو هو. اتي ڊيرا واهڻ واري جهوڙ ڪوسٽ ٻڍي جي اخلاق جي باري ۾ پوليس جهڙي جاچ پڙتال ڪندو هو. پنهنجين اڻ سهائيندڙ ڳالهين سبب هڪ پيرو ته هو مار کائيندي بچيو هو فئڪٽريءَ ۾.

سرتيءَ جي هلت چلت جي چنتا ڪانيءَ جي گهڻي وانگر کيس پورو ڪري رهي هئي. هو هڪ ٻن ڏينهن ۾ سنان ڪري ڇڏيندو هو. هاڻي کيس پنج پنج ڏينهن ٿي ويندا هئا، بنا سنان ڪئي. ڏينگ جي روزاني ڪرت ڪار پٽريءَ تان لهي ويئي هئي. سُرتي سندس روزاني ڪرت ڪار بڻجي ويئي هئي.

هڪ ڏينهن ڏينگه هٽ ۾ لٽ کڻي ڏنار جيان خبردار ڊِبَ تي بيٺو هو. هن جي ڪاٻي کڇ هيٺان لٽ دٻيل هئي. هو پڪو لاهي مٿو کنهي رهيو هو. ٻنهي زالن سان سُرتي فئڪٽريءَ وڃي رهي هئي. اُنهن مان هڪ جو نالو ڪالي هو، ٻيءَ جو لالي هو. لاليءَ اِهو سوچي ته ڀرين ته ڏينگ ڪڏهن هيڏي ڪونه ايندو هو، هن ڏينگ طرف آڱر کڻي سُرتيءَ کي چيو- ”ڏينگ اَڄڪلهه چرين وانگر گهمندو ٿو وتي.“

شرم وچان سُرتي ڄڻ ڌرتيءَ ۾ پيهي ويئي هئي، سڄي. ڇيائين ڪجهه ڪونه، محسوس ڪندي رهي.

تہ هو دروازو کولي کيس اندر ڇڪي ولي ايندو. رنڍ جي گهر رهيل عورت لک صفايون ڏئي، پاڻ ئي ذميوار سڏائيندي. هن ماچيس دريءَ تي رکي ڇڏيو هو.

ڏينگہ سير تہ سُرتي سوا سير. سُرتيءَ انڪري ڏينگ جي دروازي جو ڪڙو اڳيئي ٻاهران ڏيئي ڇڏيو هو تہ منديءَ جي سانَ ۾ گهر جي ڀِند جو من ڪڏهن قبضي ۾ ڪونہ رهندا آهن.

ڏينگہ دروازو کولڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. سُرتيءَ ماچيس ڪنيو. جهٽ ڏينگہ جي در جو ڪڙو کوليو ۽ چيتي وانگر ٻڪندي، انڌيري کي چيريندي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اچي گهڙي ۽ دروازي جو ڪڙو بند ڪري ڇڏيائين.

ڏينگہ پنهنجي در تي ٻهي تڪيندو رهجي ويو. هٽ آيل مڇي ترڪي وري پاڻيءَ ۾ گهڙي ويئي هئي.

سُرتي گهر ۾ گهڙڻ لڳي، ان وقت راڌوُ چانئٺ تي ويٺو هو. رات جو هو ماءُ سان گڏ ئي پيشاب ڪرڻ لاءِ اٿندو هو. ٽپرس ۾ پيل سُرتيءَ جي سرير ۾ ساهہ پيو تہ راڌوُ بلڪل بي خبر آهي. وڏڙو آهي. عمر سان هن جو وهم وڌو ٿيندو پيو وڃي. هو هاڻي ڪڏهن چئي ڏيندو آهي- ”اَمان، ڏينگ ڪاڪي جو بلب اُجڪلهہ سڄي سڄي رات ٿو ٻري.“

ٻئي ڏينهن سُرتيءَ کي فئڪٽريءَ مان اوترا ئي پئسا مليا جيترا لاليءَ ريت تي آگر سان حساب ڪري ٻڌايا هئس.

سوَ سوَ جا ٽي نوٽ ۽ پنجاهہ جو هڪ نوٽ پنهنجي مٺ ۾ ڀيڪوڙي سُرتي ايتري خوشي ٿيندي گهر آئي جڻ هن جي مٺ ۾ نوٽ نہ، گينيون هجن. خوشيءَ جا ڳوڙها روڪئي نٿي رڪيا، هن جي نيڻن مان. وياج سميت ٽي سؤ پندرهن روپيا ڏينگہ کي اُڇلي ڏيندي. راڌوءَ جي چڏي ولي ايندي.

سُرتي صبوح ڪان ئي اُتاولي هئي. ڏينگہ جي رقم ڏيئي اچان. ”ڳالهہ“ کي مٽائي اچان. شاهوڪار جو پٽ ٿو ٻڌجي. ٽي سؤ روپيا اُڌارا ڏيئي جڻ مونکي خريد ٿي ڪيائين. سرتيءَ پنهنجي اڱڻ ۾ ٻهي ڪئين ڀيرا ڏينگہ جي گهر ڏانهن نهاريو. دارون خور چوڪيدار هن وٽ ويٺو ئي ٿي نظر آيو.

ويڙهي ٻاهر آئي. هوا جي جهوٽن سان آيل ماڪ جي بوندن رک کي ٿڌو ڪري ڇڏيو هو. ڇمڪو هن جي هٿن مان ڪري پيو هو. ”هاءِ، اَمان....“ ٿڌ کان هوءَ ايترو ڪانه ڊڪي، جيترو ڪم جي اَڌوري رهڻ جي چنتا کان هوءَ ڪنبي رهي هئي. ڪم ڪري ڏيندي ڪيس سپاٽي هڪ مهينو ٿي ويندو. بابوءُ حساب ڪندو. هوءُ خفتي سپاءَ جو آهي. ڪٿي اَڌوري ڪم جي ڪري حساب ئي نه ڪري ته پوءِ؟ صبوح جو وقت ڪونه ٿو ملي. ڊينگه... پرلئه ٿي ويندي.

ٻپ کان وياڪل سُرتيءَ پنهنجي جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ڏٺو. سڄو ڳوٺ ننڊ ۾ سمهيو پيو هو. ايتري قدر جو ڪتا به چپ هئا. گهري ڪاري سمنڊ ۾ چمڪندڙ ٻيٽ وانگر سڄي ڳوٺ ۾ هڪ بتي ٻري رهي هئي، ڊينگه جي.

ڊينگه جي دريءَ ڊينگه کي ڇڻ ٻڌائيندي ڊيري ڊيري ڪٽ ڪٽ ڪئي. دريءَ جي ڪٽ ڪٽ ٻڌي پاسا ورائيندڙ ڊينگه کي ٻپ لڳو. ”ڪير؟“

دريءَ وري ڪٽ ڪٽ جو آواز ڪيو. ٻيڪڙيل دريءَ جي چير مان روشنيءَ جي ڌارا ٻاهر اچي رهي هئي. ڊينگ ڪٽ تي اُٿي ويٺو هو. ”ڪير آهي؟“

”مان آهيان سُرتي.“

”سُرتي!“ ڊينگه دريءَ جو هڪ تاڪ کولي ڇڏيو هو.

”ها.“ سُرتي ٻاهر ايندڙ روشنيءَ کان بچي بيهي رهي جيئن ڊينگ کي نه ڏسي سگهي.

”سچ.“

”ها.“

”سُرتي اندر اَچ جلدي.“ اڻ ٿيٺي ڏسي ڊينگه حيران هو.

سُرتيءَ جي نڙي ڏڪي. ”لالٽين وسامي ويو آهي. ماچيس وٺڻ آئي آهيان. دريءَ مان ئي ڏي.“

اُميد جي خلاف جواب ٻڌي ڊينگه جي بي اَدبيءَ ڪر موڙيا. خوددار عورت آهي. ڏڪي وس ۾ ايندي. هن اِهو سوچي ته سُرتي ماچيس وٺندي

چمَروا*

ڪيس بيماري سيماري ڪانه هئي، نه ٿڌ لڳي هئس ۽ نه زڪام هوس. نه بخار نه کنگهه، پنج ست الٽيون ڪيائين. بدن ڏڪيو. ساهه چڙهي ويس. ڌرتيءَ تي ڪِري پيئي. ڪيس لوڏيائين سوڏيائين. منهن تي هٿ گهمايائين. نبض ڏٺائين. هن ڪجهه نه ٻوليو، نه اک کولي نه ڪجهه چيائين نه ڪجهه ٻڌايائين.

زال جو بدن درپنداس جي ويجهو ئي پلنگ تي ٿڏو ٿيو پيو هو. هن ڪليل اکين سان يڪ ٽڪ زال ڏانهن پئي نهاريو. سندس زال نونا چا مئي، درپنداس جو سرير، پاري جي ڏڏل ٻنيءَ وانگر ٿي ويو. سندس هوا ئي نڪري ويئي. ايتري قدر جو هن جي منهن جي گهنجن ڪي ٻه ڏڪٽي ولي ويئي هئي. اکيون گهاگهر وانگر چلڪڻ لڳيون هئس. ڳوڙها چپن جي ڪُنڊن وٽ اچي بيهي ويا هئس. من ويهي ويو هوس. دل ڪڪرن وانگر ٿي ڦاٽس. اندر ۾ هاهاڪار متل هوس. زندگي ڄڻ خالي ٿي ويئي هئي، سندس.

دل ۾ هوڪ (پيڙا) پيدا ٿي وئي هئس. هن زور زور سان رڙيون ڪيون. ڳانءِ وانگر زار زار رنو. اهڙو جو اُڀ ڦاٽي پوي. ڌرتيءَ ۾ ڏارُن پئجي وڃن. ڄڻ هوُ دنيا کي نونا جي موَت جي خبر ڏيئي رهيو هو.

سندس رودن سڀ ڪان پهرين چمارن ۾ ويندو. صدمو رسيل چمار ڊوڙي ايندا. هوُ سندس ججمان آهن. آساميون آهن. روٽيءَ جو ذريعو آهن. اُهي گهر ۾ اچي گهڙندا. ڇاتي پٽي روئندا. نونا کي کڻڻ لاءِ اُتاوَلا ٿيندا. ڪانڌي نه مليا ته پاڻ ڪائي کڻندا. نونا سڌي نرڪ ۾ ويندي. برهمڻ ڌرم کي ٽِڪو لڳندو. نئين روايت شروع ٿي ويندي. پر مرڻ ڪانپوءِ چمار کڻن يا ڪانوَ سرڻيون ماس پٽي کائين. ڪهڙو ٿو فرق پوي..... سندس ذات وارن ڪڏهن چمارن جو ڇُتو ڪونه کاڌو. بس سندن ڪريا ڪرم ڪرايا. پنهنجو ڌرم نڀايو. دان ڏکڻا ورتي. ايترو ئي ڪيو.

*چمروا- اوپر راجستان ۽ اولهه هرياڻا ۾ وسيل ٻانيڻن جي هڪ ذات آهي، جيڪا فقط چمارن جا ئي ڪرم ڪانڊ ڪرائيندي آهي ۽ اُنهن کان دان ڏکڻا وٺي، ان تي ئي گذران ڪندي آهي.

راڻوءَ جي اسڪول وڃڻ کانپوءِ سُرتي اِن وشواس سان ڪم ڪرڻ هلي ويئي ته اڄ شام تائين جو واعدو آهي. ٻنهين گهرن جو ڪم تيسين پورو ڪري ئي اَچان.

هوءَ ڪم تان موٽي. ايندي ئي ننڍڙي ڪپڙي ۾ ڳنڍ ڏيئي رکيل روپيا ڳولهڻ لڳي. ڳنڍ ڪانه هئي، هن جي دل ويهي وئي. سُرتي جيئري مري وئينءَ تون. هوءَ پنهنجي دماغي پل سمجهي هڪ هڪ جڳهه تي ڳولهڻ لڳي. گاهه وارين ڇت جي ڪاٺن ۾ هٿ وجهي وجهي ڇت ڇنندي رهي، ڳنڍ ڪانه ملي. رات رکي ته ڪاٺَ ۾ ئي هئي، وئي ڪيڏانهن؟

سندس گهر ۾ ڪوئن جا ٻرَ هئا. هوءَ اُنهن ٻرن کي روز پوريندي هئي ۽ مٿان ليپو پائي ڇڏيندي هئي. ڪوئا روز ڪوٽي ويندا هئا. ڪيس هڪ ٻر کليل نظر آيو. اِن اُميد سان ته متان ڪوئا ڳنڍ کي ڇڪي ٻر ۾ ڪٽي ويا هجن. هوءَ ٻر کي ڪرپيءَ سان کوٽڻ لڳي. سندس ڏائي پاسي ڪڪائين ڇت سان لڳل وڏي ڏيراڻيءَ جو گهر هو. ساڄي پاسي واري ڪڪائين ڇت ننڍي ڏيراڻيءَ جي هئي. ٻئي جٺيون سايو ڪري ڏسڻ به ڪونه آيون، ’خفتي رَن آهي. مڙس جي مرڻ کانپوءِ ائين ئي ڪوٽيندي ڦاهيندي وتندي آهي.‘

وڏيڪ ڇنتا اسان جي رت جي اڇن جزن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي آهي. ٻر ڪوٽيندي ڪوٽيندي سُرتيءَ کي بخار ئي پيو هو. لٽ ٻري رهيا هئا. هن ليپيل گهر کي ڪوٽي ڪوٽي بيڪار ڪري ڇڏيو هو. ڳنڍ ڪانه ملي.

سُرتيءَ در جا ٻئي تاڪ ڇڪي ڪڙو لڳايو. ڇمپل پائي هوءَ هلڻ تي هئي جو پڌر ۾ ڦهليل ريت مٿان وڏن وڏن جوتن جا نشان ڏسي هن جي اکين مان اُلا نڪرڻ لڳا. ٻلي به ايڏي تيز ڪانه پيڪندي آهي. سُرتيءَ جو سڄو بدن لال ٻٽڄي ٻري رهيو هو.

هوءَ زخميل شينهڻ وانگر ڏينگ جي گهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. هن ڏينگه جي گيٽ کولي ۽ گوليءَ وانگر هڪدم اُن جي گهر ۾ گهڙي ويئي.

ڏينگه کٽ تي ليٽيو پيو هو، اکهاڙي بدن. هوُ ڳنڍ جي سِري کي ڇيٽيءَ سان پکڙي لوڏائي ان سان راند ڪري رهيو هو. پيري ۾ بند مئنا وانگر. شينهن دوکو کائي وئين. باز غلطي ڪري وڌو. ڪروڌ اوڳاريندي سُرتي ڏينگه تي وڄ وانگر وڃي پيئي ۽ اُن کان ڳنڍ ڦري ورتائين.

□□□

ياد هئا. هن اکين تي عينڪ لڳائي. فون جا نمبر ڏنا، ملايا. فون جي گهنٽي برابر وڄندي رهي. فون ڪنهن ڪونہ کنئي. جڳياسا ۽ چنتا جي ٻڏ تر ۾ هن ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ وري وري فون لڳائي. حالت ساڳي برقرار رهي.

ڄڻ درپن جي دماغ ۾ چنتا جو غبار اُٿيو. ديوتائون ستل آهن. ڪارج منگل بند آهن. ٿي سگهي ٿو زال مڙس ٻئي ڪيڏي هليا ويا هجن. هن پاڻ، پاڻ کي آٿت ڏنو، شادي وهانوَ جا سنسڪار ماڻهوءَ جي پنهنجي هٿ ۾ آهن. جنم مرڻ ٿورو ئي اُن جي هٿ وَس آهي. ڪو چمار مري ويو هوندو، ٻارهو ڪرائڻ ويا هوندا. اَسانجي ڏيءَ اڪيلي آهي نہ، انڪري اڄڪلهہ اُها بہ هن سان گڏ ويندي آهي.

هوُ سوچڻ لڳو، ڏيءَ کي پرڻيٰي پندرهان سال گذري ويا آهن. ڪئين ديوتائن جي پوڄا ڪئي اٿن. سوين دوائون کاڌيون اٿن. ڪئين ڊاڪٽر پيٽيا اٿن. اڃا تائين گود خالي اٿن. ويني ويني درپن زهريلي نانگ جي ڦوڪاري ڪان بہ وڌيڪ تيز زهريلو ساهہ ڦوڪارو ڏيئي ڪڍيو. نہ ڄاڻان هن ذات کي ڪهڙو سراپ لڳل آهي. ونس وڌي ئي ڪونہ، ويتر سرڻ جي نسل وانگر پنهنجو پاڻ غائب ٿيندو پيو وڃي.

درپن هر پنجين منٽين ڪانپوءِ پنهنجي نياڻي کي فون تي لڳايو، ليڪن ڪنهن فون ڪونہ ٿي کنيو. هن روئندي نونا جي مئل سرير کي وري پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪٺي ڀريو هو. چنتا ڪيس وَر وَر ستائي رهي هئي. ڳوڙها چلڪي چلڪي نونا جي سرير کي آلو ڪندا رهيا.

نونا جي شڪل تي گهنڄن جي ليڪن تي درپن جون آڱريون ڏکڻ لڳيون هيون، ”قسمت خراب آهي نونا تنهنجي! نہ تہ تہ جڏهن منهنجي ماءُ مئي هئي تڏهن اَسانجي ڏيءَ جو وهانو هو. رشتيدارن مان ڏهہ ٻارهن مڙد ۽ زالون آيل هئا. بابي جو مؤت بہ سٺو ٿيو. هوُ رشتيدارن جي هڪ شاديءَ ۾ ويل هو. اُتي ڪيس هارٽ اٽيڪ آيو هو. رشتيدار جيپ ۾ ان جو لاش کڻي اسانجي گهر آيا هئا.“

درپن پنهنجي نياڻي کي وري فون لڳايو. گهنٽي ڪافي دير تائين وڄندي رهي. هن نونا جي ڪن تي فون جو رسيوَر رکي چيو، ”نونا، تون پاڻ ٻڌ، گهنٽي وڄي پيئي. ڏيءَ نياڻي مان ڪوبہ تہ ڪونهي گهر ۾. مان

ٻچي مرڻ کانپوءِ باندري ممتا وچان پنهنجي مئل ٻچي کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيندي آهي. جڏهن ڇلانگ ماريندي آهي ته هڪ هٿ ٻچي کي سنڀالڻ ۾ رڌل رهندو اٿس. غمگين درپن به نينا جي سرير کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو هو. سندس من ٻڪي هو. ڪٿي اُهو نونا کي نه اُڏائي ڪٿي وڃي ۽ وڃي سرڳ ۾ پهچائي.

درپن نونا جي ٿڌن چپن تي پنهنجي ٻڌي آڱر ڇهائي پڇيو، ”نونا، هلي وئينءَ تون؟ اڪيلي، اڪيلي ! “

نه ڄاڻان هو ڪيستائين نونا جي مئٽ (مئل سرير) سان چنبڙي ويٺو رهيو. ڇرين وانگر رڙندو، سڏڪا ڀريندو رهيو. دل کي پڪڙي ويٺو رهيو، جيڪا ٻاهر اچي ڦهڪو ڪرڻ لاءِ آتي هئي. نونا جا ڪپڙا سندس ڳوڙهن سان آلا ٿي رهيا هئا.

پٽ ڪري پوي ته وڏي چنتا، ديوار جي لڪرن پترن کي مٽيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ جي لڳي ويندي آهي.

درپن کي چنتا ڇيڻ لڳي، پنهنجي ذات جا گهر ته ڏهن ويهن ڳوٺن ۾ هڪ ٻه مس هوندا آهن. ريگستان ۾ ڇايادار وڻن وانگر. اٺ سوَ گهرن واري هن ڀرئي ڀاڳي ڳوٺ ۾ ڇمروا ڀانيڻ جو هڪ گهر آهي. ان گهر ۾ به اڄ مان اَڪيلو رهجي ويو آهيان، ڦيٿو ٽٽل ڏاند ڳاڏيءَ وانگر. ۽ هوُ ڳلي کي گهٽي اکيون اُگهي اُگهي ڪافي دير تائين رڙندو رهيو.

درپن نونا جي سرير کي ڇڏي غمگين حالت ۾ پلنگ تي وڃي ويٺو هو. هوُ جيئري هوندي نونا کي ڳاڏيءَ ۾ هڪ ئي سيٽ تي وهاري سڀ تيرٿ ڪرائي آيو هو. هن آخرين تيرٿ لاءِ ڪيس چار ڪانڌي ڪپن، ڪٿان ايندا؟ خريد ڪرڻ جي شئہ هجي ته هوُ هڪ روپئي بدران سوَ روپيا ڏئي.

ماڻهوءَ مٿان جڏهن ڪا مصيبت نازل ٿيندي آهي، ته سڀ کان پهرين ڪيس پنهنجا ياد ايندا آهن. هن هڪ اَٽوٽ وشواس سان نونا جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو، ”نونا، گهبراءِ نه. نياڻي کي فون ٿو ڪريان. سندس ڳوٺ ڀلي سوَ ڪلوميٽر پري آهي، پر ڏريما ڪوڙ آهن. سج لهڻ کان اڳ هوُ تنهنجي ڏيءَ سميت پهچي ويندو.“

درپن اِسٽول تي رکيل فون کڻئي. پلنگ تي رکي. فون نمبر ڪيس

هجي. هن همٿ ھڏي نونا جي مٿان چادر وجهي ڇڏي.

هوُ چادر وجهي هليو. اوچتو سندس نظر پٽ تي فريم ۾ مڙهيل پنهنجي پٽ جي فوٽوءَ تي بيهي ويئي. پراڻي پٽ هئي. ڪٽ لڳل ڪوڪو هو. فوٽو لاهيندي ڪوڪو به ڳڏ نڪري آيو هو. هوُ فوٽوءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي پلنگ تي ويهي رهيو ۽ زار زار روئڻ لڳو. هن جيترو رنو ٿي، ڪوهه جي جهرڻي وانگر ڳوڙها وڏندا ٿي ويا.

جڻ ڪيڪڙي جا نوڪدار چنبا سندس سرير ۾ چپندا ٿي ويا.

درپنداس جو سڪيلڊو پٽ هو ڪرٽداس. هن ويهه سال پهرين بي. اي. پاس ڪئي هئي. ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو هو. هوُ جذباتي پرورتيءَ وارو عقلمند نوجوان هو. ضد ڪرڻ مهل پٿر وانگر بلڪل سخت ٿي ويندو هو. هن کي برهمڻڪو ڪم پسند ڪونه هو. سندس ويچار موجب اِهي سڀ جهنجهٽ آهن. ڪڪرمن جو سينوَر آهن.

برهمڻڪي ڪم ۾ نه ڦاسي وڃي. ان لاءِ ڪرٽداس نوڪري حاصل ڪرڻ جا ڪئين فارم پريا، ڇپائيءَ وارا اِمتحان ڏنا. ڪٿان به آرڊر ڪونه آيو. هڪ ڏينهن سندس هڪ گهري دوست سندس ڪلهي تي هٿ رکي صلاح ڏني- ”جنرل ڪيٽيگري سمنڌ آهي. هڪ ڪان هڪ وڏا عقلمند، قابل، سفارشي آهن. پنهنجي پاڙن کي سڃاڻ ۽ چمار ذات جي نالي تي شيڊول ڪاسٽ جو ذات وارو سرٽيفڪيٽ ٺهراءِ.“

ڪرڻ جي هٿن ۾ ”چمار“ جو سرٽيفڪيٽ ڏسي درپن جون اکيون مشعال بڻجي ويون هيون. باز به ڪڏهن ڪنهن پکيءَ جي مٿان ائين حملو ڪونه ڪندو هوندو. درپن ڪرڻ جي هٿ تي جهپو هنيو. سرٽيفڪيٽ ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ چلهه جي ٻرندڙ باهه ۾ وجهي ڇڏيو. ”چمار ٺهڻ هليو آهي بيوقوف.“

پيءُ جي اُن ڏڪوئيندڙ غير اِنساني وهنوار سبب ناراض، نراس ۽ وياڪل ٿي ويو هو ڪرڻ. هن نه هم ڪئي نه تم، اُن وقت ئي گهر ڇڏي هليو ويو.

درپن ڪيس هزارين پيرا ڳولهيو، ڳولهارايو. پرچا ڇاپارايا. ڳوٺ ڳوٺ ۾ پڙها ڏياريا. اِنعام آڇيا، سڀ ناڪام. گهٽ منهن وڏيڪ ڳالهيون. ڪنهن چيو آپگهات ڪري ڇڏيائين. ڪنهن چيو غلط ماڻهن جي سنگ ۾ اچي ويو

چا ڪريان؟'' جڏهن نونا صدي هجي ۽ هوءَ پنهنجي ڌيءُ جي آواز ٻڌڻ لاءِ مرندي هجي.

سانَ، شينهن ۽ سوروير وانگر جيڪا ذات جيتري گهٽ هوندي آهي، اُها اوتري ئي ساڙيلي، جهيڙالوُ، ڪائو، خونخوار ۽ خود مطلبي ٿيندي ويندي آهي.

درپن هڪ ڀيرو ٻئي ڳوٺ ۾ ڪنهن شاديءَ تي ويو هو. اُتي ٽڙيل پکڙيل ڳوٺن ۾ وسيل چمَروا ٻانڀڻ ڪٺا ٿيا هئا. رات جو دارُون جي رسم هئي. دارون پيئڻ وارن جو الڳ ٽولو هو. دارون چڙهيو تہ هڪ هڪ ۾ عقل جي جوت ٻرڻ لڳي هئي. ڌن جو زور ڦوڪون ڏيڻ لڳو هو. پهرين اُنهن ۾ تون تون مان مان ٿي. پوري ڳالهہ وڏي پادرن تائين وڃي پهتي هئي. درپن ڪجهہ وڏيڪ ئي وقليو هو، ڪيچلي باندر وانگر. هن مڇن کي وٽ ڏنا هئا. مٺيون اُپ ڏانهن ڪيون هيون. قميص جون ٻانهون مٿي ڪري للڪار ڪندي چيو هو، ''آهي ڪو مقابلو ڪرڻ وارو.'' رشتيدارن ۾ هن لاءِ ايڏي تہ چڙ وڌي جو پنج سال نبري ويا، پاڻ ۾ خط پٽ جو بہ ناتو ڪونہ رهيو. درپن سوچيو، چاهي سؤ سِر قلم ٿي وڃن، مرڻي وقت سڀ جهڪندا آهن. جنهن کي فون ڪندس، اُهو ڊوڙندو ايندو.

نونا کي ڀاڪر مان ڪڍي سمهاري، درپن ڳڙندڙ ڳوڙها ڪڙتي جي ٻانهن سان اُگهيا هئا، ''نونا تون گهبراءِ نہ.''

جيتري پراڻي ڊائري هئي. اوترا ئي پراڻا نمبر لکيل هئا اُن ۾. هن جنهن جو ٿي نمبر لڳايو. جواب ٿي آيو- 'اِهو نمبر مَٽجي ويو آهي. نئون نمبر ڄاڻڻ لاءِ وَن نائن سيوَن لڳايو.' هن جڏهن وَن نائن سيوَن ٿي لڳايو، تڏهن يا تہ فون انگيج يا وَري نو رپلائي ٿي مليو. هن پنهنجن ڏهن ٻارهن رشتيدارن کي فون لڳايا. ليڪن هر ڀيري ساڳيو راڳ. چنتا ڀريل اکين سان هن پنهنجي واچ ڏانهن نهاريو. رات جا ٻارهن وڳا هئا.

ايڪانت هجي. رات جا ٻارهن وڳا هجن. ماڻهوءَ کي ماحول جو ڊپ بہ ستائڻ لڳندو آهي.

نونا جون ٿلهيون ٿلهيون اکيون ٻاهر نڪتل هيون. زال سمجهي جنهن سان گڏ زندگي گذاري هئائين. هوُ ان ڪان ئي ڊڄي ويو هو، جڏهن نينا ڀوڳڻي

جوئا ڪندو هو. پنجاب کان آيو هو. هڪ واقفڪار جي معرفت ان سان سڃاڻپ ٿي هيس. نہ درپن ڪڏهن ان کان سندس ذات پڇي، ۽ نہ وري هن ٻڌائي. بس وياج سان واسطو هوندو هو.

جيستائين ماڻهوءَ کان ذات نہ پڇي وڃي، اڳلي جي ذات وڏي هئڻ جو ڀرم لڳو رهندو آهي. جيئن ئي ماڻهو جي ذات جي خبر پئجي ويندي آهي، ان جي ڏرم روپي تارازيءَ جو پڙ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳندو آهي.

ان ماڻهوءَ ۾ جوئا ڪرڻ جو عيب ضرور هو. پر جوئارين وانگر لُڇ ۽ هلڪڙو ڪونہ هو. هوُ جتي جوئا ڪندو هو، اُتان جو فون نمبر درپن جي ڊائريءَ ۾ هئا. علتيءَ لاءِ ٿوري لالچ بہ گهڻي ٿيندي آهي. ان کي بنا وياج جي رقم ڏيندو رهندس. هوُ پاڻ سان بہ ماڻهو ٻيا بہ وٺي ايندو. نونا جو سَرُ ٿي ويندو.

ڪرڻ جو ڦونو جاري ۾ رکي هن نونا ڏانهن آسائتين نظرن سان نهاري فون ڪنئي. ملائي. فون وڄندي رهي. ڪلهہ اخبار ۾ پڙهيل خبر ياد ايندي ئي هن ڪٽي مٿو پٽيو. اُن جوئا جي اڏي تي پوليس ڇاپو هنيو آهي.

درپن جي اکين ۾ جڻ هڪ سپنو سرڪڻ لڳو. هڪ وڻ پاٽيءَ ۾ بيٺو آهي. اُن جا ٽار پاٽيءَ تي لٽا آهن. هوُ ٻڏي رهيو آهي. هوُ جنهن بہ ٽار کي جهلي پاٽيءَ مان ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهي، اُن ٽار تي ئي قدرت جي ڪهاڙي لڳي ٿي وڃي. خراب يوڳن جون ڪڙيون جڏهن جڙنديون وينديون آهن، دکن جا ننڍا ننڍا ڍير جُڙي جبل بڻجي پوندا آهن.

روايتي ڏنڌن مان نجات. ٻني ٻارو. گهر گهر نوڪري پيشو. چمارن جي شهرت سهائي پک جي چندرما وانگر روز بہ روز وڌندي ويئي هئي. ايتري قدر جو برهمڻ بہ چمارن جي گهر ٻي روڪ ٽوڪ ايندا ويندا هئا. کائيندا پيئندا هئا. ليڪن ڇمرُوا ٻانڀڻ پنهنجي ذات جي آڪڙ ۾ وڏو بڻيو رهڻ لاءِ چمارن جو ڄُتو بہ نہ کائيندا هئا.

چمارن جي من ۾ ڪئين ڀيرا ڇمرُوا ٻانڀڻن جي ان خراب هلت کي وٺي ٻاهہ لڳي هئي. دنيا بدلجي رهي آهي. ڇمرُوا اڄ بہ ٽانءِ ۾ پورا آهن. پاڻ کان وڏ ٻئي کي سمجهن ئي ڪونہ ٿا... چمار اهو مڃي تہ ٻانڀڻن کانسواءِ گذارو ڪونهي، اِنهن سان نڀائيندا پيا اَچن ۽ ان کي ئي قسمت جو لکيو سمجهي پيا هلن.

آهي. ڪنهن دلاسو ڏنو، سمجهو هو. پنهنجو گهر وسائي سگهي ويلو آهي. ڪنهن وشواس ڏياريو، آوارو ثوروئي آهي. چوڏهن ڪتاب پڙهيو آهي. هليو ايندو هڪ ڏينهن.

جيڪا شئہ جنهن روپ ۾ ڏٺل هوندي آهي. ان جو اُهوئي عڪس اکين ۾سهيڙي رکيل هوندو آهي، جيستائين ان شئہ جو نئون روپ اکيون ٻيهر نہ ڏسن.

مئي ماڻهوءَ جو آسرو لاهي صبر ڪري ويهبو آهي. گهر مان پڇي ويل جي تانگهہ لڳل هوندي آهي. زال مڙس ٻئي شام ٿيندي ئي گهر جي چائنٽ تي ويهي رهندا هئا، وڻ جي ٽار تي ويٺل ٻن پکين وانگر. ماڻ جهڙو ڪڪ رنگو، پنئر جهڙي ڪاري رنگ جي وارن وارو، سندس سڌو سادو ڳيڙو پٽ ڪرڏاس هڪ هٿ پئنٽ جي کيسي ۾ وجهي، ٻئي هٿ ۾ فائيل جهلي هڪ فوجي سپاهيءَ وانگر پريڊ ڪندو جڻ اِجهو ٿو اچي. هوُ اِئين ئي سوچي اِنتظار ڪندا هئا. گهاٽي اوندهہ چائنجي ويندي هئي. هوُ اُٿي ويندا هئا. درپن ڀهرين وڃي سمهندو هو. ليڪن نونا وينئي راهہ تيڪندي هئي. وينئي وينئي ڪئين ڀيرا تہ کيس وهائوُ تارو نظر اچي ويندو هو. اچ.... !

نونا ڏند ڪرٽيندي درپن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي، ”پٽ کي پڇائي ڇڏيئہ نہ. ڪاغذ نهرائي ڪٽي آيو هو، ڪهڙي تنهنجي ڳانءَ ڪٽي هئائين. ڪاغذ سان نوڪري مليس ها.“ هوءَ ڀيڙا ڀريو ساهہ ڪڍندي هئي. ”اسانجو ڪرڻ اڃ پنجتاليهن سالن جو هجي ها. ان جي هڪ جيڏن کي پوٽا پوٽيون، ڏوهٽا ڏوهٽيون ٿي ويا آهن.“

درپن ڪنهن گنهگار وانگر ڪنڌ جهڪائي چپ چاپ سڀ ڪجهہ ٻڌندو رهندو هو. پنهنجا ڏند ڀيڪوڙي من ئي من ۾ چوندو هو- ”ڪميڻو، پکو چمار بڻجي ويو هو.“

هن ٿونٽي کي چاتيءَ سان لڳائي چيو- ”پٽ ڪرڻ تنهنجي ماءُ گذاري ويئي.“

ٿونٽي کي نونا جي لاش مٿان رکي هن چيو- ”نونا ڏسان، تنهنجي آتما پٽ کي ڳولهي ولي اچي ٿي؟“

شهر جو هڪڙو شخص درپن کان پئسا اُڌارا وٺي سڄي سڄي رات

درپن هڪ ڳوٺ ۾ پنهنجي هڪ ججمان جي گهر ڪَٽ تي ويٺو ٽپڙو ڏسڻ ۾ مهوُ هو. ڏهن پندرهن عورتن جو هڪ هجوُم رَوَنِ سان منهن ڍڪي ڪيس گهيري ويٺو هو. هڪ هڪ عورت چڻ پنهنجي واري لاءِ بيتاب هئي.

نوين ڏهين سالين جو چوٿين درجي ۾ پڙهڻ وارو هڪ ڇوڪرو پنهنجي ماءُ کي ڳولهيندو اُتي اچي ويو هو. هن جي ماءُ پنهنجو پاڳ پڙهائي رهي هئي. درپن جون نظرون ٽپڙي ۾ کُتل هيون، چڻ قصيدو پڙهندو هجي. اُهو ڇوڪرو تماشبين وانگر بيٺو رهيو ۽ جڏهن پنيون سوُر ڪرڻ لڳس، هوُ درپن سان گڏ ڪَٽ تي ويهي رهيو هو.

رکنو پوڻ تي درپن هن ڏانهن نهاريو. ڇوڪري کي پنهنجي پاسي ۾ ويٺل ڏسي هوُ ٽپي باهہ ٿي ويو. رامچندر جي ڌنش ٽوڙڻ وقت پرسرام بہ ايڏو ناراض ڪونہ ٿيو هوندو، جيترو چمار جي ڇوڪري کي پنهنجي ڪَٽ تي ويٺو ڏسي هوُ پيڪيو هو.

هوُ ٽپڙو هيٺ اُڇلي زور زور سان اُڇلجڻ لڳو هو. هن شينهن جهڙين پنهنجين خوفناڪ اکين سان ڇوڪري کي ڏاڙهيو، هوا ۾ هٿ گهمائي گهمائي ڪچيون ڪچيون گاريون ڪديون. اِنڪري جو هن جي ڪپڙن کي ڇوُت لڳي ويئي آهي، معنيٰ اَپوتر ٿي ويا آهن. هن جي ڪٽ تي وهڻ جي حق جي بي عزتي ٿي آهي يا ڇوڪري جي ڪَٽ تي وهڻ جي مخالفت نہ ڪري درپن برابريءَ جي حق کي منظور ڪري ڇڏيو آهي.

درپن پنهنجو ڪڙتو - پتلون هيٺ اُڇلي گنجي ڪڇي سان سڌو هوديءَ ۾ سنان ڪرڻ هليو ويو هو. هرهڪ عورت شرمائجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو. پر ڌرم جي ماريل ڪنهن بہ عورت ٻڙڪ ڪانہ ٻولي هئي. لڇ ۽ سراپ جي ڊپ کان ڇوڪري جي ماءُ چڻ تہ زمين ۾ پيهي ويئي هئي. اڻ پڙهيل عورت هئي. ڌرم ڪرم ۾ پوريءَ طرح ٻڌل هئي. هوءَ ڪنهن اڻ ٿيڻيءَ جي ڊپ کان اندر ئي اندر ۾ ٻرندي رهي ۽ وري اُتي بيٺل نم جي وڻ مان ٽاري ٽوڙي پنهنجي پٽ کي ماريندي رهي. ڇوڪري کي اُبتو سُبتو ماريندي هن جو اکيون ڦاٽي ويون هيون. دل سڙي رهي هئي. ڳوناٽي عورت لاءِ پٽ کي مارڻ گناهہ قبولڻ سان گڏ چڻ ٻانيڻ جي ڪوپ جو ڏنڊ ڀرڻ سمان هو.

درپن سدائين ڍلو ڪڙتو ۽ پتلون پائيندو هو. ڪلهي تي ڳاڙهو چوخانن وارو انگوڇو رکندو هو. انگوڇو سنهو هوندو هو. پيرن ۾ ڪُرُم جون جتيون پائيندو هو، جيڪي هلڻ وقت چَر چَر جو آواز ڪنديون هيون. پنجهٺ کان گهٽ عمر. ڊگهو قد، جانٺو بدن، نما شام جي هلڪي اوندهه جهڙو رنگ. سڄي بدن تي گهنج، چمڙي ٻير جي وڻ جي سکل کل جهڙي کهري، ڏنگو سياهُ. ڪم چمار ذات جا ڪرم ڪانڊ.

چمارن جي ڌرمي شخص هئڻ ڪري هوُ سندن سڀ سنساري ڪريا ڪرم پورا ڪرائيندو هو، جنم کان وٺي مرڻ تائين. چمار کيس ٻانڀڻ چوندا هئا. ديوتا سروپ مڃيندا هئا. هوُ چمار کي گهٽ ذات سمجهي انهن سان نفرت ڀريو ويچار رکندو هو. ڇوُت ڇات ڪندو هو. پاڻ کي مٿاهون سمجهندو هو.

درپن ججمان کان سڪو سيڌو وٺندو هو. ٻہ ڪلو چانوَر. ٻہ ڪلو اَٽو. هڪ ڪلو ڪنڊ. اڌ ڪلو سڄو گيهہ، مصالح مڙا وغيرهہ. رڌڻ لاءِ پنج برتڻ... ٿڌ جي مؤسم ۾ سوڙ، رضائي، گرميءَ جي مند ۾ کيس، فراسي ۽ چادر. سندس گهر جا ٽيئي ڪمرا سامان سان ستيا پيا هئا.

درپن مڃيندو هو تہ سُکو شڌ ۽ آلو ڇوُت. هوُ سمورو سامان پنهنجي ڪنهن وشواس جوڳي ججمان جي گهر گهرائي وٺندو هو. ڪارڻ اِهو هوندو هو تہ ججمانن کي ”دادا“ جي ڪارگذاريءَ سان ڪو تعلق ڪونہ رهندو هو. هوُ شادي غميءَ واري جڳهہ تي وقت سِر پاڙهي پهچي ويندو هو.

شادي وهانوَ، ڇٺي، منڊڻ تي جڏهن هوُ نينڊ حاصل ڪري ججمان وٽ پهچندو هو تہ ذات جي فخر وچان سندس ڇاتي وال جيڏي ڦوڪيل هوندي هئي. شُڪل مُڇون وٽيندي سندس آڱر ۽ آڱوٺي ۾ سوُر ٿيڻ لڳندو هو. تنهن هوندي بہ هوُ مڇوُن وٽيندو رهندو هو. پاڪنڊ جو ساهہ ڪڍندو هو. هن جي من ۾ سڄي جهڙو ڪجهہ اُڇلون ڏيندو رهندو هو.

وڏپڻ ۾ پاڻ کي تاڻي رکڻ واري درپن کي عورتون فرشتو مڃينديون هيون. اُهي ٿيڇ ڏائيندڙ پنهنجن ٻارن جي مٿي تي سندس هٿ ضرور رکائينديون هيون. کين وشواس هو تہ دادا جي هٿ ۾ منتر آهي. ڪرامت آهي. هن جي پهچ ڀڳوان تائين آهي. هوُجنهن ٻار جي مٿي تي هٿ رکندو، اُن تي ڪا اوپري ڇايا نہ پوندي.

درپن کي نونا جي ہن پراڻين ڳالھين ڏاڍو وياڪل ڪيو ھو. تڏ جي مند ختم ٿيڻ وارا ڏينھن ھئا. نما شام جي سوُرج جي وٽندڙ اُس ھئي. براھمڻي پنھنجي گھر جي ٻاھران ٿلھي تي تڏو وڇائي ويٺي ھئي. پير ۾ وينل چمارڻ ڪان ھوءَ سويٽر ۾ ڊزائن وجھڻ سکي رھي ھئي. ٻنھي جون اکيون ڏاڳي تي ھڪ ٿي ويون ھيون.

نونا اُتان لنگھي ھئي. ھوءَ سويٽر جي ڪٽن کي ڏسندي رھي ۽ پوءِ براھمڻيءَ جي پير ۾ ويھي رھي. براھمڻيءَ کي برو لڳو. ھوءَ سرڪي پري ٿي ويئي- ”چمَروا ذات سان ٻانھڻ لڳائڻ سان ڪو ٻانھڻ ٿوروئي ٿي ويندو آھي.“ نونا ھڏي ڏني- ”واھ، چمارڻ سان لڳي ويٺي آھين ۽ ٻانھڻياڻيءَ ڪان نڪ ۾ موڙو ٿي وجھين.“

ھڪ پيري ھڪ ننڍي نيٽي چمارڻ جو نونا کي ھٿ لڳي ويو ھو. نونا کيس نفرت وچان دڙڪا ڏنا ھئا - ”ھٽ پري، ٻانھڻ جي اڳيان چمار لڳائڻ سان ڪو چمار ٿوروئي ٿي ويندو آھي.“

چمارڻ تيز ھئي. تکي‌مرچ وانگر. ھوءَ نونا جي چوٽ لاھيندي چوڻ لڳي- ”اسان جي ٻلي اَسان کي ئي مياؤن.“

درپن پلنگ تي نھي ويٺو. نونا، چمار ئي چمَروا ذات جو سواس آھن. اُھي ئي زندگيءَ جو سھارو آھن. اَسان تہ اَمر وَل آھيون. سائو چوسڻ ڪان پوءِ بہ پيلي جا پيلا. چمارن کي ھڪل ٿو ڪريان. اُھي اَسانجا ججمان آھن. اَسان ۾ وشواس اٿن. پڳا پڳا ايندا. پنھنجي ٻانھڻياڻي جو وڇوڙو ڏسي روئي روئي رچ پريندا. مونکي ميارون ڏيندا، چيننيندا. جڏھن ٻانھڻياڻي بيمار ھئي تہ اَسان کي نياپو چونہ موڪليہ. ايتري قدر جو ٻڌايئہ بہ ڪونہ. ڇا اسان پراوا ھئاسين؟ لاش تي مکين وانگر اچي مڙندا. منھنجي اکين جي لڙڪن کي پنھنجي جيپ سان اُگھندا.

اوچتو سندس ضمير مٿس لعنت وڌي. ھزارن سالن ڪان ھلندڙ ريت جي ڳچي وڍڻ ھليو آھين، ٻانھڻ تون. ذات پات ۽ چوٽ ڇات ئي تہ براھمڻن جي رت جون نسون آھن.

شاسترن ۾ لکيل آھي، ’مئل ماڻھوءَ جو ڪريا ڪرم ان جو ڪل ديپڪ، پائر پائٽيا، رشتيدار يا ان ڪان اوچ ذات وارا ئي ڪن، نہ تہ تہ جيوَ آتما کي ھن پوَساگر مان مکتي ڪانہ ملندي.

ڇٺن ڏينهن ڪانپوءِ اُماس اچڻي هئي. ان عورت هانيڻ کي ڏيڻ جي لاءِ نئون وڳو گهرائي رکيو هو. گذريل پيري پنڊت اچي کيس ٻڌايو هو تہ تنهنجي گهر ۾ پٽڙ جاڳيل آهن، انڪري ڪنهن بہ ڪم ۾ برڪت ڪانہ ٿي ٿئي. اُماس جي ڏينهن هانيڻ کي نئون وَڳو دان ۾ ڏجانءِ. ان عورت سوچيو، ڇٺن ڏينهن ڪانپوءِ وڳو اِنهيءَ هانيڻ کي ئي ڏيڻو آهي، هوُ سنان ڪري نڪري تہ اچ ئي ٿي پارائي ڇڏيانس. اُماس تي وري پيو وَڳو ڏينديسانس.

ٻارهن تيرهن سال گذري ويا هوندا. درپن پنهنجي گهر ۾ هڪ گراهڪ کي سوڙيون فراسيون وڪڻي رهيو هو. اُهوئي ڇوڪرو اچي حاضر ٿيو هو. درپن کي هوُ پنهنجي ٻارهي جي ڪريا ڪرم لاءِ وٺڻ آيو هو. کيس اچرج لڳو هو تہ منهنجو هيڏڙو ڪنو ڪم ڏسي بہ ڇوڪري جي نرڙ تي سل ڪونہ پيا هئا. ڇوڪري سندس اِن ڪم کي ڏي وٽ ٿي سمجهيو.

همير سنگهہ نالي وارو ڇوڪرو هاڻي الور ۾ پوليس آفيسر آهي. درپن خود هن وٽ وڃي رهي آيو آهي. هڪدم ٻارويس ۽ ڏرمي خيالن جو آهي، پنهنجي ماءُ وانگر. هن درپن جي ڏاڍي خاطرداري ڪئي. جڏهن هوُ موٽيو تہ کيس پنج سوَ روپيا روڪ ۽ پنج ڪپڙا ڏڪٽا ۾ ڏنائين.ڪو پيو هجي ها تہ بي عزتيءَ جي ان ڳالهہ جو بدلو وٺي ڇڏيس ها. ٿاڻي ۾ بند ڪرائي ڇڏيس ها. پوليس ۾ تہ سڪا آلا سڀ ٻرندا آهن.

درپن نونا ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريو- ”نونا ٻڌ، مان هن کي فون ٿو ڪريان، هينئر. هوُ ڳاڏي ڪٽي ايندو ئي. پاڻ سان گڏ پنج ست جوان بہ وٺندو ايندو. هوُ سادو سودو آهي. هن کي هئي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيندس ۽ گڏ آندل جوان تنهنجي ارٿيءَ کي ڪلهو ڏيندا.“

همير سنگهہ کي فون لڳائڻ ڪان پهرئين هن هڪ اُميد سان پنهنجي نياڻي ۽ اُنهن سيني رشتيدارن کي فون لڳايا، جن جا نمبر هنجي ڊائريءَ ۾ هئا. ڳالهہ اُهائي هئي، جيڪا پهرين هئي.

درپن همير کي فون لڳايو. جواب آيو، ”مکيہ منتري دوري تي آيو آهي. صاحب ان جي اِنتظام ۾ رڌل آهي. ٻن ڏينهن کان پوءِ ايندو.“

نونا جي لاش تي سر ٽڪرائي هوُ مجبوريءَ وچان وَر وَر مٿو جهٽڪڻ لڳو هو. اکين مان زار زار لڙڪ لڙي رهيا هئس. ڊگها ساهہ ٿي کنيائين.

چئين سوائين چئين جو وقت هوندو هو. جڏهن نونا گرم پاڻي ڪري سنان ڪندي هئي هرروز. درپن ڏڏندڙ نونا جي سرير تان هڪ هڪ ڪري ڪپڙا لاهڻ شروع ڪري ڇڏيا.

ڪنپٽليءَ جي تارُن سان جوڙيل انگن وانگر نونا جو هڪ هٿ ڪڏهن هيڏانهن ٿي ويو ته ڪڏهن هوڏانهن ٿي جھوليو. ڪڏهن هنجو مٿو تنبي وانگر هڪ پاسي ڍرڪي ٿي ويو ته ڪڏهن سڄو سرير مڇيءَ وانگر ترڪي ٿي ويو. ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي مئل سرير تان ڪپڙا لاهڻ.

ڪپڙا لاهي هڪ پاسي اُڇلڻ ڪانپوءِ درپن نونا جي سرير تان هڪ هڪ ڳهه لاهڻ شروع ڪيا. لُڪڙي، هسُ، ٻڙا، نڪ جي ڦُلي، ڪنگڻ، منڊيون، وڇوٽڙو (پيرن جو ڳهه) سڀ جا سڀ لاهي جاري ۾ رکي ڇڏيا. ٻڍي نونا جو لاش پيو هو، جڻ ماءُ جي پيٽ مان جائي هجي ٻارڙي.

درپن رنڌڻي ۾ ويو. ٽپيلي جو پاڻي ٺهڪي رهيو هو. هن پاڻي بالٽيءَ ۾ وڌو. اُن ۾ ٿڌو پاڻي ملائي ننهن سوسڙو ڪيائين.

نونا کي سنان ڪرائيندي مڙدي جي بانس هن جي نڪ ۾ گھڙي ويئي. هن جي دل ڪچي ٿي. آت جھڙو ڪجھ آيس. من کي سخت ڪري سوچيائين، ساهه جون سيڪڙن ئي سرير جي صفائي ڪنديون آهن. ساهه بيٺو، بدبوءِ اُٿي. هن جيئري هوندي نونا جي هٿن تي به ڪڏهن پاڻي ڪونه هاريو هوندو. آليون اکيون، ڪنبندڙ هٿن سان هوُ نونا جي لاش کي صابڻ سان سنان ڪرائي رهيو هو اڄ. نونا کي سنان ڪرائي درپن سُڪل فرش تي چادر وڇائي ۽ برف جي وڏي سِر وانگر نونا جي لاش کي ان تي ليٽائي ڇڏيو.

اڄ ڪروا چوٿ آهي. ان ڏينهن زالون پنهنجي مڙس جي وڏي حياتي ۽ خوشحاليءَ جي ڪامنا ڪندي ورت رکي مڙس جي پوڄا ڪنديون آهن. هر ڪروا چوٿ تي نونا نوان ڪپڙا سبائيندي هئي. ٻه ڏينهن اڳ ئي هوءَ نوان ڪپڙا سبائي کڻي آئي هئي. سائن جي ساڙهي ۽ ريشمي بلائوز. هن نونا جي چپن تي آڱر رکي، جڻ رٺل ٻار کي ريجھائيندو هجي. چوڻ لڳو. ”اُهي ئي ڪپڙا پائيندينءَ نه نونا؟“ هن جي آڱر هٽندي ئي نونا جي چپن ۾ چرپر ٿي. درپن سوچيو، نونا ”ها“ ڪئي آهي.

هوُ ڪمري ۾ ويو. صندوق ڏانهن نهاريائين. ان کي ڪلف لڳل هو. ڪُنجي نونا جي پيٽي ڪوٽ سان ٻڌل رهندي آهي، سرير جي آتما وانگر.

هن نونا ڏانهن تڙ تڪڙ ۾ نهاريو، ”نونا، توکي گنگا ماتا ۾ وهائڻ مونکي منظور آهي پر تنهنجي ڪائيءَ کي چمار ڪونہ ڇهندا. جڏهن تو جيئري ڪنهن چمار کي ڇهڻ ڪونہ ڏنو تہ مئي کان پوءِ سرير کي چمار ڇو ڇُهن؟“

هڪ آس جاڳي. درپن جون ٽٽنديڙ اُميدون مضبوط ٿي ويون. ڄڻ گهٽجندڙ ساهہ کي آڪسيجن ملي ويئي هئي. پنڊتائي لوڀ جو سرير ۽ ساهہ وانگر پاڻ ۾ رشتو ٿيندو آهي. لوڀ وچان راجائن جي پنڊتن جيت جا جهنڊا جهڪايا هئا. شواجي مراٺو هو. براهمڻ مراٺن کي شودر مڃيندا هئا. براهمڻن شواجيءَ جو راڄ تلڪ ڪرڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو هو. من گهري رقم ملڻ جي شرط تي هڪ پنڊت سندس راڄ تلڪ جي رسم پوري ڪرائي هئي.

پنڊت هيرا ناٿ وٽ ٿو وچان. اَسان هنهي جو ڪم ڇنيون جاچڻ آهي. سندس پيءُ پلي هڪ ڏينهن ڪيس ڏڪاري پچائي ڇڏيو هو، پر پٽ ۾ ديا جو انگ آهي. مؤت وقت تہ بي درد بہ رحم جو جهرڻو بڻجي پوندا آهن. هن ڳُسُ ڳُساءُ (آنا ڪاني) ڪيو تہ ڪيس منهن گهري رقم ڏيندس. هوُ پنهنجن هنهي پٽن کي بہ ساڻ وٺي ايندو. مان تہ آهيان ئي.

هن نونا ڏانهن آٿت ڀريل نظرن سان نهاريو- ”نونا، هانيڪياٽي آهين نہ تون. برهمڻن هٿان سرڳ ۾ ويندينءَ.“

اسر جا چار وڄي چڪا هئا.

لاش هن جي ويجهو پلنگ تي ئي چادر سان ڍڪيو پيو هو. هن ويچار ڪيو، ڪلها تہ ملي ويندا. نونان کي سنان ڪرائڻ، سينگارڻ لاءِ هانيڪياٽيون ٿوروئي ايندون. اِها سڀ ڌرم جي ريت آهي.

هوُ هڪ عيجب اُتساهہ سان ڀرجي ويو هو. غم ڀريل سرير جي هار، اکين جا ڳوڙها، ڇپن جو رودن، دل ۾ سمنڊ جي لهرن جهڙيون اُڇالون، نہ ڄاڻ ڪٿي غائب ٿي ويون هيون، هڏڙي جون.

هوُ پلنگ تان هيٺ لٿو. رنڌڻي ۾ ويو. تپيلو پاڻيءَ سان ڀريو. گئس جلايو. هن پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ چوڻهي تي رکيو هو. جيستائين پاڻي گرم ٿئي، نونا جا ڪپڙا لٿا ٿو لاهيان.

درپن ڪمري ۾ آيو. هن هانهون ڦهلائي لاش کي وڏي شرڌا، سنجدگيءَ ۽ سليقي سان هيٺ لاٿو ۽ پٽ سان لڳائي وهاري ڇڏيو. اِهوئي اسر جو

ٻڌڻ واريون ڇمارٽيون سمجهن ته دادا ٻاهر ويو آهي ۽ دادي سنان ڪري پير تي پاٽي وجهڻ وئي آهي.

هيرانات سنان پاٽي ڪري تلڪ ٻلڪ لڳائي نم جي وڻ هيٺان نهار جي ڪٽ وجهي پير لٽڪائي ويٺو هو. هن جي ڦوڪيل پيٽ کي ڌوتيءَ جي ڳنڍ ڍڪي ويٺي هئي. مٿي تي ڪپهه جي ريشن جهڙا سنها سنها وار هئس. پلڪن ۽ ڀرن تي به سونهن هئس. مڇون ڇپن تي ڇپر وانگر ڇانيل هئس. گول مٽول مٽڪي جهڙي شڪل تي اکيون اندر ڌڪيل نظر اچي رهيون هيون. هوُ قميض ۾ ٻانهن وجهي ئي رهيو هو جو درپن ان جي قدمن تي اچي ڪريو.

هيرانات نڪ موڙي ڪيس ڇينيو. هوُ ته دعوت تي ٿي ويو. هي ڇمَروا ٻانهڻ وري ڪٿان اچي ويو، پيٽسان. هن جو ته درشن ڪرڻ ئي خراب آهي. هن هڪدم پير هٽايا ۽ جهٽ پڇيو، ”ڇاهي ڙي ڇمَروا؟“

درپن جي ڇهري تي ٽن ڇئن ڏينهن جي ڏاڙهي هئي. ٻنين ۾ اُڀري آيل گاهه مٿان جيئن مينهن جو پاٽي ڇمڪندو آهي. هن جا ڳوڙها ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ چلڪي رهيا هئا. آلين اکين مان ٽمندڙ ڳوڙها، ڇپن جو ڏڪڻ ۽ هٿن جي ڪنبٽي روڪي نٿي رکيس. نڙي ڪچي سُٽ وانگر هر هر ٽٽي ٿي ويس. ”د...دا...دا... مري وئي. نونا....“

هيرانات رڙ ڪئي- ”ڪير؟“

”نونا.“

”تنهنجي گهر واري؟“

”ها... دا... دا... جي.“

بناوٽي دک جو اِظهار ڪندي هوُدرپن سان مخاطب ٿيو- ”بيمار هئي ڇا؟“

”نه نه، اوچتو. بس وچ ڪري.... غضب ٿي ويو دادا.“ هوُ ٻارن وانگر سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

هيرانات سوچيو، چوڪرين وانگر ڇمَروا پيو ٿو ٻاڏائي. ڇيائينس- ”اڙي ڀائي، ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. ٻڍڙي هئي. هڪ نه هڪ ڏينهن سيني کي وڃڻو آهي. وچ، ڪولڙيءَ ۾ وڻ ڪٽيو رکيو آهي. گذريل سال وڍايو هو. بلڪل سڪل آهي.“

درپن ڪيس هٿ جوڙيا. هن جي هن طرح جي هٿ جوڙ ۾ وينتيءَ جي درڪار هئي. ڇيائين- ”اوهان جي مهرباني، ديا، ٻاجه، ڪاٺيون ڪوڙ، پر....“

هوُ واپس نونا جي ڪمري ۾ آيو. نونا جا لاڻل ڪپڙا هڪ ٿيلهي سان ويڙهيا پيا هئا. هن پيٽيڪوٽ جي اڳٽ مان ڪنجي ڪولي. واپس آيو. صندوق کوليائين. نوان ڪپڙا ڪڍيائين. پٽ جي گهر ڇڏي وڃڻ کانپوءِ نونا ان جي وڇوڙي ۾ ڪڏهن هار سينگار ڪونه ڪيو، پر مرڻ کانپوءِ گهر ڇڏڻ وقت سهاڳڻ جو هار سينگار ڪرڻ ڌرمي شاسترن مطابق جائز آهي. صندوق ۾ سالن کان لاوارث وانگر پيل سينگار داڻي بہ درپن ڳولهي ورتي.

ڪيس جيتري محنت نونا جي ڪپڙن لاهڻ ۾ ڪرڻي پيئي هئي. ان کان وڌيڪ تڪليف ڪپڙا پارائڻ ۾ ٿي. هزار ڪوششون ڪرڻ کانپوءِ ئي هوُ مئل نونا جي بدن تي ساڙهي ويڙهي سگهيو.

نونا جو هار سينگارڪندي درپن جون اکيون پرجي آيون. من دکن جي ساگر ۾ ٻڏڻ لڳو. ڏڪندڙ هٿن سان هن نونا جي نرڙ تي بندي لڳائي. اکين ۾ سُرمو پاتو. چپن تي لالي لڳائي. چهري تي هلڪو هلڪو پائوڊر هنيو. ڪراين ۾ چوڙيون پاتيون. هو نونا جي مٿي جي سير ۾ سِندُر ڀرڪي ئي رهيو هو جو ٻاهرين گيٽ جو کڙڪو ٿيڻ تي هوُ ڇرڪي ويو هو.

واچ ڏٺائين. صبح جا ڇهہ وڳا هئا. هوُ ڊوڙندو ٻاهر ويو. بند دروازي جي چير مان ٻاهر نهاريائين. هڪ عورت بيٺي هئي. هوءَ چئي رهي هئي- ”دادي، جلدي تيار ٿيءُ. ڪروا چوٿ جي ڪٿا ٻڌي ٻنهين ڏانهن هلنداسين.“

اکين ۾ تري آيل لڙڪن کي روڪي روئڻهارڪي ڳلي سان درپن ان کي چيو- ”ها، ها، تون وڃ، هوءَ تيار ٿي رهي آهي.“

”ٺيڪ آهي، جلدي ڪري.“ اُها عورت هلي ويئي.

ٿوري دير کان پوءِ ڪنهن وري دروازو کڙڪايو. ٻي عورت بہ ساڳي ڳالهہ پڇي رهي هئي. درپن ان کي بہ ساڳيو جواب ڏنو، ”ها، ها تون وڃ، هوءَ تيار ٿي رهي آهي.“

پٿر جهڙو سخت ٿيو. نوڙيءَ تي هلندڙ جهڙي عجيب طاقت، بيحد سنيم ۽ همت. درپن، نونا جي لاش مٿان چادر وجهي ڇڏي هئي. هاٿي فقط ڪائيءَ تي رکيو آهي.

هن ڏيري دروازي جو ڪڙو کوليو . هڪ تاڪ کوليو. هن چورن وانگر پير ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪنڊو بند ڪري ڇڏيو جيئن ڪتا نہ اندر اچي وڃن. ڪٿا

”دادا؟“ درپن هن جي چرڻن ۾ سڌو ليٽي پيو هو.

هيرانات هن جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو، ”ڇمَروا، مونکي خبر آهي. ٻاهرين لوڪ جا موقعا ڪونه ڇڏيندو آهي. پر هيءُ ڪم قيمت تي ٿيڻ وارو ڪونهي. پنهنجا ٻهه سنڀالي ڪڻ. مونکي دعوت تي وڃڻو آهي.“ هوءُ ڪٽ تان اُٿي پنهنجي قميص پائيندي گهر ۾ اندر هليو ويو.

آخري اُميد ٽٽڻ تي درپن جي همت به موڪلائي وئي هئي. ٿڌا ٿي ويا هئا سندس ٻڌا هٿ پير. هن جي ٻوڙهن جي ڏارا وڏي ويئي هئي. هن ٻهه پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيا هئا. هوءُ وڏي مشڪل سان اُٿيو، جڻن ڪوهه ۾ پيل ڪنهن شئه کي ڪنڊي ۾ اٽڪائي مٿي ڇڪبو آهي. هن ڪڙتي سان اکيون اگهيون. ڏرتيءَ جي ڏوڙ سندس ڪڙتي سان چنبڙي پيئي هئي. اُها سندس ٻوڙهن پريل منهن کي به لڳي ويئي هئي.

موٽڻ وقت هوءُ ٻوٽ جي ٺاڪر جي گهر ڏانهن مڙيو. اُهو ۽ سندس ٻه ٻائر متان ديا ڪري وجهن. سندس پير اُنهن جي چانئٺ کان اڳ ئي ٿهي ويا هئا. جڏهن هوءُ پنهنجا ٽپڙا پوٽيون ڪٽي سندن گهر جي اڱيان نڪرندو آهي، ٺاڪر زور سان کنگهڪار ڪري کانگهارو اُڇليندو آهي. اهڙو بي حيا مئيءَ کي ڪلهو ڏيندو. ڇو ٿو پنهنجي بي عزتي ڪرائين درپن.

هوءُ درزي، تيلي، واڍي، ڏنار، جاٽن جي گهر ويو. زار زار رنائين. ڪنهن نياڳي جي منهن مان هن ڪم لاءِ ”ها“ ڪانه نڪتي. هاءِ قسمت! ”سپ ٺاٺ باٺ آدرش آهي.“

درپن نونا کي ياد ڪري چيو- ”نونا، تون مؤت کان هارائجي وئينءَ. مان سنسار کان هارائجي ويس.“

نانگ سرير کي سميٽيندو پٽ جي پاڙو ولي پڇندو ويندو آهي. درپن به سرير کي سسائي، اکيون جهڪائي، چمارن جي نانگن واري گهٽيءَ مان هڪدم نڪري بس اسٽئنڊ ڏانهن وڏي ويو هو. بس اسٽئنڊ ٻوٽ کان الڪل هڪ فرلانگ پري هو.

رستي تان لنگهندڙ هر ٽئڪسيءَ کي درپن هٿ ڏيئي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. ڪا بوُڪ هئي. ڪنهن ۾ مسافر ويٺا هئا. ڪئين ڊرائيور ته درپن جي بدحواسي ڏسي بيٺا ئي ڪونه ٿي. اِئين ڪنڊي ڪيس ڪلاڪ ڏيڊ لڳي ويو هو.

”پر؟“

”ڪلها....“ هن ڊيمي آواز ۾ وينتي ڪئي.

هيرانات حيرت وچان چرڪ ڀريو- ”رشيندارن مان ڪو ڪونهي؟“

”نہ دادا. نہ.“ هن وياڪل ٿيندي روئي ڏنو هو.

”چمار بہ ڪونهن چا؟“

درپن کي جڻ ڪرنٽ لڳو. هيرانات هن کي ’چمار‘ ئي ٿو سمجهي. هانپٽياٽيءَ جي لاش کي چمار ڇُهي. ”نونا نرڪ ڀوڳيندي دادا.“ درپن جا ڳوڙها زار زار وهي ڌرتيءَ کي آلو ڪري رهيا هئا.

”هانپٽياٽي؟“ هيرانات جي چنجهين اکين ۾ جڻ ڪنڊو چڀيو. اندر ڪڙو ٿي ويس. من ۾ آيس تہ ڇمَروا کي لت هڻي ڪڍي. هانپڻ بڻيو ٿو ڦري. بانس چاهي ڪيڏو بہ اوچو ٿي وڃي. گاهہ ئي مچيو ويندو آهي. ڇمَروا جي درگت ۽ فوتيءَ جي مٽيءَ جي لڄ رکي هن پنهنجي ڪنيل لت روڪي ڇڏي. حسرت ۽ حقارت ڀريل نظرن سان هن ڏانهن نهاريندي هيرانات من ئي من ۾ چيو، ”هي تہ ڪو وڏو فطوري ماڻهو آهي.“

سنيم سان چيائين، ”فوتيءَ کي ڪلهو ڏيڻ برادريءَ جو ئي ڌرم ٿيندو آهي. توکي تہ خبر آهي ئي. سر ڪان وٺي ٻارهي تائين ڪانڌين کي ئي سيني ڪريا ڪرمن سان جُڙيو رهڻو پوندو آهي. ماڻهو ونس جي آس ائين ئي ڪونہ ٿا ڪن.“

درپن جي ڪيسي ۾ نونا جي ڳهن جي هڙ رکي هئي. هن اُها هڙ ڪڍي. کولي ۽ هيرانات جي اڳيان پکيڙي ڇڏي، ”نونا جا ڳهہ آهن دادا. اوهان جي ڏکڻا. هڪ اوهان آهيو. بہ اوهان جا ڇوڪرا آهن. مان آهيان. چار ڪلها ڪهن نہ، ڪائيءَ کي. هانپڻ جي ڪلهن تي نونا جي آتما سڌي سڌي سرڳ ۾ ويندي دادا.... ڪاليون چمار ڍوئيندا.“

ساڙ ڀريل ٻچڙائيءَ سان هيرانات سڙي ويو هو، ”اڙي“ تنهنجي ڳهر واري سرڳ ۾ وڃي يا نہ وڃي، مان ڪيس ڪلهو ڏيئي جيئري ئي نرڪ ۾ ضرور هليو ويندس. ڌرم جي مذاق نہ اڏاءِ ڇمَروا. رسمن جي پت ٽوڙڻ لاءِ ڪوڏر نہ ڪڻ ڇمَروا.“

چپراسِي

هير ۽ ککرن جي ڪشمڪش جي وچ مان سج متي چڙهندو آيو هو. متي جو پلئه ڇهري تي ڪٽي مان پنهنجي جڳهه تي اچي ويئي هيس.

منهنجي هنج ۾ سال کن جو منهنجو ٻار هو. ٻڍي سس گڏ هئي. هٿ ۾ چپراسي جي نوڪريءَ جو لفافو هو. ٻار ۽ اَمينءَ کي سنڀاليندي منهنجون آڱريون لفافي کي ڪسي ويٺيون هيون.

سڄو پلاند آلو ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به ڳوڙها اکين ۾ بيٺا هئا. امينءَ آٿت ڏنو- ”ڏيءُ، ائين دل ننڍي ڪندينءَ ته نوڪري ڪيئن ڪندينءَ. قدرت..“

۽ هوءَ سڏڪندي سڏڪندي ٻوڪ ڦاڙي روئڻ لڳي هئي- ”منهنجو منيندر....“

ڏيرج ڏريندي منهنجو گلو ڦاٽي پيو- ”امين، ککر ڇانئيا پيا وڃن. توهان گهر وڃو. ٻار کي کير پياري ڇڏجو. پاڻ به ماني کائجو. آفيس کان پوءِ ئي مان موٽي سگهنديس.“

مون هن جي ٻڍين اکين جا ڳوڙها پنهنجي ساڙهيءَ جي پلاند سان اگهي هن جي ڪلهي تي همٿ ۽ آٿت ڀريو هٿ رکيو- ”امين، روئڻ مان ڇا ورندو. ٽي مهينا گذري ويا، سپنا به ڪونه آيا، اُٿي.“

هڪ ڏکو ساهه کڻي، اُتان لنگهندڙ رڪشا کي مون هٿ ڏيئي بيهاريو.

ڳهاڳهر وانگر چلڪندڙ پنهنجين اکين سان مان رڪشا ۾ ويندڙ سس ۽ ان جي ڪلهي سان چنبڙيل ٻار کي اکين کان اوجهل ٿيڻ تائين ڏسندي رهيس. منهنجو من وياڪل هو.

تعلقي آفيس ۾ پهچندي ئي مون اکين جا ڳوڙها رومال سان اگهيا هئا. آڱرين جي ٻچڙين سان اکين جون ڪنڊون سڪايون هيون. هر هر اڱندڙ درد کي دٻائي ڇڏيو هو.

تعلقي آفيس جي مکيه دروازي تي لڳل لوهه جي وزني گيٽ جو

سڪل ڳاهه ۾ لڳل باهه وانگر نونا جي موت جي خبر گهر گهر ۾ پکڙجي ويئي هئي. بيهوڌگي اِها هئي تہ ڳوٺ ۾ ڪلها ڪونہ مليا. درپن بس اسٽئنڊ تي ٽئڪسي پڪڙڻ هليو ويو. هوءُ پنهنجي زال جي لاش کي گنگا ۾ پروان ڪري ايندو. هن اِهو پڪو پهہ پچايو.

درپن ٽئڪسي وٺي گهر پهتو. گهر ڪليو پيو هو. اڱڻ ۾ ويٺل چمارڻيون زور زور سان روئي ورلاپ ڪري رهيون هيون. درپن کي جڏهن اِها خبر پيئي تہ نونا جي ڪائي ڪٺي ''رام نام ست هئہ - ست بولو گت هئہ.'' چوندا، چمار شمشان ڏانهن ويا آهن، تڏهن هن جي پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. هن جو ساهہ اٽڪي پيو.

مساڻ مکيہ پڪي رستي کان هٽي سؤ سوا سؤ قدم پري پوندو هو. ٽئڪسيءَ مان هيٺ لهي درپن چشمي مٿان هٿ جي تري رکي مساڻ ڏانهن چتائي نهاريو. نونا جو لاش چتا تي رکي چڙيو هئائون.

بيوَس اُٺن بار چڙيا. درپن سوچيو مرڻ کان پوءِ سرير مٽي ٿيندو آهي، کهڙو فرق ٿو پوي تہ انکي کهڙا ڪلها ٿا ڍوئين. فوتيءَ جي آتما تہ اڳني سنسڪار جي رستي ئي سرڳ ۾ ويندي آهي. وقت آهي. درپن ڊوڙ پاءِ. هن پنهنجي پتلون جو وَر مٿي ڪيو ۽ چيلهہ ۾ ڏبي وڌو.

چمار پنهنجون آليون اکيون جهڪائي، هٿ ٻڌي چتا جي چوڌطرف بيٺا هئا. چتا وَٽ بيٺل هڪ چمار ڳاهه مٿان ٽانڊو رکي ان کي ڦوڪون ڏيئي رهيو هو. ڳاهه جلڻ لڳو هو. باهہ جون ڇيبون ڦڙ ڦڙاٽ لڳيون هيون. هن برندڙ ڳاهه چتا جي چئني پاسي لڳائي چڙيو هو.

درپن جا پير اُتي ئي کُپي ويا هئا. هوءُ هوا ۾ هٿ هٽندو چرين وانگر زور زور سان چلائڻ لڳو، ''نو.... نا، ....نو...نا......''

آسمان ۾ ترندڙ هڪ ڪڪري ڏيري ڏيري آڪاس ۾ الوپ ٿيندي پئي ويئي.

□□□

ڊپ ۽ حجاب سان مان دروازي تي پيل پڙدي جي اندر ليئو پائي چپ ٿي ويئي هئس.

تحصيلدار ڏنپال. عمر اٽڪل پنجاهہ سال. بال جهڙو گول مٽول ننڍڙو بدن. مينهن جي اکين جهڙيون ٻاهر نڪتل ٿلهيون ٿلهيون اکيون. مٿي تي برش وانگر اڀا بيٺل وار. چهري تي اچين مڇن جو مڇو. تماڪ کاڌل اڏورا ڏند. هو ڪرسيءَ تي ويهي پان چٻاڙيندي فائيل ڏسي رهيو هو.

همت رکي ”سر“ چوندي مان اندر هلي ويئي هيس. ٻوڙهن سان ڀڳل جوائننگ رپورٽ مون هن ڏانهن وڌائي.

هو چشمي مان ترڇي نظر سان مون ڏانهن نهاري وري فائيل پڙهڻ ۾ لڳي ٿي ويو. اڌ ڪلاڪ تائين مان پنهنجي ٻڏتر، وياڪلتا، جوش، غصي ۽ اکين مان وهندڙ پاڻيءَ کي روڪي بيٺي رهيس. مان بي چئن ۽ هو موج ۾. مان ويڪال ۽ هو آرام ۾.

هن هڪ ننڍڙي ڪنگهڪار سان گڏ فائيل بند ۾ ٻڌي. هٿ جي تري ڪنهي. روالونگ ڪرسي گهمائي پٺيان رکيل الماڙيءَ مان هن پنهنجي بئگ ڪڍي. فائيل بئگ ۾ وجهي بئگ الماڙيءَ ۾ وجهي هو وري ٽيبل طرف گهمي ويو هو.

مون ڏانهن نهاري هو چپ سان چپ گهڻ لڳو هو. اکيون ٽمڪي رهيون هيس. پين سان وارن کي کنهندي پڇيائين- ”ميتا.“

”جي سر“. اتساهہ سان مون پنهنجي جوائننگ رپورٽ هن ڏانهن وڌائي هئي. ڪاغذ تي نظر ڊوڙائيندي هن ڊگهو ساهہ کنيو. ”ميتا، يقين ڪونہ هو، تحصيلدار جي زال ٿي ڪري تون چپراسيءَ جي سروس جوائن ڪرڻ ايندينءَ.“

مون پاڻ سنڀاليو- ”سر، سهارو هو. اُهو هليو ويو. پٺيان بہ ايترو آسرو ڪونهي جو زندگي جي سگهان. توهان کي تہ خبر آهي. ٻڌي سس آهي منهنجي. هڪ سال جو ٻار آهي. مان آهيان. هاڻي نوڪري ئي اسانجو سهارو آهي.“

وات مان وڏيڪ اکر ڪونہ اُڪليو. منهنجي اکين مان ٻوڙهن جو جهرڻو ڦٽي نڪتو هو. مان رومال سان سڏڪي سڏڪي ٻوڙها اگهندي رهيس.

هڪ تاڪ اڪيل هو. ٻيو غائب هو. آوارا جانور ڪاغذن ۽ گندگيءَ ۾ منهن وجهي رهيا هئا. سوئر ۽ ڪتا اندر تائين آزاديءَ سان گهمي ڦري رهيا هئا. هڪ ٻچ ڪليل ساڻ دهشت مچائي رکي هئي. ڇت جي ٻني تي ڪارن ڪانون جي ڪتار ويٺي هئي.

ساوڻ جو مهينو هو. ڌرتيءَ جو انگ انگ سائو هو. تعلقي آفيس جي پڊر ۾ بيٺل پپر جي وڻ جي ساين ساين ٽارين مان، جتان ڪويل جي مٺڙي ڪوڪ ٻڌڻ ۾ اچڻ کپندي هئي، اُتان ڪانون جي ڪان ڪان ڪن ڪائي رهي هئي. هڪ ڪنڊ ۾ ڇانهن جي ٻني ٻري رهي هئي. ماڻهن جو تعلقي آفيس ۾ اچڻ شروع ٿي ويو هو.

ماڻهو ماڻهوءَ ۾ فرق ٿيندو آهي. منيندر تحصيلدار هو. گيٽ تي چوڪيدار وهندو هو. رات جو ڪلف لڳي ويندو هو. پهرو هوندو هو. مجال آهي جو پرندو بہ ڦڙڦڙائي. تعلقي آفيس جي بہ گهر جهڙي سار سنڀال هئي.

پنهنجي شهرت تي گهر واريءَ جي وشواس جي مهر لڳائڻ جي هر مڙد کي چاهنا هوندي آهي. منيندر بہ ان ڪان آجو ڪونہ هو. هن ڪار موڪلي هئي. ”تحصيلدار ۽ ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ“ جي پليٽ لڳل ڪار ۾ ويهي مان پهريون پيرو تعلقي آفيس ۾ آئي هيس، ان ڏينهن. منهنجو اهم ڦوڪجي رهيو هو. تحصيلدارڻ جي نشي ۾ مان اهو ڀلجي وئي هيس تہ مان ڳوٺ جي هڪ ننڍڙي دڪاندار جي ڌيءَ آهيان. قيمتي ساڙهي ۽ ڳهڻ ڳٺن جي چمڪ دمڪ سان لڳجي ويل منهنجي گوري ڪايا تحصيلدار جي رتبي ۾ اِضافو آڻي ڇڏيو هو.

گهڻن جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي، گهڻن جو ڪڪ رنگو. ڏاڍا گهٽ ٿيندا آهن جن جو رنگ ڳاڙهسرو گورو ٿيندو آهي. ڀڳوان ڪوڙ نہ ٻولائي. منهنجي انهيءَ گوري چمڙيءَ جي چلڪي منيندر کي چريو ڪري ڇڏيو هو ۽ گهر وارن جي لک منع ڪرڻ ڪانپوءِ بہ مون گهٽ پڙهيل سان شادي ڪئي هئائين.

ڏنپال تڏهن نائب تحصيلدار هو. پروموشن ولي هاڻي هو تحصيلدار بڻيو هو. ان ڏينهن هو مونکي ديوي مڃي وشواس ۾ ٻڌو هو. اڄ انهيءَ جي سامهون مون کي پنهنجي چپراسيءَ جي نوڪريءَ لاءِ درخواست کڻي حاضر ٿيڻو هو.

تحصيلدار- ”اڙي ڀائي“ چيو- ھي وري توھان بدران ”تون“ ٿو چوي. منھنجي بدن ۾ ڄڻ تير مٿان ھڪ ٻيو تير بہ چڀي ويو ھو.

آفيس کان گھر. گھر کان آفيس. ائين ھڪ ھڪ ڏينھن کُٽجي رھيو ھو.

مان جنھن بہ ملازم وٽ وڃي ويھندي ھئس، ان جي نظرن ۾ منھنجي لاءِ پريم، ھمدردي ۽ سھيوگ ھوندو ھو. سڀ کلي دل سان منيندر جي ساراھہ ڪندا ھئا. ھن جي ھلت چلت، ايمانداري، خودداري ۽ پريم ڀاءُ چانيل رھندو ھو.

ڪلارڪ حڪمچند بہ سال ڀرين منيندر جي قلم سان ئي نوڪري جوائن ڪئي ھئي. منيندر جي ساراھہ ڪندي سندس اکيون آليون ٿي ويندين ھيون. ھو آليون اکيون رومال سان اگھندو ھو. ٻئي چپ ٿڙ ٿڙ ڪنبندا ھئس. ان سان ڳالھيون ڪري منھنجو من ھلڪو رھندو ھو. ان ۾ پنھنجائي ملندي ھئي مونکي.

نوڪري ڪندي ويھہ ايڪويھہ ڏينھن گذري ويا ھئا. دک کُٽجي رھيو ھو. چنتا منھنجي ھئي، مان چنتا جي ھئس. آفيس مونکي چپراسڻ انگيڪار ڪري ڇڏيو ھو. آفيس جو قسم مان پراڻي ٿيندي پئي ويس.

چنچر.

لنچ جو وقت ھو. مان حڪمچند ڪلارڪ وٽ ويٺي ھيس. ھن چانھن گھرائي ھئي. تحصيلدار مونکي چور نگاھن سان چانھن پيئندو ڏسي ويو ھو. چيمبر ۾ پھچندي ئي ھن ٻہ گھنٽي گھنٽي وڄائي. گھنٽيءَ جو آواز غيررواجي ھو. آواز ۾ حڪم ڪونہ ھو. ڪو حسد ۽ پاڪنڊ ھو، جو اُن مان ٻکي رھيو ھو.

چانھن رکي، ھٿ جي تريءَ سان چپ اُگھي مان ڊوڙندي ويس. سچ، نہ ڪم نہ ڏم. مان بيٺي ھيس. ھن جون نظرون مون ۾ کتل ھيون.

جڏھن ڪافي دير تائين ھن ڪو ڪم نہ ٻڌايو، مان وري اَچي حڪم چند وٽ ويٺي ھيس. ھيسيل ھئن ۾ چانھن جو ڪوپ ڏکي رھيو ھو.

چئين سوائين چئين جو وقت ٿيو ھوندو. مان ٻاھر بينچ تي ويٺي ھيس. تحصيلدار صاحب ھيڊ ڪلارڪ جي ڪمري ۾ ويو. ٻاھر نڪتو. مونکي

تحصيلدار اکين تي چشمو چڙهايو ۽ جوائننگ رپورٽ تي ڪجهه لکيو ۽ ڪاغذ مون ڏانهن وڌايو- ”هيءَ او. اي. وٽ کڻي وڃ.“

”هه.... آ ....“

هن ڦورو غصي وچان چيو- ”اڙي پائي، هيڊ ڪلارڪ وٽ کڻي وڃ.“

’اڙي پائي‘ لفظ جو زهر پريل تير منهنجي سرير ۾ ڪپندو هليو ويو. وڏو آفيسر! اوڇي زبان!

”روڙهسنگهه هيڊ ڪلارڪ“ جي نيم پليٽ پڙهي مان ڪمري ۾ هلي وئي هيس. جن اکين ۾ همدردي ۽ سهڪار هئڻ گهربو هو. انهن ۾ پراڻي ناراضگيءَ جهڙو ڪجهه ولولو هو. شايد منيندر جو ڪليو ۽ ڪرو وهنوار کين ناپسند هو.

منهنجو هٿ ڏڪي رهيو هو. جوائننگ رپورٽ ڏڪي رهي هئي. هن جوائننگ رپورٽ وٺي حاضري رجسٽر مون ڏانهن وڌائي ڇڏيو هو. هن جي اڳيان ٻه ڪرسيون پيون هيون. هن وهڻ جو ٻه ڪونه چيو.

عجب ۽ افسوس مونکي ڏونڌاڙيو. ماڻهو سانڊي کان به وڌيڪ رنگ بدلڻ ۾ ماهر هوندو آهي. اِهو ساڳيو روڙهسنگهه آهي. اُن ڏينهن مان آفيس ۾ ويني هيس ۽ هن ناشتي جي پليٽ آرتيءَ جي ٿالهيءَ وانگر منهنجي سامهون آڻي رکي هئي.

سمجهيم. مون ڊيوٽي جوائن ڪئي آهي. حاضري پري آهي. چپراسڻ ٿي وئي آهيان نه آفيس جي. هيڊ ڪلارڪ ۽ چپراسڻ کي پنهنجي پنهنجي پد تي رهڻ گهرجي.

انٽرڪام وڳو. هن رسيور کنيو. ”هون“ چئي واپس رکي ڇڏيائين. هن مونکي جڻ حڪم ڏنو- ”ميتا، صاحب وٽ جيڪو چپراسي آهي نه، اهو چپراسين جو نيتا چوندجي ويو آهي. هو صاحب جي گهنٽي صحيح نموني ڪونه ٿو ٻڌي هاڻي.“

”جي.“

”اڄ کان تون صاحب جي گهنٽي ٻڌنديءَ.“

تحصيلدار پاڻ جيپ ڪاهي آيو هو. تحصيلدار ۽ هيڊ ڪلارڪ جيپ مان لٿا. هوءُ گيٽ کولي بي ڪلڪي اندر گهڙي آيا.

کين اوچتو آيل ڏسي مان عجب ۾ پئجي ويس. مُنڍَ لڳل، وياڪل، گهبرايل. مئڪسيءَ ۾ هيس. اندر پهچندي ساڻن نمسڪار ڪرڻ جي رسم بہ وسري ويم.

منيندر جي وقت ۾ بہ اِهي ايندا ويندا هئا، ليڪن چپراسيءَ جي گيٽ کولڻ تائين هئي جڏا گيٽ تي ئي بيٺا هوندا هئا.

بي منو سندن مانُ رکندي اَمينءَ سندن آدر ستڪار ڪيو. هو ڊرائنگ روم ۾ ويٺا.

منهنجي اَندر ۾ اَڻ سهائيندڙ جهڙو ڪجهہ چانئجڻ لڳو هو. ڪلهہ پنجين بجي تائين مان آفيس ۾ هيس. اڄ صبح ساڻ ....

مون ساڙهي پاتي ۽ پنڪي هيٺان بهي وار سڪايا. چانهن ناشتو کڻي مان ڊرائنگ روم ۾ آيس. نمسڪار ڪندي چانهن ناشتي جي ٽري ٽيبل تي رکي مان شرم ۽ حجاب وچان پٺ سان لڳي بيهي رهيس، وَل وانگر. پنکي جي هوا سبب مٺي جو پلاند مٺي تان لهي ڪلهي تائين هليو ٿي آيو.

تحصيلدار چانهن ناشتي کي ڇڏي مون ڏانهن ئي نهاري رهيو هو. يڪ ٽڪ. جڻ هن لاءِ چانهن ناشتي کان وڌيڪ مان ئي اهميت پري هيس.

هن جي بدليل هلت ڏسي مون هيڪ ۽ اَچرج وچان آگر چپن جي وچ ۾ دٻائي ڇڏي هئي. ڪلهہ سندس سوئر جهڙا اُيا ۽ هگهہ پڪيءَ جهڙا اَڇا وار هئا. مُڇون سهي جي پڇ جهڙيون اَڇيون هيون. اَڄ خضاب لڳل وار ۽ مُڇون چمڪي رهيا هئس. سنان ڪرڻ ۾ هن ڪيتري جلدي ڪئي آهي. ڪنن جي ڪنڌن کان ڇهري تائين لڳل ڊائيءَ جا نشان ان جو ثبوت هئا. هاري ڪيڏي بہ چالاڪيءَ سان هني لٺي، لٽ رهجي ئي ويندا آهن. هن جي ڳلن تي اَڇا وار چمڪي رهيا هئا، هِتي هُتي.

بدي جي منجهيل ڪڪرن جهڙو سندس رنگ هو. هن ڪَلفُ لڳل اَڇي پينٽ شرٽ پاتي هئي. مون ڏانهن نهاريندي هو پنهنجن مڇن جون ڪنڊون چيڙيءَ سان ڏيري ڏيري وٽي رهيو هو. جڻ اُنهن تي ڊائي نہ پر مس هنيل هجي.

ڏسي ڇرڪ ڀريائين. هيڊ ڪلارڪ هٿ جي اشاري سان مونکي سڏ ڪري چيو- ”صاحب پڇي رهيو هو.“

منهنجو ساهه سڪي ويو. ڀروُن تاڻجي ويا- ”ڇا؟“

گم سم ٿي رهين. آفيس ۾ ڪا پريشاني آهي توکي؟

صاحب جي بد هلت سبب منهنجو من ڀريل هو. ڊپ سان گڏوگڏ انسان ۾ همت جو جهرڪو به پاڻمرادو وهڻ لڳندو آهي. مون پاڻ سنڀاليو- ”نوڪري ڪرڻ آئي آهيان، نوڪري ڪيان ٿي، پريشاني ڇاجي؟“

”خبر اٿيئي، صاحب جي دل ۾ تو لاءِ همدردي آهي.“

”مالڪ آهي، آفيس جو.“

هوُ ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ منهنجي جان کائيندو رهيو. ڇانهن گهرائڻ لاءِ پڇندو رهيو. هن جي حرفت بازي. مان گُهٽ محسوس ڪرڻ لڳس. مان وري پنهنجي بينچ تي اَچي ويٺي هيس.

اٽڪل ڏهن منٽن کانپوءِ تحصيلدار صاحب، هيڊ ڪلارڪ کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو. دير تائين پاڻ ۾ سس پس هلندي رهي. مون پردي جي چير مان اندر ليئو پاتو. ٻنهي جا ڪن-ڇپ ڳنڍيا پيا هئا.

آرتوار.

اٺ ڪونه وڳا هئا.

آفيس جي جيپ گهرڙ گهرڙ ڪندي اَسانجي گهر جي گيٽ سامهون اَچي بيٺي هئي. هيءَ اُها ساڳي جيپ هئي، جنهن ۾ منيندر آفيس ايندو ويندو هو. ڪون پي شيرٽيءَ جا ڇپ ڇمڪڻ لڳندا آهن. ايڪسيڊنٽ کانپوءِ لهڪارجي ويئي هئي ڏائڻ. مان هراسجي ويس.

مان سنان پاڻي ڪري اڱڻ ۾ آلا وار ڇنڊي رهي هيس. اَمين ٻبلوءَ کي کٽ تي ليٽائي رهي هئي. جهنجهڻ اُن جي هٿ ۾ هو. هوءَ جهنجهڻ کي هٿ هڻي هن کي راند ڪرائي رهي هئي. ٻبلوءَ کي ڪلهه کان هلڪا دست هئا. هوُ سڄي رات ڪنجهندو ۽ هنگندو رهيو هو. مون ته ننڊ به ڪئي هئي، پر اَمين سڄي رات جاڳي هئي.

اُهو مڙدن جي سخت هٿن ۾ ڪونہ هوندو آهي. صاحب جي گهنٽي اُهو چپراسي ٻڌندو. گاڏي توکي گهر کان بنگلي وٺي ويندي. بنگلي تان گهر ڇڏي ويندي. بس توکي پگهار وٺڻ لاءِ آفيس ۾ اَچڻو پوندو.“

منهنجون اکيون ڪروڌ جا ٽانڊا ٽڙڪائي رهيون هيون. پلڪون اُڪامندڙ جهرڪيءَ جي پرن وانگر ڦڙڦڙائڻ لڳيون هيون. من ۾ آيو تہ چڙهي ڏيانس، پڙوا، هيءَ منيندر جو گهر آهي. هتي اخلاق، هلت چلت ۽ سنسڪار آهي. مون ٿهڪندڙ ساهہ کنيو، ”هلڪڙا، ٽُچا! ايمانداري ۽ خودداريءَ جو رت هو منيندر جي نسن ۾.“

عورت جي چُپ جو مڙد پنهنجي نيت آهر مطلب ڪڍندو آهي. تحصيلدار مون ڏانهن هٿ وڌايو- ”ميتا، آفيسر ۽ چپراسيءَ جون دوُريون آفيس تائين آهن. اڄ .....!“

تڏ وانگر ٽپو ڏيئي مان گيٽ وٽ وڃي بيٺي هيس. مون ڏٺو، وڌندڙ عمر، جن اکين ۾ ممتا هئڻ کپي، اُنهن ۾ واسنا جون جهپيون هيون. ٻاويهن سالن جي مان، هن جي ڌيءَ برابر هيس.

مان ڪروڌ جي آخرين حد تائين پهچي وئي هيس. اکين مان ٻاهہ نڪرڻ لڳي هئي. من ۾ آيو تہ چمپل لاهي هڻانس. منهنجي نئين نئين نوڪري. منيندر جا ڪاغذ پٽ وٽا آهن. مان رت جو ڍڪ پي ڪجهہ نہ ڪڇيس.

مان اندر پهچي ويس ۽ ڊبل بيڊ تي وڃي ڪري پيس. وهاڻي ۾ منهن وجهي روئندي رهيس. پٽ تي ٽنگيل منيندر جي فوٽي ڏانهن نهاريندي رهيس.

”ميتا، ڌيءَ ميتا، ميتا.“ ٻاهران ايندڙ امينءَ جا آواز منهنجي ڪنن سان ٽڪرايا. مون اٿي واش بيسن وٽ وڃي منهن ڌوتو ۽ ٽوال سان منهن اُگهي ٻاهر نڪتس. ٻہ ڪنگڻ ٽيبل تي رکيا هئا. مون ڪنگڻ کنيا ۽ پلو سان ڍڪي ڇڏيا. امين.....

ٻار جي دستن جون ٻہ ٽي ڏارائون تحصيلدار جي بشرٽ کي گندو ڪنديون ان جي پينٽ جي پاچي تائين پهچي ويون هيون.

آزمودگار تحصيلدار، شايد اهو سوچي تہ ٻار کي پيار ڪرڻ ماءُ کي

تحصيلدار جي اکين جو اشارو ڏسي هيڊ ڪلارڪ مون ڏانهن اکيون ڇنڀيون- ”ميتا، صاحب نيڪ ماڻهو آهي. چپراسيءَ جي به سڌ لهندو آهي، گهر اَچي.“ هوُ ٽلڪي جي ڦڪيءَ کي ائين چٻاڙڻ لڳو هو جيئن ٻڪري چارو چٻيندي آهي.

هن جي ڳالهه مونکي سُئيءَ وانگر چڀي. ”هون“ چئي هن ڏانهن اُچاتري نظر وجهي مان هيٺ نهارڻ لڳي هيس.

پنجيتاليهن کن جي هيڊ ڪلارڪ جي ڪنن تي وارن جي چاپ جهڙي جُهل هئي ۽ ٽِپڻ ڪنهن بيٽ وانگر چمڪي رهي هئي. سگريٽ ۽ ٽلڪي جون سندس ڦِکيون علتون. مَيان ڏند گهٽ رهجي ويڻ سبب مَيان چپ هينين چپن سان دٻيل هئا. ڳالهائڻ وقت ڏُک جا ڇنڊا ٽي اڏاميا. هو ٻاهر ويو. منهن مان تماڪ ڀريل ڏُک اُڇلي هو وري اَچي ويٺو هو. منهن ڇٻائيندي هن چيو- ”تحصيلدار صاحب کي منيندر جي هليو وڃڻ جو اوترو ئي ڏک آهي، جيترو پنهنجي زال جي گذاري وڃڻ جو آهي.“

هن جي ان بي واجبي ڳالهه تي منهنجو رت ٽهڪي پيو هو.

هوُ وري واش بيسن تائين ويو ۽ ترِيءَ سان منهن اُگهندي وري اچي ويٺو هو. ترِيءَ سان ترِيءَ جو ميل لاهيندي هوُ چوڻ لڳو- ”ميتا، سانوڻ آهي.“

منهنجي اندر هڪ تڪليف ڏيندڙ خاموشي ڦهلجي ويئي هئي. انهن کي ته ڪونه چيو. پاڻ پنهنجو من ماريو، ”پوُ ندوُ هيڊ ڪلارڪ بن سندر سانوڻ.“

مون ڏنو تحصيلدار هيڊ ڪلارڪ کي اک هنئي هئي.

هيڊ ڪلارڪ صوفا سيٽ تي لهي ويٺو- ”ميتا، صاحب جون ٻه ڌيئر آهن. ٻئي پرڻجي ويون. هڪ ڇوڪرو آهي، اُهو به پنهنجي ٻارن ٻچن سان موُج ۾ آهي. صاحب هيڏي وڏي بنگلي ۾ گُهٽجي گُهٽجي، اڪيلو اڪيلو، لڙڪ لاڙيندو رهي ٿو. ميتا، صاحب جو جيڪو چپراسي آهي نه، اُهو اڌ چريو آهي. هوُ روٽيون اڌ ڪچيون اڌ پڪيون تئي تي سيڪي اُڇلي ويندو آهي.“

هن مون ڏانهن مَتاڇرو نهاري، هڪ وشواس ڀريل آهه ڀري- ”ميتا، ڪاڏو تيار ڪرڻ جو قدرتي هُنرجيڪو عورت جي نازڪ هٿن ۾ هوندو آهي،

اهو ساڳيو چپراسي نيتا ان جي سامهون ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هو ٻئي هٿ ۾ سگريٽ مان واري واري سان ڦوڪ ڀري رهيا هئا.

حاضري ڀري مان پنهنجي بينچ تي اچي ويهي رهيس. منهنجي من ۾ ڏڦ ڀريل هو. جڏهن ٻه ترپنڪ ملندا آهن تڏهن اڻ ڏيٺي ڏکندي آهي.

چپراسي نيتا ڪنگهي ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙو ڏيو هو. هو ائين چوندي لٽ سان ٻاهر نڪتو هو- "صاحب چپراسڻ آهي، چپراسيءَ کي چپراسيءَ جي نوڪري ڪرڻ پوندي. اوهان اڄ ئي آرڊر ڪڍي ڇڏيو. باقي مان پاڻهي ڏسندس. ضديري گهوڙي آهي. ڪنگڻ نه، لغام کسڻ سان باز ايندي."

صبح کان ئي صاحب جون مهيني جي سج وانگر تتل هو. جيڪو اندر ڏي ويو، ان کي دڙڪا ڏي مليا. منجهند ڏيندي ڏيندي سڄي آفيس ۾ اها ڳالهه ڦهلجي ويئي ته صاحب جي غصي جو ڪارڻ مان آهيان.

جهنگل مان لنگهندي هر ڪنڊو پلاند کي ڇڪيندو آهي. آفيس ۾ اڄ هڪ هڪ ملازم جون پڻيندڙ نظرون منهنجي بدن ۾ ڪتل هيون. منهنجي خود داريءَ سڄي آفيس ۾ زهر وجهي ڇڏيو هو.

چانديءَ چڙهيل ڳِلٽ ڳرندي ئي پنهنجو رنگ ڏيکاري ڇڏيندو آهي. آفيس جي همدردي، سهڪار ۽ پيار، حسد، برائي ۽ دوريءَ ۾ بدلجي ويا هئا.

مان مٺو جهلي بينچ تي ويٺي هئس. ٻارهان اچي ڏيا هئا. صاحب جي گهنٽي هڪ ڀيرو به ڪانه وڳي هئي، اڄ.

منهنجون اکيون گئلريءَ مان ڏينديون ٻاهر چوديواريِءَ تائين هليون ويون. چوديواريءَ وٽ ٻوٽا بيٺا هئا. انهن ۾ ڦاٽل هڪ جهرڪي نڪرڻ لاءِ پر ڦڙ ڦڙائي رهي هئي.

مان تڙڦڻ لڳي هئس. اکيون اُگهي مان ڏکندي حڪمچند بابوءَ وٽ ويس. هن جي شڪل ڏسندي ئي مون کي لڳو، صاحب جي ڪوپ جي تپش اُن تائين به پهتي آهي.

مون ڪيس ڪمري کان ٻاهر ورانڊي ۾ سڏايو. آگر ڪٽي مون هن کي چيو- "ٻوٽن ۾ ڦاٽل جهرڪي پرن کي ڦڙ ڦڙائي رهي آهي. ڪٿي مري نه وڃي. وڃ وڃي ڪڍي اچ ان کي."

ڪوئي پنهنجن دکن سان گڏ جيئڻ بہ چاهي تہ دنيا ان کي جيئڻ ڪٿي ٿي ڏئي.

مان بس مان هيٺ لٿس. هڪ موٽر سائيڪل منهنجي سامهون اچي بيٺي. منهنجو وات ڪليو جو کليو رهجي ويو جهرڪيءَ وانگر. لکنوي ڪڙتو پتلون ۽ پيرن ۾ جوڌپوري جتيون پائي، منهن ۾ پان چٻاڙيندي آفيس جو هي ساڳيو بچڙو چپراسين جو نيتا هو. جيڪو مون سان غلط هلت هلندو رهندو هو.

چرئي اُٺ جهڙيون اکيون ٺاهي هن مون سان ٽڪرايون، ”ميتا، ويهہ.“

”نہ.“ مان مڙي اڳتي وڌي ويس.

موٽر سائيڪل وري منهنجي سامهون اچي بيٺي. ”ميتا، رستي تي پاڻي پريو پيو آهي. ڪڪر بيٺا آهن. وچ پيئي ڪڙڪي. مان بہ آفيس پيو ٿو وڃان.“

ماڻهو صبح جو چانهن ناشتو ڪندا آهن. هن جي منهن مان داروءَ جو ٻيڪو ٻاهر نڪتو. ٽي سال پهرين جڏهن هي اسانجي گهر ڊيوٽي ڪندو هو. داروءَ کي هٿ بہ ڪونہ لائيندو هو. ڳانءِ جهڙو سانتيڪو هو. قاعدو ٽٽو، فائدو ڇٽو.

منهنجي اندر ۾ ڊپ گهڙي ويو هو.

پان چٻاڙيندي هن وري مونکي چيو- ”پنهنجو تحصيلدار ڪيڏو نہ شريف انسان آهي. چپراسيءَ جي گهر بہ هليو ويندو آهي ان جو سڏ سماءُ لهڻ.“

مان ٻُڌن ۾ اچي ويس. دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. هنن ٽنهي جي سياست مونکي ڇپي ويئي هئي.

هن وري چيو- ”ميتا، پئسو گهٽو ٿي آهي هن وٽ.“

منهنجا خاموش چپ لڏيا- دان پيو ٿو ڪري نہ آفيس ۾.

مون اکيون ڦوٽاريون ۽ شيرڻيءَ وانگر غصي ۾ ٻيٽي ٽيندي اڳتي وڌي چيم- ”ماڻهو آهين، ماڻهو ٿي رهہ.“

هو بڪايل ڪانوَ وانگر اکيون گهمائيندي پنتي هٽي ويو هو.

مان آفيس پهتس. شڪ جي سئي ماڻهوءَ کي تصديق ٿيڻ تائين ستائيندي رهندي آهي. تحصيلدار جي چيمبر اڳيان وڃي ڦري ڏٺم تہ

لائينون پڙهندي ڪافي وقت لڳي ويو. ساهہ ٻيهي ويو. سرير نفرت سان مونکي ڏڪاري رهيو هو. ڌرتيءَ جي اندر جي گرميءَ ڪي ڌرتي ئي ڄاڻندي آهي.

ٽيڻ واري ڳالهہ ٿي چڪي هئي. حقيقت سامهون هئي.

پهرئين ست ستاءَ سان پريل ان ظلم جي خلافت لاءِ مان بابو حڪمچند جي سامهون وڃي ويٺيس. ٻوٽن ۾ قاتل ان جهرڪيءَ جهڙي مان هن ڏانهن گهايل، ويچاري، ڊنل هوندي راحت جي آس ڪٽي نهاريندي رهيس.

هن لفافي مان ڪاغذ ڪڍي ٻہ ڪونہ ڏنو. لفافو هٿ ۾ جهلي مون ڏانهن ديا پريل اکيون مٽي ڪٽي نهاريو- ”ميتا، مون ئي ٽائيپ ڪيو آهي.“

”هاٽي؟“ منهنجا ساهہ لوهار جي ڌنوٽيءَ ڪان ٻہ وڌيڪ تيزيءَ سان ڌنوڻ لڳا هئا. سرير پير جي پن وانگر ڏڪي رهيو هو.

”هاٽي ڇا ٿيندو؟“

هڪ دلير پيءُ پنهنجي جوان پٽ کي فوج ۾ موڪلڻ وقت ان جي حوصلا افزائي ڪندو آهي. هڪ خود دار ۽ آزمودگار سنڀاليندڙ وانگر هن پاڻ کي سهيڙيندي وڏي پنهنجائيءَ سان مونکي چيو- ”ميتا، سوچين ٿي، اهلا ناري آهيان، نہ. تحصيل آهي. چپراسيءَ جو ڪم آهي. هتي عورت- مرد چو ٿي ڏسين؟ ڪلپنا چاولا انترڪش ۾ وڃي سگهي ٿي. سنتوش يادو ٻہ ڀيرا ايوريسٽ تي چڙهي سگهي ٿي. تون هيءُ ڪم نٿي ڪري سگهين.“

هن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ جذبات هئي.

سنجم ۽ همت سان منهنجي رڳ رڳ ۾ هڪ عجيب و غريب ڏهڪاءُ ڊوڙي ويو هو. قدرت جو قهر، پيڙا ڏيندڙ آرڊر. وياڪل من سان لفافو هٿ ۾ جهلي مان وري بينچ تي اچي ويٺي هيس.

اسڪول جي ڏينهن جو اُهو واقعو منهنجي دماغ ۾ نار وانگر ڦرڻ لڳو هو. مان نائين درجي ۾ پڙهدي هيس. اُن ڏينهن اسانجي ماستر صاحب جو هڪ ناٽڪ هال سڀا ۾ ڪيو ويو هو. ناٽڪ ۾ عدالت جو نظارو هو. جج صاحب نياءَ جي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. مونکي پنهنجي رول ۾ شنوائيءَ تي آيل جوابدارن ۽ مدعين کي آواز لڳائي گهرائڻو هو. نڙي صاف ڪري ڪنگهي مون ان ڏينهن وڏي آواز ۾ بلڪل چوڪيدار وانگر هوڪو ڏنو هو- ”هرپال ولد رامپال حاضر ٿئي.... ئي.... ئي....“

حڪمچند بابوءَ جو بدن پريل هو. پوريون پوريون اکيون هئس، منيندر جهڙيون. چهري تي ننڍيون ننڍيون ڏاڙهي مڇون هيس. ننڍپڻ ۾ نس ۾ غلط هڻڻ جي لڳل انجيڪشن سبب هن جو ساڄو پير اڌ نستو ٿي ويو هو. هن کي اپنگن جي ڪوٽا مان نوڪري مليل هئي.

بابوءَ جي پيرن تي اڇلجندو پوڻن تائين ويو. هن پوڻن مان جهرڪيءَ کي ڪڍي آزاد ڪري ڇڏيو.

جهرڪيءَ کي پوڻن مان آزاد ڪرائي من ۾ پڇ جو احساس ڪٿي هو وري پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو هو. مان هن وٽ وڃي بيٺي هيس، اهو ڄاڻڻ لاءِ ته پوڻن ۾ ڦاٿل جهرڪيءَ کي ڪا ضرب ته ڪانه رسي هئي.

اڄ سڄي آفيس صاحب جي غصي جو شڪار آهي ۽ ڪاري رڌ مان آهيان. هن رسڪ ڪٿي سامهون پيل ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪري مونکي چيو- ”ويهه ميتا.“

ڪرسيءَ تي وهندي ئي مون پنهنجي جگياسا کي شانت ڪرڻ چاهيو. ”بابوجي، پوڻن ۾ ڪيئن ڦاٿي هئي جهرڪي؟“

هن جي اکين ۾ ديا اچي ويئي هئي. ڌيمي آواز ۾ چيائين- ”ڦاسڻو ئي هوس، هڪ ٽنگ اڳيئي ڪونه هئي ويچاريءَ کي. هي ٽنگ ڪنهن شڪاريءَ زخمي ڪري ڇڏي هيس. پلي پر هجن، پر بنان ٽنگن جي پکي اڏامي ته ڪونه سگهندو آهي نه؟“

مان پنهنجي اندر ۾ لهندي وئي هيس. ڪلهه ۾ گم ٿي ويئي هيس مان. مون پاڻ سنڀاليو. ڏٺو، چانهن وارو به گلاس ٽيبل تي رکي رهيو هو.

شام جا چار وڳا هئا. چپراسي نيتا آيو. ان جي نس نس ۾ خوشي هئي. چپن تي مشڪ هئي. منهنجي هٿ ۾ هڪ لفافو ڏيئي پيوڻ بڪ ۾ هن منهنجي صحيح ورتي.

چپراسي نيتا جي آرڊر ڪڍائڻ جي هٿ ڪان مان بيحد گهرايل هيس. لفافي مان ڪاڳر ڪڍي منهنجا سڀ عضوا ڏکي ويا هئا. من دکي هو. دل جلي رهي هئي.

جهڙيءَ طرح گرم تئي تي پاڻيءَ جا ڦڙا سوسات ڪندا آهن. ڪاغذ تي لکيل لفظ منهنجي ٽهڪندڙ نظرن جي وس ۾ ڪونه اچي رهيا هئا. چار

جهڙي سندس هيڊائين ڇهري ۾ به اکيون چمڪي رهيون هيون. هڪ هٿ ۾ ميري گندي ڳوٿري ۽ ٻئي هٿ ۾ لٺ کڻي هو چوپائي جانور وانگر جهڪندو ڪلهري ڏانهن وڌيءَ آيو هو.

پراڻي تحصيل. پراڻي ڪورٽ. ڪاٺ جا پراڻا در- تاڪ ۽ چوڪٺ. ٻيو چائنٽ سان ٺاهڙيو. هو ڪرندي ڪرندي پاڻ سنڀالي بيٺو ته سندس ڳوٿريءَ مان چانديءَ جي کڙڪڻ جهڙو آواز آيو. ڳوٿري پنهنجي ڇاتيءَ سان چنبڙائي هو تحصيلدار طرف وڌي ويو هو.

ان ڪي سچائي مان حيرت ۾ پئجي ويس. هيءَ ته ساڳيو مدعي هو، جيڪو ان ڏينهن به پيشيءَ تي آيو هو، جنهن ڏينهن منيندر ڪورٽ هلائي رهيو هو ۽ مان آفيس ۾ ويٺي هيس. رڳو ڇئن مهينن ۾ ئي هو پنهنجي عمر کان ڏهه سال ٻيو لڳي رهيو هو. ٻڍي جي حالت ان ڏينهن مونکي ڏاڍو پريشان ڪيو هو. ديا ٻڌل جڳياسا مونکي بي چين ڪيو هو. رات جو منيندر کان ٻڍي جي ڪيس جي باري ۾ پڇيم. هو افسوس ظاهر ڪندي چوڻ لڳو- ”دکي آهي ويچارو. پيءُ ڪيس لڙندي لڙندي گذاري ويو. پئسو ته هو ڪونه. زمين جو هيءُ ڪيس وراست ۾ ڏيئي ويو اٿس.“

ڏهه ٻارهان ڪيس هئا. ڏيري ڏيري نبري ويا. ها، باقي منهنجو آواز گهگهو ضرور ٿيو. شام جا پنج وڄڻ وارا هئا. مان اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويس ته ٻڍي جي اها ميري ڳوٿري هيڊ ڪلارڪ جي ٽيبل تي رکي هئي ۽ ڳوناٺي ٻڍي جو شهري ڊڊي وڪيل ان جي سامهون ڪرسيءَ تي ويٺو سگريٽ جو ڪش هڻي رهيو هو.

سڄو هفتو گذري ويو هو، هيءَ آفيس جي نئين دنيا پاتي. جنهن وقت منهنجي اندر عورت منهن ڪڍندي هئي ته مان ڪيس بابوجيءَ جا اهي لفظ ته ’ديوٽيءَ ۾ مرد عورت ڇو ٿي ڳولهين‘ ٻڌائيندي هيس ته اها خود به خود گم ٿي ويندي هئي.

سومر جو ڏينهن هو. پيشيون پوريون ٿي ويون هيون. پيشيون ختم ٿيندي ئي تحصيلدار ڪورٽ مان اٿي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي وهندو هو.

ڏڳهي ڇڪيل منهنجي آواز سان ئي ڏسندڙن جي تاڙين سان اسڪول گونجڻجي ويو هو. پنهنجي رول مان آءُ خود شرمسار ٿي ويئي هيس. جيستائين مان اسڪول ويندي رهيس. ان ڏينهن پنهنجي رول جي ڪري مشهور رهيس. مان پڙهان ضرور ها، پر انگريزي ۽ حسابن جي مار اهڙي پيئي جو ٽن سالن ۾ بہ مئٽرڪ پاس ڪانہ ڪري سگهيس.

ناٽڪ ۾ ڪردار نڀائي جيئڻ ناٽڪ هوندو آهي. جيوت جيئڻ زندگيءَ جي لئہ. ان ڪردار سان مونکي هر روز دوبدو ٿيڻو هو.

هنن مصيبت ڀريل حالتن جي باري ۾ مون اميءَ کي ڪجھ بہ ڪونہ ٻڌايو هو. دل جي مريض آهي امين. جيڪڏهن مري ويئي تہ فائدي بدران نقصان ٿي ويندو. پوءِ تہ منهنجا ڇھ ئي ڇڄي پوندا.

وقت زندگيءَ جي ٻيڙيءَ کي هاڪاريندو آهي. ڪڏهن لوڏا، ڪڏهن لما. ڪڏهن طوفان، ڪڏهن تڏڙي منڙي هير.

ٻئي ڏينهن مان سلوار سوٽ پائي آفيس پهتيس. دربان جو سامان کڻي اسٽور ڪيپر منهنجو ئي انتظار ڪري رهيو هو.

مان جنهن چانئٽ تي بيٺي هيس، چپراسي نيتا ان سامهي چانئٽ تي بيهي شنوائيءَ لاءِ آواز لڳائيندو هو. ان ڏينهن مان آفيس ۾ ويٺي هيس، منيندر ڪورٽ هلائي رهيو هو. ان چپراسي نيتا جي گڏھ جهڙي هينگ ٻڌي مونکي ڪل اچي ويئي هئي.

اهو سامهيو ئي چپراسي نيتا اهم ۽ جيت جي ويچار سان بہ ٽي پيرا منهنجي سامهون آڪڙيل مڪڙ وانگر لنگهي ويو هو تہ ڏس جلوو.

تحصيلدار صاحب ڪورٽ ۾ اچي ويهي رهيو هو. منهنجي چيلھ تي چپراسيءَ وارو پٽو ڪسيل هو. هٿ ۾ پيشيءَ تي آيل ماڻهن جي لسٽ هئي.

مون زور سان هوڪو ڏنو- ”طوطارام ولد موٽارام حاضر ٿ.... ئـ..ي...ي....“

ٻيڙ ويٺي هئي. هڪ ٻڍو زمين تي هٿ رکي اٿيو. سٽ ڪن جو ٿيندو. چيلھ ڇبي هيس. هڏا هڏا سرير هوس. سڪل ڏنڊ ۾ ٿيل ڪڏن

مُڪتي

سج لهي رهيو هو. بادلن ۾ اُس جي وچ ۾ ”مان“ جي سينا زوري هلي رهي هئي. ڪڏهن اُس مٿي ٿي ٿي ته ڪڏهن ڪڪر. ڪڏهن ڪڪر هيٺ ٿي ٿيا ته ڪڏهن اُس.

مهنت جي سپهه سالار پيپلوُ مانجهيءَ ڳوٺ جي خوشحاليءَ خاطر چئن ڏاندن جو رٿ اجلپور ڳوٺ ڏانهن هڪلي ڇڏيو هو. رٿ جي ڦيٿن جي ليڪ ڳوٺ جي ڪوٽ جي پٽ سان لڳو لڳ هلي رهي هئي. ڳوٺ ۾ جتي جتي رٿ جي ليڪ ليڪجندي ويندي آهي. اُتي اُتي بيماري سيماري، آفت، مصيبت، ٽوٽو ڦيٽو دور رهندو آهي. هار ٻچا گلن وانگر ٽڙندا رهندا آهن.

چيٽ هو. پورو ٿيندڙ چيٽ. نومي هئي. رام نومي. ڳوٺ جي پيڙ. شورغل. هلچل. ڏوُم ڏڙاڪو. مورتي، مهاراج ۽ مهنت جي جئه جئڪار.

نانڪرام، ان جو پهلوان پٽ چاند سنگهه عرف چندوُ ۽ ان جا چار شاگرد مندر جي گيٽ جي ٻاهران تلوارن جا ڪرتب ڏيکاريندي، بدن کي وٽي سٽي رهيا هئا. ڪرتب ڏيکاريندي رٿ جي اڳيان هلندا اُهي.

ڳوٺ هڪ فرلانگ پري هو. گهر ۾ ڳڙ کي، ڳوٺ ۾ مندر، اِهي ٻئي اپسوڻ ليکبا آهن. گونجندڙ جئڪارا، ٽڪرجندڙ تلوارون، پيپلوءَ جون هلڪون. رٿ ياترا، ڳوٺ جي اُتر واري ٻچڙيءَ ڪان داخل ٿي هئي. چندوُ ۽ ان جي شاگردن جا ڪرتب ڏسي دل ڏڪي ٿي ويئي. تلوارن ۾ وچ ڪان وڏيڪ تجلو هو.

چندو وير ابهمنيوءَ وانگر تلوار بازن جي وچ ۾ گهيرجي ٿي ويو. مٿس تلوارن جا حملا ٿي ٿيا. هوُ حملن ڪان پاڻ بچائيندو، چيتي جي تيزيءَ سان ٻچي ٿي نڪتو. بنا ڪنهن چوٽ، بنا ڪنهن رهندجي. آهه! واهه!!

ٻپهيي کي مينهن جو ايڏو اِنتظار ڪونه هوندو آهي، جيترو ڳوٺ کي رٿ نڪرڻ جو ٿيندو آهي. ماٺو ڪتارون ٺاهي گهٽيءَ جي ٻنهي پاسي ۽ پٽ سان لڳي، هٿ جوڙي بيهي رهندا آهن.

اڄ هو ڪورٽ ۾ ئي ويٺو هو. هن جي نرڙ تي هر هر پگهر اچي رهيو هو. هوُ رومال سان پگهر اُگهي رهيو هو. منهن تي هٿ ڦيري رهيو هو.

مٽي للڪيل انگورن جي ڇڳي تي لومڙي لالچائي ان ڏانهن رڪي رڪي نهاريندي آهي. هو يڪ ٽڪ مون ڏانهن ئي نهاري رهيو هو.

هن اِڪيون گول ڪري مونکي چيو- ”ميتا، طبيعت ٺيڪ ڪانهي. پاڻي پيار.“

مان پاڻي کڻي آيس. پاڻيءَ جو گلاس مان هن کي ڏيئي رهي هيس جو هن جو بد حواس هٿ منهنجي ڪرائيءَ کي پڪڙي بيٺو. اڙي امان، هڱڙو سخت هٿ. ڄڻ هٿ نہ هو پر پلاس (پڪڙ) هو.

ميريون اکيون ڇنڀينديون هن چيو- ”ميتا، تنهنجي ڪري مونکي ننڊ نہ اچڻ جي بيماري ٿي پئي آهي.“

ڪاچ جو گلاس هيٺ ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو. پاڻي ٽيبل تي هارجي ويو هو. مون وڏوا جي ڪرائيءَ ۾ بہ سونيون چوڙيون پاتل هيون. جن جا نشان ڪرائيءَ تي اڀري آيا هئا. نياءَ جي ڪرسيءَ تي ويهي هن مون سان انياءُ ڪيو هو.

”ڇڏ.“ مون زور سان جهٽڪو ڏيئي پنهنجو هٿ ڇڏايو هو. مان روئڻ لڳي هيس. هر عضوي مان باهہ نڪرڻ لڳي هئي.

باهہ وانگر ان حادثي جي خبر سڄي آفيس ۾ ڦهلجي ويئي. سناٽو ڇانئجي ويو. هڪ هڪ ملازم کي ماٺ لڳي ويئي هئي.

زار زار روئندي مان بابو حڪمچند وٽ وڃي بيهي رهيس. اڪيلو بابوجي ئي هو، جيڪو منهنجي پيرن هيٺان زمين وانگر هو، آفيس ۾. هن جي ٽهڪندڙ اکين ۾ بہ اهو ئي هو، جيڪو منهنجي اکين ۾ هو.

مان ان کي گڏ وٺي ٿاڻي ڏانهن وڃي ويئي هيس. ايف. آءِ. آر. درج ڪرائڻ لاءِ.

□□□

لڳائي ڇڏيا. سانَ اُن کي ٿي ٽوٽا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. هن سوُن سوُن ٿي ڪئي. ڪُرن سان مٽي ٿي ڪوٽي ۽ سڱن سان گند ڪچرو ٿي اُڇليو.

مادا جانوَر نر جانور ڏانهن ڇڪبو آهي. ڳانءِ جو رنڀڻ، سانَ جو هوش وڃائڻ، واسنا جي وَس، ونس وڌائڻ جي لالچ ۾ هنهي سِرَن کان ٻرندي آهي.

ٻئنڊ باجا، تلوارن جا ڪرتب، جئڪارو ڇوندڙ ماڻهن جي هجوُم کي ڏسي، سانَ کي رستو ڇڏي وڃڻ کپندو هو. پر اُبتو ٿيو. رَٿ کي پاڻ ڏانهن وڌندو ڏسي، سانُ مورچي تي مقرر سپاهيءَ وانگر خبردار ٿي ويو هو.

ٻئنڊ باجي وارا پٺتي هٽي ويا هئا. نچندڙ ڪڏندڙ، ٽپا ڏيندڙ ڇورا ڇگورا ڇڙ وڇڙ ٿي ويا هئا. تلوارون بيهجي ويون هيون. ڪرتب ڏيکاريندڙ پٺ سان لڳي پٺتي هٽي بيٺا هئا. جئڪارا لڳائڻ وارا هڪدم چپ ڪري بيهي رهيا هئا. ڏوُم ڏڙاڪو بند ٿي ويو هو.

ڏاندن جا سڱ رڱيل هئا. بدن تي ميهندي رَتل هئي. مور پنک جون ڪوڏيون پوتل لڙهوُن ڳچيءَ ۾ ٻڌل هئا. هر ڏاند جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڙيون ٻڌل هيون. جيڪي وڄيون پئي. مهمانن جهڙي خاطرداري. من موهيندڙ هار سينگار. ريڊل ڏاند هر هر ڪنڌ لوڏي گهنڊڙيون وڄائي رهيا هئا. اڄ ڪانئن ٻني ٻارو وسري ويو هو.

سانَ کي سامهون ڏسي، ڏاند هڪي بيهي ويا هئا ۽ پير هڻڻ لڳا هئا. سوا سير سان مقابلو هجي ته هار سينگار، آڪڙ، ريجهڻ جان کان نندا ٿي ويندا آهن.

تکي اُس ۾ ڪِلي ۽ خطرو ڏسي ماڻهن جي ڀيڙ ڪونه بيهندي آهي ڊنل هراسيل ماڻهو ڇتين، ٿلهن، ڏاڪڻن تي چڙهي تماشو ڏسڻ لڳا هئا.

ڀاڄ-ڀڄوان، وشواس شرڌا، سک چَين اِهي سڀ ڇَڇِلايون ٿينديون آهن.

ڀيپلوُ هن مؤج مزي جو مانجهي هو. بازيگر جي ڪبوتر وانگر هو ڪڏهوڪو رٿ تان غائب ٿي ويو هو.

رستو بيٺل هو. رٿ بيٺو هو. سڄ لهڻ وارو هو. مهنت اُداس نراس ٿيو بيٺو هو. خفا ٿيل ٻه ٽي هاري هٿن ۾ لٺيون ۽ ڏنڊا کڻي سانَ طرف وڌيا. رٿ تي ويٺل مهنت جو ساهه وري هلڻ لڳو هو. هن کنگهڪار ڪئي،

عورتون پنهنجن ٻارن کي هنجن ۾ کڻي يا ڪلهي تي وهاري رت جو اِنتظار ڪندي پاڻ ۾ جهيڙا جهڳڙا ڪري رهيون هيون. رت ۾ ويٺل مهنت هٽ ۾ مور پنک رکندو هو، جن سان ٻارن کي جهاڙ وجهندو هلندو هو. ماڻهن کي وشواس آهي ته مندر جي جهاڙ وجهائڻ سان ٻارن کي ڪا جهڙپ پنهنجي پرائي، ماتا، مدي جو بخار ڪونه ٿيندو.

پيپلوُ به پيپلوُ ئي هو. هوُ مڙدن ۾ گهٽ، زالن ۾ وڌيڪ وهندو هو. هن جون اکيون لڏنديون، پلڪون جهپ جهپ ڪنديون هيون. پيپلوءَ جي جن گهرن ۾ وڌيڪ اٽ ويهه هوندي هئي. هوُ اُنهن گهرن جي سامهون ڏاندن جي نوڙي چڪي رت بيهاري چڊيندو هو. ٻارن کي جهاڙ وجهائيندڙ زالون پيپلوءَ ڏانهن نهاري ڏيمي مشڪنديون هيون.

چئن ڏاندن وارو ڏهه فوٽ ڊگهو رت ڳوٺ جي وڏن گهرن ڏانهن مڙيو. وڪڙ وارو موڙ هو. گهٽي سنهي هئي. وچ گهٽيءَ ۾ هڪ سانُ بيٺو هو. جبل وانگر. ٽن چئن هزارن گهرن جي بستي. اڪيلو سانُ. جنهن گهر جي سامهون وڃي بيهي. داڻو پاڻي مليس. جنهن ٻنيءَ ۾ وڃي، پيٽ ڀري اچي. هڪ نمبر جو بگڙيل ۽ ضدي. هوُ پٽ کان رکيل ڪچري کي سنگهي رهيو هو. هن جي نوڪدار سڱن ۾ ڪپڙن جون ليڙون اٽڪيل هيون. ڳچي، ٿوُهو، مُرا، کُرَ، چڏي هن جو سڄو بدن ڇهچ ڪارو هو. سڀاءَ کان ئي هوُ اهڙو ته خطرناڪ ٿوٽا هڻندڙ هو جوماڻهو سندس پاڇو ڏسي رستي تان هٽي ويندا هئا. ٿوٽا بنا ڪنهن ڳالهه جي هڻندو هو. هوُ ڪيترن کي ئي چوٽون رسائي چڪو هو پر هن تي حملو ڪرڻ جي ڪنهن ۾ به همت ڪانه هئي. ڳئونءَ جائو هو نه، اڏرمي ڪير لئي، ڳوٺ ۾.

سانُ اڄ مست مدهوش هو. هوُ گذريل ٽن ڏينهن کان هاريءَ جي هڪ ڳ انءَ جي پٺيان لڳل هو. هوُ سڄو ڏينهن ڳانءِ جي پٺيان هوندو هو. نه پاڻ چارو کائيندو هو نه ڳانءِ کي کائڻ ڏيندو هو. نه پاڻي پاڻ پيئندو هو نه ڳانءِ کي پيئڻ ڏيندو هو. هاري ويچهو ٿي ويو ته سڳ ڏيکاري سامهون تي پيس. سٺا ڳانءِ. ڪير ڀريا ٿڻ. هن ڏينهن کان هاري ڪار کائي ويٺو هو. بنا ڏهڻ جي ٿڻ سڪي ويندا.

ڪلهه رات هن سانَ کي الڳ چارو ڏئي ڪيس دلبو ڏنو. هن ڳانءِ کي وٿاڻ ۾ آڻي دروازو بند ڪري چڏيو ۽ ڪليل وَڻ جا ٻه وڏا ٽنڊ اندران

اُهو سونو ملڪ گذريل سال غائب ٿي ويو هو. ملڪ چوري ٿيڻ جو مهنت جي منهن تي تر جيترو به ڏک ڪونه هو. ڀڳوان جنمن کان ناباالغ آهي. اسان پنڊا پوڄاري مهنت مهاتما ان جي اوٽ ورتل ساڻ آهيون. پنهنجي ڪمائي ڪم آئي ان ۾ ڪهڙي آهي برائي.

پهلوان قسم جا به ٽي ڳڀرو جوان، لٺيون ڪڍي چور کي ڳولهيندا رهيا. سڄو ڳوٺ ڪافي ڏينهن تائين ناراض رهيو. ٿاڻي ۾ رپورٽ ٿي. ٿاڻيندار آيو. ٿاڻيدار آزمودگار هو. وڏا وڏا ڌاڙيل، چور، ڳنڍيڇوڙ سندس ميتا ميڇي ڪلي عام ڏنڊو ڪندا آهن. ڦل حاصل ڪندا آهن. ميتا مطابق مندر ۾ باس ڏئي ويندا آهن. باس ڏيڻ وارا ڀڳوان کان ڏڄندڙ مندر ۾ چوري ڪونه ڪري سگهندا آهن. مندر، پوڄاري ۽ چوريءَ جو، ديهه، سُرت ۽ ساهه جهڙو ساٿ هوندو آهي.

ملڪ ڳولهڻ ٿاڻيدار آيو آهي، اِنڪري جڳياسا وچان سڄو ڳوٺ اچي ڪٺو ٿيو هو. ٿاڻيدار مهنت کي هڪ الڳ ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ ڪڙو اندران ڏيئي ڇڏيائين. هن مهنت جي نڙيءَ تي ڏنڊي جو سِرو رکيو. ڪاوڙيل ٿاڻيدار جون اکيون ڦاٽنديون ٿي ٿي ويون. ڏنڊو نڙيءَ ۾ کُپندو ٿي ويو هو. مهنت جون اکيون ٻاهر نڪرنديون ٿي ٿي ويون. نه لفظ ٿاڻيدار ٿي ڪڇيو نه لفظ مهنت جي منهن مان ٿي نڪتو. مهنت بي حال ٿي رهيو هو.

مهنت هٿ ڪٺي جوڙيا. هن زبهه ٿيندڙ ٻڪري جيان مين مين ڪئي. ٿاڻيدار ڏنڊو ڪٺي هٽايو. ڳوٺ وارن جيڪا رپورٽ لکائي هئي، مهنت اُهائي ڳهي ويو هو. پنهنجي ”خاص“ نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ ڳهه نهرائي ڇڏيا هئا هُن.

رپورٽ، جاچ ٿاڻيدار به ڏينهن به راتيون مندر ۾ رهيو. ”خاص“ ۽ ان جي نياڻيءَ کي مندر ۾ گهرايو ويو هو.

ڪيس جي جنهن ڏينهن ايف. آءِ. آر. ڪٽائي ويئي. ان ڏينهن ٿي ڳوٺ ۾ خبر پهچي ويئي هئي.

ساڻ ۽ رت آمهون سامهون هئا. ساڻ جي اکين ۾ باهه هئي. ڏاند دهشت ۾ هئا. هوُ ڏرتيءَ کي پير هڻندا، مٽو ڌوڻيندا، ڏند ڪرٽيندا چڻ ساڻ کي چئي رهيا هجن- ”اسان به ڳئونءَ جاوا آهيون. ناڪيلي نه پوي ها ته آسان به ساڻ هجون ها.“

”شاباس منهنجا جوانو.“

پيرُ چوڻ لڳي- ”پڄايو، پڄايو، واهه ! واهه!“

پاڪنديءَ سانُ ڪنڌ ڏوڻڻ لڳو هو. هو پل مري وڃي، ٻڄندو ڪونه. هارين ڏرتيءَ تي لڻيون لوڪيون، هنيون. سانُ پير سنڀالي سامهون ٿي بيٺو. جيڪڏهن هاري ٿورو سخت ٿين ها ته دهشتگرد سانُ ٻُڄُ پائي ڀڄي وڃي ها.

لوهه، لوهه سان ڪٽبو آهي. ڏرم، ڏرم سان وڏندو آهي. سانُ مرڻ مارڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو آهي. رام نوميءَ جو ڏينهن آهي. وڃي پاپ جو پاڳي ٿي نرڪ پوڳي.

هارين جي وچ ۾ صلاح ٿي. هوُ لٺيون ڏنڊا ڪڍي موٽي آيا- ”مرڻ ڏيو مهنت کي.“

جنهن ڏينهن کان مورتيءَ جو سونو مڪٽ چوري ٿيو آهي، مهنت ۾ ڳوٺ جو وشواس ڏُرڪي چڪو آهي.

سونو- مڪٽ !

مهنت ٻالپڻ ۾ گديءَ تي ويٺو هو. جئن جئن جوان ٿيندو ويو. سندس ڪرتوت اُپامندڙ ناليءَ وانگر وڌندا ويا. ماٺهو مندر کان پرتي ٿيندا ويا. ڳوٺ جون جوان ننڍيون نيٽيون ڏڻ وار، ميلي ٻيلي تي مندر ۾ ويندئون هيون. ڪجهه آوازَ به اُٿيا. مندر جي بدناميءَ جي هوا هلي. ڀڳوان (مهاراج) جي وَجود تي آگريون ڪڄيون.

نه وشواس، نه اڇڻ وارا، نه آمدني. آمدني نه ته عيش نه. مهنت کي چنتا ستائڻ لڳي. هڪڙي چلم چڪڻ واري چيليءَ هن جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني.

مندر مان نڪتل هڪ ڪرامتي پرچي جي ڳالهه ٻڌي هڪ جوڙو مندر جي شرن ۾ آيو. سندن شاديءَ کي ٻارهن تيرهن سال ٿي ويا هئا. ٻار ڪونه هونه، زال سهڻي چست بدن هئي. مڙس ڏهررو سنهڙو ڪارو ڪانءَ ڏيڍيءَ عمر جو هو. مهنت ٻنهي کي پندرهن ڏينهن مندر ۾ ”شيوا“ جي لاءِ رهايو.

اُهو ماٺهو زال ۽ ٻار سان ڏهن مهنن کان پوءِ مندر ۾ آيو. هوُ مندر جي مکيه دروازي کان مهنت جي چرنن تائين پيٽ جي سهاري گسڪندو پهتو. هن مهنت جو مانُ شانُ ڪيو ۽ سونو مڪٽ چڙهايو.

بيٺل ”خاص“ مهنت ڏانهن آڱريون ڪري نندڙو اِشارو ڪري چڙهيو هو. مهنت اِشارو سمجهي ويو هو.

چلم جي نڙ جهڙي سنهي گهٽي، جٿان ڏاندن وارو ڏکهو رٿ. گپ الڳ. رٿ نه اڳتي وڌي نه پٺتي هٽي.

ڳانءِ رنڀ ڪئي. سان کي ڏؤرو پيو. هوُ سوُن سوُن ڪري ڪوُن ڪوُن ڪرڻ لڳو هو. ڍنل ڏاند ڏڪڻ لڳا هئا. رٿ به چوُن چوُن ڪري رهيو هو.

مهنت نانڪ ڏانهن وينتيءَ ڀري نظر سان ڏٺو. نانڪ رٿ تي اچي وهي. نانڪ ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري. نانڪ ڪيس پنهنجي پلاند جي ڇانوَ ڏئي. وات ويندڙ ماتائون، دڙَ، اُس، واچوڙي وقت پنهنجن ٻارڙن جي مٿي تي پلاند رکي ڇڏينديون آهن. نانڪ وير هنومان وانگر ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏي. آفت ٽري، ڇاتي ڦاڙي وري ڪڏي ظاهر ڪري.

مهنت نانڪ ڏانهن لاچاريءَ ڀرين اکين سان نهاريو. جيئن سريوُنديءَ جي ٻچڙيءَ وٽ بيٺل لاچار رام ٻيڙيءَ واري مهاڻي ڏانهن نهاريو هو.

مٿي جو ڀگهر ٻانهن سان اُگهندي مهنت نانڪ کي چوڻ لڳو، ”نانڪرام، ڌرم جون مريادائون آهن. مهاراج جي سواريءَ پٺيان نه مڙندي آهي. رٿ کي ڇڏي نٿو سگهان مان. سان کي ٻچاءِ. رستو ٺاهه. ڌرم بچاءِ.

”ها، مهنت جي.“ نانڪ مهنت جا چرن ڇهي مٿي تي رکيا.

جيتري نندي ذات هوندي آهي. نالا به اوترائي نندا. اوڇا، اڌورا ۽ نظرانداز ڪيل هوندا آهن. جنم کان وٺي اڄ تائين نانڪ ڪنهن جي منهن مان پنهنجو نالو ”نانڪرام“ ڪونه ٻڌو هو، ڳوٺ ۾. نندپڻ ۾ هوُ ”نانڪو“ هو. وڏو ٿيندي نانڪيا ٿي ويو. وڌندڙ عمر ڏسي ماڻهو ڪيس نانڪ ڪوٺڻ لڳا. مهنت جي هن عزت ڏيندڙ اکر ”نانڪرام“ سان نانڪ فخر محسوس ڪرڻ لڳو. هوُ پنهنجي جان جي بازي لڳائي به ڌرم کي بچائيندو. مريادا مرڻ کان وڌي ٿيندي آهي. زندگيءَ فاني آهي. ديهه مرندي آهي. آتما جيئندي آهي.

هن چاند سنگهه ڏانهن پيار ڀرين نظرن سان نهاريو. پٽ ۽ شاگرد جي حق سان هن حڪم ڏنو- ”پٽ چندوُ، سانُ ٻاهوڙجي پيو آهي. مهاراج جي سواري بيهي رهي آهي. سان کي ٻچاءِ. ڌرم بچاءِ، زندگي اچڻي وڃڻي آهي.“

تيز واچوڙي ۾ وڻ جون ٽاريون بہ ايڏيون تيز ڪونہ لڏنديون آهن، جيڏي رت تي ويٺل مهنت جي ٿلهي متاري ديهہ ڏڪي رهي هئي. ڏڪندڙ هٿ بي حال هئا. رت جي ساڄي پاسي نانڪرام بالم ٿيو بيٺو هو لٺ سنڀالي. رت جي ڏائي پاسي چندو بيٺو هو تلوار اُڀي ڪري. نانڪ جو ڪٽنب پيڙهين کان مندر جي ڪمائي کائيندو رهيو آهي. مندر جو اَن جل احسانمند نانڪ جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو. آفت جي گهڙي، ڪوڙي سچي جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. نانڪ اصلي آهي. مرندي مري ويندو پر نمڪ حرام ڪونہ ٿيندو.

ساڻ ساهہ ڇڪي ڊگهو ساهہ ڇڏيو ڇڻ هو ڪنهن فيصلي تي پهچندو. ڊنل مهنت ٻڏتر جي سرائيءَ تي ڦرڻ لڳو هو. هوُ رت ڇڏي پڇي وڃي ها جي حادثو ان جي ”خاص“ جي گهر جي سامهون نہ ٿيو هجي ها. سهڻي سيبتي چالهين سالن جي ”هوءَ“ پنهنجي نشيدار بدن تي سلڪ جي ساڙهي پائي ماڙيءَ تي بيٺي هئي. هوءَ مهنت ڏانهن يڪ ٽڪ نهاري رهي هئي. مهنت جون چور نگاهون بہ اوڏانهن هر هر ٿي ويون. ڳوٺ جون نظرون بہ وَر وَر اوڏانهن ٿي ويون.

”نظرا“

ويهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي. لهندڙ سج. مندر جو راڏائو سوجوُلال پنهنجي ننڍي نيٽي زال کي مندر جو درشن ڪرائڻ لاءِ مندر ۾ وني آيو هو. مهنت سوجوءَ کي بالٽي ملي پاڻي آڻڻ لاءِ کوهہ تي موڪلي ڇڏيو. جوانڙي گهونگهٽ ۾ هئي. مهنت جي نظر گهونگهٽ جي پار ايڪسري ڪرڻي وانگر وڃي رهي هئي. جوانڙيءَ کي مهنت جي نظر ستائيندي رهي.

مهنت ا ۾ هيءَ رنگت!

مهنت اندر ويو. هوُ سيسا جو ڪٽورو ڀري آيو هو. سيسا ۾ پتاشا گهٽ، پئسا وڌيڪ هئا. سيسا جوانڙيءَ جي جهوليءَ ۾ وجهندي هن چيو- ”مندر ۾ ايندي ڪر.“

سنجوُلال سان گهر موٽندي ننڍي نيٽي گهونگهٽ سرڪائي جوان مهنت ڏانهن تيڏي نظر سان نهاري ويئي هئي.

”خاص“ جي ڪچي جهوپڙي، اڄ ٻمنزلي حويلي آهي. ماڙيءَ تي

ڏهه ٻارهن ٻڪريون هيون. ٻه ڳانيون هيون. اڪيلو هو. ٻه ڪم ڪندو هو. ڪسرت ڪرڻ ۽ بدن ٺاهڻ. هوُ محنت جو عادي هو. چوندو هو، ”خالي وهڻ زندگيءَ کي دوکي ڏيڻ مثل آهي.“

سانُ ۽ چندوُ ڳوٺاڻا هئا. سانُ پنهنجي جڳهه تي سانُ هو. چندوُ پنهنجي جڳهه تي پهلوان هو. گهٽيءَ مان لنگهندي ٻئي هڪ ٻئي جي عزت ڪندا هئا. اڄ ٻنهي ۾ دشمني هئي. ڪير کٽندو ۽ ڪير هارائيندو ڪهڙي خبر؟

سانَ ۾ مستي ۽ ڪروڌ ڀريل هو. ڏند ڪرٽڻ لڳو هو. سانَ ٻڪيڙو پيدا ڪري پرڪرما روڪي چڏي هئي. ڀڳوان رسي ويندو. ديوتا ۽ تڱي جو سياءُ هڪ جهڙو ٿيندو آهي. ٻاهه ملي، گرم ٿيا.

ٽيڏو بيٺل سانُ هڪ اک سان ڏسي رهيو هو. اُن جي ويجهو وڃي چندوءَ زمين تي لٺ ٺوڪي، جيئن سانُ ٺهي پڇي وڃي. رستو کلي وڃي. سانَ تي ڪو اثر ڪونه پيو. ڪاوڙيل چاند سنگهه لٺ مضبوطيءَ سان جهلي سانَ تي سڌو حملو ڪيو. سانَ ڪنڌ ڏوٽيو. هن لٺ اڻ زخمي سڱ تي جهلڻ ٿي چاهي پر لٺ زخمي سڱ وڃي لڳي. ڪيترو به بچائجي چوٽ مٿان ئي چوٽ لڳندي آهي. لٺ پڇي ٻه ٽڪرا ٿي ويئي هئي. سڱ ٽٽي هيٺ ڪري پيو هو.

ڏنش ٽٽل ڏسي پرسرام به ايترو تپي ٻاهه ڪونه ٿيو هوندو، جيترو سڱ ٽٽل ڏسي سانَ خوفناڪ روپ ڌاريو هو. هوُ ڦوڪون هڻڻ لڳو. کُرن سان زمين کوٽڻ لڳو. تمام خوفناڪ منظر هو اُهو.

بي هٿيار چندوءَ چيتي جهڙي ڦڙتي ڏيکاري. سامهون بيٺل سانَ جي ڳچي جهلو هٿي پڪڙيائين. اِهو سندس داءُ هو. همت ڪري هن سانَ جو سڱ ٺوڙڻ چاهيو. سانَ چندوءَ کي ڪنڌ ڏوٽي سڱ تي کنيو. آڪاس ڏيکاريو ۽ زمين تي اُڇلي ڇڏيو.... ڌڙام. سانَ کيس ٿوٿو هٿي ان ڪان اڳ ئي ٺانڪرام تلوار سوڌو سانَ ڏانهن ڊوڙيو. پنيان پنيان چار شاگرد هئا. مٿن سان مقابلو ڪرڻ جي سانَ ۾ همت ڪانه هئي. هوُ پٺ ڀائي ڀڳو هو.

چندوءَ جي منهن مان خون اچي وهيو هو. آڪڙ ڇڏي هوُ تڙڦڻ لڳو هو. چندوُ پٽ گهر جو ديپڪ هو، تڏهن به ڪرم ڌرم ۾ ٻڏل نانڪ رٽ

”بابا“ سانَ جو ضد. چندوُ غصي ۾ بيٺو هو. هن تلوار گهمائي. نانڪرام اُن کي ٽوڪيو، ”پٽ چندوُ، سانَ ڳئونءَ جائو آهي. ديوتا سروپ آهي. تلوار لڳي ويندس ته رت ليلا ڪري وهندس. پاپ لڳندو.“

”ته؟“

نانڪرام چاند سنگهه جي هٿ مان تلوار وٺي ڪيس لٺ ڏيئي ڇڏي هئي.

چندوُ ڪلهي تي لٺ رکي سانَ ڏانهن وڌندو ويو، بنا ڊپ جي. ماڻهو، ڇورا ڇوريون، ڇتيون، ڇڇيريون، ماڙيون ساهه روڪي بيٺا هئا. هوُ اکيون ڦاڙي سانَ ڏانهن وڌندڙ چاند سنگهه ڏانهن نهاري رهيا هئا. ان سانَ ڏانهن وڌندي جنهن ڪان هارائي ٽي چار هاري موٽي آيا هئا. ماڻهن چندوءَ کي پهلوان جي روپ ۾ ڏٺو هو. اڄ ان جو مقابلو سانَ جهڙي سورمي سان هو. انومان لڳي رهيا هئا. چندوءَ جي لٺ لڳندي ئي يا ته سانُ ويهي رهندو يا سانُ پڇي ويندو. رستو کلي ويندو. سواري اڳتي وڌي ويندي. چنتا هئي ته سانُ چڙيل هو. ڪٿي چندوءَ جي سرير کي نه چٽي وجهي.

هڪ ڏينهن سانُ شڪل وڻ جي پاڙ وٽ سِڱ ڪُپائي زوراوري ڪري رهيو هو. ٿڙ ڪونه اُکڙيو. هن جو سڱ ڦاسي لڏي ويو هو. گهايل سانُ اکير چلائيندو آهي. سانُ ٽيڏو بيهي رهيو هو. هن گهايل سڱ کي چندوءَ جي لٺ کان بچائڻ ٿي چاهيو.

وقت طرف مقرر ڪندو آهي. ڳائڻن مهنت ۽ مورتيءَ جا جئڪارا لڳائڻ ڇڏي ڏنا هئا. ”شاباس چندوُ، شاباش چندوُ.“ اُتساهه وڌائيندڙ آواز گونجڻ لڳا هئا. آوارا گردن آڱريون گول ڪري چپن هيٺان دٻائي سيٽيون وڄائڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون.

مانسڪ نامرديءَ جو شڪار ٿيل مهنت چيو، ”شاباس وير.“

اُتساهه ۾ پريل نانڪ چيو- ”منهنجا شير.“

ڳوٺ چوڻ لڳو، ”اڳتي وڌ چندوُ.“

ٻاويهن سالن جي چاند سنگهه جي گول سرخ چهري تي ننڍيون ننڍيون مڇون هيون. سانوري رنگ جو پلوان سرير. وال جيڏي ڇاتي. ڪن مُڙيل. هنکي گروءَ جو ڏنل ڏاڳو پاتل هو. ڪيس سوڳر ۽ شراب جي جهل هئي. گهر ۾

هٿ وڌايو. ٽانڊو بہ ايترو ڳاڙهو ڪونہ هوندو آهي. مهنت جون اکيون ٻرڻ لڳيون هيون. نفرت جو جن سُرسا جي بدن ڪان وڌو ٿي ويو هو. من جي ميراڻ ڪان هن جا وار ڪانڊاراجي ويا هئا. هن زور سان نانڪ کي ڇڙٻ ڏني، ”اڙي نانڪيا، پنگي آهين تون. ٻهاري وارا هٿ مورتيءَ کي ڪونہ ڇهندا آهن.“

”تنهنجي تہ.....!“

نانڪرام جو مٿو ڇڻ اُپ سان وڃي ٽڪرايو. پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. هن جو زور سان مٿو ڦرڻ لڳو. هوُ ڪرندي ڪرندي بچيو. ڪال روپي سانُ منهنجي پُٽ چاند کي سگُن تي رکي ويٺو هو. هن مٿو ڏوٽي زور سان زمين تي اُڇليو هو. سانَ سندس ڇاتيءَ تي کُر رکڻ لاءِ کُرَ مٿي کنيا هئا. اُن وقت مهنت ڇپ هو ۽ هينئر....“

الونجاهہ جي پکل عمر ۾ بہ نانڪ جو بدن جانئو، ڪائي سٺي ٻولائتي هئي. سندس مٺيون تلوار تي ڪسجنديون ويون. تلوار آسمان طرف سڌي ٿي ويئي هئي. رت پئندي. نانڪ جون ٻرندڙ اکيون مهنت ڏانهن گهوري نهاري رهيون هيون.

مهنت جا ڇهہ ئي ڇڇي پيا هئا. ايڏو خوفناڪ روپ تہ سانَ جو بہ ڪونہ هو، جيڏو نانڪ جو هو. تلوار هلي. واويلو مٿو. ٻچندڙ مهنت مورتيءَ سان ٽڪرائجي مورتي ڏرتيءَ تي ڪيرائي وڌي هئي. رت سان ٽڪرائجي، پنهنجي لونٽ ٽوڙائي وڌي هئي.

ٻچندڙ مهنت مٿان نانڪرام تلوار هلائي- ”تنهنجي تہ....“

مهنت ۽ موت !

موت ۽ مهنت !

مهنت ۽ موت !

❑❑❑

چڙهڻ لاءِ تيار ڪونه هو. فلمي نظاري وانگر شاگردن چندوءَ جو سرير ٻانهن ۾ کنيو ۽ تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳا هئا.

ڪارل مارڪس ڊرم کي آفيم جي گوري چيو آهي. ڪستوريءَ جي نشي ۾ ڪارو هرڻ دنيا کان دوُر ٿي ويندو آهي. سنسار کان ويراڳي نانڪ پوريءَ طرح ڊرم جي گرفت ۾ آيل هو. پنهنجي زخمي پٽ کي وساري هوُ وري رٿ وٽ اچي بيٺو هو. ڊرم جي نالي تي گرو گوبند سنگهه پنهنجن ٻن پٽن جو ٻليدان ڏنو هو. راجا مورڌوج پنهنجي لاڏلي کي ڪارائيءَ سان چيري ڀڳوان کي پرچي ڏنو هو. هن جو چندوُ سچي ڳوٺ جو سوروير نڪتو. هن پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪري ڊرم جي رکيا ڪئي آهي. جيڪڏهن هن جو لاڏلو مري ويو ته هوُ شهيد پٽ چوارائيندو. مندر ۾ هن جي مورتي رکائي ڇڏيندس. بچي ويو ته ڳوٺ ۾ ڏاڪو ڄمندو پنهنجو. پنهنجي ڏن ۾ گُم هو نانڪ. هو زور زور سان جئه جئڪار ڪرڻ لڳو هو. مهنت خوش هو. ڳوٺ خوش هو.

جئڪارا گونجي رهيا هئا. آواز وڌيڪ تيز، تکا ۽ شرڌا ڀريل هئا. پيپلوءَ زالن جي وچ ۾، ٻڙي جي ڇُڙهڻ ۾ جوُن وانگر لڪي ويٺو هو ڪٿي. هوُ اَڪ چنبي ۾ رٿ تي اچي ويٺو هو. مهنت جو ٽلندڙ ساهه جڙڻ لڳو هو. ڊرم ۾ ٻڏل نانڪ آپو ڪوهي جئه جئه ڪري رهيو هو.

پيپلوءَ ڏاندن کي وڏائي ڇڏيو هو.

ٻڏندڙ سج جي لالاڻ جو تيج جهيڻو ٿيندو پئي ويو. ڳوٺ جي ڏاڪڻي چيڙي تي وَسيل نانڪ جي ٻاڙي کي ڇڏي، رٿ سچي ڳوٺ جو چڪر لڳائي مندر جي مکيه دروازي تي پهتو. هڪڙي ننڍڙي ڪڪري آڪاس ۾ آئي. ڏسندي ڏسندي بارش جون ڪجهه ڪڻيون وَسڻ لڳيون.

مندر جو مکيه دروازو نانڪ لاءِ لڇمڻ ريکا هئي. هوُ اُتي ئي هڪ ٿلهي تي ويهي چلم ڇڪيندو هو. اڄ هوُ پنهنجي پٽ جي سوُرهيائيءَ جي غرور ۾ اڳتي وڌندو ويو هو. مندر جي اڱڻ ۾ شرڌالن جو جٿ ميلو لڳل هو. اندريون ڪمرو جتي مورتي رکيل هوندي هئي، جي سامهون رٿ بيٺل هو. مهنت رٿ تان هيٺ لٿو. ٻي چار ڳڀروُ جوان رٿ تان مورتي لاهڻ لڳا. اُتساهه جو چاڙهه، ويچارن جو وهڪرو. نانڪ رٿ تان لهندڙ مورتيءَ طرف

سرير مٺي ٿيو. تنهنجي پٽ کي فون ٿا ڪريون، ان سان گڏ هليو وڃجانءِ.''

ٻڍي ٻئي ٺونٺيون ملائي هٿ جوڙيا. ڄڻ معافي گهرندو هجي. ''نہ.'' ڇٺي ڏئي ها پر ٻڍي ۽ ٻار جي چمڙي نازڪ ٿيندي آهي. هوا، پاڻيءَ جو اثر جلدي ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ساز ڪڏهن ناساز. ڪايا ڀوڳيندي آهي.

افواهہ اڏيو. گهر گهر پهتو تہ ٻڍي جي دل ڪٽي ٿي ويئي آهي. هو پلاٽ وڪڻي پٽ وٽ ويندو. ڏسجي ڪير ٿو پلاٽ وٺي.

هوا ۾ رنگت آئي. ٻڍي وٽ اچڻ وارن جي قطار لڳڻ لڳي. مرڻ جي ڪنڌيءَ تي بيٺل جيو کي ڪيليون گهيرڻ لڳنديون آهن. جن جو ڪوهن تائين پتو ڪونہ هو اُهي سرير جي ٿٿن وانگر ٻڍي جا ويجها مائٽ بڻجي ويا. حال چال پڇڻ جو تہ بهانو هو. خاص ڳالهہ ٻڍي جي ٽني هئي. ٻڳهلو پلي هيڏي هوڏي ڳچي ڦيرائي تہ بہ ان جي نظر مچيءَ مٿان ئي هوندي آهي.

دوا جو اثر ٿيندو آهي. ٻڍو چاڪ ٿيندو ويو.

ٻڍي وڏن ڪان ٻڌل ڳالهہ تي ويچار ڪيو. ڪٽ تي سمهي چاڪ چڱو ڀلو بہ بيمار ٿي پوندو آهي. هلندي چلندي پير سگهارا ٿيندا آهن. سرير ڪلندو آهي.

هن چادر لاهي ڦٽي ڪئي. ٻٽڪو ٻڌو. جوتو پاتو. ٻڍي جي هٿ ۾ لٺ ڪانہ هوندي هئي. هن لٺ ڳولهي ڪڍي. هاڻي سرير سهڪي ۽ ڏکي ٿو. سرير ۾ سرسراهٽ آهي. مٿو ڦري ٿو. لٺ سهارو بڻبي.

ٻڍي دروازو بند ڪيو ۽ رستي تي نڪري آيو. هڪ وڻني هٿ ٻڍي جي ڪنڌ سان ٽڪرايو. ٻڍي ڇرڪ ڀريو. ٻڍو هبڪي بيهي رهيو. چوهہ ڀريل ٻڍو پٺتي مڙيو. ڏٺائين، چوٿين گهٽيءَ ۾ رهڻ وارو پنجابي هو اُهو.

هن جي عمر پنجونجاهہ کن کان وڌيڪ ڪانہ هوندي. مٿي، ڀرن ۽ هڻن ڀيرن جا وار اڇا ٿي ويا هئس. ٻڍي جا مڇن سان ڍڪيل چپ، ڀٽڪن ان کان اڳ ئي پنجابيءَ چيو- ''ٻڌا بابا پونداس، پنجابي آهيان مان. چوٿين گهٽيءَ ۾ رهندو آهيان. اتي ئي منهنجو دڪان آهي.''

ٻڍي کي ڇپي ڇپي جي خبر هئي. ڪشور ڪيرسنگهہ، اڄ جڳ جي لاءِ ''ٻڍو'' هو. هو ۽ هن جا يار دوست ڪٻٽي، راند ڪندا هئا، ڪڏهن اُتي.

ٻني

ٻڍي لاءِ ٻني هئي. سچ پڇيو ته اها ٻني نه پر اهو ٻه سؤ چورس والن جو پلاٽ هو. ان ۾ ٢٥-٢٥ چورس والن جا اٺ پاڳا ٺاهيا ويا هئا. هر پاڳي ۾ الڳ الڳ فصل ٿيندو هو. چٽا، جوَ، ڪڻڪ، گجرون، پالڪ، ڏاٽا، ميٿي. الين پاڳي ۾ ٻڍي جي جهوپڙي هئي.

پلاٽ جي ٽن پاسن کان بلڊنگون هيون. سامهون ٽيهه فوٽ ويڪرو روڊ هو. هوا پاڻي ٻئي انهيءَ رستي کان ايندا هئا، ٻڍي جي لاءِ. گيٽ جي نالي تي ٻٻر جي ڪنڊن ۽ گاهه جو ٺهيل دروازو هو. ان کي اَڌ چٺو يا لوڙهو چئو.

پلاٽ جا روز گراهڪ ايندا هئا. وڏو ملهه لڳائيندا هئا. ٻڍي سان ضد ڪندا هئا. - ”بابا. اڪيلو جيو آهين. ٻاراٽي ڇڏ. ملهه ٻڌاءِ. ملهه وٺ. چريائي نه ڪر.“

ٻڍو خوددار هو. جذباتي هو. خانداني هو. بيباڪ نموني چوندو هو. ”ابا، ڪو سرير جو ٻه سودو ڪندو آهي ڇا؟“

ٻڍو ٧۴ سالن جي پنهنجي عمر ڳڻيندو ئي ڪونه هو. هو ٻارين کي کوٽي ٺاهيندو، پاڻي ڏيندو ۽ پاڻ پنهنجو ڪاڌو تيار ڪندو هو. رات ٿيندي هئي ته جهوپڙيءَ ۾ وڇايل کٽ تي ليٽي پوندو هو. جيئن جيئن رات گذرندي ويندي هئي، ٻڍو ماضيءَ جي يادگيرين ۾ گم ٿيڻ لڳندو هو. ماضي ۽ حال، ٻن چيزن وانگر هئا اڄ. آڪاس، چنڊ تارن کي ماپيندي ٻڍو پنهنجي جهول کٽ تي ڪرونڊڙو ٿي سمهي پوندو هو. آسمان ۾ پرواز ڪندڙ پکي پنهنجي آکيري ۾ ٻر سميٽي ئي وهندو آهي.

هڪ ڏينهن ٻڍو اٿيو، بدن سيٽيل هوس. ٻڍو ٻخار ۾ مبتلا هو. ريل لائين جي ٻن پر سندس مٽ مائٽ هئا. انهن کي نياپو موڪليو ويو. ٻڍي جي ڪٽنب جا ماڻهو آيا. ٻڍي جي شيوا ٽهل ڪيائون. دوا دارون ٿيو.

ٻڍي کي نصيحت ڏني ويئي، ”بابا، بيماري ٻڍاپي جي ويرڻ ٿيندي آهي. ساهه ڪڏي ڇڏيندي آهي. ساهه ئي سرير جو رت آهي. ساهه بيٺو.

اسڪول ٺهي ويو آهي. سيٺ شاهوڪار، رئيس، شهزادا پنهنجن ٻارن کي ڪارين ۾ وهاري اسڪول پڙهڻ لاءِ موڪليندا آهن پريان پريان.

اسڪول جي ڳالهه سوچيندي ٻڍو ٺپيءَ ۾ پهچي ويو هو. خيالن ۾ ئي هو اندر وڃي ان غار کي ڏسڻ لاءِ آتو ٿي ويو، جتي ٻگهڙ جي منهن تي لٺ هڻي هن رتو ڇاڻ ٿيل ٻکر کي ڇڏايو هو.

جنوني ٻڍو اڳتي وڌيو. گيٽ تي ويٺل چپراسڻ ڏنڊي جي ٺونڪار ڪئي. ”ڏاڏا- ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تنهنجو ڪو ٻار ٿو پڙهي ڇا هن اسڪول ۾؟“

ٻڍي کي اندر ۾ غصو آيو- ”چوانس، ماٺ ڪر مائي، ڪنهن جي ٻني آهي؟ خبر اٿئي؟ تون ويهي چاڪري ڪر.“

ٻڍي جو من ڪڏهن انهن ٻنين ۾، تہ ڪڏهن انهن ۾ اُڀري آيل گاهہ ٻوٽن جي جهنگل ۾ چڪر ڪاٽي رهيو هو. اوچتو پلاسٽڪ جي پائيپ مان پاڻي نڪري ڦوهارو هڻڻ لڳو هو. هوا ۽ پاڻيءَ سان ڀريل پائيپ ڇٽيل نانگ وانگر تڙڦي رهيو هو.

طبيعت ٺيڪ ٿيندي ئي ٻار جو من راند ۽ رانديڪن ۾ لڳي ويندو آهي. ٻڍو پنهنجي ٻنيءَ ۾ وڃي ويٺو هو. ڪڙتي جون ٻانهون مٿي ڪڇيل هئس لونڊين تائين. ڌوتي گوڏن تائين مٿي چڙهيل هئس. پير اگهاڙا هئس. هٿ ۾ ڪوڏي هئس. ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ وقت بوٽ چمپل ڪونہ هلندا آهن.

”بابا، ٻڍا بابا، بابا صاحب، او بابا.“

ٻڍي جا ٻڍا ڪن ڏهرا ٿي ويا هئا. زور سان چيل ڳالهه ٻڌي سگهندو هو. بيماريءَ ڪانپوءِ تہ اهي ويتر جهڪا ٿي ويا هئا.

ٻڍي جي ڪنن ۾ آواز آيو. ڪوڏي زمين ۾ ئي کپي رهجي ويئي جڻ. ٻيو هٿ گوڏي تي رکي اٿيو. چشمي اندر اکيون چنڀيائين. گهوريائين. ٻڍي کي ڪاوڙ آئي. هي وري ڪهڙو بي شعور اچي کٽ تي ويٺو آهي.

هن چشمي جون ٻئي ڏانديون ڪنن تي ٺاهي رکيون. وري نهاريائين. هن کٽ تي ويٺل شخص کي سڃاتو هو. هو وڪيل هو جيڪو ٻڍي جي بيماريءَ وقت آيو هو. ٻڍي جي کٽ تي ويهي ٻڍي جو بخار ڏٺو هئائين.

”ٻڏاءِ چاهي؟“ ٻڍي جي آواز ۾ ٿورو غصو هو.

”پلاٽ جا گهٽا ٿو، گهرين تون؟“

”گهر جي گودڙي.“

”هون- ٻڏاءِ ٻڏاءِ.“

بيماريءَ ۾ ڪروڙ، بارود ۾ تيلي لڳائڻ جهڙو ٿيندو آهي. ٻڍي سنجم ڪان ڪم ورتو، ”چيم نه، ته وکٽو ڪونهي.“ ٻڍي جي ناڪار ۾ ڏڪار به هئي ته ڦلڪار به هئي.

ٻڍي جي دل اڳتي وچي گهمي ڦري مونڻ تي هئي. ڪالونيءَ ۾ ڪٽي جا نئون ٿيو آهي، اهو ڏسڻ جي جگياسا هئس. پر هو مونٽي ڪٽ تي اچي ليٽيو.

مٽ ۾ جهليل ريت ڪٽو ڪٽو ٿي هيٺ ڪرندي آهي. پل پل هٿان نڪرڻ جي پيڙا ٻڍي کي ستائڻ لڳي. ٻڍي کي اٺ ٻنيون هيون. سؤ جريب زمين ته واهه جا ٿيندي. ٽي سال ڏڪار پيو. ويهه جريب وڪڻي چڏيا هئائين، ڪوڏين جي ملهه تي- پاڻ پيٽ پريائين. جانورن جو پيٽ پريائين.

پٽ جي ڪوچنگ. پٽ جو لڳاتار ٻاهر وڃي پڙهڻ. پٽ جو يادگار وهانءُ. زال جو جهيڙو ڪري ٽپي کوهه ۾ ٽپو ڏيئي مرڻ. پوليس بار ٻڌجي پيئي. زال جو ٻارهو. قرضين جو دٻاءُ پيو. زمين وڪڻي پيئي. جڻ زمين پنهنجي پنداريءَ جا پئسا هجن.

من جي پيڙا سمنڊ جي لهرن وانگر ٿي اٿي. ٻڍي پاڻ کي آٿت ڏنو. پوءِ وڏڙن کي دلاسو ڏيندي چيائين- ”سڀ ڪجهه وڪڻي به ڪجهه وڃايو ڪونه آهي مون. جيڪو زمين نڪر اٿم، ان جو ملهه ان سڄي زمين کان وڌيڪ آهي اڄ. ٻڍو ڪڙيل تارن وانگر ڪلندي چوڻ لڳو- ”اسانجي ٻنين تي ته شهر اڏجي رهيو آهي.“

هڪ واقعي ڪيس وياڪل ڪيو.

هڪ ٻني غير آباد پئي هئي. گاهه ٻوٽا اڀري آيا هئا. ٻير، ڪرڙ جا وڻ بيٺا هئا. لومڙن، گدڙن، بگهڙن جون اونايون ٻڌبيون هيون. اڄ اتي وڏو

هو، جنهن ڏينهن ملڪ آزاد ٿيو هو. اتي ٻوڙا ۽ ٻوٽا هئا، ڪنڊيون هيون، ڪرڙ هئا. لنگهه تہ ڪنڊا لٽن کي چنبڙي پوندا هئا.

ٻڍي کي پنهنجن خيالن ۾ چپ چاپ ويٺل ڏسي وڪيل ڪيس يقين ڏياريو- ”بابا سائين، اهو ماڻهو خراب ڪونهي. مان وچ ۾ آهيان، چنتا نہ ڪجو.“

اڌ ٻوڙو ٻڍو، ’هون،‘ ’هان‘ ڪري پنهنجن ٻارين ڏانهن هليو ويو هو. نل بند ٿي ويندو تہ پوءِ ٻنيءَ کي ٻاٽي ڪٿان ملندو.

وڪيل جو اسڪوٽر گيٽ کان ٻاهر رستو روڪي بيٺو هو. هڪ ڳانءِ فائيلن ۾ منهن وجهي رهي هئي. ڊوڙندي وڪيل ٻڍي ڏانهن هٿ لوڏي موڪلايو. جواب ۾ ٻڍي بہ هٿ لوڏيو هو. وڪيل گد گد ٿيو- ”ڇهہ ست مهينا اڳ وياميل مينهن کير ڏيڻ لاءِ دير سان تيار ٿيندي آهي. ٻڍي کي عقل دير سان ايندو آهي.“

ٻڍو بيمار ٿيو. ان ڏينهن کان ڀاڄي وڪڻڻ ڪونہ ويو هو. پالڪ، ميٿي، چڻن جي ڀاڄي وڏي ٿي ويئي هئي ٻارين ۾. اڄ هن ڀاڄيون پٽي سڀ ملائي هڪ هڙ ٻڌي رکي آهي.

ٻڍو سؤ فوٽ ويڪري روڊ جي جنهن موڙ تي ڀاڄي کڻي وهندو هو. اهو برڪت جو هنڌ هو جڻ. هتي ڀاڄيءَ جي هڙ لاهي رکندي ئي هن جي ذهن ۾ ڪڪرن جهڙو ڪجهہ اُڪامندو ايندو هو. ڪنهن وقت ٻن ڪوهن جي ڀاڄي، ڪلي هوندي هئي هتي. ڏاند ڳاڏي منڊيءَ ڪونہ ويندي هئي. شورغل، ڳپا گيهہ، ڊڳا ڪاوڙجندا، چڙڪندا هئا. ان ڪري ٽانگو کڻي ويندا هئا.

هڪ جٽو ٻڍي جي سامهون اچي بيٺو هو. ٻڍي هڙ کولي ڀاڄيءَ کي هٿ هنيو- ”اچو سائين، تازي ڀاڄي آهي منهنجي ٻنيءَ جي- ڇٽين روپئي ڀاءُ ڏيندس.“

ٿلهي متاري بدن تي ڍلو ڍالو ڪڙتو پاجامو پاتل ٣٥ سالن واري ان شخص جي اکين جي تارن ۾ ڪجهہ ٻيو ئي هلي رهيو هو. هن هلڪي کنگهڪار ڪئي- ”ٻڍا بابا، تون تہ پنهنجي پلاٽ جو اگهہ ٿو ٻڌائين.“

”ٻهڙي ٿي ڪانهي ۽....“ ٻڍو ڪاوڙيو، تپيو. ٻڍي ڇپن سان جڀ دٻائي- ڀاڄيءَ جي ڳالهہ ڪر ابا، پلاٽ ٻلاٽ ڪونہ وڪڻندس مان.“

هن پنهنجائيءَ وچان هِن سان رهاڻ ڪئي هئي. هن هِن کان ٻيءَ جو نالو ۽ هنيءَ جي ناپ پڇي هئي.

وڪيل هِن ڏانهن نهاريو. هن جي آلن پيرن جا نشان زمين تي چٻجندا آيا هئا. ڪرسيءَ واري هٿ مان ريت مٽي هيٺ ڪري رهيا هئا. هن هِن کان رام رام ڪري پڇيو- ”بابا، هاڻي طبيعت ڪيئن آهي اوهانجي؟“ هن ڪيس هدايت ڏني- ”بابا، پاڻيءَ ۾ نه وڃو. آرام ڪريو.“

هِن مشڪندي چيو- ”جيئري آرام ڇاجو وڪيل صاحب.“ هِن جي اکين ۾ پنهنجائي لهي آئي هئي.

هِن جو نالو ڪيرسنگهه جوان هو. پنڊ جهڙين ڪارين مڇن جا وٽيل سرا ڏٻن جي سڱن وانگر آسمان طرف وڌيل هوندا هئا. اڇ چڙهيل عمر واري سانَ جي مٽي تي گنڊل سڱن وانگر سندس اڇيون مڇون ڪاڏيءَ تي پيون هيون. هِن جو آلي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ سان ڀريل هٿ مڇن تي اچي ويڻل مڪ ڪي اڏائڻ لڳو هو. هڪ گندي مٽيءَ وارو پاڻيءَ جو ڦڙو مڇ جي وارن تي اٽڪي پيو هو. وڪيل کان کل نڪري ويئي.

هن هِن کي وشواس ۾ ورتو. ”بابا سائين، سٽ فوٽن واري روڊ تي جيڪو ٽرانسفارمر آهي نه. ان کان ٻه پلاٽ پري گدامڙيءَ جو وڻ آهي هڪڙو. ان سان لڳل هيون پلاٽ آهي منهنجو.“

”هيون يا ٽيون؟“

”ٽيون نه، هيون بابا.“

هِن چيو- ”وڪيل صاحب، اتي مون پنهنجي مٺل ڏٻي کي پوريو هو. ويهه ڳوٺيون لوڻ جون لڳيون هيون منهنجون.“ هِن ڪنبندڙ چپن سان اڻين چيو جو هن جون مڇون به ڪنبي ويون هيون.

وڪيل جو ساهه نڪري ويو هو. منهن کليو جو کليو رهجي ويو هوس جهرڪيءَ وانگر. هِو صحيح ٿو چوي. ڪوٺائيءَ وقت اُتان جانور جا هڏا نڪتا هئا.

هِن تہ اجا جنس ڏيکاري هئي. گدامڙيءَ جي وڻ جي ڳالهه تہ دل ۾ رکي ڇڏي هئائين. چويس ها تہ اهو وڻ مون پنهنجن هٿن سان لڳايو

”مرد مرندي مري ويندو پر دل جو راز ڪونہ ٻڌائيندو.“

هوءَ ساڙهيءَ جو پلاند مٿي تي رکي ٽڪ اڇليندي اڳتي وڌي ويئي هئي. ٻڌو پنهنجي ٻنيءَ مان ٻاهر نڪرندو هو تہ ”ٻني وڪائو ڪانهي“ جو بورڊ پنهنجي آڏي ٽيڏي لکاوٽ ۾ ڪنهن پائي تي لکي دروازي تي ٽنگي نڪرندو هو. موٽندو هو تہ پائو غائب هوندو هو. هوا ڪٽي ويندي هئي. ڳانءِ منهن ۾ وجهي ڪائي ويندي هئي. ڪچڙو چوندڙ وارا چڪي ڪٽي ويندا هئا، ڪا خبر ڪانہ پوندي هئي.

ٻڌي ڪوسٽ کي نئين ڳالهہ سجهي. هن گيٽ تي ٽي چار تفاريون ريت وجهي چڏي هئي. ٻڌو ريت کي پنهنجن هٿن سان ٽيڙي هڪ ساريکي ڪندو هو. آڱر سان گهري ليڪ ڪڍندو هو ۽ ”ٻني وڪائو ڪونهي.“ لکي ڇڏيندو هو. آڏي ٽيڏي هٿ اکريءَ سان.

ٻڌو واپس ايندو هو هن جو تن من جلڻ لڳندو هو. اها عبارت پانت پانت جي نشانن سان خراب ٿيل ملندي هئي.

ٻڌو پنهنجي ٻنيءَ جي سامهون هيڪي بيهي رهيو هو. هن جو ساهہ بيهجي ويو هو. ساهہ تارونءَ کي وڃي لڳو هو. درڪليل هو. پوليس جي گاڏي ٻاهر بيٺي هئي. وڏا وڏا ماڻهو اندر هئا. ٻنيءَ جي ماپ ٿي رهي هئي. ڊي. واءِ. ايس. پي. خود ڦيٽ (ٽيپ) جهلي بيٺو هو.

مالڪ ٻڌو هجي يا ٻار. ان جو مالڪاڻو حق اهم ٿيندو آهي. ٻڌي وٽ تارازي هيٺ ڦٽي ڪيا. بوڇڻ ڪٽ تي اُڇليو. ٻڌي باندر جهڙي ڦڙتيءَ سان جهپٽو هنيو ۽ پوليس آفيسر جي هٿ مان ڦيٽ (ٽيپ) ڦري ورتي هئي جو ”مئي جو مال آهي، ڇا جو ناپ وٺنا ڪريو.“

پوليس آفيسر بيٺو جو بيٺو رهجي ويو هو. هن غصي واري اک ڏيکاري- ”ائڊوانس ڪونہ ورتو هو تو؟“

”ڪنهن ڪميٽي ورتو آهي ائڊوانس؟ ڪنهن بدمعاش هنيو آهي ڪاغذ تي آڱوٺو؟“ ٻڌي اپو ساهہ کنيو.

هن اسٽامپ پيپر جي فوٽو ڪاپي ڪڍي پڇيو- ”تنهنجو نالو کيرسنگهہ سئني آهي؟“

ٻڍو هڪ گراهڪ لاءِ ڀاڄي توري رهيو هو. هڪ وڏو دلال آيو، ويٺو. هن هم ڪئي نه تم. بئگ جي چئن کولي، سؤ سؤ جي نوٽن جون ٽي ٿهيون ڀاڄيءَ مٿان رکيون. پورا ٽيهه هزار هئا. هن جي اٽڪل هئي ته پلاٽ يا گهر وڪڻ واري جي سامهون رقم کولي رک. نوٽن جي گرمي تي اڳلو چاول گيهه وانگر رجي ويندو. هو غرور سان چوڻ لڳو- ”ٻڍا بابا، پاءُ پاءُ جو ٿو وڪڻين. پلاٽ جو اگهه ٻڌاءِ. رقم وٺ.“

ٻڍي جي رڳ رڳ جلڻ لڳي. وار وار ڪانڊارجي ويو. مڇن جا وار ڦڙڪڻ لڳا. ٻڍي کي لڳو ڄڻ هن سندس دل کي رتو رت ڪري ڇڏيو آهي.

چيتي ۾ به ايڏي ڦڙتي ڪانه هوندي. ڀاڄيءَ جي ڍير مٿان رکيل ڪپ کڻي ٻڍو جهٽ اٿي کڙو ٿيو هو. هن دلال جي ڇاتيءَ تي ڪپ رکي ڇڏيو هو- ”چئه، تنهنجي جان جو گهڻو مله آهي؟“

شينهن جي ٻچي وانگر ڇلانگون ماريندڙ دلال جو اُتساهه، ڪوئي جهڙي ڊپ ۾ تبديل ٿي ويو هو. هن جون اکيون ڦاٽي ويون هيون. چهرو ڦڪو ٿي وِيو هو. دلال پنهنجا پئسا کڻي ڪائرن وانگر هليو ويو هو. گهنجيل منهن واري ٻڍي جا گهنج جهولي رهيا هئا. تماشبينن کي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. هيءُ ٻڍو آهي يا ٽانڊو آهي.

ٻڍي جو من ڪلو ٿي ويو. دل ڇوٽ کائي بال وانگر اڇلجي رهي هئي. ڪاري رنگ جو هڪ ساڻُ بيٺو هو. هن جي نظر ٻڍي جي ڀاڄيءَ تي هئي. ٻڍو اٿيو ۽ ان جي سامهون ڀاڄي اڇلي ڇڏيائين.

روڊ جي ٻنهي پاسي ماڙي مٿان ماڙا ٺهي رهيا هئا. دڪان ۽ شاپنگ سينٽر کليل هئا. ٻڍو پنهنجو ڏوتي بوڇڻ کڻي يڪ ٽڪ انهن ڏانهن نهاريندو پئي هليو. هن آهون ٿي ڀريون. هيءُ سندس ئي ٻنيون آهن.

رستي جي موڙ وٽ هڪ عورت ٻڍي جي سامهون اچي ويٺي هئي. ناراضگيءَ ڀريل لهجي ۾ هن ٻڍي کي چيو- ”بابا، اسان جا پئسا ڪي لڪر پٿر هئا ڇا؟ جو ٻئي کي پلاٽ وڪڻي ڇڏيئه؟“

ٻڍي ڇوهه مان غصي ۾ چيو- ”ڪنهن وڪيو آهي پلاٽ مائي؟ ڪنهن چندي خريد ڪيو آهي. ٻڌاءِ ته سهين؟“

کھڙو مطلب؟ آفيس مان وڪيل جو موبائيل نمبر اَچي ويو هو. هلو، پوءِ ڳا ڳالهايون. ڪاسائيءَ جو مال پاڙي کي ته ڪونه ملندو.

دنيا زبردستي ڪري رهي آهي، ٻڍي جو دماغ ڦري رهيو هو. دل جي ڌڙڪن وڌي ويئي هئي. جوان ڪيرسنگهه ڪنهن زماني ۾ ويهه فوٽ ٽپو ڏيئي سگهندو هو. اڄ پير ۾ پير وجهي جهوپڙيءَ تائين پهتو. هن ٻلي وچي پڪڙي هئي. سرير جي ڪرنگهي وانگر ڇت کي جهلي بيٺل شيشم جي اُها ٻلي ٻڍي جي هم عمر هئي. ڪڙمي پنهن جي ٻنيءَ کان ٻي رخ ڏي ويندو آهي. فصل ڪنيو ناهي، جهوپڙي ڊاني ناهي. جهوپڙي هارپي جي نشاني. جهوپڙي ٻڍي جو گهر. ٻلي همسفر. ٻليءَ تي رکيل پڃر سرير جي پراڻن ڪپڙن وانگر لهندا رهيا. ٻلي اُتي جو اُتي.

ٻڍي جي ساهه ۾ ساهه پيو ته هوُ کٽ تي ويهي رهيو هو. هن جي هٿ هيٺان ڪاغذ جهڙو ڪجهه ڪڙڪيو. هٿ لکيل ڏهين روپئي جو اسٽامپ هو. هيٺ ٻه صحيون ڪيل هيون. مضمون نوٽريءَ جو تصديق ڪيل هو. ٻڍي کي جهٽ ڏنگ لڳو.

ڪالونيءَ وارا ٻڍي کي زندهه دل چوندا هئا. ٻڍو ٻه ڪجهه ٽيڱر سان هلندو هو. هن جون ڊنل ۾ هيسيل اکيون ڪاغذ ڪونه پئي پڙهي سگهيون.

آفت جي گهڙيءَ ۾ همٿ سهارو. چشمي جي ڏانڊي پڪڙي ٻڍي ڪاغذ جو هڪ هڪ اکر پڙهيو هو.

راز ٻڌرو ٿي پيو.

هن جو هٿ کٽ تي رکيل پلاسٽڪ جي ڳوٿريءَ ڏانهن ويو. ڪاغذ ۾ پنج هزار لکيل هئا. اهي ئي هئا، ٻڍي جي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا اُڀري آيا.

ڪاوڙ، ڌڪار، ڦٽڪار سان ٻڍي جو ڪنڌ لڏندو رهيو.

”ٻڍو آهيان نه. اڪيلو آهيان نه. دفن ڪري ڇڏيو ٻنان ڪفن جي.“

ڪيس وڪيل جو ڊگهو ڇهرو ڇيتي جي منهن جهڙو خوفناڪ ۾ ڪاٿو لڳو هو. ان ئي بيماريءَ وقت هن جي پيٽ ۾ گهڙي سڀ ڳالهيون جاتيون هيون.

ٻنيءَ ۾ بيٺل پوليس آفيسر انهن جي تصديق ڪري ڇڏي هئي. ٻڍي جي اکين ۾ ڌرتي آسمان ڦرڻ لڳا هئا.

”ها.“

”ولد ڀڳوانارام؟“

”ها.“

”عمر ٧۴ سال؟“

”ها.“

”پلاٽ نمبر ٣٥٢؟“

”ها.“

”سائيز ٻه سو چورس وال.“

”ها.“

”ها-ها-ها، بابا سائين. اسان ٻڍڙن تي وشواس ڪرڻ ڌرم مڃيندا آهيون. اوهان آهيو جو پنج هزار ائڊوانس ولي ساندي وانگر رنگ پيا مٽيو.“

”پنهنجي پٽ ڪنارام جو قسم جو هڪ پائي به مون ورتي هجي.“ سچائي ٻڍي جي اکين ۾ نميءَ جي روپ ۾ اُڀري آئي هئي.

بال ڪي پاٽيءَ ۾ ٻوڙيو، اُجلجي مٽي ايندو آهي. پوليس آفيسر جو جوش روڪئي نٽي رکيو. هن جي من ۾ آيو هو ته نوڪري جي تيلين جهڙي هن هڏائين ڀڃري ٻڍي کي گاڏيءَ ۾ اُجلي ولي وڃي ۽ پنگ پوکڻ جو ڪيس لڳائي هن جو ٻڍاپو بگاڙي ڇڏي. پر ٻڍي جي آفيسر پٽ جو خيال ڪري هن پنهنجي قيت (ٽيپ) ويڙهي ڇڏي هئي.

ٻڍي پنهنجون آليون اکيون اُگهيون. دروازي کي بند ڪندي پنهنجي پٽ کي داد ڏنو- ”منهنجو پٽ ڪنارام وڏو آفيسر آهي. فون ڪري ته ڏرتي ڏڏي نه ته ته ٻن پيرن وارو ڪو جانور ڪڏهوڪو منهن جي ٻني ڪائي وڃي ها.“

پوليس آفيسر پنهنجي گاڏيءَ وٽ اَچي بيٺو هو. هن وڪيل کي گهرائي ٻڍي سان روبرو ڳالهائڻ تي چاهيو. سوچي ولڻ کانپوءِ ناڪار ڪرڻ جو

براهمڻ شودر هڪ ڪيا

سانوڻ شروع ٿي ويو هو. مينهن بند ٿيڻ جو نالو نٿي ورتو. آسمان مان درياهه پلٽي پيو هو جڻ. عام ماڻهن جي زندگي بيهي ويئي هئي. ڌرتيءَ کي سهاڳڻ بڻجڻ جي راحت ملي هئي.

جيوڻ لال جي ڪچي ڇاپري تي پراڻو ڪکائون ڇپر، هوا جي تيز جهوٽن، ڪتن ٻلين جي چنبن لڳڻ ڪري ڇڻيو پيو هو. ڇپر جون ڪنڊون چتر چتر ٿي ٽڪرين پيون هيون. وسندڙ پاڻي ڳڙڪن مان ٽپڪي گهٽ رهيو هو، ڪچين پٽين ۾ گهڙي وڏيڪ رهيو هو. پٽين جو ليپو ڦونڊجڻ لڳو هو. ٻڪل سرير تي چڙهيل مير ڦونڊجندو ٿي آهي.

جيوڻ بالٽي کڻي گهر ۾ پريل پاڻيءَ کي چانئٽ کان ٻاهر اڇلي رهيو هو.

شيامولال جو گهر پڪو هو. هو پنهنجي گهر ۾ ويٺو قدرت جي قهر ۾ پريشان جيوڻ ڏانهن دکي من سان نهاري رهيو هو. پاڻي جيوڻ جي گهر ۾، پاڻي جيوڻ جي اکين ۾ هو.

هن الماڙي کولي. ڇٽي ڪڍي، ٻٽڻ دٻايو. ڇٽي جهٽ کلي ويئي هئي آسمان وانگر. هن مُرن تائين لڪيل ڌوتيءَ جي ٻنهي ڪنڊن کي مٺي ڪري ور ۾ وجهي ڇڏي هئي. هوائي چمپل پاتائين. هو اڌرنگ لڳل پنهنجي ڏائي پير کي اڳتي وڌائي ڏاڪڻ لهڻ لاءِ اڳتي وڌيو.

جوٽس سنڪيءَ سندس ڪڙتو، جهلي ڇڪيو- ”ڪيڏي به نه وڃ. پنهنجي نندا ڪرائيندين. اوچي ذات جو ايمان اٿس.“

شيامونءَ کي غصو آيو- ”نندو ڀاءُ آهي پنهنجو. سندس بدحالي ڏٺي ڪانه ٿي وڃي. غلطي ڪئي، جڏهن پنهنجو پڪو گهر ٺهرايو، تڏهن هن نالائق کي به پڪو گهر ٺهرائي ڏيان ها.“

جوٽس سنڪيءَ نڪ کي موڙو ڏنو- ”هو ته خود ٻني گروي رکي ويلي ويلي پئنچايتون ڪرائيندو رهيو. هاڻي هٿ تي هٿ رکي ويٺو آهي.“

ٻڍو ٽپ ڏيئي اٿيو. هن روپيا ۽ ڪاغذ ڌوتيءَ جي ور ۾ وڌا. پٽڪو پاتو. لٺ کنئي. لٺ تي ٻڍي جون ملّيون ڪسبيون ويون هيون.

شام ٿي رهي هئي. ٻتين ٻرڻ جي ويل ٿيڻ واري هئي. ٻاهر جي ٻنيٽ جهڙو ٻڍو ”ٻني نه وڪڻندس، ٻني نه وڪڻندس.“ ٻڙٻڙائيندو وڪيل جي گهر سامهون وڃي بيٺو. هن گهنٽيءَ جي ٻٽڻ کي آڱر سان دٻايو. زور ائين ڏنائين ڄڻ اُهو ٻڪِيءَ جو مٽڪو هجي.

گهنٽيءَ ڪڪڙو ڪون، ڪڪڙو ڪون، ڪڪڙو ڪون، ڪئي. ڊگهن وارن واري هڪ ڪتي جهپٽو هنيو. هو ڀونڪندو گيٽ کي پٺ لڳو هو. ٻڍي نوڪر هنيس. ڪتو ڊڄي پٺ سان وڃي لڳو هو.

گوڏ ٻڌل، ٻڪِيءَ ۾ ڪڙتو وجهندي وڪيل ٻاهر نڪتو. ٻڍي کي ڏسي، گد گد ٿي ويو. وڪيل جو عقل هوس. ضدي ٻڍو پاڻ در تي آيو آهي.

وڪيل هڪ سک ڀريو ساهه کنيو- ”وڪالت ته هونءَ به ڪوڙ سچ جو هلڪڙائيءَ وارو ڪم آهي. ڌنڌو ڪجي ته پلاٽن جي دلاليءَ جو. ڏي ۽ ڪنا پنجاهه هزار هٿ ۾.“

گيٽ کوليندي ئي وڪيل ٻڍي سان مخاطب ٿيو- ”بابا سائين، اسٽامپ تي نشان لڳايو هو. اُتي صحيح ته ڪري ڇڏي نه اوهان؟“

ٻڍي ور مان اِسٽامپ ڪڍيو. ان کي ٽڪريون ٽڪريون ڪري وڪيل جي مٿان اُڇليو. روپين جي ٿيلهي سامهون اُڇلي.

هن گيٽ تي لٺ سان ٺڪ ٺڪ ڪئي، ”وڪيل، ڇا ٿو چوين، ڪيرسنگهه ڇريو ڪونهي. ڪير پاڻ کي به وڪڻندو آهي ڇا؟“

ٻڍو وڪيل کي لٺ هڻڻ لاءِ مڙي ڪڙي، ان کان اڳ وڪيل گيٽ بند ڪري ڇڏي هئي.

❑❑❑

سرير، ڏاڙهيل چهرو ان تي بي ترتيب ڳوناٽيون مڇون. ڪڪائين ڇپر مان ٽمندڙ پاڻي، هن جي مٽي مان ٿيندو مڇن جي ڪنڊن تان ٽپ ٽپ ڪري ٽمي رهيو هو. پاڻ شياموءَ سان گڏ ڪم ڪندي سندس سرير تي ماس چڙهيو هو. خوش ۽ مست هو. وڏي ذات جو ٻڍڙي هن جي زندگي تنها ۽ هٿ تنگ ٿي ويو هو. سرير ڏڪر جي ماريل جانور وانگر هڏائون ۽ خوفناڪ لڳندو هو. روني پاڻي ڪپڙي لٽي جي بہ تڪليف هوندي هئس. ڪيس ڌگهي گنجي ۽ لنڊو ڪڇو پاتل هو.

هن ٽن سالن کان ڪيس پاڻ سان پڻ پڻ ڪرڻ جي بيماري لڳي ويئي هئي. سدائين تناو ۾ رهندو هو. گهر واريءَ سان پيو جهيڙا ڪندو هو. گهر ۾ سامان سڙي جي ڪمي کٽڪندي هيس. ڪاوڙ وچان ٺهڪندو رهندو هو ۽ پنهنجو پاڻ سان وڙهندو رهندو هو. رستي تي هلندو هو تہ ڄڻ ڪنهن سان ڳالهائيندو هجي. ٽپندو هو تہ هانهون ڇنڊي آڱرين کي نچائيندو رهندو هو. سڄي رات هاهر کٽ تي ليٽيو پيو هوندو هو. چنڊ تارن سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو. ڊاڪٽرن کي ڏيکاريائين. مرض لاعلاج نڪتو. ڳوٺ وارا ڪيس ”ٻڙٻڙيو“ چوڻ لڳا.

پاڻي هاهر اچليندي هو خود بہ خود چئي رهيو هو، ”برسات ٽمڻ ڏيو. سامهون واري کان وڏو گهر لهرائيندس.“

هاهر بيٺل شياموءَ جي نظر گهر جي منظر تي پيئي. چلھ پڃي وئي هئي. ڪپڙا لٽا پڃي ويا هئا. کٽ، هنڊ سپ پڃي ويا هئا. جيوڻ ۽ سندس زال کي پاتل ڪپڙا نپوڙڻ جهڙا ٿي ويا هئا. شياموءَ جي پاڃائي منڪيءَ مٽي تي ڳوڻ رکي هئي. ٻئي بدحواس هئا.

برسات! بي رحم برسات جو زلزلو ڄڻ ماري ٿي ساھ پٽيندو.

پاڻي هاهر اچليندڙ جيوڻ وري ٻڙڪيو- ”ڏسجو، سامهون واري کان وڏو گهر لهرائيندس، برسات نڪري.“

سامهون بيٺل شيامالال ڪنگهڪار ڪئي. اوچتي ڪنگهڪار ٻڌي هنهي زال مڙس ڇرڪ پريو هو. زلزلي وقت ڏرتيءَ جو اندر دهلجي ويندو آهي. منڪي مٽي تي پلاند رکي پٽ ڏانهن منهن ڪري بي جان ٻڍڙي بيهي رهي هئي.

هو تہ پنهنجي سرير جو ڀاڃو بہ ڪونہ وجهڻ ڏئي. تون ويٺو پڪي گهر نهرائي ڏيڻ جون ڳالهيون ڪرين.''

''ذات جو ايمان ڪانگهاري جهڙو ٿيندو آهي. هڪ ٿي ڪک مان جاوا آهيون اسان ٻئي.'' شيامونءَ ڪڙتي کي غصي سان جهٽڪو ڏيئي ڇڏائي ورتو هو ۽ ڇٽي ڪٽي ڏاڪا لهندو ويو هو.

جوٽس سنڪي ٻڙٻڙائيندي رهي- ''چوانءِ ٿي، ضدي آهي، ڪونہ نمندو، نہ وڇ.''

سنهڙي ٽنگ جي پٻن تي اڇلجڻ سان شامونءَ جو سڄو سرير بہ ڏڏي ٿي ويو. هو لڏندو، لمندو، هڪندو جيوڻ جي گهر ڏانهن وڌي ويو هو، ڀاءُ جو ويچار من ۾ ڪٽي.

ان ڏينهن ذات سان گڏو گڏ پڙر جي بلڪل وچم نوڙي ٻڌي ويئي هئي. پڙر ۾ شاهي نم جو وڻ هو. اهو ٻنهي جي ڏاڏي پنهنجن هٿن سان پوکيو هو. هاٿيءَ جي ڳچيءَ جيڏو تہ ان جو ٿڙ هو. ٿڙ جي بلڪل وچ مان نوڙي ٻڌي ويئي هئي. اڌ نم جو وڻ جيوڻ جي پڙر ۾ ۽ اڌ نم جو وڻ شيامونءَ جي اڱڻ ۾.

مينهن نم کي ڏاڍو ماريو هو. شيامونءَ جو ڪچو پڙر پنن ۽ پيلين پيلين نمورين سان ڀرجي ويو هو. نموريون هيٺ هيون ۽ پن تري رهيا هئا.

شياموُلال پنجن سالن کان پوءِ جيوڻ جي چانئٺ تي چڙهيو هو. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن. هڪ پڙر ٻہ ملڪ . پنهنجي پنهنجي سرحد تي بيٺل فوجي سپاهي، عيد، هولي، ڏياريءَ تي هڪ ٻئي کي شڀ ڪامنا تہ ڏيندا آهن پر هنن ٻن ڀائرن جي وچ ۾ اهڙا زهر هئا جو هڪ ٻئي ڏي نهاريندا بہ ڪونہ هئا.

هڪدم هو خبردار ٿي ويو. ڪيس اندر ۾ ڪجهہ چيڻ لڳو هو. جڻ هو پنهنجي نندي ڀاءُ جي اڱڻ ۾ نہ پر سرحد ۾ ڪاٽ هڻي ٻئي ملڪ جي حد ۾ گهڙي آيو هو. هڪ هٿ ۾ ڇلي، ٻئي هٿ سان دل کي جهلي جيوڻ جي پڙر ۾ بيٺل ڀاٽيءَ ۾ اچي بيٺو هو، شيامون. هن جي ڇٽيءَ تي وڏ ڦڙو مينهن وسي رهيو هو. ڌڙا ڌڙ.

جيوڻ پنجاهہ کن جي ويجهو هو. سانورو رنگ، ڊگهو قد، ڪمزور

اندر جي چڪتاڻ سبب گهٻرجندڙ شيامون لال پويان پير ڪيا هئا، ”ڇريو ٿي پيو آهي. اجايو وقت وڃايو.“

هن ڀاءُ جي دل سان مدد ڪرڻ جي ويچار ڪي ڇڏي ڏنو. اوچ ذات جي ايمان ۾ ڀاءُ پنهنجي ڪوٺيل غفا ۾ ڪرونڊڙو ٿيو وينو هو. شيامو هاڻي ٻئي جي ويو هو. مات ڪائي خصيص ماڻهوءَ وانگر موٽي آيو هو.

سنڪيءَ مٿي کي ڍڪيو. منهن ڇپو ڪيو. هٿ چنڊي ميري- ”ڇيومانءَ، نه وڃ. ضدي آهي. ڪونه مڃيندو. مانُ هيٺ ڪرائي آئين نه پنهنجو.“

بارش اڃان به وڏيڪ تيز ٿي ويئي هئي. وڄ جا ڪڙڪا ڪن ڪائي رهيا هئا.

چنتا ۾ ٻڏل نراس شيامونءَ چٽي ٻاهر رکي. چمپل لاهي پير اُگهيا. ڏوتي جا ور ۾ وڏل ڇيڙا کولي پلنگ تي ليٽي پيو هو. ڀاءُ جي ورتاءَ سبب هن جو من دکي هو. مون ته اڄ تائين ڪو فرق ڪونه ڀانيو آهي.

پڇ ڪٽيل هڪ ڪرڙي پٽ تي چنبڙي پيئي هئي. هن جي منهن تي ڪوڙيئڙي جي جار جون ٽنل تندون هيون. مڪڙيءَ ڏانهن نهاريندي من ماريندي هن جي ذهن ۾ اُن ڏينهن واري پيڙا اچي ڦرڻ لڳي هئي.

اوطاق تي برادريءَ جي پئنچايت ڪٺي ٿي هئي. گول ۾ ويٺل پئنچن جي وچ ۾ کٽ تي گنگاجلي رکيل هئي. گهاٽين مڇن ۽ وڏي پٽڪي وارو هڪ ٻڍڙو، جيڪو برادريءَ جو معتبر هو، اُهو آڱرين کي ٽڙڪائيندو اٿي کڙو ٿيو هو. ستر سالن واري ان ٻڍي جي ڏاڙهي وڏي هئي. سينور واري پاٽيءَ جهڙيون ڏنڊ ڀريل اکيون هيون. هن جا ڀرون، پلڪون ۽ مٿي جو پٽڪو اَڇا شفاف هئا. ڊگهين ٽنگن تي وزني سرير سان هو ٻگهه پکيءَ وانگر ٿي لڳو. مڇن جا سرا وٽي نيتا جي انداز ۾ هٿ جوڙي ڪاٺ ڪُٽي وانگر نظر ڊوڙائي هن ويٺل پيڙ کي ڏٺو. هو گيرو جوان جهڙو نئر ۽ غصي باز هو.

سموري ماحول ۾ شڪ شبهن، جگياسائن ۽ سُس پُس جا بدبدا اُڀري رهيا هئا. پئنچايت کي ولي سڄو ڳوٺ عجب ۾ ۽ وياڪل هو.

ٻڍو سيني کي ٻڌائيندو وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو، ”منهنجي ذات جا ڀائرو ٻڌو، اسان جيستائين هيئن ڏنڊو ڪنداسين. اسانجي بدنامي ٿيندي رهندي. اسان فخر سان منهن مٿي ڪٽي نه هلي سگهنداسين. اِهو گندو ڏنڊو ڇڏيو. مان شان سان ڪنڌ مٿي ڪٽي جيئو. سڀ ڳالهين جو هڪڙو ئي جواب آهي.

جيوڻ بالٽي چڙي ٿنڀ وانگر بيهي رهيو هو. ڏک ۽ گهري سوچ ۾.

شيامو لال به قدم اڳتي وڌيو ۽ جيوڻ کي صلاح ڏنائين- ''جيوڻ، هڏ تون منهنجو ننڍو ڀاءُ آهين. اوچ نيچ جو فرق قدرت ڪانه ڪندي آهي. هيٺيان به ڪمرا خالي پيا آهن منهنجا. ضرورت جو سامان هنڌ بسترا کڻي هلي ان ۾ رک. برسات بند ٿئي، تنهنجو گهر سڪي وڃي پوءِ پنهنجي گهر هليو اچجانءِ.''

شيامون جيوڻ سان مخاطب هو. جيوڻ کيس هڏو اڻ هڏو ڪري ڇڏيو هو. هن سرمائيدار وانگر هڪ ڏکو ساهه کنيو هو. ساهه ۾ ذات جي پاڪائڻ جو ڦڻ ڪليل هو.

غصي ۾ پريل شيامون کيس تاڪيد ڪئي. ''اڄ وڏو ٿي ويو آهين تون، اڙي ڀاڄهريءَ جو ڊوڊو ڇباڙي ڇباڙي مون توکي ڪارايو آهي. ماءُ گذاري ويئي هئي اسانجي. مون تنهنجو گنهن مٽ صاف ڪيو آهي. مان نه هجان ها ته تون اڄ وڏو ٿي نه ٿين ها. ڏاڍو وڻي ذات بدلائڻ سان اسانجو خون ڪونه بدلجي ويو آهي. مان وري ٿو چوانءِ. برسات بند ٿئي. ڪڪر هٽن. روزگار لڳيئي. تنهنجو گهر لهي. پوءِ ذات جي ڇٽ مٿي تي پائجانءِ.''

جيوڻ سُٽ جو هڪ سنهڙو ڏاڳو ورتو هو. هن جي مان مريادا نوڙ جهڙي مضبوط ٿي ويئي هئي. هو چوڻ لڳو- ''پهرين ڏنڊو ڇڏيو. گنگا جلي وئو. ڏاڳو پايو. ذات ڇڏيو. ان ڪان پوءِ ڳالهايو.''

ههڙي برسات ۾ اهو سڀ ٿي رهيو آهي؟ شيامونءَ زور سان ڏند ڪرٽيا. هن جي اندر ٻرندڙ باهه جون جيبون نڪتيون. جهڙيون ان ڏينهن نڪتيون هيون.

''هون!'' جيوڻ، ڊوهي ۽ ڪروڌ ڀريو شوڪارو ڀري منهن موڙي ڇڏيو هو. منهن موڙڻ جي پٺيان پٿر دل، نظر اندازي، ترسڪار ۽ گهٽتائيءَ جا ڀيڪا نڪري رهيا هئا. شيامون ڪروڌ وچان تنبيهه ڪندي چيس- ''پهرين پئسو ڪرين ها، پوءِ ذات ڇڏين ها، ڪڪرن ڏانهن نهار. مٽڪي جو پاڻي نه اُڇلڻ ڪيي.''

''چيم نه.'' گهر ۾ پاڻي ڀرجي رهيو هو. جيوڻ وري پاڻي اُڇلڻ لڳو هو. هڪ هڪ بالٽي ڀري.

ذات جي ساک تي پنگت جي ڪهاڙي لڳي ويئي هئي، تيز ڳهري. هڪ ذات ٻه پنگتون. ٻه پاڻر، ٻه پنگتون. شيام چمار. جيوڻ ڪوري. شيامون نندي ذات، جيوڻ اوچي ذات. شيامون اڇوت، جيوڻ اڻ ڇوت. شيامونءَ کي ڏينهن جا تارا نظر اچي رهيا هئا. جيوڻ کي نئون سج اڀرندو نظر اچي رهيو هو. ڏاڍا ڪيي ويا هئا. گنگاجلي ڪنئي ويئي هئي. پنچايت اٿي ويئي هئي.

الڳ ٿيل ٻن ملڪن وانگر ٻن سڳن ڀائرن ۾ ورهاڱو ٿي ويو هو. دل، در، چانئٺ، زمين.

شيامونءَ جي جڻ ڏائي ٻانهن ڪپجي ويئي هئي.

شيامونءَ کي جانورن وارو ڇاپرو مليو. جيوڻ رهڻ وارو گهر پاڻ وٽ رکيو هو. هن لٺ جي زرو تي مينهن پنهنجي پڌر ۾ ٻڌي ڇڏي. پاڙي شيامونءَ جي پڌر واري ٿوٽيءَ ۾ ٻڌل ڇڏي ڏنائين. هو لٺ سان لڪ لڪ ڪندو آيو هو، مينهن ڪولي، لٺ ٺوڪيندو ويو هو. ڪفتي مٿو ڏوٽيندي رهي. شيامون بي آرام ٿيڻ لڳو. جڻ اڳيان ڪنهن پاتل ٿالهي ڪٽي ڇڏي هئي.

هن جي دل جلي رهي هئي. اکيون روئي روئي سڄي پيون هيون. سنڪيءَ پٽ رڌو. ٻئي ڀائر هڪ ئي ٿالهيءَ ۾ گڏجي کائيندا هئا. پنچايت ٿالهيءَ کي ٻه ٿالهيون ڪري ڇڏيو هو. شيامون ٿالهي ڇڏي اکين ۾ ڳوڙها ڪٽي اٿي ويو هو. سنڪيءَ کيس آٿت ڏنو- ”ديدار جي نوڪري لڳندي ئي ڏينهن ڦري ويندا پنهنجا. من خراب نہ ڪر.“

شيامونءَ اُڱندي ڳوري من سان چيو- ”ديدار کي فون ڪري ٿو چوان تہ جيوڻ گهر جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي.“

سنڪيءَ کيس ٺوڪيو- ”بيڪار ڳالهيون نہ ڪر. ذات سماج جي لڦڙن ۾ ڇوڪري کي ڇوٽو وجهين. پڙهڻ ڏيس. پيٽ ۾ سماج لڪائي نہ لڪندا آهن. پاڻهي خبر پئجي ويندس.“

شيامون ڏيري ڏيري ان حادثي کي وسارڻ لڳو هو. حادثو کيس افسوس پريو ضرور لڳي رهيو هو. پر هاڻي نہ هو ايترو ٽٽل هو، نہ نراس هو ۽ نہ وري خوف زده هو. ٻيڙي هاڪاريندي زلزلو اچڻ مهل جيڪو من جو ٻل هڪ ملاح کي هوندو آهي، اها ئي همٿ اڄ هن جو سهارو هئي.

پنهنجو رازڪو ڪم يا ڪوريءَ جو ڪم شروع ڪيو. مل ۾ مزوري ڪري پيٽ پريو. هني هاري جو ڪم ڪيو پر چمڙي واري ڪم کان نجات پايو. اوچي ذات وارا اسان کان منهن ڦا گهنجائين. ويجهو وهڻ ڪونه ڦا ڏين. وڏا چئي ويا آهن تہ عزت سان هڪ ڏينهن جيئڻ سٺو. بي آبرو هزار ڏينهن خراب.''

هن هٿ وڏائي کٽ تي رکيل گنگاجلي آڱر ڪٽي هڏائي- ''هيءَ گنگاجلي پئي اٿو. هڪ هڪ ڦي ايندا وڃو. گنگاجلي کڻندا وڃو. ڏنڊو چڙهڻ جو قسم کڻو. ڏاڳو وٺندا وڃو.''

ڪنهر جي چڪ جيڏو وڏو پٽڪو لاهي هن وري مٽي تي رکي چڙهيو هو، جڻ اهو هلڪو ڦي رهيو هو. هن نڪري سان چيو- ''جيڪو گنگاجلي کڻندو اهو ڪوري بڻبو. جيڪو گنگاجلي نہ کڻندو اهو چمار ڦي رهندو. ڪوري الڳ قوم. چمار الڳ قوم. پاڻ ۾ روٽي بيٽي بند.''

ڳوٺ جو هڪ هڪ چمار ايندو ويو. هيڙي کي نمستي ڪري گنگاجلي کڻندو ويو ۽ ڏاڳو وٺندو ويو. ڪوري بڻجندو ويو. جيوڻ ڏاڳو ورتو هو. شيامون لال اُٺ پکيءَ (شترمرگ) وانگر ڌرتيءَ ۾ ڳچي کپائي ويٺو رهيو هو. سس پس ڪندي ڳوٺ جي ماڻهن ان کي بہ چيو. پر هن نہ مڃيو. مکيءَ کيس زوردار چڙٻ ڏني- ''اڙي شياملا، چمار ٿي بڻيو رهندين يا نئين زندگي جيئندين. اچ، اچي گنگاجلي کڻ.''

شيامونءَ اٿي بيهي هٿ جوڙيا- ''مکي صاحب ۽ پئنچو-'' هن جا لفظ نڙيءَ مان نڪري چپن تي نچندا رهيا. هن ساهہ کنيو. نڙي صاف ڪئي، ''بس چئن سالن جي مهلت ڏيو. منهنجو پٽ شهر ۾ پڙهي رهيو آهي. مان هڪ ڏنگ کان لاچار آهيان. پويون سرير اٿم. نہ مان هني هارو ڪري سگهندس. نہ مان محنت مزوري ڪري سگهندس.'' شيامونءَ جي سڄي بدن ۾ ڏڪٽي پريل هئي. سنهڙين ڏنگن ۾ ڄڻ زلزلو آيل هو.

ڪارباز هيڙي کيس سٽ سري هڏائي. پوري پئنچايت جو دٻاءُ پيو. ڪئين حيلا هلايا ويا. جيوڻ بہ وات ڦاڙي بي حيائي ڪئي، پر شيامون پنهنجي ڳالهہ تان هيٺ نہ لٿو. نہ گنگاجلي کنيائين، نہ ڏاڳو ورتائين.

شيامون نٺر. شيامون ڪوٺو. شيامون بي ذات، شيامون بي دماغ، شيامون ڪاري رڌ، شيامون ذات کان ٻاهر.

رهيو هو. هيڏانهن پٽ جي آفيسر بڻجڻ جي خوشي جذب ڪانه ٿي ٿي. خوشي ۽ غم ٻئي تارازيءَ جي ٻن پڙن ۾ هئا.

شام جي اوندهه لهي رهي هئي. شيامون لال پنهنجي ٻئنڪ ۾ جوتو سبي رهيو هو. ڪُرُمَ جو نئون چمڙو هو. چمڙي جو مضبوط ترو هو. ٻڍيون ٿيندڙ اکيون. پراڻي عينڪ. ڏنڏلو ڪاچ. ڍلو فريم. تري تي چمڙو رکي هو سُئو گهيڙي رهيو هو. پاڻيءَ ۾ تارو ئي ٻڏندا آهن. گهوڙي تان شهه سوار ئي ڪرندا آهن. آزمودگار موچيءَ جي آڳر مان سوئو آر پار نڪري ويو.

سنڪي هن جي پرسان ئي پلٽي ماري ويٺي هئي. رت وهندڙ آڱر مٿان سندس اکيون ڪپي ويون هيون. آڱر چپٽيءَ سان پيڪوڙي لڳي ڪيس گهٽ وڏ ڳالهائڻ، ”چورو هيڏو وڏو آفيسر ٿي ويو آهي. گهر ڏن سان پريو پيو آهي پر رڃ مرندو مري ويندو، جهومڻ ڪونه ڇڏيندو. ٻاهر اڇل انهيءَ سُئي ۽ اوزارن کي.“

سڄي عمر سخت محنت ڪري ڪمائي ڏيندڙ ٻڍي ڍڳي کي لاچار هاري ڪاسائيءَ کي وڪڻي ڇڏيندو آهي، ڪئين پيرا. شيامون لال سُئو ۽ سڀ اوزار ڪٺا ڪري ڪٻاڙيءَ کي وڪڻي ڇڏيا.

ڪٻاڙيءَ جي گاڏي جي ڦيٿن رستي ڳالهه ڳوٺ ۾ گهمندي ويئي هئي ته پٽ جي آفيسر بڻجندي ئي شيامون لال اباڻو ڌنڌو ڇڏي ڏنو آهي.

ديدارسنگهه پنجويهن سالن جو ڳڀرو جوان. پيءُ جهڙو ڊگهو. ماءُ جهڙو جانلو. حالانڪ هن جو رنگ بادامي هو پر شڪل تي اپرندڙ سج جهڙي چمڪ هئي. آڪاس ۾ اڏامندڙ پکيءَ جهڙو حوصلو هو. گول چهري تي ڪنار جي ڏار جهڙيون مڇون هيون. وال جيڏي ڇاتي، جيڪا پهرين دهيل هئي، اڄ مٺي اپريل هئي. ڊي. وائي. ايس. پيءُ جي ڊريس پائي هٿ ۾ سوٽ ڪيس کڻي جڏهن هو ڳوٺ مان نڪتو هو ته هن جي واهه واهي ٿيندي وئي هئي. ڳوٺ خوش هو. ان جي مٽيءَ ۾ رانديون ڪري آفيسر بڻيو هو.

مينهن ڪَرُ ڪُتر ڪاڏي. سنڪيءَ ان کي ٻيءَ ٿوٽيءَ سان ٻڌي ڇڏيو هو. ڏهڻ جو وقت ٿيڻ وارو هو. هوءَ هٿ ڌوئي ماڙي تي بالٽي کڻي آئي. ٿلهي تي ويٺل جيوڻ ڏانهن سندس نظر ويئي.

هوءَ بالٽي هٿ ۾ کڻي ماڙيءَ تان هيٺ لهي آئي هئي. هاٿڻ جي سرير جهڙي ٿلهي مينهن سٽيا ٿڻ. پاڻيءَ جو ڦڙو نه بيهي سگهي ۽ نه مک

شيامونءَ جيوڻ جي وڏي ڀيڻ هئي سرور. هوءَ پنجاهه ميل پري هرياڻا ۾ شادي ڪيل هئي. اها خبر ٻڌي ان جو مڙس روڙسنگهه پهچندو آيو هو. هو شيامونءَ جي گهر لٿو. سنان پاڻي ڪيائين. روٽي پاڻي کاڌائين. هو جيوڻ کي سمجهائڻ ان جي گهر ويو. هوُ آگر سان زمين تي ليڪا ڪڍي ڪافي دير تائين ڪيس هيٺ مٿاهيون ڏيئي سمجهائيندو رهيو جيئن ڪو ماستر ٻار کي سليٽ تي سوال سمجهائيندو آهي.

جيوڻ چٽ جون ڪائيون ڳڻيندو رهيو. منڪي ڏرتيءَ ۾ اکيون کپائي ويٺي رهي. ٻنهي مان ڪوبه ڪونه مڙيو. روڙسنگهه ڏکي پڪڪي کي چنديندو اٿيو هو. ”اڙي گهٽ دماغ جيوڻ، اناڙيءَ جو اناڙي رهئين تون ته. دنيا پئي چنڊ تي پلاٽ خريد ڪري ۽ تون ذات مان به ذاتيون پيو ناهين؟“

ماٺو جدو جهد ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ته لڇمي قدمن تي اچي ڪرندي آهي. شيامونءَ وٽ هاڻي جوتن سبڻ جو ڪم وڏي ويو هو. آرڊر جو ڪم پورو ڪرڻ لاءِ دير تائين وهندو هو. ڪيس مٿاهينءَ واري ٻني ملي هئي. هن عقل ڊوڙايو. هڪ سرون ناهيندڙ ليڪيدار کي مٽي کوٽي ڪڍڻ جو ليکو ڏيئي چڏيائين. ٻني زمين سان هڪ ساريکي ٿي ويندي ۽ ٻه پئسا به لهي پوندا. گهر ناهڻ لاءِ پڪيون سرون به ملي وينديون. هڪ تير سان ٽي نشانا.

پهر، ڏينهن، هفتا، مهينا، سال.

خبر لهرن وانگر سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويئي. شيامونءَ جي ڇوري ديدار سنگهه جو آءِ. اي. ايس. ۾ نمبر اچي ويو آهي. محنتي هو. قابليت هئس. ڪامياب ٿيو. وڏو آفيسر بڻجي ويو. واڌاين جا ٻڪ پري سمورو ڳوٺ شيامونءَ جي گهر اچي مڙيو. شيامونءَ کي جهٽڪ پر لڳي ويا هئا. هن جي دل ٿي ته عرش ۾ اڏامي وڃي ۽ خبر لهي ته آسمان مٿان به ڪو آسمان آهي ڇا؟

ديدارسنگهه ميرٽ ۾ پاس ٿيو. حقيقت ۾ ديدارسنگهه جي چونڊ آءِ. اي. ايس. ۾ نه پر آءِ. پي. ايس. ۾ ڪئي ويئي هئي. مقرريون ٿيون. سروس جوائن ڪرڻ کانپوءِ هو هڪ رات لاءِ گهر آيو هو ۽ صبح ساڻ ٿي موٽي ويو هو. سڄو ڏينهن ڳوٺ ۾ ڳالهه هلندي رهي. ديدار آيو هو. ديدار آيو هو. نئين نوڪري، وڏو آفيسر، تڪڙو هو، هليو ويو.

پاڻ جيوڻ جي الڳ ٿيڻ جو غم اڄ شيامونءَ کي وڏيڪ ستائيءَ ڇيي

جيوڻ کي اولاد ڪونہ هو. ديدار هن گهرن جو اڪيلو سڪيلڌو ٻار هو. هو ٻوٽ جي لڪ لڪ جو آواز ڦهلائيندو چاچي چاچيءَ جي گهر پهتو. گذريل پنجن سالن ۾ ڀهريون ڀيرو هن پاسي قدم رکي رهيو هو. گرميءَ جا ڏينهن هئا. جيوڻ گنجي ۽ پتلون پائي فراسيءَ بنان کٽري کٽ تي ويهي ڳاهہ کي وٽي رهيو هو. هن جي چپن ۾ ٻيڙي هئي ۽ هٿ تيزيءَ سان نوڙيءَ وٽي نوڙي رهيا هئا. منکي ان جي پرسان ئي صندليءَ تي ويهي چوندي چوندي پگڙا چپي رهي هئي.

ديدار پنهنجي چاچي کي پيرين پيو. جيوڻ نہ ان جي مٿي تي هٿ رکيو نہ وات سان اُف ڪئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو ٿوري دير اڳ پنهنجي ڪتي جي ڪن مان چچڙ ڪڍي رهيو هو. ان جيوڻ اهڙو وهنوار ڪيو هو، جيڪو ديدار کي ڪلهي تي وهاري پنج ڪوهہ پري ميلو ڏيکارڻ ويندو هو ۽ شيون وٺي ڏيندو هو.

منکي گهڙا منجيءَ جي سامهون وچي بيٺي هئي. عادت کان لاچار ديدار ايندي ئي ڀهرين منکي جو پاڻي پيئندو هو. اها نالائقي ان منکيءَ ڪئي هئي، جو پنهنجي ڌيءَ سان گڏ ديدار کي بہ ٿيچ ڏارائيندي هئي. هڪ ٿڻ ڌيءَ جي منهن ۾، ٻيو ديدار جي منهن ۾، جئن ٻڪري پنهنجن ٻن ٻچن کي گڏو گڏ چڱڙائيندي آهي. پوءِ اها ڇوڪري مري ويئي ۽ منکيءَ کي وري ڪو ٻار ڪونہ ٿيو. برادريءَ جي ٻين ماڻهن کي کهڙي بہ هجي پر ديدار کي پنهنجي سڳي چاچي چاچيءَ مان اهڙي هلت جي اميد بلڪل ڪانہ هئي.

ديدار جا موٽندڙ قدم جڻ هاٿيءَ جا پير ٿي ويا هئا. ماڙيءَ تي بيٺل سنکيءَ سچو نظارو ڏسي ورتو هو ڪليل اکين سان. هن ڪروڌ وچان چپ کي چڪ پاتو- ”اڙي اُماڙي (ٻرندڙ ڪاٺي) هٿانءِ منهن تي، ڏسو تہ هيڏي وڏي آفيسر جي بي قدري ڪئي آهي مڙدارن، راڪسن، ۽ هوءِ ڪميٽي گهڙا منجيءَ وٽ وچي بيٺي. ڪٽي ديدار پاڻيءَ کي نہ ڇهي.“ ان ڏينهن واري ڳالهہ ياد ڪري ڪيس ڪاوڙ آئي.

سورج لهي رهيو هو. سنکي ۽ ڪُرما جاڻ پٽ جي چانوڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري رهيون هيون. ٻئي هم عمر هيون. عمر ٻڍاپي طرف مائل

ويهي سگهي، ترڪي وڃن. هوءَ مينهن کي نپوڙي هن جي پرسان هيٺ ويهي رهي ۽ ڏهڻ لاءِ ڏٿڻ تي پاٽيءَ جا ڇنڊا هنيائين.

پوليس واري کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي سنڪيءَ کان مينهن کي ڏهڻ وسري ويو هو. مينهن هڪ وار ڇرڪ پريو پوءِ سهاويڪ ٿي ويئي هئي.

ديدارسنگهه سنڪيءَ کي پيرين پيو. سنڪيءَ ان کي ڀاڪر ۾ ڀريو هو. ’جڳ جڳ جيئن پترا‘ هن پٽ کي آسيس ڏني هئي ته به پوليس جي ڊپ کان هن جو اندر ڪنبي رهيو هو.

ديدار کي ڇاتيءَ کان الڳ ڪندي سنڪيءَ جي ذهن ۾ ڪجهه گول گول ڦريو ۽ اُهي ڏينهن ان گهيري ۾ ڦرڻ لڳا هئا. هوءَ هوش سنڀالي رهي هئي. خاڪي وردي ڏسي سندس ساهه سڪي ويندو هو. هوءَ هوا ۾ لڏندڙ پن وانگر ڪنبڻ لڳندي هئي. ڪنهن ڪيس، جاچ يا سمن لاءِ پوليس ڳوٺ ۾ ايندي هئي ته هوءَ ڪوليءَ ۾ وڃي لڪندي هئي. نم جي وڻ تي چڙهي وڃي وهندي هئي. يا وري ٻنين ڏانهن ڊوڙ پائي ٻڇي ويندي هئي. سج لهندو هو. اونده ٿيڻ لڳندي هئي، تڏهن گهر موٽندي هئي.

وقت سُٽ ڪتيندو آهي. ڪڏهن ٿلهو ڪڏهن سنهو. جنهن پوليس کان سندس روح ڪنبي ويندو هو، ٻڳي ٻڳي ويندي هئي. اڄ پوليس سندس پير ڇهيا هئا. هوءَ ڇڻ ڪڏ مان نڪتي. ڇپن تي مرڪ ۽ اکين ۾ لڙڪ اُڀريس. پٽ جي نرڙ کي چُمي هوءَ پنهنجون اکيون اگهندي رهي.

ديدار چوطرف نظر ڦيرائي پڇيو، ”امان، بابو ڪونه ٿو نظر اچي.“

سنڪيءَ ساڙهيءَ جو پلاند آلين اکين تان هٽائي چيو- ”پٽ، سڳنو يادو آهي نه، جنهن جو وڏو پٽ توسان گڏ پڙهندو هو. ان جي گهر اڄ مهورت آهي. ضد ڪري ولي ويو اٿس.“

قميص جي بيڙي تي هٿ رکندي ديدار ماڙيءَ تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ طرف وڌيو. هن جي هٿ مان ٿيلهي وٺندي سنڪيءَ چيو- ”پٽ، پهرين پنهنجي چاچي چاچيءَ سان ملي اچ. ٻئي ويٺا آهن.“

سنڪيءَ جي ان داءَ ۾ ڀاڪنڊ هو. هوءَ ديدار کي پوليس آفيسر جي ورديءَ ۾ موڪلي پنهنجي رُتبي ۽ جيوڻ کي پنهنجي ذات جي اوقات ٻڌائڻ ٿي چاهي.

رنگ روغن سان چمڪندڙ ڪمري ۾ پيل ڊبل بيڊ تي ڇيٽ جي نئين چادر وڇايل هئي. ٽوال وهاڻا پيا هئا. پوڄاريءَ جو گهر ڳوٺ ۾ شهر هو. هن ديدار کي مهمان وانگر وهاريو. ناشتو پاڻي ڪرايو. پنهنجائيءَ ڀريون ڳالهيون ڪيون.

ان جي زال سيدرا اڌڙوٽ هئي. هوءَ ڪلمڪ مجاز جي هئي. دماغ ڪليل هوس. وقت جي گهمندڙ چڪر کي سمجهڻ جي هن کي سمجهه هئي. هوءَ پنهنجو مٿو ڍڪي من موهڪ انداز ۾ ديدار سان نرم نرم، مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندي رهي. پنهنجي ڪردار کي جيئندي ڪلاڪار وانگر هوءَ پرن وانگر ٽيڏو ڪري هن کي چوڻ لڳي- ”منهنجي پيٽ ۾ ته پاس ٿي آهي نه، اوهان سان گڏ ئي.“

ديدار ان جو نالو پڇيو ۽ اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪندي اٿي کڙو ٿيو هو. ديدار جي وڃڻ ڪانپوءِ پوڄاري ۽ سيدرا جي وچ ۾ ڪافي دير تائين ڪشمڪش برپا رهي. پوڄاريءَ جي نرڙ تي ور ور چڪتاڻ جا گهنج ٿي پيا. سيدرا سرڪي ڪانچو فٽ ڪرڻ جي فراق ۾ هئي. جيترا ڏينهن ديدار ڳوٺ ۾ رهيو. اها خبر قائم رهي. خبر ڦهلائيندڙن طرفان نندا ڀريُن ۽ لڄائيندڙ خبرن جا پيڪا ضرور ايندا رهيا.

هن موبائيل آندو هو. لئنڊ لائين فون ماڙيءَ تي رکيل هوندو هو. بابي کي مٿي چڙهڻ ۽ لهڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. ديدار فون ڪري. ان وقت بابو نه ڄاڻ ٻنيءَ ٻاري، رستي ڳوٺ ۾ الائي ڪٿي هجي. ان لاءِ موبائيل کيسي ۾ هوندس ته ويجهائي قائم رهندي.

ديدار موٽڻ وقت پيءُ کي سکيا ڏني، ڪاڏي پيتي ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪجو. آگر جو زخم ليڪ نه ٿئي ته فون ڪجو. شهر وٺي هلندساٿ. ڏنڏو ڇڏي ڏيو. هاڻي آرام ڪريو.

شيامون لال جو ٻالپڻ، ڊگهو قد، سنهڙو بدن، ساڄي ٽنگ عام رواجي. ڏائي ٽنگ ٽيڏي ۽ نندي به. پير جو پٺ ڌرتيءَ تي ڪڙي مٿي رهي. ٻالپڻ ۾ پوليو جو ڏڪ اڄ تائين ڪيس پيڙا پهچائي رهيو هو. هو ٻن لانگن واري ڌوتيءَ کي ڪڙيءَ جي هيٺ تائين ڪٽندو هو، جيئن خامي ڍڪي رهي. هو گراهڪن کي نئين نئين قسم جي ڊزائين جا من پسند جوتا ٺارائيندو هو، پر پاڻ ٻارهان ئي مهينا هوائي چمپل پائيندو هو.

هئن، پر ڪپڙا لٽا ۽ گهه ڳنا هڪ ٻئي کان وڌيڪ پاتل هئن. پنهنجي جوانيءَ جي مريادا وارن ڏينهن ۾ اڄ جي پڙهيل ڳڙهيل نوورنين جي هلت چلت تي ٺٺوليون ڪري رهيون هيون، ٻئي جٽيون.

اوچتو ڪُرما گنڀير ٿي ويئي. سنڪيءَ جي ڪنڌ تي هٿ رکي هن چيو- ”سياڻي آهين تون. تنهنجو پٽ شهر ۾ جام پڙهيو ڳڙهيو آهي. ڳوٺ جو مُکيہ ماستر نہ سچو سچو ڏينهن تاس راند ڪندو ٿو رهي يا پنهنجي ٻني سنڀاليندو ٿو رهي. پگهار پوري ٿو وٺي. مجال آهي جو ٻارن کي ٻہ اکر سيکاري. منهنجا تہ ٻئي ڇورا ٻني ٻاري جا ٿي رهجي ويا.“

سنڪي کو جواب ڏئي، منکي گهٽيءَ مان لنگهي. هن کي ڦاٽل پڙو پاتل هو. پڙو گوڏن تائين ڪري هوءَ هليءَ وانگر پٽ سان لڳندي جهٽ نڪتي، ڪٽي سنڪي نہ ڇُهي وجهيس.

منکيءَ جي غلط هلت ڏسي ڪرما خفا ٿي. هن چيندڙ لفظن ۾ چيو- ”ڏس تہ رن، ڪئن نہ وڏي بڻجي پئي هلي. ڦاٽل پڙو پاتو اٿائين. اهو بہ گوڏن تائين ڪري پئي هلي. مان تہ هن جي گهر جو پاڻي بہ نہ پيان.“

”رن“ ڪرما ٻڌايو منکيءَ کي هو. اکر چيي ويو سنڪيءَ کي. ٻئي سڳيون پينرون جو هيون.

هن جو هرهڪ وار اپو ٿي ويو هو. چڻ ڪنڊا هجن. هوءَ ڏاڙهيندي چپن کي چڪ پائيندي، پنهنجي گهر ڏانهن هلي ويئي.

ديدار بہ ڏينهن گهر ۾ ٽڪيو. گهر ڳوٺ بڻيو رهيو. ديدار جو آفيسر ٿيڻ، ڳوٺ جون اميدون وڏي وڻ بڻجي ويون هيون.

هو جنهن گهٽيءَ مان لنگهندو هو. ماڻهو ڪيس گهر هلڻ لاءِ وينتي ڪندا هئا. گهر وٺي ويندا هئا. وهاريندا هئا. خاطرداري ڪندا هئا. هو چانهن کونہ پيئندو هو، پر پنهنجي گهري دوست سنو والميڪ جو چيو هو ٽاري نہ سگهيو. ان جي گهر چانهن پيتائين. نيرن ڪيائين. منجهند جي ماني کاڌائين. ٻنهي جي وچ ۾ سڪ پيار جو سمنڊ اڇلون ڏيندو رهيو. هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ ۾ رڌا رهن ها، جيڪڏهن مندر جو پوڄاري نہ اچي ها. اهو ديدار کي پنهنجي گهر وٺي آيو هو.

تي پير رکندي ئي هن کان چرڪ نڪري ويو. عجب ۽ اوشواس سان ڇڻ هن جون اکيون بد حواسيءَ جي حد تائين پهچي ويون. ذات مان ڪڍيل شيامونءَ جي کهري کٽ تي پوڄاري ۽ ان جو سالو شوپا شرڻ ويهي حُڪو ڇڪي رهيا هئا آرام سان. ڊرو تاري جي روشنيءَ کان به وڌيڪ مضبوط ذات جي اها روشني ائين هڪدم گم ٿي ويندي، هن اهو سپني ۾ به ڪونه سوچيو هو. هن مٿي تي هٿ رکي اکيون ڇنڀي پڪ ڪئي. اهو سپنو نه پر ساڀيا هئي.

شيامون لال جي اوطاق ۾ گهڙندي ئي پوڄاري ۽ ان جو سالو شوپا شرڻ هٿ جوڙي اٿي کڙا ٿيا هئا. رام رام- شيام شيام ٿي.

شوپا شرڻ فوج ۾ آفيسر هو. پاونجاهه کن جي عمر هوندس. ٿلهو متارو گول مٽول سرير. ڳاڙهو چهرو. مٿي تي اڇو وار ايڪڙ ٻيڪڙ هوس. پر ڪنن تي اڇن وارن جو مڇو هوس. اکين تي چشمو چڙهيل هوس. پوڄاريءَ جو مائٽ هئڻ جي باوجود هو ”اڄ“ ڪي جي رهيو هو. هو شيامون لال سان مخاطب ٿيو- ”اڇو چوڌري.“

شيامون لال ڦوڪٽي وانگر ڦوڪجي ويو هو ۽ جذباتي ٿي ويو هو. هن ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو، پر هن جا چپ پڻ پڻ ڪري ماٺ ٿي ويا.

پوڄاريءَ ۽ شوپا شرڻ ٻنهي هڪ ئي وقت سندس ڪلها جهليا ۽ کٽ تي سيرانديءَ کان وهاري پاڻ پيرانديءَ طرف ويهي رهيا هئا.

شيامونءَ پٽ سان لڳي بيٺل سنڪيءَ ڪي اکين ئي اکين ۾ ڦٽڪاريو، هيڏا وڏا ماڻهو کهري کٽ تي ويٺا آهن. فراسي نه ته چادر ئي وڇائين ها. دل ٿي دڪي!

سنڪيءَ ڪي خود سستي هئي. هو آيا ۽ ايندي ئي چلم ٺاهي اچڻ لاءِ چيائون. هوءَ جهٽ چلم ٺاهي کڻي آئي. ٻنهي ڪيس ڳالهين ۾ اهڙو ٻڌو جو وجهڻ ئي ڪونه ڏنائون. ويچاري ڇا ڪري ها.

هوءَ شيامونءَ ڪي هلڪو اشارو ڏيئي ڇانهن ڪاڙهڻ هلي ويئي هئي. هلندي وقت هن جي پيرن ۾ ايترو ته غرور ڀريل هو جو چير جو چمڪو گهٽيءَ ۾ ٿي ٻڌڻ آيو.

پوڄاريءَ جون اکيون شيامونءَ جي اکين ۾ ڇڻ ٻڏي ويون هيون. حُڪي مان ٻڙڪو ڪڍي هن حُڪو شيامونءَ ڏانهن وڌايو- ”ڏاڍو چالاڪ آهين شيامون لال. پٽ جي ڊي. ايس. پي لهڻ شرط ذات کان به جند ڇڏائي ڇڏيئه.“

ديدار جي ويندي ٿي ھن نئون چشمو ٺھرايو ھو. چمڪيلو لڪڻ خريد ڪري آيو ھو. پير جڻ پر ٻڌجي ويا ھئس. اڇي ڌوتي، اڇو ڪڙتو، مٿي تي چيٽ جو رومال. ھڪ ھٿ ۾ لڪڻ ۽ ٻئي ھٿ ۾ موبائيل ڪٺي ھو ڳوٺ ۾ نڪرندو ھو. جڻ تحصيلدار ھجي.

پئسو سياٽپ تہ آٽيندو آھي پر اھم بہ پيدا ڪندو آھي ماڻھوءَ ۾. بہ درجا پڙھيل شيام لال ۾ انھن درجن جي سمجھہ اچي ويئي ھئي. ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ فضيلت اچي ويئي ھئي. قداور لڳڻ لڳو ھو.

شيامون، سامون، شاميا، شاما نہ. اڄ ھو شيامون جي، شياملال، ڀائي صاحب، چاچاجي ھو. مطلب تہ ڪيس، ”چوڌري جي“ چئي ماڻ ڏيڻ لڳا ھئا.

شيامون مندر جي اڳيان لنگھي رھيو ھو. سندس ھڪ ھٿ ۾ موبائيل ھو، ٻئي ھٿ ۾ لڪڻ ھئو. اڇو ڌوتي ڪڙتو پاتل ھوس. مندر ۾ ويٺل پوڄاريءَ اشارو ڏنس. مندر چار ڏاڪا مٿي ھو. شيامون پھرين مندر جي ڏاڪڻ طرف ڪونہ ويندو ھو. اڄ سڌو قدم وڌايائين ۽ پھرئين ڏاڪي تي بيھي پوڄاريءَ سان ڳالھايائين. ٻئي ڏينھن جڏھن ھو مندر جي سامھون لنگھي رھيو ھو تہ پوڄاريءَ ڪيس وري سڏ ڪيو. اڄ ھو ٻئي ڏاڪي تي بيھي پوڄاريءَ سان ڳالھائيندو رھيو. ٽئين ڏينھن ھو ٽئين ڏاڪي تي ھو. چوٿين ڏينھن ھن ھڪ ٻئي پنيان چار قدم وڌايا ۽ مندر جي چوٿين ڏاڪي تي ھو. پوڄاريءَ ھٿ جو اشارو ڪري ڪيس پنھنجي پر ۾ تڏي تي وھاري ڇڏيو ھو. چوڻ لڳو- ”شيامون، ڏنڊو ڇڏي ڏنئہ. ذات مٽجي ويئي. ڇوڪرو وڏو آفيسر ٻڌجي ويو. ذات نھي ويئي.“

ڳوٺ اڪيون ڪولي ڏسي رھيو ھو. ان ڪي نہ پھرين اعتراض ھو نہ ھاڻي اعتراض ھو. ان ڪي تہ جيئن پوڄاريءَ چوندو ھو تيئن ٻڪندو ھو.

مندر مان ٿي شيامون ماڙيءَ تي چڙھي وڃي ويٺو ھو. موبائيل جھرڪيءَ جي آواز ۾ چوں چوں ڪرڻ لڳو ھو. شيامون ٺري پيو ھو. ڪنھن پڇيو- ”ڪٿي آھيو چاچاجي؟“

”گھر آھيان.“ ھن ڌوتيءَ جا ڳھنج اٿي بيھي ٺاھيا ھئا.

شيامونءَ جي اوطاق جو دروازو، جيڪو گھٽيءَ طرف ڪلندو ھو ۽ ڪم ڏنڊو بند ڪرڻ ڪانپوءِ اڪثر بند ٿي رھندو ھو، اھو ڪليل ھو. ڪُڪي جي ڳڙ ڳڙ جو آواز اچي رھيو ھو. شيامونءَ سوچيو ڪوئي مھمان آھي. چانئٹ

شيامون لال ڦوڪ ورتي ۽ چشمو هٽائي اکيون ڇنڀيون- ”چاهنا هئ
پوڄاري صاحب.“

هڪ منهن کان ٻئي منهن ويندي، ٻئي کان ٽئين منهن ويندي ا
ڳالهہ سموري ڪوري برادريءَ ۾ ڦهلجي ويئي تہ پوڄاري ۽ ان جو سا
برادريءَ کان ٻاهر نڪتل شيامون لال جي گهري ڪٽ تي ويهي ان سان گ
حُڪو ڇڪي رهيا آهن. ڳالهہ پڪي ڪرڻ لاءِ ڪوري تہ ليا پائي ڏسي هلي
ويا پر جيوڻ ۽ منڪي اوطاق جي سامهون ڇرين وانگر بڪ شڪ ڪندا رهيا

هو ذات جي نيري گهوڙي تي سوار هئا. هي نظارو ڏسي ڇريا ٿي پي
هئا. شوڀا شرڻ موبائيل لڳايو. ڪن گذري. شيامونءَ جو موبائيل ڇوُن ڇوُن
ڪرڻ لڳو. هن بٽڻ دٻائي موبائيل ڪن سان لڳايو- ”هلو، ديدار پٽ؟“

”ها بابا.“

”ها، ها پٽ چئہ.“

”بابا.“

”ها، ها....“

”ڇا؟“

”امان سان ڳالهائڻ ٿي ويو آهي.“

”اڙي اهو ڪيئن ٿيندو؟“

ديدارسنگهہ جون ڳالهيون ٻڌي شيامون حيرت ۾ پئجي ويو هو. اکيون
ڦهلجي پرن سان وڃي لڳيون هيس. ڌرتي ۽ آڪاش جو هزارين يوجنن جو
فرق ڪن ۾ مٽجي ويو هو ڇڻ. سرت ۽ سواس ڇڻ هڪ ٿي ويا هن جا.

هن جي ڪن کي لڳل موبائيل پلنگ تي ڪري پيو هو.

سامهون ڀت تي سنت رئيداس جي تصوير ٽنگيل هئي. تصوير کي
مٿو ٽيڪڻ ڪانپوءِ ئي هو پنهنجي ڪمري ۾ وهندو هو.

هن آلين اکين سان تصوير کي هٿ جوڙي ڪنڌ جهڪايو- ”صاحب،
تو براهمڻ شودر هڪ ڪيا.“

□□□



ليکڪ جي واقفيت

نالو : رتن ڪمار سانڀريا

جنم : 06-01-1956(ڇهہ جنوري اُڻويهہ سوَ ڇاوَنجاهہ)
ڳوٺ: ڀاڙاواس ضعلو : ريواڙي (هرياڻا)
گذريل ٽيٽيهن سالن کان راجستان ۾

شڪشا : ايم.اي. ،بي. ايڊ. بي.جي.ايم.سي. (اخبار نويسي ۾ ڊپلوما)

شايع ٿيل پستڪ : سماج ڪي ناڪ (ايڪانڪيون)، بانگہ اور انيہ لگھوُڪٿائين (مني ڪهاڻيون)، حڪم ڪي دگي (ڪهاڻيون)، ڪال اور انيہ ڪهانيان (ڪهاڻيون)، ڪيت تٿا انيہ ڪهانيان (ڪهاڻيون)، پرتيندي لگھو ڪٿاشتڪ (مني ڪهاڻيون)، منشي پريمچند اوُ دلت سماج (تنقيد)، ڊاڪٽر امبيڊڪر: ايڪ پريرڪ جيون (سمپادن)، ويما (ناٽڪ).

سرجن : اٽڪل 250ڪهاڻيون، مني ڪهاڻيون، ڪتابن جون سمالوچنائون ۽ ليک شايع ٿيل. ”مئن جيتي“ ڪهاڻيءَ تي ٽيلي فلم ٺهيل، ڪهاڻين ۽ مني ڪهاڻين جا ريڊيو ناٽيہ روپانتر نشر ٿيل.

کوجناتمڪ (شوڌ) ڪاريہ : ڪهاڻين ۽ مني ڪهاڻين تي مختلف يونيورسٽين ۾ 12شوڌ ڪندڙ پنهنجي ڪم ۾ رڌل.

سنمان : نوجيوتي ڪٿا سنمان ’آکيٽ‘ ڪهاڻيءَ تي، سهارا سميہ ڪٿا چين پرتيبيوگتا 2006ع ۾ اِنعام مليل، ’چپراسن‘ ڪهاڻي لاءِ اپ راشٽرپتيءَ دواران سنمانت. ڪٿا ديش اکل ڀارتيہ هندي ڪهاڻي پرتيوگيتا جو پهريون اِنعام ’ٻپر سودرايڪ ڪيني‘ تي. راجستان پٽريڪا سرجناتمڪ پرسڪار 2007ع ’ڪيت‘ ڪهاڻيءَ تي.

هن مهل : راجستان سوچنا ۽ جن سمپرڪ سيوا ۾ سهايڪ نديشڪ (پرچار)

پتو : ڀاڙاواس هائوس، سي-137، مهيش نگر، جئپور- 302015.
فون 0141-2502035 ۽ موبائيل نمبر : 09460474465



سنڌيڪار جي واقفيت

نالو : ڪيمن يوُ. موُلاڻي

جنم : 10-06-1944(ڏهہ جون اُڻويهہ سوَ چوئيتاليهہ)
ڳوٺ درس، تعلقو مورو، ضلعو نوابشاهہ، سنڌ
(هاڻي نوشهرو فيروز) پاڪستان

شايع ٿيل پستڪ : ڪل ٽيٽيهہ ڪتاب: جن ۾ نوَ موُل سنڌي ڪتاب، هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجيو ڪيل ڇهہ ڪتاب ۽ سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ڪيل ارڙهان ڪتاب شامل آهن.

ڇپجڻا پستڪ: ڪل ست ڪتاب، جن ۾ سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ڪيل پنج ڪتاب ۽ هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ٻہ ڪتاب.

سنمان : اين.سي.اي.آر.ٽي. پاران ٻال ڪويتائن جي مجموعي ”اڏڙ اڏڙ ڙي پوپٽڙا“ تي سال 93-1992ع ۾ اِنعام، اين.سي.اي.آر.ٽي. پاران سال 1995ع ۾ ڪويتائن جي مجموعي”اگڻ متي اوپرا“ تي اِنعام، رائيٽرس ۽ آرٽسٽس ويلفيئر فائونڊيشن پاران سال 2002ع ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ، هم لوگ سرڪل اُلهاسنگر پاران 2003ع ۾ ”ديش متر لٽرري اوارڊ“، اين.سي.اي.آر.ٽي. پاران سال 2004ع ۾ ڪويتائن جي مجموعي ”لنوَ سنديون لاٽيون“ تي اِنعام، مڌيہ پرديش راشٽر ڀاشا پرچار سمتيءَ پاران سال 2005ع ۾ ”سامي ڪي سلوڪ“ ڪتاب تي ”هريهرنواس دويدي پرسڪار“، ادبي سنسٿا ساهتيہ ڪلش، انڊور پاران 2005ع ۾ هندي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ ”هرومل ريجھواڻي اوارڊ“، سال 2006ع ۾ ”نيرج بولچنداڻي لٽرري اوارڊ“، مڌيہ پرديش راشٽرڀاشا پرچار سمتيءَ پاران سال 2009ع ۾ ”چڙيا رئن بسيرا“ ڪتاب تي ”هريهرنواس دويدي پرسڪار“، مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ پاران سال 2010ع ۾ ٻال ڪويتائن جي مجموعي ”سهڻا گلڙا ٻار“ تي ”ٻال ساهتيہ پرسڪار“، ان کان سواءِ مختلف سنسٿائن جا ٻيا بہ ڪئين اِنعام اڪرام.